فراق

(ناول)

عنايت حسين رند

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فراق

(ناول)

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

عنايت حسين رند

موهن جو دڙو
پبلشنگ هائوس، ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن ناول جا سڀ حق ۽ واسطا مصنف وٽ محفوظ.

ناول جا ڪردار ۽ جڳهين جا نالا فرضي آهن

سال........................١٩٩٠ع
ڇاپو.....................پهريون
تعداد.................هڪ هزار

قيمت.............. پنجاه روپيه

پرنٽر : واحد آرٽ پرنٽنگ پريس. اڪبر روڊ ڪراچي

ڪمپوزنگ- نورمحمد قمبراڻي- شيراز پرنٽنگ انٽرپرائيزز
پبلشر- موهن جو دڙو پبلشنگ هائوس، ڪراچي
٣-روبينه منزل، عامل اسٽريٽ رابسن روڊ
نزد سوڀراج اسپتال- ڪراچي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نالي □

هي ڪتاب آئون پنهنجي والد
مرحوم گل محمد ڪمالاڻي
جي نالي منسوب ڪريان ٿو،
جنهن پنهنجي شهر ۾ غريبن
جي تمام گهڻي خدمت ڪئي.
خدا کيس جنت ۾ جايون ڏئي. **(آمين)**

عنايت حسين رند

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بيت

هيءَ جي ڪاغذ قرب جا، سانديي ساه رکجن.
رلائي رندن تي، ڪين ادا ڇلجن.
جوڙي جمع ڪتاب تي، ساري سب لکجن.
توري گهٽي ڏينهڙي، نظر مان اچن.
پڙهي حقيقت حال جي، سي سنيها سڄڻ.
جي جنهين جا سپرين، ياد بہ سيئي ڪن.
"محمد" انهي مهل، اکين لڙڪ پون.
اِهي پرزا پرديسين، موني قسمت ملڻا.

"محمد خان ٽالپر"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

ٻه ٻول

ناول توهان جي اڳيان آهي. هن ۾ هر طرح جو سماجي مواد شامل آهي، ڪيس رومانوي به چئي سگهجي ٿو پر تنهن کان وڌيڪ سماجي ۽ اصلاحي چوڻ بهتر ٿيندو ڇو ته منجهس رومان سان گڏوگڏ سماجي مسئلن کي تمام خوش اسلوبي سان بيان ڪيو ويو آهي. منجهس خاص نقطه ٻهراڙي ۽ شهري ماحول جو ٽڪر آهي. هڪ ٻهراڙي جو مارو ڇوڪرو شهر جي رنگينين ۾ رچي پنهنجن اصل پاڻڏينڙن کان نفرت ڪرڻ لڳي ٿو، پوءِ تضاد آهي ماحول جو، تضاد آهي اميري ، غريبي ۽ اسٽيٽس جو، اينءَ ڪهاڻي پنهنجو رخ اختيار ڪري ٿي جيڪا بعد ۾ تمام نازڪ صورت اختيار ڪريو وڃي ۽ وڇوڙي جا وڏا ويچا پنجو وجن. ناول ۾ محبت به آهي ته مذاق به ، سڪن جي سج به آهي ته ڏکن جا ڏاڍا ڏونگر به آهن مطلب ته هر پهلو کان ناول کي شاهڪار بنائڻ جي هر ڪوشش ڪئي ويئي آهي وڌيڪ پڙهندڙ پنهنجو رايو رکي سگهن ٿا.

اُميد اٿم ته ناول هر ڄمار جي پڙهندڙ کي پسند ايندو، جوان ته دل لڳائي پڙهندا پر پوڙها به پڙهڻ ۾ پوئتي نه ويندا. عورتون ته هن ناول کي پڙهڻ وڌيڪ پسند ڪنديون، ڇو ته ناول جو مک ڪردار هڪ عورت آهي. جنهن ڪيترا ڪشالا ڪڍيا پر منزل آخر تائين نه ماڻي سگهي، ڇو؟ اِنهي سوال جو جواب ناول پڙهڻ کان پوءِ ملندو.

ناول نگاري جي حڪمت کي مدنظر رکي لکڻ دوران

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فراق

ناول نويسي جي هر ڳڻ کي جانچيو ويو آهي. وقت جو عنصر، جينن ڳالھ وقت جي انهي کھڙي ۾ ادا ٿني، منظر نگاري، ڪردار جي حيثيت ۽ سندس طبيعت، تنهن بعد گفتگو، جنهن هن ناول کي منهنجي خيال مطابق چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن. جو ته گهڻيون اهڙيون ڳالهيون جيڪي جيڪڏهن الفاظن ۾ لکجن ها ته شايد ايترو اثر نه ڇڏين ها جيترو ڊائيلاگ ۾ لکڻ جي ڪري وزن دار ٿيون آهن. ادبي دوست به ناول پڙهڻ بعد محسوس ڪندا ته ا ناول گل و بلبل ۽ شمع و پروانه جي دائري کان ڏار هڪ مڪمل معاشرتي آرسي آهي.

ماتلي

ضلع بدين- سنڌ

عنايت حسين رند

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

1

رئيس منن خان کي ٽي پٽ هئا. وڏن ٻن پٽن جا نالا، پنهنجي اصلوڪي روايت مطابق منل ماڻن جي نالن پٺيان رکيا هئائين، مگر سندس ننڍي پٽ جو نالو جمال اڪبر رکيائين ته ڳوٺ جي ننڍي وڏي کيس انهي نالي رکڻ تي واڌايون ڏنيون. رئيس پنهنجي ننڍي پٽ جو نالو چو نه جمال اڪبر رکي. ڇاڪاڻ ته منن خان مان رئيس منن خان ڊپٽي ڪمشنر جمال اڪبر ته ڪيو هو، جنهن زمين جو پراڻو الاٽمينٽ آرڊر رد ڪري، منن خان جي اپيل بحال ڪئي ۽ سٺ ايڪڙ زمين منن خان جي نالي ٽي ويئي. منن خان اِهي تر جو اصل رهاڪو هو ۽ اها زمين ابن ڏاڏن کان کيڙيندا ۽ کائيندا رهيا، پر جڏهن زمينن ورهاڱڻ جو وقت آيو ته ٻاهران هڪ زميندار اچي وارد ٿيو ۽ چوي ته زمين هن جي کاتي آهي "جيڪڏهن زمين تي رهڻو اٿئي ۽ سمجهين ته ابااڻا پٽ نه ڇڏيان ته مون وٽ هاري ٿي ٻيهه..... نه ته..... زمين جو قبضو خالي ڪر."

انهي اڪرن منن خان جون مٿيون منجهاني وڌيون، ڪي ڏينهن ته پني سوچيائين، چگن منن ٻه سمجهايس ته "ميان.... غريب ماڻهو آهين... وڏ ۾ وڏ ٽي چار مينهون در تي اٿيئي... کيس ڦڏن ۾ ڪٽي ٿو پڇين ماٺ ڪري ويهي ره ۽ زمينداري حصو ڏيني جان ڇڏاني." گهڻن چيس ته "زمين ڦٽل آهي، هِن کي نهراڻ ۾ پيسو کپي، هيستائين ته ٻه ٽي ايڪڙ آباد ڪري پيٽ پيو ڪڍين، وڏيڪ مال جو سُک آهي. هاڻي مالڪ وريا آهن، سي ته سڄي زمين آباد ڪرندا، تنهنڪري مڙس آهين مولائي.... ٻجي پاسو ڪر." ماڻهن جي چوڻ منن خان تي ڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اثر ڪونہ ڪيو ۽ ضلعي هيڊ ڪوارٽر پهچي زمين جي رد لاءِ درخواست دائر ڪري ڇڏي. ڪئنين ڪامورا آيا ويا، تپيدارن زمين جي بار بار سروي ڪري مٿي رپورٽ ڏني، مگر درخواست هڪ پاسي نہ ٿي سگهي. الائي خوش هو تہ مڙس خرچ ڪري ٿڪي پوندو، آخر ڪار پاٺي پچي ويندو، وڙهڻ هن ڪونہ ٿي گهريو، چو تہ، تر تہ پوءِ بہ منن خان جو هو، جيڪڏهن هو ڏاڍ مڙسي ٿو ڪري تہ تر ناراض ٿئي ٿو، درياه جي ڪپ تي ويهي واڳن سان وير رکڻ بيوقوفي آهي، تنهنڪري هو بہ سرڪاري طريقہ ڪار ڪي طوالت ڏيارڻ لاءِ رشوتون ڏيني، فيصلي کي پاسيرو ڪرائيندو آيو. پر آخر خدا بہ منن خان جي ٻڌي، هڪ نيڪدل، شريف آفيسر ضلعي جو عملدار مقرر ٿي آيو. جنهن درخواست تي فيصلو ڪندي دير ني ڪونہ ڪئي، هڪ ڏڪ ۾ فيصلو منن خان جي حق ۾ ڏيني ڇڏيائين تہ "جينن منن خان انهي تر جو اصل رهاڪو آهي، تنهنڪري پهرين حق اُنهي جو آهي". الائي فيصلو ٻڌي ڳاڙهو ٿي ويو، پوءِ اپيلون ڪيائين، پر فيصلو تبديل نہ ٿي سگهيو، انين منن خان زمين جو مالڪ ٿي ويو ۽ ڦري رئيس منن خان ٿي پيو. اُنهي عملدار جو نالو جمال اڪبر هو، رئيس مِنن خان، اُنهي حق جي فيصلي ڪانپوءِ اُنهي آفيسر جو ايتريقدر تہ معتقد ٿي ويو جو جڏهن سندس گهر ۾ پٽ ڄائو تہ اُنهي جو نالو اُنهي آفيسر جي نالي پويان جمال اڪبر رکيائين.

زمين جا تہ سٺ ايڪڙ هنا، پر سڄي زمين آبادي جي لائق ڪونہ هني، ويهہ ايڪڙ مَس زراعت جي لائق هنا، جيڪي منن خان پنهنجي وڏي پٽ سومار سان گڏ ڪندو هو، باقي زمين ڏڙا ۽ لاهين ڪري سنوت ۾ نہ هني، پنج ايڪڙ زمين تہ ڍنڍ هُني، جنهن ۾ پاڻي جي واڌ اچڻ تي ڇنڊ ڪرائي ڇڏيندو هو. ٿوري گهٽي مڇي بہ ٿي پوندي هني ۽ منجهس سندس مينهون وڃي ويهنديون هيون، ٻني پٽ جمع خان کي مال سان لڳائي ڇڏيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هنائين، جيڪو صبح جو مال ڪاهي، جهنگ ڏانهن هليو ويندو هو، وچين ڏاري مال ڪاهي اچي وٿاڻ پيڙو ڪندو هو، شام ڏاري پٽس مينهون ڏهي ۽ کير شهر ۾ هڪ واپاري کي ڏيني ايندو هو. اهڙي نموني وقت مڙيني چڱو پئي گذريو، پنسي پاڻي جي تنگي نہ هني، ماني مڃي ڪايو، خدا جو شڪر بجا آڻي خوش پيا ٿيندا هنا. جمال اڪبر کي پٽس ڪنهن بہ ڏنڌي سان نہ لڳايو، چئي تہ.... "انهي پٽ کي پڙهائيندس ۽ صاحب ڪندس." سو جڏهن همراه اسڪول وڃڻ جي جمار تي پهتو تہ ڳوٺ جي اسڪول ۾ ماستر جي حوالي ڪيائين. جمال اڪبر پڙهائي ۾ تہ ايترو ذهين ڪونہ هو پر ٻين شاگردن جي مقابلي ۾ چڱو هو، گهڻيني محنتي هو، تنهنڪري اسڪول جو ڪم هميشہ ڪري ايندو هو، سبق ياد.... ڪوڙا ياد... حسابن ۾ بہ ٺيڪ... سندس پڙهائي جي نموني مان ماستر سمجهي ويو تہ ڇوڪرو محنتي آهي. تنهنڪري وڌيڪ ڌيان ڏنائين. جمال اڪبر ڳوٺ جي اسڪول مان پنج درجا پرائمري پڙهي پاس ڪيا تہ پٽس ماستر صاحب جي چوڻ تي هاءِ اسڪول ۾ داخلا وٺائي ڏني. جيڪو ڳوٺ کان ٽي ميل پري هو، روز اچڻ وڃڻ جي تڪليف جمال اڪبر کي ڀرين ڪجھ ڏينهن لاءِ تہ ساڻو ڪري ڇڏيو پر پٽس جي همت افزائي تي سفر ڪندو رهيو ۽ آهستہ پنڌ سندس عادت ٿي ويني، پوءِ ٻنان ڪنهن ٽڪ جي پاڻهي پيو اسڪول ايندو ويندو رهيو. اسڪول ۾ يارن دوستن جي سنگت ۾ بہ واڌ آئي ۽ سندس ذهن ۾ نين نين ڳالهين پنهنجا گهر ٺاهڻ شروع ڪيا، هتي هن کي خبر پئي تہ ماڻهو مٿي پڙهندو تہ ڊاڪٽر، انجنيئر، وڪيل يا آفيسر ٿي سگهي ٿو، تيئن هن تعليم تي وڌيڪ ڌيان ڏنو. ڏينهن گذرندي دير ڪونہ ٿي ٿني، اڄ.... صبحان.... ڪندي جمال اڪبر ميٽرڪ پاس ڪري ورتي ۽ پٽس کي چيائين تہ هو مٿي پڙهڻ لاءِ حيدرآباد ويندو. ڳوٺ وارن لاءِ تہ ميٽرڪ وڏي ڳالهہ آهي، پوءِ هلڪي سلڪي نوڪري ڪريو پيا گذر ڪندا آهن، پٽس جڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مٿي پڙهائي لاءِ حيدرآباد جو هڏو تہ سوچ ۾ پئجي ويو، اسڪول جي ماسترن سان صلاح ڪيائين، تنهن سندس دل کي چڱو هيو ۽ رئيس مٺن خان "ها" ڪئي تہ جمال اڪبر پڻ حيدرآباد پڙهڻ وڃي. سومار ۽ جمع خان بہ جوان هئا، تن جون شاديون بہ پنهنجن مان ڪرائي ڇڏيائين، هاڻي جمال اڪبر جو وارو هو، سوچيائين تہ حيدرآباد پڙهائي لاءِ وڃڻ کان اڳ ڪيس پرڻائي ڇڏيان، پر جمال اڪبر کي تہ شهر جو هوا لڳي چڪي هئي، جتي شاديون انين ڪونہ ٿينديون آهن تہ اولاد شادي جي لائق آهي، پر اهو ڏنو ويندو آهي تہ همراه پيرن تي بيٺل آهي يا نہ . . . سو جمال اڪبر بہ پڻس کي شادي کان ٺپ جواب ڏيئي ڇڏيو. . چئي "شادي آئون تڏهن ڪندس. . . . جڏهن آئون پنهنجن پيرن تي پاڻ بيهندس، ائين ڪونہ ٿيندو تہ شادي آئون ڪريان ۽ منهنجي زال پاڻرن جي در تي ويٺي هجي". انهي جملي سندس وڏي ڀاءُ سومار کي جڻ باهہ ڏياري ڇڏي.

"چا تون اسان کي ڏاريون ٿو سمجهين" ڀاڻس ڪاوڙ مان چيو.

"بابا!! تون تہ بار نہ ٿي، ماٺ ڪر". پڻس دڪندڙ باهہ کي وسائڻ لاءِ پاڻي چڱو هنيو.

"تہ پوءِ. . . . اڏو اهڙيون ڳالهيون ڇو ٿو ڪري." ڀاڻس جمع خان وچ ۾ ڳالهائي وڌو.

"بابا! ناسمجهہ آهي نہ . . . . هن کي زماني جي هوا بہ مون ڪونہ لڳڻ ڏني آهي" پڻس اهي اکر چئي، جڏهن جمعي ڏانهن نهاريو تہ جمع جو ڪنڌ جهڪي ويو.

"توهان کي خبر آهي، مون کي پُٽ جمال سان ڪيترو پيار آهي، آئون توهان ٻنهي کان بہ اها اُميد ٿو رکان تہ . . . . توهان بہ هن کي ايترو پيار ڏيو." پڻس پنهنجي محبت جو اظهار ڪري، پنهنجن وڏن ٻنهي کان بہ اهڙي جواب جو طلبگار ٿي بيهي رهيو.

"توهان چا ٿا چئو" پڻس پنهنجي ٻنهي ٻنهي کي گهوريندي ٻيهر چيو

"چا منهنجي مرڻ ڪانپوءِ . . . توهان پاڻر پاڻ ۾ وڙهي، ٻچڙا ٿي

... ڇنا جدا جدا ڪري ڇڏيندا'.... 'جواب ڏيو؟'. پٽس ڪاوڙ مان سيني پٽن ڏانهن نهاريو، سندس اکين ۾ لڙڪ اچي ويا هئا، ڪمري ۾ بلڪل خاموشي هئي، رئيس منن خان جي سڏڪن جو آواز صاف ٻڌڻ ۾ اچي رهيو هو. اتي سندس پٽن کان مائٽ جو اهو غم برداشت نه ٿيو. پهرين وڏو پٽ سومار... پوءِ جمع خان... ۽ آخر ۾ جمال اڪبر... اچي پيءُ ويجهو ٿيا.
'بابا! مون کي معاف ڪر' جمال اڪبر جو گلو پرجي آيو، 'مون غلطي ۾ ائين چيو، مونکي جيئن چوندا تيئن ڪندس.'
'بابا! ڏک نه ڪر...اسان تنهنجا جوان پٽ وينا آهيون، هر ڳالهه کي منهن ڏينداسين' سومار چيو.
'ها بابا!! رڳو حڪم ڪر.... هي پٽ ڏس ته توتان ڪيئنن نه قربان ٿي ٿو ڏيکاري.' جمع چيو
رئيس منن خان ڪنڌ مٿي ڪيو، طائرانه نظر تنهي پٽن تي وڌائين. سيني جا ڪنڌ شرم کان جهڪيل هُنا. مائٽ جي فرمانبرداري ۾ وڌيڪ ڪجهه نه چئي سگهيا، هنن کي ملول هو ته هنن مائٽ جي دل رنجائي.
'نه ... نه ... نه... بچا نه آئون توهان کان ناراض نه آهيان.' منن خان وراڻيو ته سيني پٽن جون نظرون مٿي ٿيون ۽ سيني پنهنجي پيءُ جي چهري تي غمگين ۽ خوشي جا مليل جليل تاثرات ڏسي خاموش رهيا. 'جمال اڪبر.... شادي ڪري يا نه ڪري... اها سندس مرضي... پر.... سندس تعليم ختم نه ٿئي. اُنهي لاءِ هي حيدرآباد ويندو ۽ توهان ٻني پائر هن جو خرچ پريندا....!!' منن خان، سومار ۽ جمع ڏانهن نهاريندي چيو.
'اڙي... توهان ڪهڙو پنهنجي ڪمائي مان خرچ پريندا.... ملڪيت ته منهنجي آهي... جهڙا توهان وارث... تهڙو منهنجو جمال اڪبر وارث... باقي حساب ڪهڙو ٿا ڪريو.' منن خان فيصلي ٻڌائڻ جي انداز ۾ چيو.
'اسان پاڻ ۾ ڪڏهن به نه ليکو ڪونه ڪيو آهي.' سومار وراڻيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"پوءِ هي... سچي آڪاٽي چو ٿي" مٺن خان ڪاوڙ مان چيو.
"بابا!! بس ڪر... هاڻي وڌيڪ اسان جو ڪارو منهن نه ڪر."
جمع خان فيصلي کي ختم ڪرائڻ واري ڳالهه ڪئي.
"هاڻي مونکي پنهنجو فيصلو ٻڌايو ته... منهنجي مرڻ ڪانپوءِ... يا جيئري توهان جو پاڻ ۾ ڇا سلوڪ هوندو." مٺن خان پنهنجي پٽن کان فيصلو گهريو.
ماحول ۾ ڪجهه دير لاءِ سڪوت اچي ويو، سڀ خاموش هُئا، ڪنهن ۾ به جرائت نه هئي جو فيصلو ٻڌائي ۽ ٻيءَ کي راضي ڪن.
"اڙي!... ڳالهايو ڇو ٿا." مٺن وري رڙ ڪئي.
"بابا! توهان وڏا آهيو... توهان ٻڌايو" جمع خان پٽس جي تابعداري ۾ اڳيان ٿيو.
"آئون ته ٻڌائيندس.... ڇو ته جمال منهنجو جگر آهي... پر آئون توهان کان ٻڌڻ ٿو گهران." پٽس وري ڳالهه کي پٽن ڏانهن اُڇليو.
"سومار تون ٻڌاءِ" ڇو ته تون سڀني کان وڏو آهين، اهو بار توتي آهي." مٺن خان چيو.
سومار جڏهن ڏٺو ته ڳالهه سچي اچي مٿانئس پئي آهي، ته هُن ڪنڌ مٿي ڪيو، هڪ نظر پنهنجن ٻنهي پاڻرن تي وڌائين... ۽ پوءِ پٽس ڏانهن ڏٺائين ۽ ڏسندو رهيو، پٽس به کيس گهوريندو رهيو. سومار انهي پريشاني ۾ هو ته جيڪڏهن هو سڀ بار کڻي ٻيهي رهي' صبحاڻي هرڪو پنهنجي هلائي ته پوءِ سندس زبان ڪهڙي رهي، وعدو به ڪري ويهي رهان ۽ نڀائي به نه سگهان، ته پوءِ ڇا ٿيندو؟ انهي بار ۾ سومار ويهندو ويو، سوچيندو رهيو... سوچيندو رهيو- ايتري ۾ پٽس وري مخاطب ٿيو.
"سومار! آئون توکي آهيان."
"ها بابا!! . آئون سوچيان ٿو، آئون توهان سان زبان ڪريان..
صبحاڻ پاڻر مونکان ڦري وڃن ته منهنجو ڪارو منهن ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ويندو... نہ زماني جو رهندس ۽ نہ توکي قيامت ۾ منهن ڏيکارڻ جهڙو ٿيندس.' سومار ٿڌو ساهہ پريل ٻاهر ڪڍندي انهي جملي ۾ سڀ چنبي اندر جي اُڻ تڻ ٻاهر ڪڍي ڇڏي.

'ائين ڪونہ ٿيندو ادا!... جيڪو تنهنجو فيصلو سو اسان جو فيصلو' جمع خان واڌ ڏني تہ سومار جي منهن تي رونق آئي، هُن وري ڀائرن ڏانهن نهاريو جن جي چهرن تي مسڪراهٽ هُئي، جڻ تہ سينې جو يقين سومار ۾ اچي ويو، تنهن سندس دل ٽيٽي ڪري ڇڏي.

'ادا توهان منهنجي فيصلي سان ٻڌل رهندا' سومار پنهنجي حق ۾ ٻنهي ڀائرن کان راءِ گهري.

'بلڪل' ڀائرن ورائيو.

'منهنجو فيصلو هي اٿو.' سومار چيو

زمين آئون سنڀاليندس ۽ مال ڀاءُ جمعون سنڀاليندو، گهر جو اَن آئون پهچائيندس ۽ کير مکڻ جمع پهچائيندو، باقي جيڪا اُپت ٿئي سو هرڪو پاڻ ڪٽي ۽ کپائي. حساب ڪتاب ۾ جيڪڏهن ڪجهہ ڏيٺو ونٺو پوي تہ هرڪو ڏيندو ۽ وٺندو... باقي جمال اڪبر...سو سندس پڙهائي لاءِ هر مهيني جو خرچ اسان ٻيئي ڀائر ڀريندا سين. ...جيستائين نوڪري تي چڙهي... پوءِ بہ... ابي جي ملڪيت اٿس، جيڪو چار چڱا فيصلو ڪندا اسان ڀري ڏينداسين' جيڪڏهن منهنجو فيصلو قبول اٿو تہ بابا کان پيرين پيئي اجازت وٺو. سومار هڪ ڌڪ ۾ سڀ ڳالهيون ٻڌائي ڇڏيون ۽ سيني ڏانهن ڏسڻ لڳو تہ انهي جو رد عمل ڇا ٿو نڪري، پر ڪنهن بہ سندس مخالفت ڪونہ ڪئي.

'اسان کي قبول آهي' جمع ورائيو.

'مونکي بہ منظور آهي' جمال اڪبر چيو

'بس بس! فيصلو ٿي ويو' پٽس ورائيو هاڻي ٽئي ڀائر پاڻ ۾ ٻاڪر پايو ۽ مونکي يقين ڏياريو تہ توهان ڪڏهن بہ نہ ٽٽندا... هميشہ کير ڪنڊ ٿي رهندا، گهاٽي واڌي کي نہ ڏسندا ۽ ونڊي ورڇي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪانيندا. پٽس جي حڪم تي ٽنهي ڀانرن ڀاڻ ۾ ڀاڪر پاتا ۽ پيءُ جي پيرن تي ڪري پيا، پٽس سندن مٿي تي شفقت جا هٿ ڦيريا. هو دل ئي دل ۾ خوش هو تہ شڪر آهي تہ ڀانر ڀاڻ ۾ ٺهي ويا.

هاڻي هلو سڀ هلي سمهون. مٿن خان حڪم ڏنو ۽ هرڪو پنهنجي ڪٽ ڏانهن راهي ٿيو.

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

2

جمال اڪبر داخلا وٺڻ حيدرآباد پهتو، هڪ ڪاليج ۾ داخلا ورتائين. ڪاليج جي زندگي اسڪول جي زندگي کان بلڪل مختلف آهي، ڪٿي هر ڳالهه ۾ سختي، ٿوري ٿوري ڳالهه تي ماستر نه ته هيڊ ماستر جو دٻ ته متان مار نه پوي، پر ڪاليج جي زندگي انهن سڀني پابندين کان آزاد آهي، هتي هرڪو پنهنجي منهن بادشاهه آهي. پڙهندو ته مستقبل بهترين آهي نه ته مڙيني ڊگري ته ملڻي آهي، پوءِ هر ڪنهن جي قسمت.... ڪي ته ڌڪا کايو سڏريو وڃن، ڪي سفارشن جي زور تي ترقي ڪريو وڃن ۽ ڪي وري انين هلڪي سلڪي نوڪري تي گذران ڪري پنهنجي جمار ۽ گذريل وقت تي روئيندا آهن ته هاءِ! ڪجهه ڪونه ڪيوسين، جيڪڏهن پڙهائي تي ڌيان ڏيون ها ته سٺي مستقبل جا وارث هجون ها. اها دل ۾ چٽنگ تڏهن ٻرندي آهي جڏهن پنهنجو ڪلاس ميٽ يا روم ميٽ، سٺي ۽ بهترين ملازمت يا حالت ۾ هوندو آهي ۽ ڪڏهن ڪٿي اوچتي ملاقات ۾ پنهنجي وڏائي بيان ڪندو آهي. اِهي اُدما... اها دل جي باه..... ۽ اها دل جي آس ڪڏهن ڪونه مرندي آهي، پر افسوس وقت ڪنهن جو مانٽ ناهي. هڪ پل، هڪ گهڙي جيڪا به گذرندي ٿي تنهن مان جنهن فائدو نه ورتو پوءِ ماضي جي رڪارڊ ڪي هينين سان هندائي روئڻ ڪانسواءِ ڪجهه به نه ملندو آهي.

جمال اڪبر به ڪاليج ۾ نئون هو ۽ ٻيا ڇوڪرا به نوان هئا، پهريان ڪجهه هفتا ته مڙيني دعائن سلامن ۽ ياري دوستي وڌائڻ ۾ گذريو وڃن، ڇو ته وڻ وڻ ڪائي اچي گڏجي ٿي. حيدرآباد ۾ ڪن قسمن جو ڪيٽيگريون پڙهڻ لاءِ اچن ٿيون،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پهرين جيڪي حيدرآباد جا رهواسي يا جن جا مائٽ اڳيئي حيدرآباد ۾ نوڪري يا ڪاروبار جي سلسلي ۾ رهندا اچن، ٻيا ٻهراڙين جي وڏيرن ۽ زميندارن جا ڇوڪرا، جيڪي مڙيئي وقت گذاري لاءِ ڪاليج جي زندگي اختيار ڪرڻ ايندا آهن، ٽيان جيڪي واقعي پڙهڻ جي خيال سان ايندا آهن، تن ۾ هر نسل هر طبقي جو ماڻهو اچي وڃي ٿو ۽ اهو ٽيون طبقو شهري هجي يا ٻهراڙي جو، پنهنجي مستقبل سڌارڻ لاءِ ڪوشان هوندو آهي. گهمڻ ڦرڻ، ياري دوستي تي گهٽ ۽ پڙهڻ لکڻ تي زياده ڌيان ڏيندو آهي ۽ بهترين مستقبل جو ٽارگيٽ حاصل ڪري رهندو آهي.

جمال اڪبر جو به پڙهائي تي گهٽ ۽ ياري دوستي تي گهڻو وقت گذرندو هو. انٽرميڊيٽ هڪ اهڙو امتحان آهي، جنهن ۾ سٺين مارڪن کڻڻ وارا يقيني طور سٺي مستقبل جا مالڪ هوندا آهن باقي ٻين پاسن پنهنجي قسمت آزمائي ڪندا آهن. چوندا آهن ته 'جهنگ جي ٻڪري اُن تي نه هري پيئي' شهري ماحول، سينمائون، هوٽلون، پارڪ، شاپنگ سينٽر، رستا ۽ روڊ... هر طرف چهل پهل، گهمڻ ڦرڻ جا مقام، مٿان وري مائٽن کان پئسي جي سُٺي سپورٽ هجي ته پوءِ ڇا گهرجي، سنجن يارن جي ته ڪاليج ۾ ڪوٽ ني ڪونهي، هڪ کان وڌيڪ چمچا وينا آهن، رڳو خرچ ڪرڻ وارو ڪپي، حُڪم تي سڀ ڪم ٿيندو.... بس چا ڪپي... تڪ، ٻوٽي ڪباب، پڪل ران يا هوٽل ۾ ڊنر.... يا سنيما جو ٽڪيٽ... سڀ حاضر... پر پئسا خرچ ڪري ڏس.

جمال اڪبر به اهڙي سنگت ۾ لوهه ٿي ويو، جتان هُن جو نڪرڻ تمام محال هو، پانر انهي خيال سان خرچ پيا موڪليندا هُنا ته.... ٻاءُ پڙهي ڪو وڏو صاحب ٿيندو، پر هي هتي صاحب هو، جيڪو ڪاليج جي زندگي ۾ صاحب ٿي ويو اُهو ڪاليج کان نڪرڻ بعد ڪڏهن به صاحب نه ٿيندو آهي. ڪلندي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪڏندي، ڪتابن سان راند روند ڪندي ۽ هوائي امتحان پاس ڪندي ٻه سال گذري ويا، اٿر ميڊيٽ جو امتحان ڏيئي هرڪو پنهنجي گهر ڏانهن روانو ٿيو.... هڪ ڊگهي انتظار جو اهتمام... رزلٽ جو انتظار... هرڪو يار دوست پاڪر پاڻي موڪلائي رهيو هو، ڪي ايڊريسون وٺي رهيا هئا، بس ملاقاتين جو ميڙو هو، اينئن ٿي لڳو ته شايد هاڻي وري نه ملون. ڪاليج ۽ يونيورسٽي ۾ طالبعلمي جو دور انسان جي زندگي جو رنگين دور آهي، جنهن ۾ انسان پاڻ کي خبر ناهي ڇا سمجهندو آهي.... جواني... بيفڪري... ماڻهن جا پئسا.... تنهن بعد ذهني ۽ جسماني آزادي، پنهنجي سوچ.... پنهنجو انداز... هلڻ جو.... گهمڻ جو... ملڻ جو... هرڪو پاڻ کي سير سمجهندو آهي، ڪير ٻه پاؤ نه هوندو آهي. ياريون، دوستيون ۽ دشمنيون تمام گهاٽيون هونديون آهن، ياري ٻه اهڙي جو هڪٻئي مٿان ساه پيا گهوريندا ۽ دشمني ٻه اهڙي سخت جو هڪٻئي کي اکئين ڏٺا ڪونه پيا وٺندا. پر اهو صرف هڪ وقت لاءِ... جڏهن تعليم جو دور ختم... طالبعلمي جو دور ختم ته نه اُهي دوستيون.... نه اُهي دشمنيون، پوءِ انسان زماني جي حوالي ٿي ويندو آهي جيڪو بحر آهي، جتي ائين پيون ڇوليون لڳن، هر ٻيڙي انهن ڇولين جون ٿڦڙون کائيندي ٻه ترندي رهندي آهي ۽ بلڪل خاموشي سان جيڏانهن ملاح موڙي مڙي ويندي آهي.... پوءِ صرف يادون هونديون آهن. ڪڏهن ڪڏهن اتفاق سان ڪي دوست يا دشمن پاڻ ۾ ملي ويندا آهن ته ائين ملندا آهن ڄڻ ته هنن ۾ ڪڏهن نفرت ڪونه هئي. پوءِ ته ڪنئين خبرون پراڻي زماني جون... پراڻن يارن جون... بس وقت ملاقات ختم ٿي ونيدو آهي، پر زبان بس نه ڪندي آهي، هاءِ! اهو ڪاليج جو دور جيڪو هر طالبعلم کي پيري تائين ياد هوندو آهي، جهڙي نموني ڪنهن رٽائرڊ بيوروڪريٽ کي پنهنجو ڊپٽي ڪمشنري جو دور ياد هوندو آهي، پوءِ پاڻ ڪٿي ڪيڏو وڏو صاحب هجي پر جڏهن ڪو مثال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏيندو تہ ڊپٽي ڪمشنر جي دور جو ڏيندو. وقت گذرندي ويرم ڪانہ ٿي، رزلٽ جي انتظار جا ٻَي مهينا پورا ٿيا. اخبارن ۾ رزلٽ ڇپي ٿي. جمال اڪبر اخبار جي رزلٽ واري صفحي کي گريڊ اي کان شروع ڪيو، وري گريڊ بي تي نظر ڊوڙايائين، ٻنهي گريڊن ۾ سندس نمبر ڪونہ هو. اهو خبر ناهي چو هر طالبعلم پنهنجي رزلٽ گريڊ اي کان ڏسڻ شروع ڪندو آهي، ڀلي خود تہ پڙهڻ ۾ جڏو هجي، پر پاڻ کي هرڪو هوشيار سمجهندو آهي. وري مايوسي سان گريڊ سي ۾ پنهنجو نمبر ڳوليائين پر ندارد... آخر ڪار گريڊ ڊي ۾ سندس نمبر نظر آيو. هن کي سندس پاس ٿيڻ جي ڪابہ خوشي نہ ٿي. اخبار کي هڪ پاسي اُڇلي سوچ ۾ پئجي ويو، چا آئون انجنيئر ڪونہ ٿي سگهندس، وري سندس دوست اشرف جو نمبر بہ گريڊ ڊي ۾ ڏسي، احساس محرومي جي شدت کيس وڪوڙي وئي. خيالات جي اونداهين ۾ ٻڏندو ويو، ذهن بلڪل ماؤف ٿي چڪو هو، چا مون مائٽن جا پئسا اجايا خرچ ڪيا؟... چـا آئـون نـيـاڳـو آهيـان؟ چـا مـونـکـي سنگـت خـراب ڪيو؟.....نہ....نہ....نہ مون پنهنجو مستقبل پاڻ تاريڪ ڪيو، پر مان مات ڪري نہ ويهندس. چا ڪيريئر صرف انجنيئر ٿيڻ آهي! بلڪل نہ ....ٻيون بہ لائنون آهن. آئون ڪا ٻي لائن اختيار ڪندس ۽ سخت محنت ڪري پنهنجو پاڻ کي نروار ڪندس. جمال اڪبر سوچيندو رهيو، اجان اِنهن خيالن ۾ گم هو تہ سندس ڪلهي تي ڪا ڳري شيءِ محسوس ٿي. هن آهستي آهستي ڪنڌ مٿي ڪيو تہ سندس پاسي ۾ وڏو ڀائٽس سومار بيٺل مسڪرائي رهيو هو.

"چا پيو سوچين؟ آئون گهڻي وقت کان پيو ڏسان يڪو گم آهين" سومار چيو.

"ادا!! ڪجهہ ڪونهي" جمال اڪبر ورائيو.

"ڏس! مونکان بہ نہ لڪائي، آئون تنهنجو ڀاءُ آهيان، توتي ڪک بہ آئون رکندس." سومار دلداري ڏنس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جمال اڪبر شرم جي سمونڊ ۾ ٻڏندو ويو، تمام گهراڻي ڏانهن... تمام گهرائي... گهرائي... ايتري ۾ پاڻس وري ڪلهي تي هٿ رکي پيار سان زور ڏنو تہ جمال آهستہ آهستہ پاڻ کي سنڀالي ٿڌو ساهہ کنيو. پاڻس سندس پاسي ۾ ويهي رهيو تہ جيئن ننڍي ڀاءُ جي ڳالهہ ڌيان سان ٻڌي سگهي. پر جمال بلڪل خاموش هو، شرم کان...سندس ضمير اندر ڪاٺي رهيو هو، هو سوچي رهيو هو تہ ڀاءُ ڪيس خرچ انهي خيال سان ڏيندا رهيا تہ آئون پڙهي ڪا منزل حاصل ڪريان پر آئون تہ ڀهرين ڏاڪي تان ڪري پيس. انهي سوچ ۾ غرق... جمال سوچيندو رهيو، اوچتو وري سندس ذهن ۾ ڪا ڳالهہ ڪنوڻ وانگر چمڪي ۽ گم ٿي ويئي، پر سندس جسم ۾ جان آئي، هن ڪنڌ مٿي ڪيو ۽ وڏي ڀاءُ ڏانهن منهن ڪيائين، پاڻس جي چهري تي مسڪرائٹ ڏسي سندس ٻڏل دل کي سهارو مليو ۽ لاشعور ۾ ٻڏل خيال نڪري مٿي نروار ٿيو.

"آئون وڏيڪ پڙهندس" جمال اڪبر چيو

"تہ توکي ڪنهن جهليو آهي." سومار ورائيو

"مون سوچيو متان چئو تہ ٻہ سال وڏيڪ پڙهيو آهين، اهي گهٽيني آهن، زياده ضرورت ناهي." جمال پنهنجي مقصد جي پيڙهہ جو پٿر رکيو.

ادا! تون جيترو پڙهڻ گهرين پڙهہ، خرچ کان نہ گهبرائي، جيتري اسان ۾ سگهہ آهي. اسين توکي سهارو ڏيندا رهنداسين تون رڳو مڙس ٿي پڙهہ" سومار يڪساهي ۾ چيو.

"پر ادا- آئون انجنيري ڪونہ پڙهي سگهندس، چو تہ منهنجون مارڪون گهٽ آهن. تنهنڪري مون سوچيو آهي تہ بي ڪام پڙهي، ڪنهن بينڪ يا مالياتي اداري ۾ نوڪري ڪريان."

جمال يڪساهي ۾ سڀ ڪجهہ چئي ڇڏيو. سومار ٿوري دير لاءِ سوچ ۾ پئجي ويو.

"تہ پوءِ ڇا تون منشي ٿيندين." سومار ٻڌ تر مان چيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"جيڪا قسمت هوندي" جمال مايوس لهجي ۾ چيو
پاڻس ڳالهہ جي تهہ تائين پهچي ويو تہ همراهہ ۾ دم ڪونهي... ٿوري دير لاءِ سوچيندو رهيو تہ ڇا ٻن سالن جو خرچ اجايو ويو. پر پٽس سان ڪيل وعدو ياد آيو تہ جمال پڙهندو. ٻهراڙي جي ماحول ۾ مائٽ اولاد جو مستقبل يڪدم تابناڪ ڏسڻ گهرندا آهن. ڇو تہ هو پنهنجي محدود وسائل سان ڇوڪرن کي شهر پڙهڻ لاءِ موڪليندا آهن ۽ اُنهي وقت جو انتظار ڪندا رهندا آهن تہ ڪڏهن سندس مٿي تان بار لهي ۽ ڇوڪرو ڪنهن نوڪري تي چڙهي پنهنجن پيرن تي بيهي. سومار بہ ائين سوچيو هو ۽ انهي خيال ۾ هُو تہ جمال سندس سوچ کي يڪدم موڙي وڏو ۽ ڇيائين.
"صرف ڊاڪٽري ۽ انجنيري...اِهي بہ ڪم تہ نہ رهيا آهن. دنيا ۾ رڳو زميندار ۽ واپاري تہ نہ آهن. پر ٻيا بہ ڪاروبار آهن ٻيون بہ ڪيئين لائنون آهن. جنهن ۾ ماڻهو ترقي ڪري سگهي ٿو."
سومار خاموشي سان جمال جي ڳالهہ ٻڌندو رهيو ۽ جمال چوندو رهيو.
"آئون ٻي ڪم ڪندس، گريجوئيٽ ٿيڻ بعد ڪنهن نوڪري لاءِ ڪوشش ڪندس"
"پر پاءُ- پاڻ مارو ماڻهو پنهنجي ڪير سفارش ڪندو، مون ٻڌو آهي تہ ڊاڪٽري ۽ انجنيري پڙهيل کي سفارش جي ضرورت ناهي، هُتان پاس ٿيو هوڏانهن نوڪري رکي آهي" سومار چيو.
"اُهي زمانا ويا، هينئر وقت بدلجي ويو آهي. مقابلي جو دور آهي، هرڪو ڊوڙي رهيو آهي، جيڪو ڊوڙندو رهندو سو اڳتي نڪري ويندو باقي جيڪو ٿڪي پيو ۽ ڊوڙ ۾ نہ نڪري سگهيو، اُهو آخر ۾ هٿ ملئيندو رهندو." جمال زماني جو فلسفو پاڻس کي سمجهائيندي چيو ۽ وري چيائين.
تنهنڪري آئون سمجهان ٿو، مونکي ٻي ڪنهن لائن ۾ اڳتي وڌڻ جي اجازت ڏيو، آئون توهان کي يقين ٿو ڏياريان، توهان کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪڏهن به منهنجي لاءِ ڪنهن جي اڳيان هٿ ٽنگڻو نه پوندو ته ٻاءُ ڪي ڪٿي نوڪري تي لڳارايو.“ ٻائس خاموشي سان جمال جي پر مقصد تقرير ٻڌندو رهيو ۽ دل ئي دل ۾ فيصلو ڪندو رهيو.

”اسان تنهنجي راه ۾ رڪاوٽ نه آهيون، پر تو مان اميد ٿا رکون ته مرحوم والد جي اُميدن تي پاڻي نه ڦيرائجان.“ سومار ٿڌو ساه ڀريندي چيو

”ته پوءِ آئون سمجهان ته، آئون اڳتي پڙهان“ جمال اُميد رکندي چيو.

”بلڪل- تون پڙهندين بلڪ جيترو توکي وڻي پڙهه.“ سومار فيصلو ٻڌائي ڇڏيو.

ٻئي ڏينهن جمال سامان ٻڌي حيدرآباد پهچي ويو. وري نئون ڪاليج .... نوان دوست... بي ڪام ۾ داخلا ملي ويئي... ۽ رهائش لاءِ شهر ۾ دوستن سان هاسٽل... سڀ انتظام ٿي ويو. جمال پنهنجي پڙهائي تي تمام گهڻو توجه ڏنو. هڪ سال ۽ ٻيو سال آخر بي ڪام جو امتحان به ٿي ويو ۽ جمال ڪامرس گريجوئيٽ ٿي ويو. هن پنهنجي گرد حالات جو جائزو ورتو ۽ سمجهيائين ته ماسٽرس ڪونه ڪري سگهندس، ڇو ته ڀائرن تي هاڻ گهڻو ٻاڙڻ سٺو ناهي، وڌيڪ پڙهائي نوڪري ڪري ڪبي. چاڪاڻ ته انجنير نه ٿيڻ جو ڪين غم آهي، بي ڪام ۾ داخلا سندس لاچاري هئي، تنهن لاءِ خرچ مليو وڌيڪ آسرو گهٽ ڏسڻ ۾ ٿي آيو، تنهن ڪري بهتري اِنهي ۾ هئي ته ڊگري ملڻ بعد نوڪري ڪئي وڃي. بس هاڻي جمال کي صرف رزلٽ جو انتظار هو. انهي وچ ۾ دوستن سان لهه و چڙ ۾ ايندو رهيو ته نوڪرين لاءِ ڪينئن درخواستون ڏجن، ڪوٽا سسٽم... بينڪاري، مالياتي ادارا ۽ ويمي ڪمپنين جي آفيس جي خبر چار لهڻ ۽ آفيسرن جا نالا ۽ آفيسن جو ايڊريسون معلوم ڪندو رهيو. جيئن رزلٽ آئوٽ ٿي، سرٽيفڪيٽن جا فوٽو اسٽيٽ ڪرائڻ ۽ آخر ۾ پوسٽ آفيس ۾ رجسٽري ڪرائي، انٽرويو ڪال لاءِ انتظار ڪرڻ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪڏهن ٻه منهنجي لاءِ ڪنهن جي اڳيان هٿ ٽنگڻو نه پوندو ته پاڻُ کي ڪٿي نوڪري تي لڳارايو.“ پاڻس خاموشي سان جمال جي پر مقصد تقرير ٻڌندو رهيو ۽ دل ئي دل ۾ فيصلو ڪندو رهيو:
”اسان تنهنجي راهه ۾ رڪاوٽ نه آهيون، پر تو مان اميد ٿا رکون ته مرحوم والد جي اُميدن تي پاڻي نه ڦيرائجان.“ سومار ٿڌو ساهه پريندي چيو
”ته پوءِ آئون سمجهان ته، آئون اڳتي پڙهان“ جمال اُميد رکندي چيو.
”بلڪل- تون پڙهندين بلڪ جيترو توکي وڻي پڙهه.“ سومار فيصلو ٻڌائي ڇڏيو.
ٻني ڏينهن جمال سامان ٻڌي حيدرآباد پهچي وي. وري نئون ڪاليج .... نوان دوست... بي ڪام ۾ داخلا ملي ويني... ۽ رهائش لاءِ شهر ۾ دوستن سان هاسٽل... سڀ انتظام ٿي ويو.
جمال پنهنجي پڙهائي تي تمام گهڻو توجه ڏنو. هڪ سال ۽ ٻيو سال آخر بي ڪام جو امتحان ٻه ٿي ويو ۽ جمال ڪامرس گريجوئيٽ ٿي ويو. هن پنهنجي گرد حالات جو جائزو ورتو ۽ سمجهيائين ته ماسٽرس ڪونه ڪري سگهندس، ڇو ته پائرن تي هاڻ گهڻو پاڙڻ سُنو ناهي، وڌيڪ پڙهائي نوڪري ڪري ڪبي. چاڪاڻ ته انجنير نه ٿيڻ جو ڪين غم آهي، بي ڪام ۾ داخلا سندس لاچاري هني، تنهن لاءِ خرچ مليو وڌيڪ آسرو گهٽ ڏسڻ ۾ ٿي آيو، تنهن ڪري بهتري اِنهي ۾ هني ته ڊگري ملڻ بعد نوڪري ڪني وڃي. بس هاڻي جمال کي صرف رزلٽ جو انتظار هو. انهي وچ ۾ دوستن سان لهه و چڙ ۾ ايندو رهيو ته نوڪرين لاءِ ڪينن درخواستون ڏجن، ڪوٽا سسٽم... بينڪاري، مالياتي ادارا ۽ ويمي ڪمپنين جي آفيس جي خبر چار لهڻ ۽ آفيسرن جا نالا ۽ آفيسن جو ايڊريسون معلوم ڪندو رهيو. جيئن رزلٽ آئوٽ ٿي، سرٽيفڪيٽن جا فوٽو اسٽيٽ ڪرائڻ ۽ آخر ۾ پوسٽ آفيس ۾ رجسٽري ڪرائي، انٽرويو ڪال لاءِ انتظار ڪرڻ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جمال جو خاص مشغلو هو. وقت گذرندو ويو، انٽرويو، ڏيڻ جو جمال اهڙو هوشيار ٿي ويو هو، جو آفيسر اڃان منهن کولي سوال ڪرڻ جي مُوڊ ۾ هوندو هو ته جمال سوال جو رخ سمجهي ويندو هو، چو ته هيستائين هو گهڻ ۾ گهڻ ويهارو کن انٽرويو ڏيئي چڪو هو. پر رزلٽ هميشه نا اُميدي ۾ ظاهر ٿيندي هئي. پر هن همت نه هاري، پنهنجي ڪوشش جاري رکي ۽ ڪراچي ۾ سندس پراڻي دوست اشرف وٽ منتقل ٿي ويو، جيڪو انٽر ميڊيٽ پاس ڪرڻ بعد ڪراچي جي هڪ پرائيويٽ فرم ۾ ملازمت ڪندو هو. اشرف سندس ڪاليج جي زماني جو پڪو يار هو. آخر هڪ انٽرويو ۾ ڪراچي جي هڪ پرائيويٽ ڪمپني ۾ اڪائونٽ ڪلرڪ جي آسامي تي مقرر ٿي ويو. پاٽس سومار کي جڏهن خبر پئي ته هڪ سيٺ وٽ منشي ٿيو آهي ته تمام ڪاوڙيو. اُسان هن کي منشي ٿيڻ لاءِ پڙهايو هو، جيڪڏهن منشي ٿيڻو هئس ته هتي ڪنهن زميندار وٽ منشي ٿي ويهي ها، سارين ۽ ڪمند جو حساب پيو ڪري ها ۽ هارين نارين کي منهن ڏيو ويٺو هجي ها. پر ماٺ ڪري ويهي رهيو چو ته جمال ڪُتو جواب ڏنو ته آئون ڪراچي ڪونه ڇڏيندس، جيڪڏهن توهان مونکان ناراض آهيو ته آئون جي ڳوٺ اچان ته مونکي نه اچڻ ڏجو. حقيقت ۾ جمال پنهنجي ڪيريئر کان بي خبر نه هو، هُن کي انٽرويو ڏيئي ۽ ڌڪا کائي خبر پئجي ويئي هئي ته ڪراچي ڪاروباري ماڻهن جو شهر آهي ۽ ڪاروباري ماڻهن کي چئن قسمن جا ملازمت پيشه ماڻهو کپن، منتظم، اڪائونٽنٽ، انجنيئر ۽ ايجنٽ. جمال اڪائونٽس ۾ ڪلرڪ ٿيو هو، جيڪا هن جي تعليم جي مطابق ملازمت هئي، پر هن مارڪيٽنگ شعبي جي طرف ڌيان ڏنو، هن کي احساس هو ته مارڪيٽنگ شعبو وڌندڙ آهي، تعلقات، اهليت ۽ ذهانت جي بنياد تي آهستي آهستي ترقي ڪري سگهي ٿو. اِنهي ڪري هُن شام جي وقت جُز وقتي ڪورس به شروع ڪري ڏنا ته جيئن منيجريل اهليت پيدا ڪجي. ڪاروباري شهرن ۾ ملازم پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پگهار ۾ اضافو ملازمتون بدلائي ڪندا آهن. هڪ فرم ۾ نوڪري ڪني، وري ٻي فرم ۾، سُٺي آفر آئي تہ اوڏانهن ويا هليا، پر اجا بہ وڏيڪ ترقي جو سوچي جيڪڏهن بيروني ملڪ بہ وڃڻو پيو تہ اوڏانهن بہ راهي ٿيو وڃن. سندن تعليم ڪان وڏيڪ تجربو ڪارائتو آهي، جنهن ڪي منيجريل اهليت چيو ويندو آهي، جينن اهليت وڏيڪ، تينن پگهار ۽ سهوليتون بہ زياده ماڻيندا آهن.

جمال کي هڪ تجربيڪار آفيسر جي ماتحت رکيو ويو، جنهن حالانڪ پنهنجي سڄي ڄمار آفيس ۾ گذاري پر فائل، ليجر ۽ ڪاغذي ليڻ ڏيڻ کان مٿي نہ چڙهيو، ڇو تہ هن پنهنجو ڪيرينر هڪ ننڍي نوڪري کان شروع ڪيو هو، هُن لاءِ اها حيثيت بہ وڏي ڳالهہ هئي جو هو هڪ اعليٰ فرم جو اڪائونٽنٽ هو. انگن جي ڦيري گهيري کي خوب سمجهندو هو، هُو جمال کي پنهنجي تجربي مان ڪافي ڪجهہ سيکارڻ جي مُوڊ ۾ هو. هر ڳالهہ پيار سان جمال کي سمجهائيندو هو، هُن ڪيس ٻڌايو تہ ڪنهن بہ فرم جي نوڪري جو بنياد اڪائونٽس آهي، ڀلي کهڙي بہ حيثيت ۾ ڪم ڪري پر آخر ۾ مالي تجزيو ڪرڻ لاءِ اڪائونٽ کي سمجهڻ لازمي آهي. انهن ڳالهين جمال جي اڳتي وڌڻ واري حس کي سجاڳ ڪيو ۽ دل لڳائي ڪم ڪندو رهيو.

عبيدالله اڪائونٽنٽ جي دل ۾ خبر ناهي ڇا پلاننگ هُئي. وڏن ماڻهن ۽ وڏي ڄمار وارن جي نظر بہ وڏي هوندي آهي، هُن جمال ۾ ڪا ڳالهہ ڏٺي جنهن هُن جي دل کي گرويده ڪري ڇڏيو. هو جمال کي "پٽ" ڪري سڏيندو هو. هاڻ رڳو آفيس تائين ڪاروبار نہ رهيو پر ڪڏهن ڪڏهن جمال کي گهر دعوت ڏيڻي بہ گهرائيندو هو. اهڙي نموني عبيدالله صاحب سان سندس سُٺي رسائي ٿي ويني هئي، پر انهي تعلقات وڌائڻ ۾ ڪو راز هو، جنهن جي جمال کي خبر نہ هئي. شهري ماڻهو جيڪڏهن ڪنهن کي چاهن جو ڪوپ پيش ڪن تہ اهو سمجهي وڃجي تہ هِن ۾ ضرور ڪو مقصد هوندو، پر جڏهن تعلقات گهر جي حد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تائين وڏي وجن تہ پوءِ ضرور ڪو وڏو مقصد تي سگهي ٿو. انهي راز ڪي عبيدالله صاحب دل ۾ رکي اڳتي قدم وڌايو هو. آفيس ۾ وڏي باس جي اڳيان جمال جو تعريفون، ۽ ترقي لاءِ سفارش ۽ ڪم سيکارڻ ۾ بہ اڳتي... اهڙي نموني ٻن سالن ۾ جمال ٽپو ڏيئي اسسٽنٽ منيجر تي ويو. جيڪا ڪنهن ڪمپني ۾ آفيسر ٿيڻ لاءِ پهريون ڏاڪو آهي، پوءِ ڊپٽي منيجر، منيجر، سينئر منيجر، ڊپٽي جنرل منيجر ۽ آخري ڏاڪو جنرل منيجر آهي. جمال جو اسسٽنٽ منيجر ٿيڻ بعد سندس باس ڪيس آفيس ۾ گهرايو ۽ ڪيس نين ذميدارين کان واقف ڪيو، سندس محنت ۽ ايمانداري جي تعريف ڪني، ڪيس وڌيڪ ترقي جي لاءِ زياده محنت ڪرڻ تي زور ڏنو. جمال بہ سندس باس کي يقين ڏياريو تہ انشاالله هو وڌيڪ محنت سان ڪم ڪندو ۽ ڪابہ ڪوتاهي نہ رهندي، بعد ۾ باس کان موڪلائي هليو آيو ۽ پنهنجي ذميداري سان ڪم ڪندو رهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

3.

ڪراچي گنجان شهر آهي. اڪثر سمونڊ جي ڪناري تي بندرگاه وارا شهر تيز رفتاري سان ترقي ڪندا آهن. ڇو ته وڻج واپار جو تمام گهڻو موقعو هوندو آهي. بيروني ۽ اندروني واپار جو مدار سمونڊ آهي، تنهنڪري اهڙن دنيا جي شهرن ۾ پئسي جي ڇهل پهل هوندي آهي، هر شي جو مُلهه هوندو آهي، جيڪڏهن ڪير مُرڪي ڳالهائي ٿو ته اُنهي مُرڪ جي قيمت وصول ڪريٿو. واپاري مسڪرائي گراهڪ کي مال مهانگو ڏيني ٿو ۽ گراهڪ مسڪرائڻ ۾ ڪُسجو وڃي هوٽل ۾ بيرو مسڪرائي خدمت ڪريٿو ۽ بل جي مٿان ٽِپ وصول ڪريٿو. اُهي وڏا ماڻهو جيڪي پنهنجي علائقي ۾ پنهنجن سر قربان ڪندڙ ماڻهن کي پيٽ تي ڪمرائيندا آهن، اُهي به هتي هوٽلن ۾ بيرن کي وڏيون خرچيون ڏيني خوش ٿيندا آهن ڇو ته هُن مُرڪي ڳالهايو. وڏن شهرن جو ڳالهيون به وڏيون، ڇوندا آهن "ڪمائي به شهر ته ڪاني به شهر" وڏا رستا وڏا بنگلا، وڏيون بلڊنگون هر شي وڏي، تنهن سان گڏ هر شي متحرڪ آهي. هر ڪا شي ڊوڙي رهي آهي، هڪ مسلسل ڊوڙ آهي، جدوجهد آهي صبح کان وٺي شام تائين ڊوڙ ۽ وري رات کان وٺي فجر تائين ڊوڙ، ڪڏهن ڪا شي ٿوري دير لاءِ سهساني ٿي ته وري ڊوڙ شروع ڇو ته سندن جيئندا انهي ۾ آهي ته هو تحرڪ ۾ رهي. جيڪڏهن بيهي رهي ته سندس بقا جو مسئلو پيدا ٿيو پوي، گاڏيون رستن تي ڊوڙي رهيون آهن، ماڻهو مڪانن ۾، بنگلن ۾ ۽ هوٽلن ۾ ڊوڙي رهيا آهن، ڪنهن جي ڪا خبر ڪونهي ته اها مسلسل ڊوڙ ڪيستائين رهندي. اهڙي ماحول ۾ سُڪون لاءِ جڳهه هنڻ جنت کان گهٽ ناهي، جنهن ماڻهو کي سر لڪائڻ لاءِ گهر آهي ته جڻ امير آهي. زمين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سون آهي تہ جڳهيون چانديءَ، جنهن وٽ ناڻو آهي اُهو وڏيڪ سڪون سان آهي ۽ جنهن وٽ ناڻو نہ آهي تہ گهٽ سهوليت واري علائقي ۾ آباد آهي، مطلب تہ هتي انسان کي سندس عزت ۽ مرتبي جو تعين سندس رهائشي حيثيت مطابق ڪيو ويندو آهي ڇو تہ ڪراچي ۾ علائقا ماڻهو جي حيثيت ظاهر ڪن ٿا، هر علائقي جي پنهنجي حيثيت آهي ۽ اُنهي مطابق سندن آمدني جو بہ اندازو لڳايو ويندو آهي. اهڙي نموني فليٽ جي زندگي بہ بنگلن وانگر ورهاڱي پيئي آهي، علائقي مطابق مارڪيٽ آهي. انهي مهانگي ماحول ۾ سر لڪائڻ لاءِ جڳهہ ملي وڃي تہ غنيمت آهي. جمال بہ ڪوشش ڪري هڪ فليٽ مسواڙ تي حاصل ڪيو، هوننن تہ مالڪ مڪان ڪائنس آفيس مان اچي مسواڙ وصول ڪندو هو پر اڄ موڪل جو ڏينهن هئان وري ڇهين تاريخ هني معنيٰ مسواڙ جي تاريخ، سو مالڪ فليٽ سڌو فليٽ تي پهچي ويو.

موڪل جو ڏينهن ملازم پيشہ ماڻهو لاءِ آرام جو ڏينهن آهي، بنان ننڊ جي بہ خوامخواه بستري تي پيا هوندا ۽ اها ڪوشش ڪرڻ تہ شايد وري ننڊ اچي وڃي، سو انهي خيال ۾ جمال بہ بستري تي بنان ڪنهن مطلب جي سُتو پيو هو. سندس پارٽنر اشرف بہ پاسا بدلائيندو رهيو تہ من جمال اُٿي ناشتو تيار ڪري، پر جمال بہ سوچي سمجهي بستري تي اڌورڙي ننڊ ۾ پيو رهيو تہ اشرف اُٿي ناشتو تيار ڪري تہ بس گرڙي ڪري، هٿ منهن ڌوئي ناشتي کي لڳي وڃجي. پر جڏهن فليٽ جي گهنٽي وڳي تہ ٻنهي جون اکيون يڪدم کلي پيون، جمال تيڏي اک سان اشرف کي ڏٺو تہ هو مڪمل جاڳي پيو هو، تنهنڪري وڏي چنگهہ ڪري پاڻ پاسو ڦيرائي ٻني پاسي منهن ڪري سمهي رهيو. اشرف فليٽ جو دَر کوليو تہ اڳيان مجيد صاحب مالڪ مڪان کي ڏسي، پهرين تہ سوچ ۾ پئجي ويو، پر مِني بہ ماٺ مُني بہ ماٺ، وڏي ٻليڪار ڏيني اندر وٺي آيس ۽ اچي صوفہ تي وهاريس.

"توهان اِتي ويهو تہ آئون چانهہ ٺاهي وٺان" اشرف عاجزي مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چيو.
"تڪليف نہ ڪريو، آئون بس هينئر ناشتو ڪري اچي رهيو آهيان" مجيد صاحب چيو
"جيڪڏهن مَنُ ۾ هڪ گلاس پاڻي پنجي ويو تہ ڪو فرق ڪونہ ٿو پوي." اشرف سندس پيٽ جي ماپ ڏسي چيو.
"آئون اخبار ٿو ڏسان، بس توهان رڳو جمال صاحب کي خبر ڪريو تہ آئون آيو آهيان" مجيد چيو
"ٻڌائڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي، شايد توهان جو آواز ٻڌي پاڻهي ننڊ مان اٿي پوندو." اشرف سندس خوفناڪ آواز تي ٽوڪ ڪئي، جنهن کي مجيد صاحب ٿورو دل ۾ ڪيو، منهن ۾ ٿورو ور پنجي ويس پر ظاهري طرح مهذب ٿيڻ جي ڪوشش ۾ ڪيس خاموش رهڻو پنجي ويو.
"پوءِ مونکي اجازت تہ آئون چانهہ ٺاهي وٺان،" اشرف چيو
"بلڪل" اشرف اجازت وٺي باورچي خاني ۾ داخل ٿيو تہ جمال اکيون کولي گهڙي تي نظر وڌي.... ڏهہ ٿي رهيا هنا. هاڻي سمهڻ اجايو هو ڏر تي مهمان بہ ويٺل هو، جنهن جو آڌر ڀاءُ بہ ڪرڻو هو پر انهي کان وڌيڪ خوشي انهي ڳالهہ جي هئي تہ اشرف جمال کان واعدو ورتو هو تہ صبحاڻي ناشتو جمال تيار ڪندو ۽ هُن حامي ڀري هئي، پر دل ۾ سوچيو هنائين تہ ناشتو اشرف ئي ٺاهيندو، انهي ڪري خوامخواه پنهنجي ننڊ کي طويل ڪندو ويو، آخر ڪار مطلب پورو ٿيو. اشرف چانهہ ٺاهڻ بعد جڏهن ٻيضن لاءِ گيهہ گرم ڪيو تہ جمال ٽپ ڏيئي بستري تان اٿيو، سڌو وڃي ٽوٿ پيسٽ ۽ برش ۾ هٿ وڌائين ۽ وري اشرف جي دل کي ساڙڻ لاءِ بورچي خاني جي در کان لينو پائي چيائين "يار! دير تہ ڪونهي."
"نہ! بس پنج منٽن ۾ تيار" اشرف ڏند ڪٽيندي چيو.
جمال دل دِل ۾ خوش ٿيندي ڪندو رهيو ۽ باٿ روم مان غسل ڪري ڪپڙا پائي، ڊرائينگ روم ۾ داخل ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"السلام عليڪم"

"وعليڪم السلام"

"خوش آهيو، خير عافيت" جمال چيو

"بس الله جا ڪرم آهن" مجيد جواب ڏنو

"سيٺ الله جا ڪرم رڳو توتي آهن، يا اسان غريبن تي به ٿيندا، اشرف ڪمري ۾ ناشتو کڻي ايندي چيو.

"الله جا ڪرم هر انسان تي آهن، ناشڪر نه ٿيڻ گهرجي" مجيد صاحب تسلي ڏني.

"اشرف! پهرين ته مونکي چانهه جو ڪوپ پري ڏيني، ته ننڊ کي ڀڄايان، وري به خمار پيو اچي." جمال اشرف کي مخاطب ٿيندي چيو.

"ته رڃي وري سمهي رهه" اشرف نڪ ۾ ور وجهندي چيو.

"سمهي رهان پر سيٺ صاحب سان به ته ڳالهيون ڪري وٺون"... ته ها... سيٺ صاحب خوش آهيو... ڪيئنئن قدم خير فرمائي حاضر ٿيا" جمال گفتگو جو رخ موڙي ڇڏيو.

"منهنجو اچڻ ته تون سمجهين ٿو." مجيد چيو.

"مسواڙ ته صبحاڻي ماڻهو موڪلي آفيس مان گهرائي وٺجان، چو ته اڄ موڪل آهي، ايترا پئسا آئون ڪيسي ۾ ڪونه رکان." جمال تفصيل سان جواب ڏنو. "خير مسواڙ ته ملي ويندي، پر آئون هيو مسئلو کڻي آيو آهيان، ته آئون فليٽ وڪڻڻ ٿو گهران، تنهن لاءِ پهرين توهان پوءِ ٻيا، چو ته توهان منهنجا مسواڙي آهيو ۽ توهان سان منهنجو سٺو رستو آهي." سيٺ مجيد ٻال کي ڪورٽ ۾ اڇليو، هاڻي جمال جو ڪم هو ته راند کي کڻي وٺي يا ڪورٽ کان هارايل رانديگر وانگر ٻاهر نڪري اچي. جمال سوچ ۾ پئجي ويو ۽ اشرف به سنجيده ٿي ويو. سيٺ جڏهن ڏٺو ته همراه مرڳيئي منجهي پيا آهن ته هُن سندن هانءَ تي چنبو هڻڻ لاءِ چيو.

"آئون اينئن ڪونه ٿو چوان ته بس هينئر فيصلو ڪري ٻڌايو، پر توهان انهي پهلو تي به سوچي وٺو."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"ها اسانکي وقت ڏيني- تہ آئون سوچيان، جيڪڏهن بهتر ٿيو ۽ پنسي جو انتظام بہ ٿي ويو تہ فليٽ خريد ڪري وٺبو نہ تہ وري ڪو ٻيو اُجهو ڳولهبو" جمال جواب ڏنو.

"سيٺ صاحب چانهہ" اشرف چانهہ جو ڪوپ سيٺ ڏانهن وڌايو جيڪو هُن جلد جهٽي ورتو، ۽ ڪمري ۾ چانهہ جي سُرڪين جا جلترنگ وڄڻ لڳا، اشرف ڏٺو تہ سيٺ جو ڪوپ خالي ٿيڻ تي آهي تہ چانهہ پاڻ کڻي سيٺ ڏانهن وڌايائين

"سيٺ صاحب ٻيو ڪوپ ٿي وڃي."

"نہ بس ڪافي ٿي."

اينئن ڪيئنئن ٿيندو، ٻيلهہ ضرور ٿيندي، نہ تہ صبح جي چانهہ پيڻ جو مزو ئي ڪونہ ٿو اچي." اشرف هجت ڪئي.

بس توهان ٻيو ۽ مونکي هاڻي اجازت ڏيو توهان بہ سوچي وٺو، اڳين مهيني جي مسواڙ وٺڻ ايندس تہ ڳالهہ ڪي هڪ پاسي ڪرڻو آهي." سيٺ صوفہ تان اٿندي چيو.

"الله ٻلي ڪندو. اسان ڪوشش ڪنداسين، نہ تہ فليٽ تہ هوننن بہ توهان جو آهي، اسان وري ٻيو ڪو نڪاڻو ڳولهينداسين"

جمال بہ سيٺ کي الوداع چوڻ لاءِ اٿيو تہ سيٺ هلڻ جي ڪئي.

"بهتر.... آئون هلان ٿو... خدا حافظ

"خدا حافظ"

"يار .... سيٺ بہ عجيب ماڻهو آهي... اسان اڃان پير ئي مس کوڙيا آهن تہ ... فليٽ وڪڻڻ جو مسئلو کڙو ڪري ڇڏيو اٿس."

اشرف نفرت سان اندر جي ڀاهہ ڪڍي.

"هي شهر ڪاروباري ماڻهن جو شهر آهي، هتي ملڪيت اولاد جي لاءِ نہ.... پر ڪاروبار لاءِ خريد ڪئي ويندي آهي ۽ وِڪي ويندي آهي. سيٺ کي سٺا پنسا مليا تہ فليٽ وڪڻي ڇڏيندو ۽ وري ٻيو وٺندو، ائين پئسن کي ڦيرائيندو رهندو" جمال ڪاروباري طريقي جو جواب ڏنو تہ اشرف کي ڪاوڙ اچي ويئي.

"آئون صبحاڻي تنهنجي آفيس وڃي، تنهنجي جنرل منيجر کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چوندس تہ توکي نوکري مان خارج ڪري ڇڏي، جڏهن کان ترقي ڪري سيلز منيجر ٿيو آهين، بس منافعو ۽ بزنس کان وڌيڪ سوچين ڪونہ ٿو.“ اشرف بيزاري مان چيو ۽ صوفہ تي ٽيڪ ڏيئي ويهي رهيو.

”چريا! جهڙو ديس تهڙو ويس... تون جنهن دنيا ۾ رهين ٿو، اُنهي سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هل نہ تہ اهڙي شڪست کائيندين جو دنگ رهجي ويندين.“ جمال فلسفو پيش ڪندي چيو تہ اشرف وڌيڪ بيزار ٿي پيو.

”بس! بس! مونکي سمجهائڻ جي ضرورت ناهي، پنهنجو بلو ڪر آئون تہ ٽيڙ ڪٽي وڃين پنهنجن ڪلرڪ يارن سان رهندس، تون تہ هاڻي صاحب ٿي ويو آهين، اسان غريبن سان ڪٿي ٿو گذر ڪري سگهين.“ اشرف جمال کي سندس حيثيت تي ٽوڪ هنئي.

”بلڪل صحيح ٿو چوين.“ جمال چيو ۽ ٿوري دير لاءِ سوچ ۾ پئجي ويو ۽ اشرف سندس چهرو تڪيندو رهيو.

”مون سوچيو آهي تہ فليٽ خريد ڪندس.“

”پر پئسا ڪٿان ايندا“ اشرف کيسي مان سگريٽ ڪڍندي چيو.

”پئسن جو انتظام بہ ٿي ويندو.“ جمال جواب ڏنو

”انهي مان ظاهر آهي تہ صاحب جو ڪو خفيہ اڪائونٽ آهي“ اشرف ڦريل سگهريٽ کي سڌو ڪري ماچيس جي تيلي ڏيکاري وڏو ڪش هڻندي چيو.

”ڪجهہ ڪمپني مان قرض کڻبو تہ ڪجهہ يارن کان مدد وٺبي اهڙي نموني ڪم ٿي ويندو“ جمال پلان پيش ڪندي چيو.

”ڪمپني مان قرض تہ ڳالهہ دل کي لڳي ٿي، پر يارن کان مدد... اهو آسرو گهٽ آهي.“ اشرف پنهنجي ننڍڙي سوچ جو مظاهرو ڪيو.

”دل نہ لاهہ... آئون پنهنجن يارن کي اهڙو ڪمتر نٿو سمجهان جمال کيس جواب ڏيئي ڪمري مان نڪري اچي بالڪني ۾ بيٺو. رستي تي موٽرن ڪارن جي وهندڙ دريا کي ڏسندو رهيو ۽ غير

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ارادي طور تي ساڄي پاسي پارڪ ۾ ٻارن کي راند روند رهندي ڏسندو رهيو. ڇا تونکي هي فليٽ خالي ڪري وري ٻئي ڪنهن فليٽ ۾ مسواڙي تي رهڻو آهي؟ ڇا آئون هميشه مسواڙي رهندس؟ نه.....نه ....نه بلڪل نه! جمال جي اندر مان آواز آيو.... توکي هاڻي هتي رهڻو آهي... نوڪري جي سلسلي ۾... ايستائين... جيستائين رٽائرمينٽ ٿئي. تنهنجو ڳوٺ سان بس ايترو رشتو آهي جو عيد براد يا مرڻي پرڻي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ڳوٺ ويو... وري هي شهر ... هي رستا ۽ بلڊنگون، پوءِ ڇو نه پنهنجو پاڻ کي هميشه لاءِ هتي آباد ڪري ڇڏيان. جمال واپس پنهنجي ڪمري ۾ آيو، پلنگ تي غير ارادي طور ليٽي پيو ۽ ڇت ۾ ڦرندڙ پنکي ۾ اکيون کُپي ويس، سندس دماغ پنکي جي پرن وانگر ڦرندو رهيو... ۽ آخر جمال فيصلو ڪري ورتو. پلنگ تان اٿي ٽيبل وٽ اچي ڪرسي تي ويهي رهيو ۽ ٽيبل جي خاني سان پيڊ ۽ پين ڪڍي، سندس وڏي ڀاءُ کي خط لکڻ ويهي رهيو، وري سوچيائين ته ڀائرن جيڪڏهن جواب نفي ۾ ڏنو ته پوءِ ڇا ٿيندو؟ "پير پُٽ نه ڏيندو پر زال ته ڪونه ڦرندو" .... بس وڌ ۾ وڌ مونکي ٻئي هنڌ منتقل ٿيڻو پوندو، اينئن سوچي قلم پني تي آڻي لکيائين

پيارا ڀاءُ

السلام عليڪم- آئون بلڪل خيريت سان آهيان، اُميد ته توهان به خدا جي فضل ۽ ڪرم سان خوش و خرم هوندا. احوال ته،- جنهن فليٽ ۾ آئون مسواڙ تي رهندڙ آهيان، اُنهي جو مالڪ وڪڻڻ جو خيال ڏيکاريو آهي، جينئن ته توهان کي معلوم آهي ته منهنجي نوڪري جي نوعيت اِهڙي قسم جي آهي، جو مونکي رٽائرمينٽ تائين ڪراچي ۾ رهڻو آهي. اِنهي ڪري مون سوچيو آهي ته ڇو نه اهو فليٽ آئون خريد ڪريان ۽ سڪون سان رهان. تنهن لاءِ مونکي توهان جي مدد جي سخت ضرورت آهي، ڪجھ پئسا آئون ڪمپني مان قرض ڪڍندس ۽ ڪجھ جيڪڏهن مونکي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

توهان ڏيندا ته انشاءَالله آئون فليٽ خريد ڪري ونندس. اميد اٿم ته توهان مونکي مايوس نه ڪندا.

جواب جو طلبگار

صرف تنهنجو ياءُ- جمال اڪبر ڪراچي.

خط لفافي ۾ بند ڪري ٽيبل تي رکي ڇڏيائين ته جينئن صبح جو آفيس ويندي پوسٽ آفيس جي ڏبي ۾ وجهي ڇڏي. اڃان ڪُرسيءَ تان اُٿڻ لاءِ پاسو ني مس ورايائين ته اشرف ڪمري ۾ اچي حاضر ٿيو.

"يار تون ته ناراض ٿي پئين." اشرف پرچائيندي چيو ته جمال پنهنجو ڏک پڌائيندي چيس

"تون به عجيب ماڻهو آهين! پائرن سان ڪي ليڪا ڪبا آهن، جيڪڏهن مون چيو ته پاءُ ڪان مدد ونبي، انهي جو مطلب اينن ڪونهي ته هرويرو پئسا منهنجي تري تي هوندا. آخر هو پنهنجا حالات ڏسندا، جيڪڏهن پُڇي سگهيا ته هٿ وندائيندا نه ته جواب ڏيندا."

"ٺيڪ ٿو چوين- پر مون سوچيو ته آخر پائرن ڪي ٿو ڏنو ڇا آهي، هميشه قرض جي مُوڊ ۾ هوندو آهين، تنهنڪري شايد جواب ڏيني ڇڏين" اشرف ٿڏائي ۾ ٺوڪ هينس.

"تون به سچو آهين، پر مجبوري آهي. آئون هن فليٽ سان تمام گهڻي محبت ڪريان ٿو، جڏهن کان آئون ڪراچي آيو آهيان، هتي رهيو آهيان، منهنجي سنڌ سنڌ ۾ هن جو هڪ هڪ رنگ ويهي رهيو آهي. تنهڪري پهرين ته منهنجي ڪوشش هوندي ته ڪهڙي به نموني هي فليٽ خريد ڪري ونان، جيڪڏهن خدا کي منظور نه هوندو ته پوءِ الله وڏو آهي، پيو ڪو اُجهو ڳولهبو" جمال اشرف کي سمجهائيندي چيو.

"چئين ته بلڪل سچ ٿو.... پر مون غريب جو ڇا ٿيندو" اشرف کي پنهنجي پريشاني ٿي.

"جتي آئون.... اُتي تون" جمال تسلي ڏيندي چيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”اڄ فليٽ تي ولين... صبحاڻي چوندين شادي تي ڪريان.“ اچان اشرف ايترو مس چيو ته جمال نه پهه جواب ڏنس

”پوءِ تنهنجا ٽيڙ گول.“

”تنهن مان ظاهر آهي، آئون ڪنهن بني دوست جو پاسو وٺان“ اشرف پنهنجي پريشاني بيهر ظاهر ڪئي.

”اها تنهنجي مرضي هوندي، آئون توکي جواب ڪونه ڏيندس. آخر تون منهنجو يار آهين.“ جمال وري تسلي ڏني.

”تون صحيح ٿو چوين، هرهڪ کي پنهنجي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، پاڻ تي اعتماد رکڻ گهرجي.“ اشرف ڳالهه پوري ڪئي ۽ ڪمري مان نڪري ويو.

ٻئي ڏينهن جمال لفافي کي پوسٽ آفيس جي ڏٻي جي حوالي ڪري آفيس ويو ۽ وڃڻ شرط قرض جي درخواست باس کي پيش ڪئي. جيڪا يڪدم منظور ٿي ويئي، انهي ڪري جو باس سندس ڪم کان مطمئن هو. اها پرائيويٽ ڪمپنين ۾ پاليسي هوندي آهي ته هوشيار ماڻهو کي پنهنجي گرفت ۾ رکندا آهن. قرض جي سهوليت به هڪ انهي جو حصو آهي، جيستائين قرض کان آجو نه ٿيندو ٻئي طرف نوڪري لاءِ نه واجهائيندو، پوءِ ڪمپني جيترو چاهي ڪائنس ڪم وٺي، ۽ هو ڏڳي وانگر وهندو رهندو ۽ خاموش رهندو. جمال قرض جو چيڪ هٿ ۾ وٺي خوش هو ته هن جي سوچيل پلان جو هڪ حصو مڪمل ٿيو، هاڻي ٻئي حصي معنيٰ پاڻرن کان مدد جي اميد ۽ ٽئين حصي ۾ مالڪ مڪان سان ڳالهه ٻولهه ۽ چوٿين ۽ فائنل اسٽيج... ڪاغذن جي منتقلي ۽ مالڪاڻه حقوق جو حاصل ڪرڻ هو. ٿوري دير لاءِ چيڪ کي ڏسندو رهيو ۽ خوش ٿيندو رهيو. اهڙن موقعن تي آفيس وارن ڪلرڪ ڪَرڙن جي چانهه بسڪٽ ته جڻ مفت ۾ ويندا آهن، اچان چيڪ کي ويڙهي کيس ۾ وڌائين ته پٽيوالي اندر نڪاءُ اچي ڪيو.

”سائين اسٽاف وارا توهان سان ملڻ گهرن ٿا“ پٽيوالي چيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

'اندر موڪل' جمال پنهنجي پوزيشن کي درست ڪيو ۽ آهستي آهستي اسٽاف وارا هڪ هڪ ٿي اندر آيا ۽ هڪبني کي ڪُلها هڻڻ لڳا ته ڪير ڳالهه جي شروعات ڪري، جمال هنن کي ڏسندو رهيو آخر پڇيائين 'ڇا مسئلو آهي.'

'ڪجهه به نه' اسٽاف جواب ڏنو.

'ته پوءِ - مون سان ملاقات جو سبب'؟ جمال سوال ڪيو ته هڪ جهوني ملازم زيرلب چئي ڏنو.

'سائين هت روايت آهي ته جڏهن به ڪنهن کي رواد (انعام) ملندو آهي ته سڄي آفيس جي ملازمن جي چانهه اُن تي هوندي آهي.'

'پر مونکي انعام نه قرض مليو آهي' جمال صفائي پيش ڪئي.

'هتان درخواست ڏني. هتان منظور.... اسان ته اِنهي کي معجزو سمجهنداسين.' ملازم وري عرض ڪيو.

'خير روايت برقرار رهندي.' جمال چيو ۽ بيل جي بٽڻ تي زور ڏنائين ته گهنڊي جي رڙ سان پٽيوالو به رڙهندو آفيس ۾ داخل ٿيو.

'جيئن هي چون ٿا- ائين خدمت ڪر ۽ پنسا مونکان وٺجان.' جمال حڪم صادر ڪيو، انهي حڪم بعد سڀ خوش ٿي ٻاهر هليا ويا ۽ جمال مُرڪندو هنن کي ڏسندو رهيو.

ٻني هفتي پاڻس جو خط به پهچي ويو ته هو خميس جي ڏينهن شام جو پهچي رهيو آهي، ٻه ڏينهن وٽس رهندو ۽ معاملات کي طيءِ ڪرڻ بعد ڳوٺ روانو ٿيندو. خط پڙهڻ شرط جمال جو رت هڪ سير رڌي ويو، سندس خوابن جي تعبير جو ٻيو مرحلو به ڪامياب ڏسڻ ۾ پئي آيو. ڏينهن گذرندي دير ڪونه ٿا ڪن. خميس به اچي ويني. اُنهي ڏينهن جمال آفيس مان جلدي موڪل ڪئي ۽ فليٽ تي پهچي ويو. سندس اچڻ بعد يڪدم پاڻس پهچي ويو، ٻني پاءُ پاڪر پائي مليا، ٻني خوشي ۾ نه پئي ماپيا، سومار کي سندس نندي پاءُ سان ڏاڍو پيار هو، ڇو ته سندن اَبو مرڻ وقت پارت ڪري ويو هو ته جمال جو خيال رکجو ۽ پڻس جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڪرن ڪي اجان تائين عزت بخشيندو آيو هو. بس اشرف جي تيار
تيل چانهه سان تواضع ٿي ۽ ڪچهري شروع ٿي ويئي. گهر جون
خبرون وري ڳوٺ جون خبرون، پاڻس وري سندس ۽ سندس
آفيس جون خبرون پڇيون، اينئن خبرون چارون ڪندي شام به
گذري ويئي ۽ رات جو ڪارو اونڌيرو هر جڳهه پکڙجڻ لڳو، پر وڏن
شهرن ۾ رونق ئي رات ڪي آهي. ڳوٺن ۽ ننڍن شهرن ۾ رات جو
ڪارو پردو وريو ته هرڪو اوباسين ڏيڻ ۾ پورو ته سمهڻو آهي پر
شهرن ۾ رات جو ئي هر نظارا آهن. روشنيون هر هنڌ ڪي
جڳمڳايو ڇڏين، بازارون، رستا ۽ بلڊنگون.... سڀ جڳهه روشني
ئي روشني آهي، جڻ ماڻهو ٿڪن ئي ڪونه ٿا، هر ڪو گهر مان
پنهنجي ڪار، موٽر سائيڪل ڪڍي... پنهنجي ساٿي ڪي ساڻ
ڪنڻي روشنين جو سمونڊ جهاڳڻ نڪريو وڃن. سامونڊي علائقا
رات جو وڏيڪ هوادار ٿيو پون.... هوا ۽ روشني.... پوءِ
ڪارنر... ڪيفي... ريسٽورنٽ يا هوٽل، بس ماڻهن جا ميلا
آهن، جڻ ته ماڻهن ڪي گهر ماني ڪونه ٿي ملي. هرڪو هوٽل
اڳيان بيٺو آهي، جيڪڏهن پورو طعام نه وٺي ته ڪاغذ هٽ ۾
جهليو ماني لاءِ بيٺو آهي. جينئن وڏا شهر ٿيندا وڃن ته عورتن کي
به گهڻ ڦرڻ جي آزادي... مردن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ڪم
ڪن. مڙس به شام جو ٿڪجي اچي گهر لهي ته زال به ٿڪجي
اچي، پوءِ ڪير ڪنهن جي خدمت ڪري، اُها ته خدا ڪي
خبر... باقي هوٽلن وارن جي موج آهي، بيرن جي عياشي آهي،
ٿوري خدمت وڏيڪ خرچي... جو ته هو خدمت جا سڪايل
آهن، اُنهي لڪل خواهش جي تسڪين بيرن جي اڳيان پنيان ٿيڻ
۽ 'جي صاحب' چوڻ سان پوري ٿيو وڃي ۽ خوش ٿي بيرن کي
نوازيندا آهن. پر اهڙي ماحول کان جدا ڇڙا ته آهن ئي هوٽل جي
حوالي.... به ڇڙا اڳيني مٿان مهمان... پوءِ ڇڪي هوٽل تي ماني
کائڻ ۾ ڪو عيب ڪونهي بلڪ عزت سمجهي ويندي آهي. اهوئي
سبب هو جو جمال، اشرف ۽ پاڻس سومار به هڪ ڇڪي هوٽل جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڊائننگ هال ۾ اچي ويٺا. پاٽس کي ته ڳالهه سمجهه ۾ ڪونه ٿي آئي، ڇو ته هن پهرين دفعا ڏٺو ته عورتون به هوٽل ۾ ماني کائي رهيون هيون. ڪجهه وقت لاءِ وانڱڙو ٿي سيني کي هڪ هڪ ڪري تڪيندو رهيو ۽ وڏو ساهه ڀري تڏو شوڪارو ڇڏيائين، جمال ڪيس ڏسي مُرڪي ڏنو سمجهايائين ته مڙس چڱو ڦاٿو آهي. بس ڪُرسي تي ويهڻ شرط بيرو ڊوڙندو آيو، جنهن چقمق لوهه جي ڪوڪي کي چڪيندو آهي، مينو پيش ٿيو ۽ ڪاڏي جو آرڊر بڪ ٿيو. پاٽس سومار هيڏانهن هوڏانهن نظر ڊوڙائيندو رهيو، هن لاءِ هي ماحول بلڪل نئون هو، معشوقن جا سنهڙا سنهڙا زير لب ٽهڪ سندس ڪنن کي گرمائي رهيا هئا. چمچن ۽ ڪانٽن جي پليٽن سان ويڙهه ۾ ٽڪ ٽڪ جي آواز سان سندس مهانڊو اُنهي طرف وريو ٿي ويو، هن ڀڏو هو ته وڏا صاحب چمچن سان ماني کائيندا آهن پر هتي اکين سان ڏسي سندس حيرت وڌي ويئي، ڇتائي هنن جي هٿن کي ڏسندو رهيو ته ڪيئنن لقمي کي کڻي، ڪانٽي سان وات ۾ وجهن ٿا. نيٺ رهيو نه ٿيس چيائين
"ادا- هي مونکي کهڙي هنڌ وٺي آيو آهين، پاڻ کان چمچن سان کاڌو ڪونه ٿيندو."
"ٺيڪ آهي... لازمي ناهي ته چمچن سان کائجي.... پاڻ واري طريقي سان به کائي سگهجي ٿو." جمال سمجهايس
"اينن وري هي ماڻهو ڏسندا ۽ چوندا ته جٽ آهي." سومار پنهنجي پريشاني پيش ڪئي.
"ادا- هي وڏا شهر آهن.... ماڻهن جا خيال وڏا- تعليم وڌي ۽ سندس پريشانيون به وڌيون، هنن کي اها فرصت ڪونهي ته ڪنهن ماڻهو جي باري ۾ خوامخواه سوچين، هنن کي رڳو پنهنجي فڪر آهي. تون ڪو خيال نه ڪر." جمال وري سمجهايس
"خير تنهنجي مرضي" سومار ٿوري دير لاءِ مطمئن ٿي ويو.
ايتري ۾ بيري به ڪاڌُ اچي ڪيو، طعام کي ٽيبل تي پکيڙي ڇڏيائين ۽ روانو ٿي ويو. سومار ته بني هٿ ڪٽي ماني ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڏا··· چا جا چمچا··· چا جا آداب··· جمال انهي ڳالهہ کي پهرين تہ ٿورو دل ۾ محسوس ڪيو پر مسڪراڻي ڏنائين.

هوٽل بازي شهرين جو خاص مشغلو آهي، ڪڏهن ڪو زمانو هو، ماڻهو تہ اوطاقن ۽ گهرجي ٻاهران ٿلهن تي ڪچهريون ڪندا هئا. آهستي آهستي؛ جيئن مخلوق ۾ اضافو ٿيندو ويو تہ زمين بہ سوڙهي ٿيندي ويئي ۽ سندس قيمت وڌندي ويئي. آخر ڪار جڏهن آدم زمين تي پورو نہ ٿيو تہ ماڙي مٿي ماڙي، وڏيون بلڊنگون ۽ فليٽ جو رواج پيو، پوءِ رفتہ رفتہ ماڻهن جو ملڻ جلڻ گهٽجي ويو، هاڻي نہ آهن اوطاقون نہ آهي ڪچهريون، دوست ڪنهن سان ملڻ ويو تہ سندس تواضع هوٽل تي ٿيندي، جيڪڏهن ڪچهري جو موڊ هوندو تہ چانهہ جي ڪوپ يا ٿڌي جي بوتل تي ڪنهن هوٽل جي ڪُنڊ وسايو ويٺا هوندا. پر ايترو ناهي··· هوٽل جي حيثيت بہ ماڻهو جي حيثيت مطابق··· جهڙو ماڻهو تهڙو مُلهہ··· ننڍو ماڻهو ننڍي هوٽل··· وڏو ماڻهو وڏي هوٽل، ننڍو رتبو گهٽ آسائش واري هوٽل··· وڏو رتبو وڌيڪ آسائش واري هوٽل····. اهڙي نموني هن زماني ۾ ماڻهو جي قدر منزلت بہ سندس حيثيت مطابق ٿيندي آهي. هت تہ رواج آهي مهيني ۾ ہہ يا ٽي دفعا فيملي کي بہ هوٽل تي ماني کارائڻ لازمي آهي··· پوءِ هڪ ٻني تي هوٽل جو نالو ہڌائي رعب وجهندا.

هوٽل کان ماني کائي فليٽ تي آيا ۽ سيئي سمهي رهيا، ٻنهي ڏينهن مقصد حل ڪرڻ لاءِ جمال پاڻس جي وڏي خدمت ڪري رهيو هو، اشرف بہ جمال جي اشاري جو جڻ منتظر هو، آخرڪار ڳالهين مان ڳالهہ کي ٿورو رنگ چڙهيو تہ اشرف شروعات ڪئي.

"ادا- ڪريو خبر خط پهتو".

" ها اُنهي تہ پنڌ ڪرايو آهي." سومار چيو، جمال هاڪاري الفاظ ہڌي خوش ٿيو، سمجهيائين تہ پنسا بس ڪي آيا··· ڪي آيا··· تہ سومار قصو پاڻيهي ڪچهري ۾ کڻي وڌو، چيائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"ياءُ جمال فليٽ خريد ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪري ورتو آهي، انهي ڪري مون بہ سوچيو تہ ڪائنس صحيح خبر چار وٺجي، تہ آخر سندس ڇا ارادو آهي."

جمال جيڪو ماٺ ڪريو اشرف ۽ پاڻس جي ڪچهري کي ڪَن ڏيو ويٺو هو تہ، تنهن ڏٺو تہ ڳالهہ واضح ٿي چڪي سو يڪدم پنهنجو مطالبو پيش ڪندي چيائين

"ادا- آئون توهان کي پريشان ڪرڻ نٿو گهران، توهان بہ سوچيندا تہ روز روز ڪونہ ڪو مطالبو ڪنيو ويٺو آهي، پر حقيقت ۾ مونکي فليٽ جي سخت ضرورت آهي، ڇو تہ مونکي هن شهر ۾ ني نوڪري ڪرڻي آهي ۽ هن شهر ۾ هتي رهڻو آهي، پوءِ ڇو نہ مونکي پنهنجو اجهو هجي."

"بلڪل صحيح چيو اٿيني... پر ادا هيترا پئسا ڪٿان ايندا."

سومار پنهنجي مجبوري ظاهر ڪئي.

"مونکي ڪٿان بہ ڪري پئسا ڪري ڏيو." جمال ڏاڍائي تي اچي ويو، تہ سومار ڪنڌ مٿي ڪئي جمال جي منهن ۾ ڏٺو تہ ڪيس شرم اچي ويس ۽ يڪدم ٿڏو ٿي پيو ۽ وري مسڪرائيندي چيائين. "منهنجو چوڻ جو مطلب آهي.... هتان هُتان قرض ڪئي مونکي پئسا ڪري ڏيو... پوءِ ڏيني ڇڏيندا سين."

"قرض ڪنٿو اسين... حوالي ڪريون توکي... ۽ بعد ۾ پئسا اسان پري ڏيون، ڏاڍو سٺو فيصلو ڪيو اٿيني." سومار جمال کي ٽوڪيو.

"منهنجي حصي جي زمين جيتري ٿني ٿي، اُها وڪڻي مونکي پئسا ڏيو" جمال ٽوڪ تي ڪاوڙجي فيصلو ٻڌائي ڇڏيو. ڪجهہ وقت لاءِ سومار يڪو زمين جي پاتال ۾ هليو ويو... هُن سوچيو تہ اها زمين جيڪا اُبي خبر ناهي ڪهڙين مشڪلاتن سان هٿ ڪئي، جنهن اسان کي عزت ڏني جو سکيو ٽڪر کايون پيا... ڪنهن جا محتاج ناهيون... اُها وڪڻون... نہ... نہ.... انين نہ ٿيندو... سومار ٿڏو ساهہ کنيو تہ اشرف وچ ۾ ڳالهايو تہ جيئن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سومار کي تسلي اچي.

”ڪا ڳالهہ ڪونهي... خير ٻني هنڌ ڪٿي مسواڙ تي وٺجي رهنداسين... توهان دل ڏوکي نہ ٿيو.“

اها ڳالهہ ناهي... اشرف پنهنجي يار کي سمجهائي... هيترو پڙهيو... ڪيو... پر سمجهہ بلڪل ٻاراڻي اٿس، ضدي تہ ننڍي هوندي کان هو پر هينئر جيڪو ضد ڪيو اٿس... تنهن جا نتيجا تمام خراب نڪرندا. اسان جي عزت مٽي ۾ ملي ويندي، هر ڪنهن جي زبان تي هوندو تہ ڀاءُ ڀاڻ ۾ وڙهيا، زمين ورهائجي ويئي، ڀيرين هڪ ڀاءُ وڪي، پوءِ ٻيو وڪڻندو آخر اتان لڏي ويندا... پر آئون اباڻا ڪک ڪونہ ڇڏيندس.“

حيف انهن هوءِ... وطن جن وساريو.

جمال خاموش ويٺو رهيو. طبيعتن هميشہ سخت مزاج هو، جيڪڏهن پاڻ ڪا ڳالهہ سوچي ورتائين تہ انين سمجهندو هو تہ جڻ هُن ڪو وڏو تير هڻي ورتو يا ٻيو ڪو اينئن سوچي ٿو سگهي.... پر پنهنجي هوڏ تي برقرار رهندو هو.

”ٺيڪ آهي! آئون اڪيلو ڪو فيصلو ڪونہ ڪندس تو پنهنجو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو، باقي آئون ۽ جمع پاڻ ۾ فيصلو ڪري توکي ٻڌائينداسين.“ سومار ڳالهہ جو ڳاٽو ڀڃي ڇڏيو.

شام ڏاري سومار ڀاڻس کان موڪلائي ڳوٺ روانو ٿيو، جتي وڃي ڀاڻس سان ڳالهہ ڪيائين ۽ اهو طيءِ ڪيو ويو تہ جمال جي حصي جي زمين جا پئسا روڪ ڪيس ڏنا وڃن ۽ سندس حصو ڀائرن کي لکي ڏيني. سومار قرض ڪنٽي پئسا بہ هٿ ڪيا ۽ ڀاڻس جمال ڏانهن خط روانو ڪيو تہ ڳوٺ پهچي پنهنجا پئسا ڪڻ ۽ مختارڪار وٽ ڪاغذ دستاويز وغيره لکي ڏيني.

دراصل جمال جينئن شهر جي زندگي ۾ داخل ٿيو هو تہ سندس طبيعت بلڪل نرالي ٿي ويئي هُئي. هن کي هاڻ ٻهراڙي جي ماحول کان بيزاري ٿي پئي هُئي، پاڻ کي ٻين ٻهراڙي جي خانداني رشتيدارن کان اُتم سمجهڻ لڳو هو. اخلاق ۽ اٿي ويهي تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

طنز ڪرڻ، رسمن رواجن کي غلط سمجھڻ وغيره هن جي ذهن ۾ گهر ڪري ويا هئا. بس هُن جي وَس ۾ ڪونه هو، نه ته اينن بڏاني ته سندس فيملي اصل لنڊن جي رهواسي هُني، جيڪا نقل مڪاني ڪري پاڪستان ۾ آباد ٿي آهي. مغربي طرز زندگي جا راڳ الاپڻ، خوامخواه انگريزي ميوزڪ ٻڌڻ ۽ انگريزي طريقي سان اٿڻ ويهڻ ڏيکاري پاڻ کي اعليٰ رتبي جو ماڻهو ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. حقيقت ۾ اِهو احساس ڪمتري کي لڪائڻ جو بهانو آهي، جنهن کي برتري جو لباس پهرائي احساس ڏيارڻ جي ڪوشش ڪبي آهي. اِهڙا ماڻهو خوشفهمي ۾ مبتلا هوندا آهن ۽ زندگي کي مصنوعي بناني ڇڏيندا آهن. آخرڪار جڏهن هنن کي زماني جي نشيب و فراز سان واسطو پوندو آهي ته منهن پر اچي ڪرندا آهن. مائٽ ته مائٽ آهي هر بُري ڀلي کي لڪائي ويندا آهن ۽ نخرا ۽ مطالبا برداشت ڪندا رهندا آهن، اِهڙا ماڻهو مائٽن جي پيار و محبت کي انهن جي بيوقوفي سمجهي خوب لٽيندا آهن، پر زمانو مطلب جو آهي، انهن سان جڏهن مڪاري ۽ فريب ۾ ڪامياب نه ويندا آهن ته پاڻ کي زماني کان قطع تعلق ڪري پنهنجي ذاتي دائري ۾ سچي زندگي گذاريندا آهن.... پوءِ ڀلي سندن زندگي زهر هجي پر پاڻ تي ظلم ڪندا رهندا. جمال به ڀائرن جي مروت جو ناجائز فائدو ورتو، کين قرض ڪٽي، مال متاع وڪڻي زمين جو ٽڪر بچائڻو پنجي ويو. جن ڀائرن قدم قدم تي هن کي ساٿ ڏنو، تن کان پنهنجو حصو چڪي ورتائين، حالانڪ، هوءَ پنهنجي لقمي جو اڌ هن کي کارائيندا هئا. بهرحال جمال رقم وصول ڪري فليٽ خريد ڪري ورتو ۽ ڊيڪوريٽ ڪرايائين. هُو ڏاڍو خوش هو ته ڪيس اڇهو مليو. حقيقت به ائين آهي، وڏن شهرن ۾ جنهن کي پنهنجو گهر ۽ پنهنجي سواري آهي، اُهو تمام خوشنصيب انسان تصور ڪيو ويندو آهي. زمين جي پئسن مان فليٽ ورتائين ۽ ڪمپني جي قرض مان ڪار بس زندگي تمام حسين ٿي ويئي، جمال هاڻي تمام خوش زندگي گذاري رهيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

4

فريده شڪل و صورت جي سُهڻي هني، جيڪڏهن شاعر ڪيس ڏسي ته شايد ديوان لکي ڇڏي، سندس چهري ۽ بدني بناوت تمام سُهڻي هني. ڪتابي چهرو، اکيون نرگسي، بت ۾ سنهي ۽ رنگ جي ڳوري هني، اِنهي نقش نگار بعد مٿان وري فيشن جي چولي پائڻ بعد وڌيڪ خوبصورت لڳندي هُني. پنهنجي عمر جون ويهه بهارون ڏسي چڪي هُني ۽ ايڪيهه ۾ قدم رکيو هنس. انٽر ميڊيٽ پاس ڪرڻ بعد وڌيڪ تعليم جو شوق ڏيکاريائين پر پٽس سندس وڌيڪ تعليم جي خلاف هو، تي سگهيو تي ته سندس اصرار تي پٽس جي طبيعت نرم تي وڃي ها پر ياٽس رحيم تمام سخت مخالفت ڪني ۽ آخرڪار فريده خاموش تي گهر ۾ ويهي رهي.

عبيدالله صاحب ڪراچي ۾ متوسط طبقي جي رهائشي علائقي ۾ رهندو هو، جتي هُن پنهنجي سڄي زندگي جي پونجي لڳائي هڪ گهر تعمير ڪرايو هو. سندس پگهار هُن جي ڪٽنب لاءِ ڪافي هو، هڪ زال ۽ پاڻ، سندس پٽ رحيم انهي جي گهر واري ۽ سندس ٻه ٻار ۽ ڪنواري ڇوڪري فريده...... سندس پٽ رحيم پڙهڻ ۾ ڪو ہوٽو نه ہاريو، تنهنڪري پٽس موٽر سائيڪلن جي گيراج ۾ لڳائي ڇڏيو، جتي رهي مستري تي پيو ۽ آخرڪار ترقي ڪندو موٽر سائيڪلن جو پنهنجو ورڪشاپ کوليائين، جتان ڪيس معقول آمدني هُني، بلڪ اينن چنجي ته چڱن پڙهيل لکيلن کان ٻه وڌيڪ آمدني هنس، پر سماج ۾ وقار نه صرف ڪرسي تي ويهي نوڪري ڪرڻ واري کي ملندو آهي. پلي سندس وقت تمام تڪليف سان گذري، اينن قرضين جي حوالي هجي، نوڪري ڪٿي ڪلرڪي هجي پر هجي ڪُرسي... اِهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماحول اڄڪلهه عام جام آهي، حالانڪ اينئن ناهي پڙهيل لکيل ماڻهو جيڪڏهن اهڙي هُنري پيشي ۾ هٿ وجهي ٿو ته انهي ۾ وڏيڪ ترقي ڪري ٿو. اهو سوچي عبيدالله به پنهنجي ڇوڪري کي ميٽرڪ بعد ورڪشاپ ۾ لڳايو، اڄ هو هزارن ۾ ڪمائي رهيو هو ۽ آزاد پيشو آهي، ڪنهن جو محتاج ناهي ۽ ڪنهن جي اڳيان جوابدارن وانگر بيٺل ناهي.

پاڻ وٽ چوندا آهن ڇوڪري ڍِلو پاڻي جو پري پاڻهي ڪٽي مٽي تي رکي گهر هلي اچي ته سمجهجي ته جوان ٿي ويني آهي، پر ڀهراڙي ۽ شهر ۾ ڇوڪريءَ جي جواني جو ظاهر ڪرڻ ۾ فرق آهي، هوءِ جمڻ کان وٺي شادي ٿيڻ تائين 'بيبي' آهي ۽ شادي بعد ڊارلنگ.... سو فريده به ويهن سالن جي هجڻ بعد به 'بيبي' هني، جڏهن ته سورهن سال ڇوڪريءَ لاءِ ڦوه جواني آهي، جنهن وقت دل ۾ اُمنگون اُٿنديون آهن. جيڪڏهن ڪنهن چتاني ڏٺو ته يڪدم شرم کان منهن ٽامڻي ٿي پوندو آهي، دل انين چوندي آهي ته ڪو اهڙو شخص هجي جيڪو ڪيس پيار ڪري، هن لاءِ انتظار ڪري، جنهن لاءِ هو سينگار ڪري ۽ هو ڏسي حُسن جي تعريف ڪري، انهن جذبن جو نالو جواني آهي. دل ۾ محبت جي سنهي سنهي چڻنگ دکندي رهندي آهي، بس اک ۾ اک ملي ته جڻ چڻنگ باهه جو شعلو ٿي پوندي آهي. فريده ميٽرڪ پاس ڪري ڪاليج ۾ داخلا ورتي، جتي سهلين جي جهرمٽ مان هڪ سهيلي بلڪل گهاٽي يار ٿي ويس.... شبانه... چڱي ڪائيندڙ پيئندڙ گهر جي ڇوڪريءَ هني، ڪاليج ۾ اڪثر ڪار ۾ چڙهي ايندي هني، انهي ڪري ڪجهه مان شان به رکندي هني پر فريده سان بلڪل يارن وانگر يار هني، انهي قرب فريده کي اهڙو گرويده ڪيو جو هُن جي گهر اچڻ وڃڻ روز جو معمول ناهي جڏيو هنيائين. حالانڪ ڪاليج جي تعليم ختم ڪرڻ بعد فريده گهر ويهي رهي ۽ شبانه يونيورسٽي ۾ داخلا ورتي پر تعلقات برقرار رهيا، جڏهن به فريده جي گهر ۾ ٿوري طبيعت بور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿي ته بس يڪدم رڪشا ڪيو ۽ شبانه جي گهر... پوءِ ٻني سهيليون ۽ ڪاليج جي زماني جو خبرون.... ڪاليج جي ڇوڪرن جي عشق جو آپريشن ته خاص موضوع هوندو هو، هر ڇوڪريءَ جي فيشن تي تنقيد ۽ رويه تي طنز ۽ مذاق اُڏائڻ ۾ وقت گذري ويندو هو.

شبانه جي گهر آزادي سان اچڻ وڃڻ جو فائدو شبانه جو ننڍو ڀاءُ شفيق درين جي پردن مان لينو پائي ديدار ڪري وٺندو هو ۽ پنهنجي منهن ٺڏا ساه کڻندو رهندو هو، هُن جي دل ۾ محبت جي هلڪي آنچ سندس روح کي گرمائي رهي هئي. اهو سنهو سرور هُن کي مجبور ڪندو هو ته هُن جو انتظار ڪري، تنهن مرڳيني شفيق کي گهر جو ڪري ڇڏيو. هن جي دل ۾ تمنا پيدا ٿي ته اهڙي حسين ۽ جميل ڇوڪري سندس شريڪ حيات هجي. اڳي ڪاليج مان اچڻ بعد ڪتاب اڇليا ۽ موٽر سائيڪل کي ڪِڪ هڻي پوءِ ڪڏهن ڪٿي ته ڪڏهن ڪٿي، يارن دوستن وٽ رُلندو رهندو هو. پر اچانڪ سندس رويه ۾ تبديلي سندس وڏي ڀيڻ به محسوس ڪئي، تڏهن شفيق سوچيو ته هُن کي اينئن نه ڪرڻ گهرجي، آخر جيڪا ڇوڪريءَ اسان جي گهر اچي ٿي، اُنهي جي لڄ رکڻ سندس فرض آهي، متان سياڻي اهڙي ڪا ڳالهه نڪري جيڪا هُن جي مستقبل کي تباهه ڪري ڇڏي ۽ سندس گهر جي عزت تي ڪو حرف اچي. انهي ڪري ڪڏهن ڪڏهن پاڻ تي جبر ڪري گهر کان ٻاهر رهڻ جي ڪوشش ڪندو هو ۽ اينئن سوچيندو هو ته آخر اهو ڪهڙو جذبو آهي، اها ڪهڙي ڪشش آهي جيڪا ڪيس ڇڪي رهي ٿي ته وڃي سامهون ٿي. انهي اُڻ تڻ ۽ پريشاني جو نالو محبت آهي. صرف هڪ ديدار سان دل خوش ۽ ٿوري وڇوڙي سان دل ناخوش... شفيق انهي بيقراري جي لمحن کي ختم ڪرڻ ۽ وصال حاصل ڪرڻ لاءِ تدبيرون سوچڻ لڳو. حقيقت ۾ ڪيس پيٽس جي هٿان رشتو قائم ڪرڻ تمام سولو هو، ڇو ته هُن فريده کي پنهنجي منهن پنهنجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شريڪ حيات چوندي ڇڏيو هو. پر اينئن هو ڀيڻ جي نظرن ۾ ڪري پوندو ته سندس سهيلي ۾ اکيون وڌائين ڇاڪاڻ ته پيٽس پنهنجي ذاتي رک رکاءُ جي تمام سخت هني ۽ پنهنجي معاملات ۾ ٻين کي دخل اندازي نه ڪرڻ ڏيندي هني، تنهنڪري معاملو وڏيڪ خراب ٿيڻ جو انديشو هو. ڪڏهن ته شفيق انهي ڳالهه تي سوچي پريشان ٿي پوندو هو ته آخر هو صرف فريده لاءِ ڇو ٿو سوچي، آخر ڪاليجي زندگي ۾ اهڙين گهڻن ڇوڪرين سان واسطو پوندو رهندو آهي ۽ هُن لاءِ هر ڳالهه مذاق کان مٿي نه هوندي آهي ۽ هينئر ايترو سنجيده.... جو رات جي ننڊ ۽ ڏينهن جو چين حرام آهي، انهي احساس هن کي مجبور ڪيو ته پلي ڇا به ٿي پوي هو پنهنجي محبت جو اظهار ضرور ۽ ضرور ڪندو. انهي لاءِ هو موقعي جي تلاش ۾ هو ۽ هوءِ تدبيرون سوچيندو رهيو.

محبت به عجيب شيءِ آهي، جيڪڏهن هڪ طرف باهه لڳندي آهي ته اُنهي جي تپش ٻئي طرف برابر محسوس ڪئي ويندي آهي. عورت کي خدا اِها زبردست قوت عطا ڪئي آهي جو هو مرد جي اکين مان سندس پسند ۽ ناپسند کي يڪدم محسوس ڪري وٺندي آهي... وڏيڪ محبت جي نظر... اُها ته اُنهي کي تير وانگر لڳندي آهي ۽ سندس قدمن جي حرڪت مان سندس اظهار ٿي پوندو آهي. فريده به صفا ننڍي ٻار نه هئي جو شفيق جي پيار ڀرين نظرن کي نه سمجهي سگهي. پهرين ته هُن جي صرف شبانه سان دوستي هئي پر محبت شفيق سان ٿيندي وئي هن کي شفيق ڏاڍو پيارو لڳندو هو، ڪڏهن ڪڏهن شفيق غير ارادي طور سان سندس ڀيڻ جي ڪمري ۾ داخل ٿيندو هو ته فريده... شفيق کي ڏسي نظرون جهڪائي ڇڏيندي هُئي ۽ سندس پير جو انگوٺو ڪمري جي قالين تي ڪوٽ ڪوٽان شروع ڪري ڏيندو هو، يا وري خوامخواه پاڻ کي ٺاهڻ، پوتي ڇڪڻ يا آڱرين ۾ مُنڊي ڦيرائڻ لڳي ويندي هئي. اِهو سنهو سنهو محبت جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خمار ڪيس مجبور ڪندو هو تہ شبانہ جي گهر وڃي ۽ شفيق کي ڏسي تہ جيئن دل جي بيقراري کي آرام اچي. ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو هو جو شفيق گهر ۾ موجود نہ هوندو تہ ڪيس آنڌ مانڌ ٿي پوندي هُئي ۽ ڏري پري درين ڏي جهاتيون پائيندي هُئي تہ متان ڪڏهن سندس هتان گذر ٿئي. حقيقت ۾ برهہ جي باهہ ٻنهي طرفن برابر لڳل هئي، پر ڪير اڳتي وڌي. اظهار محبت بہ ڪٺن مرحلو آهي ڇو تہ اسانجي روايت ۾ اظهار کي عيب سمجهيو ويندو آهي، پر جتي لطيف محبت جو جذبو هجي ۽ محبت ڪنهن زماني سازي ۽ بي حيائي کان پاڪ هجي تہ اُنهي جو لطف ئي بيو آهي. جنهن ۾ تمنا صرف محبوب جي وصال جي هجي. آخرڪار شفيق محبت جي معمي کي حل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو، هُن کي پهل ڪرڻي پنجي ويني. اتفاق سان اڄ سندس ڀيڻ شبانہ شاپنگ جي سلسلي ۾ ماڻس سان گڏ بزار ويل هئي هُن کي اُن تڻ هئي تہ بس اڄ موقعو آهي... اڪيلائي ۾ محبوب سان مخاطب ٿيڻ جو... سندس بيقراري ۽ روش ٻڌائي رهي هئي تہ جڻ اڄ هو جبل بہ ڪيرائي وجهندو. تمام گهٽي خود اعتمادي ۾ هو، پر سڄڻ بہ اڳڻ لنگهي اچن!! دل کي دل سان راهہ ٿيندي آهي، جهڙي بيقراري هيڏانهن هُئي تہ اهڙي بيقراري هُن طرف بہ هئي. فريده کي بہ گهر ۾ سڪون ڪونہ اچي رهيو هو، بس يڪدم تيار ٿي شبانہ جي گهر ڏانهن رواني ٿي، ۽ گهر پهچڻ شرط سڌو شبانہ جي ڪمري ۾ داخل ٿي، جتي شبانہ کي نہ ڏسي ٿوري دير لاءِ سوچيائين تہ متان سندس ماءُ وٽ هجي، اڃان انهي خيال ۾ هيڏانهن نهاريائين پئي تہ اچانڪ آواز آيو.

"السلام عليڪم!"

شفيق ڪمري ۾ داخل ٿي چڪو هو ۽ ڪيس مسڪرائي سلام ڪيو، فريده ڪجهہ بہ نہ ڳالهايو ۽ هُن کي ڏسندي رهي، اکيون جڏهن اکين سان مليون، پهرين تہ حيران هُيون پر آهستہ آهستہ پيڪر محبت بنجي ويون. انهي محبت جي نظر شفيق جي دل جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تارن کي چيڙي ڇڏيو، خوشي سندس دل مان اُڏما ڏيئي رهي هئي ۽ مسڪرائيندو ڏسندو رهيو، آخر حيا کان فريده جون اکيون جهڪي ويون.
'پيڻ شبانہ- بزار مان شاپنگ ڪرڻ ويئي آهي، هن چيو تہ جيڪڏهن توهان اچو تہ آئون توهان کي وهاريان' شفيق هبڪندي اِهي جملا ادا ڪيا. فريده هڪ نظر مٿي ڪٽي شفيق کي ڏٺو ۽ وري اکيون جهڪي ويون پر ڪجهہ ڳالهائي نہ سگهي. هُن کي ائين محسوس ٿي رهيو هو تہ ڄڻ ڪنهن شيءِ هُن جي هر قوت ختم ڪري ڇڏي آهي.
'توهان ويهو' شفيق سندس آڌر ڀاءُ ڪرڻ واري انداز ۾ چيو پر هن طرف صرف خاموشي.
'اچو..... اچو... ويهو' شفيق ورجايو.
'هونهہ' فريده جي نڙي مان صرف ايترو آواز نڪتو تہ شفيق وري سوچڻ تي مجبور ٿي پيو تہ هائي ڇا چوي پر وري دل جهلي چيائين.
'بس توهان ويهو تہ سهي.... اُدي بس اچڻ واري هوندي' انهي جملي تي فريده جا قدم ڪجهہ رڙهيا ۽ آهستي آهستي قدم وڌائيندي، پاڻ کي سنڀالي صوفہ تي ويهي رهي ۽ سندس پاسي ۾ پيل ٻئي صوفہ تي شفيق ويهي رهيو ۽ مسڪرائيندو ڪيس ڏسندو رهيو. دل ۾ چيو تہ بس ڏسندو رهان. هن کي خبر هئي تہ فريده رسالا ڏاڍي شوق سان پڙهندي آهي، سندس شوق کي پوري ڪرڻ لاءِ هو بزار مان ڏهاڪو کن رسالا وٺي آيو هو، خبر ناهي ڪهڙو پسند ڪري. شفيق يڪدم رسالن ڏانهن هٿ وڌايو ۽ ڪيس پيش ڪندي چيو.
'توهان هي رسالا ڏسو، تيسين آئون توهان جي خدمت لاءِ ڪجهہ ڪريان.' 'مهرباني!! تڪليف نہ ڪريو.' فريده پهرين دفعا ڳالهايو تہ شفيق جي ڪنن ۾ ڄڻ ستار جي سُرن وانگر آواز گونججي ويو. چنن لفظن جي ادائيگي لاءِ هُن دل ۾ شڪر بجا آندو تہ معاملو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ايترو سخت ناهي، وري اڳراني ڪري سگهجي ٿي. اجان انهن خيالن ۾ هو تہ فريده هٿ وڌائي ٽيبل تان رسالا کڻي اٿلائڻ لڳي ۽ سندس من پسند رسالي کي کڻي ورق گرداني ڪرڻ لڳي، شفيق هن کي ڏسندو رهيو. ايتري ۾ فريده کنڌ کڻي پاسيري نظر سان شفيق کي ڏٺو تہ هُن جي نظر هن کان ہٽي پاسي ٿئي نہ پيئي، سندس منهن شرم کان ٽامڻي ٿي پيو. شفيق جي دل پاءُ کان سير ٿي ويئي، هاڻي موضوع جي تلاش ۾ هو تہ جيئن ويڇا ختم ڪجن ۽ سڌو سنئون سڄڻ سان تعلقات قائم ٿي پوي.

"منهنجو خيال آهي- ڪجهہ نہ ڪجهہ کائڻ پيئڻ جو انتظام ڪرڻ گهرجي. شفيق ڳالهارائڻ لاءِ وڏيڪ جملو ادا ڪيو.

"هي گهر منهنجي لاءِ نئون ڪونهي، جيڪڏهن طلب ٿي تہ آئون پاڻ نوڪرن کي چئي سگهان ٿي." فريده چيس

"توهان تہ بلڪل ناراض ٿي پيون" شفيق سندس رويي کي ڏسي چيو تہ فريده مسڪرائي ڏٺو

"ناراضگي وري ڪهڙي". فريده چيو

"تہ پوءِ منهنجي زبان کي واپس نہ ڪريو." شفيق اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪئي.

"خوامخواه تڪليف ڪندا." اينئن چئي فريده رسالي کي ٽيبل تي اڇلي ڇڏيو ۽ ٻانهون ٻڌي خاموش ويئي رهي ۽ سوچيندي چيائين

"شايد شبانہ.... سندس شادي لاءِ ڪپڙا وٺڻ ويئي هوندي؟"

"جي ها.... امان بہ ساڻس گڏ ويئي آهي." شفيق چيو.

"تہ پوءِ مونکي هلڻ کپي" فريده چيو.

"نہ.... بلڪل ....نہ! هو بس اچڻ واريون هونديون، تمام گهڻو سويل کان ويل آهن" شفيق چيو ۽ وري ڳالهہ کي وڌاءُ ڏيڻ لاءِ چيائين "توهان ٿورو اڳي اچو ها تہ... شايد پوءِ توهان بہ گڏجي وڃو ها." شفيق ڪچهري لاءِ موضوع ڳولهي ورتو.

"ها شبانہ.... مونکي چيو هو تہ.... پاڻ ٻئي گڏجي ڪپڙا پسند ڪنديوسين.... پر خبر ناهي چو.... هن مونکي ٻڌايو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪونه ۽ انين خريداري لاءِ وڃني هلي. فريده چيو
"اهو بلڪل خراب ٿيو." شفيق وڏاءُ ڏنس پر فريده هڪ جست ۾ اُٿي ڪڙي ٿي ۽ چيائين
"شبانه اچي ته ڪيس چوندا ته.... آئون ڪائنس تمام ناراض آهيان
"بلڪل چوندس.... پر توهان جو يڪدم وڃو ٿا." شفيق هُن کي روڪڻ لاءِ چيو. پر هو نه رُڪي ۽ قدم وڌائڻ لڳي ته شفيق ڏٺو ته وقت رکو اجايو ويو، آئون ڪيس چئي نه سگهيس ته مونکي تو سان محبت آهي. شفيق به يڪدم قدم وڌايا ۽ سندس پاسي ۾ اچي بيٺو جو ته اهڙو موقعو ضايع ڪرڻ نٿي گهريائين "فريده!!! شفيق جي زبان تان سندس نالو ٻڌي فريده يڪدم هڪي بڪي رهجي ويئي
فريده!! شفيق جي زبان تي الفاظ نه اچي رهيا هئا، جذباتن جو طوفان هو، سندس وار ڪاندارجي رهيا هئا، جسم ڏڪي رهيو هو، چپ ستار جي تارن وانگر لرزش ۾ هُئا.
"فريده! آئون توسان پيار ڪريان ٿو." شفيق چئي ڏنو، سندس جذبن جي درياه آخر بند کي ٽوڙي ڇڏيو، انين جيئن درياهه جو بند ٽٽندو آهي ته ٻنيون، جايون ۽ فصل جيڪي آيو سو تباهه ڪندو ويندو آهي. محبت جو اهو جملو به انين آهي... ادا ته ٿي وڃي پر اڳيان جيڪڏهن جواب ناڪاري آهي ته پوءِ تباهي آهي، ۽ جيڪڏهن هاڪاري آهي ته پوءِ اهو تباهي وارو پاڻي سوڪ زمين آبياري جو سبب بنجو پوي ۽ گل گلزاريون ٿيو وڃن، ساوا گاه ٿين، زمين تي بهاري اچو وڃي. زندگي جو اوندهه باب بند ٿيو وڃي ۽ هڪ نئين زندگي جو باب کليو وڃي. فريده جي نراڙ تي سوچ وچان سَر پنجي ويا. ٿوري دير لاءِ دماغ ڳرو ٿي پيو. شفيق به خاموش سندس چهري جي بدليل رنگ کي ڏسندو رهيو ۽ انين سندس دَل تي آنڌ مانڌ وڌي ويئي.... ته آخر جواب ڇا آهي.
فريده جو چهرو آهستي آهستي نارمل ٿيندو ويو ۽ هُن شفيق ڏانهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نهاري مسڪرائي ڏنو... ته بس يار جي مسڪراهٽ ني محبت جو اقرار آهي. شفيق جي دل ۾ ڄڻ جلترنگ وڄڻ لڳا. هُن کي اينئن محسوس ٿيو ته هُن ڪائنات فتح ڪري ورتي آهي. فريده ڪمري کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ قدم وڌايو ته سندس قدم لڏي رهيا هُئا، جتي قدم رکيائين ٿي ته قدم اُنهي جڳهه تي ڄمي نه رهيو هو، دل ۾ خوشين جا انبار هئا، هن جي دل سوچي رهي هئي ته انهن خوشين جو اظهار ڪيئنئن ڪريان، محبت جي ميدان ۾ دل جي پتلي ناچ ڪري رهي هئي، اوندهه ڪمري ۾ ڄڻ روشني جي لاٽ اچي ويئي، جنهن هڪ جهٽڪي سان دل جو ڪمرو روشن ڪري ڇڏيو هو. پر آخر ته گهر روانو ٿيڻو هو ۽ فريده جلدي اڳتي قدم وڌائڻ لڳي ته شفيق به تيز قدم وڌائيندو سندس اڳيان اچي بيٺو، فريده جا قدم يڪدم بيهي رهيا ۽ پاسي کان نڪرڻ لاءِ جهوتيون هڻڻ لڳي.

"فريده! آئون صبحاڻي تنهنجو اڪبر ريسٽورنٽ ۾ شام جو چئين بجي انتظار ڪندس، جيڪڏهن تون آئين ته آئون پنهنجو پاڻ کي خوشقسمت سمجهندس." شفيق اينئن چئي پاسي ٿي ويو ۽ فريده تيز قدم وڌائيندي بنگلي کان ٻاهر نڪري ويئي.

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

5

شهري ماحول ۾ پڙهيل لکيل گهرائن ۾ شادي جي معاملي ۾ جذبات جو قدر ڪيو ويندو آهي. نيائي جيستائين ويهن سالن جي ٽني ۾ گهٽ ۾ گهٽ گريجويٽ نہ ٿني تيستائين مائٽن جي مٿي تي جونئن ني ڪونہ رڙهندي آهي ۽ ڇوڪري بہ شادي جي باري ۾ نہ سوچيندي آهي. جيڪڏهن مائٽ ڪٿي ڇوڪريءَ کان پڇندا تہ هاڻي تنهنجي شادي ڪرائڻ گهرجي رشتا اچي رهيا آهن تہ يڪدم جواب ڏيندي "آئون وڌيڪ پڙهڻ گهران ٿي" توهان منهنجي شادي ڪرائي تعليم ختم ڪرائڻ گهرو ٿا." انين مائٽ خاموش ٿيو وڃن ۽ پاڻ وڌيڪ تعليم لاءِ ماسٽرس ۾ داخلا وٺندي. ماسٽرس بہ ٿيو وڃي ۽ پوءِ ڪٿي ملازمت، انين پنج سال ٻيا بہ گذري ويندا. تنهن بعد مائٽ وري سنڌس ڪَن کٽائڻ لڳندا آهن ۽ مختلف رشتن جا حوالا ڏيڻ شروع ڪندا، خاندان ۽ ڇوڪري جون خوبيون بيان ڪرڻ لڳندا، هر هفتي هڪ رشتي جي ڳالهہ سنڌس سامهون پيش ٿيندي. هو پنهنجي آزادي کي يڪدم ختم ٿيندي ڪونہ ڏسڻ گهرندي اُنهي کان جان بچائڻ ۽ نوڪري واري مزي کي برقرار رکڻ لاءِ چوندي تہ "انهن ۾ منهنجو ڪو آئيڊيل ڪونهي" ۽ انين آئيڊيل جي تلاش ۾ سرگردان رهندي آهي. هرڪو پڪي هنج ناهي، جتي ڪجهہ چڱايون آهن تہ اُتي ڪجهہ اوڻايون بہ آهن ۽ آئيڊيل ۾ ڪوبہ عيب نہ هوندو آهي، سو آئيڊيل ڪڏهن بہ نہ ملندو آهي اينئن پنج سال ٻيا بہ گذري ويندا آهن، ظاهر آهي ملازمت ڪندي ڪجهہ سينئر بہ ٿي ويندي آهي، عزت ۾ واڌارو بہ اچو وڃي، ميل جول ۾ بہ فرق اچو وڃي. جڏهن ٽيهن سالن ۾ قدم رکندي تہ وري مائٽ پنهنجيون پريشانيون پيش ڪندا ۽ کيس ياد ڏياريندا تہ عمر وڌندي وڃي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

يڪدم فيصلو ڪري وٺ، اُنهي وقت هُن کي پنهنجو اسٽينس مٿاهون ڏسڻ ۾ ايندو ۽ يڪدم چوندي "آخر منهنجي برابري جو به ته ڪو هجي". وري پنج سال پنهنجي حيثيت جي برابر واري جي تلاش ۾ گذري ويندا، ظاهر آهي ته جيڪو ماڻهو سندس حيثيت جي برابري جو هوندو يا ته هو اڳيئي شادي شده هوندو يا ته ايتري ڄمار واري سان شادي ڪرڻ پسند نه ڪندو. انهي سرگرداني ۾ سندس وارن ۾ اڇا پوڻ لڳندا ۽ جڏهن پنجٽيهه ۾ قدم رکندي ته رشتن اچڻ جي رفتار گهٽجي ويندي ۽ ماڻهن ۾ ايترو دم نه هوندو ته ڪيس شادي لاءِ زور ڀرين بلڪ پوءِ مائٽ به نياڻي جي آمدني ۾ نظر وجهڻ لڳندا آهن ڇو ته هوءِ ايئن مائٽن لاءِ تحفا آڻيندي رهندي آهي. پر مائٽ آخر مائٽ آهي اولاد جي بهتري سوچيندو آهي، جيڪڏهن ڪو رشتو مليو ته يڪدم سوچيندا ڇو ته عمر پوئتي ٿيڻ بعد رشتا به پوئتي پيل ماڻهن جا ايندا آهن يا رنوڙ هوندو، يا پهرين زال کي طلاق ڏيئي آزاد ويٺو هوندو، يا منجهس اهڙو ڪو عيب هوندو جنهن ڪري هُن کي رشتو نه ملي سگهيو هوندو. پوءِ مائٽ جي پڇيو ته هاڻي شادي لاءِ فلاڻو رشتو آيو آهي ته چوندي "ڇوڪرو" ڪٿي آهي" مطلب ته پنهنجا سڀ هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيندي آهي، پوءِ هُن کي احساس ٿيندو آهي ته ڄمار اجائي وڃائي ڇڏيم، پوءِ مڙيئي مڙس ڪپي ته جيئن سوسائٽي ۾ پاڻ کي شادي شده سڏائي سگهي.

شبانه اجان پنجويهه ۾ پير پاتو ۽ هڪ سٺو رشتو آيو.... يڪدم ها ڪري ڇڏي، شادي جون تياريون زور شور سان جاري ٿي ويون. شبانه پنهنجي پسند جا ڪپڙا وٺي ٽڪي ٽڪي اچي گهر لٿي، صوفي ۽ ٽيبل تي رسالا پکڙيل ڏسي سمجهي ويئي ته فريده آئي هوندي پر واپس ويئي هلي هوندي، کيس احساس ٿيو ته مون ساڻس گڏ خريداري جو وعدو ڪيو هو. هو سوچ ۾ پئجي ويئي ته ڪهڙي به نموني فريده کي راضي ڪرڻو آهي، پهرين ته هن سوچيو ته يڪدم شفيق کي چئي ته ڪار ڪڍ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ مونکي فريده جي گهر وٺي هل، پر جيئن ته تمام ٿڪل هئي، انهي ڪري معاملي کي ٻئي ڏينهن تي رکي ڇڏيائين.

ٻئي ڏينهن ناشتي جي دوران ٽيبل تي شفيق کان شبانه پڇيو ته ڇا ڪالهه فريده آئي هئي، جڏهن شفيق ٻڌايس ته آئي هئي ۽ تمام ناراض ٿي واپس ويئي هلي ته شبانه يڪدم فريده جي گهر هلڻ لاءِ شفيق کي چيو، مگر پنهنجي مهمانوازي پڪي ڪرڻ لاءِ هُن نخرا ڏيکاريا.

”نه ادي- آئون بلڪل ڪونه هلندس، مونکي يونيورسٽي وڃڻو آهي ۽ توکي خبر آهي ته انجنيرنگ جو آخري سال آهي ۽ امتحان ۾ باقي مهينو آهي، تنهنڪري آئون بلڪل مشغول آهيان.“

شفيق جي انهي جواب تي شبانه ٿوري دير لاءِ سوچ ۾ پئجي ويئي ۽ چيائيس.

”ته پوءِ تون مونکي صرف فريده جي گهر ڇڏي هليو وڃجان ۽ آئون پوءِ پاڻهي ٽيڪسي ۾ ايندس.“

”بهتر آهي هينئر ٽيڪسي ۾ وڃو.“ شفيق چانهه جي وڏي سُرڪي ڀريندي چيو. شبانه سمجهي ويئي ترن سان تيل نه نڪرندو، تنهنڪري ڪيس لالچ ڏياري ڪم ڪڍڻ جي خيال چيس

”ڪالهه بزار مان مون فرسٽ ڪلاس ويڊيو ڪيسٽون آنديون آهن، جيڪڏهن مونسان هلندي ته شام جو ڪيسٽون تنهنجي حوالي،... بس هاڻي راضي ٿي وڃ....“ شبانه عاجزي مان چيو.

”بس عرض جي ضرورت هئي، ڪيسٽن جي نه.“ شفيق پنهنجو سينو چڪيندي چيو.

”چڱو جلدي ڪر، منهنجو ٽائيم تمام قيمتي آهي.“ شفيق وري اڪڙ مان چيو. وڏي ڀيڻ هئڻ ڪري شفيق سندس عزت ٻه ڪندو هو پر جيڪڏهن ننڍو وڏي سان هجت رکندڙ آهي ته وڏي کي چيڙائڻ ۾ ننڍي کي مزو ايندو آهي. شبانه يڪدم پنهنجي ڪمري ڏانهن ويئي ۽ تيار ٿي آئي، ڇو ته شفيق غير ضروري تڪڙ ڏيکاري رهيو هو. حالانڪ هن ڪاوڙ رکو انهي ڪري پئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏيکاري تہ يڪدم فريده جي گهر پهچي وڃون، تہ وري ديدار ٿئي ۽ ٻہ ٻول محبت جا ٿين. شفيق کي هاٺي يونيورسٽي ياد نہ هئي پر ويٺي پلاننگ ڪرڻ لڳو تہ ملاقات لاءِ ڪيئنن موقعو ڪڍجي. سوچيندي سوچيندي هن جي ذهن ۾ هڪ پوائنٽ آئي، خاموشي سان اُٿيو ۽ يڪدم ٻاهر نڪري پورچ ۾ بيٺل گاڏي جو در کولي اندر ويهي هارن وڄائڻ لڳو تہ شبانہ جلدي ڪمري مان نڪتي ۽ اچي ڪار ۾ ويٺي.

"هاڻي ڪيڏانهن هلڻو آهي" شفيق مذاق ۾ پڇيو.

"جهنم ۾" شبانہ منهن کي موڙيندي جواب ڏنو تہ شفيق کان ٽهڪ نڪري ويو ۽ چيائين

"مونکي خبر نہ هئي تہ فريده جو گهر جهنم آهي." تہ شبانہ کي وڏيڪ ڪاوڙ آئي ۽ اکيون ڦوٽاري شفيق ڏانهن ڏٺو جيڪو آرام سان ڪار کي بنگلي مان ٻاهر ڪڍي چڪو هو.

"پلا ادي- آئون ڊرائيور وانگر ٻاهر انتظار ڪريان يا مونکي بہ ڊرائينگ روم ۾ ويهڻ جو شرف حاصل ٿيندو" شفيق چيو

"تنهنجي لاءِ شريفن جي گهر ۾ ڪابہ جڳهہ ناهي، توکي تہ يونيورسٽي لاءِ دير پئي ٿئي." شبانہ سندس پهرين ڳالهہ تي سوال ڪري وڌو

"بلڪل صحيح- پر هاڻي يونيورسٽي ڪونہ ٿو وڃان." شفيق جواب ڏنو. "هرويرو وقت نہ وڃائي... يونيورسٽي وڃ." شبانہ سمجهائيندي چيو.

"تہ پوءِ آئون اڃڻ وڃڻ ۾ گسي ويندي، مونکان صرف هڪ ڪم ٿيندو يا تہ مونکي ڇڏين ها تہ يونيورسٽي وڃان ۽ هاڻي مُوڊ خراب ٿي چڪو آهي." شفيق غير ضروري طور تي مهانڊو خراب ڪيو تہ شبانہ ٿوري وائڙي ٿي ويئي. هُن کي جڻ پنهنجي غلطي جو احساس ٿيو تہ خوامخواه شفيق کي يونيورسٽي وڃڻ کان روڪيم، تنهنڪري ڪيس راضي ڪرڻ لاءِ چيائين "ٺيڪ آهي- پوءِ تون گاڏي ٻاهر بيهاري- ٿوري دير لاءِ ڊرائينگ روم ۾ ويهجان.... تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پوءِ گڏجي هلنداسين.“
شفيق جو مطلب پورو ٿي ويو، هن جيڪي سوچيو، اهو ڪم پنهنجو پاڻ ٿي ويو، هاڻي شفيق کي وڏيڪ ڳالهائڻ جي ڪابہ ضرورت ڪونہ هئي. بس ايڪسيلينٽر تي زور ڏئائين ۽ گاڏي کي بنان بريڪ ڪاهيو ويو، فريده جي گهر اڳيان اچي بريڪ هنيائين ۽ ٿڌو شوڪارو ڀري ٽڪ ظاهر ڪندي پيٽس ڏانهن ڏٺو جيڪا گاڏي مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ پاڻ کي تاهي رهي هئي.
”بس هاڻي منهنجو ڪم ختم.“ شفيق شوڪارو ڇڏيندي چيو.
”آخر توکي اڄ ڇا ٿي ويو آهي، بدليل ڳالهيون پيون ڪرين.“ شبانہ ڪار مان ٻاهر نڪري چيو ۽ شفيق خاموش رهيو تہ وري چيائين
”چڱو- هاڻي گاڏي بند ڪر ۽ اچ گڏجي ٿا هلون.“ شفيق جا تہ پاڳ کليا، هن جهٽڪي سان چابيون گاڏي مان ڪڍي ورتيون ۽ جلدي سان در بند ڪري گاڏي کان ٻاهر نڪري آيو، پيٽس سان گڏ قدم وڌائيندو در تائين پهچي يڪدم ڪال بيل تي آڱر رکي.... گهنٽي جي رڙ ٿي ۽ وري خاموشي..... شفيق يڪدم وري ٻيهر بٽڻ کي دٻايو تہ وري گهنٽي جي رڙ ٿي ۽ وري خاموشي.....
ڏاڍي تڪڙ اٿيني... پاڻيهي در کوليندا.“ شبانہ کيس سمجهائيندي چيو تہ يڪدم شفيق بہ قدم پوئتي ٿي ويو ۽ گهٽي ۾ پري تائين ڏسڻ لڳو، ايتري ۾ دروازو کليو، شفيق بہ دروازي ڏانهن منهن ڪيو..... فريده هئي....ڏسڻ سان طبيعت خوش ٿي پيئي. فريده بہ شفيق کي ڏٺو ۽ مسڪرائي ڏنو ۽ آهستي سان سندس مٿي تان سرڪندڙ رئي کي درست ڪرڻ لڳي.
”اندر اچو“ فريده آڌرڀاءُ ڪيو
”صرف ادي يا آئون بہ“ شفيق پنهنجا پير پڪا ڪندي چيو، تہ فريده ٿوري دير لاءِ گهبرائجي ويني پر يڪدم پاڻ کي سنڀاليندي چيائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

'توهان بہ اچو'
شفيق بہ ڌڏا پير پريندو پيٽس پنيان هلڻ لڳو. فريده اڳيان سندس رهنمائي ڪري رهي هئي. ڊرائينگ روم جي اڳيان فريده ٿوري دير لاءِ بيهي رهي تہ ٻيا بہ بيهي رهيا ۽ فريده هڪ ڪمري ڏانهن اشارو ڪندي چيو.
'توهان ڊرائينگ روم ۾ ويهو باقي شبانہ کي آئون اندر وٺيو ٿي وڃان' ... شفيق ڪنڌ مٿي ڪئي ڪمري جي اندرين سيٽ اپ جو جائزو وٺڻ لڳو ۽ چيائين 'نيڪ آهي'
شفيق قدم وڌائي ڪمري ۾ گھڙيو، پهرين بيٺي طائرانہ نظر سڄي ڪمري تي وڌائين ۽ زور سان پاڻ کي هڪ صوفہ تي اڇلي، بوريت کان اکيون پوري ويهي رهيو. شبانہ جڏهن فريده جي ڪمري ۾ پهتي تہ فريده کيس هڪ پلنگ تي ويهاري پاڻ يڪدم ڪمري کان ٻاهر نڪرڻ لڳي تہ شبانہ سمجهي ويئي تہ صاحبہ ناراض آهي، تہ يڪدم پڇيائين
'تون ڪيڏانهن پيئي وڃين.'
'توهان لاءِ چانهہ پاڻي جو انتظام بہ تہ ڪرڻو آهي' فريده ورائيو.
'سبحان الله! تہ ڇڻ... آئون هن گهر ۾ پهرين دفعا آئي آهيان جو يڪدم خدمت پيئي ٿئي.' شبانہ ٽوڪيندي چيو
'خدمت تہ منهنجو فرض آهي، فريده اجان ورائيو مَس تہ سندس ماءُ ڪمري ۾ داخل ٿي، جنهن جي نظر جڏهن شبانہ تي پيئي تہ وڏي ڪيڪار ڏني ۽ سائس گڏ پلنگ تي ويهي رهي، پوءِ سندس ماءُ- پيءُ جي چڱڀلائي جون خبرون پڇڻ لڳي تہ فريده خاموش بيٺي رهي. جڏهن مائس خبرن کان واندي ٿي تہ فريده کي چيائين
'هاڻ توهان پيٺيون پاڻ ۾ ويٺي ڪچهري ڪريو آئون هلان ٿي بورچيخاني ڏانهن' تہ فريده يڪدم مائس کي روڪڻ لاءِ ڪوشش ڪئي، مائس اينئن چوندي ڪمري مان نڪري ويئي تہ 'سڄي ڄمار بورچيخاني ۾ گذري، هاڻي چانهہ ناهڻ ۾ آئون ڪسي ڪونہ ويندس' تہ فريده ڪجهہ چئي نہ سگهي ۽ ماٺ ڪري ويهي رهي تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شبانہ چيس "ھاڻ ڪم پڪو ٿي ويو. . . ھاڻي ٻڌائي تون ناراض ڇو آھين." پر فريده خاموش ويٺي رھي ۽ ڪجھ ڪونہ ڳالھايائين تہ شبانہ وري ھٽ ٻڌي چيس

"ھاڻي ڪاوڙ ختم ڪر. . . ڏس آئون توکي پرچائڻ آئي آھيان". . . . مگر وري خاموشي.

"ڳالھائيندي يا نہ" شبانہ ھٽ وڌائي سندس نڪ کي زور ڏنو.

"مونکي مذاق پسند ناھي" فريده منھن ڦٽائيندي چيو.

"مونکي مذاق پسند آھي. . . سو بہ توسان." شبانہ جي طبيعت چلولي ٿي پيئي.

"مذاق لاءِ صرف آئون آھيان ڇا؟" فريده جو منھن گول گپي جھڙو ٿي پيو، پر اڄيان بہ شبانہ ھئي، ناراض ھستي کي يڪدم راضي ڪرڻ سندس ڪاٻي ھٿ جو کيڏ ھو.

"جيڪڏھن تون ناراض آھين تہ آئون بہ ناراض آھيان" . . . . بس آئون ھلان ٿي. . . امان کي چئو تہ چانھہ نہ ٺاھي." شبانہ آڪڙ مان چيو ۽ اٿڻ واري ڪني تہ فريده سڄي پاڻي ٿي پيئي ۽ شڪايت ڪندي چيائين.

"تون خريداري لاءِ وئين ۽ مونکي نہ وٺي وئين، آئون گھر اچي واپس ھلي آيس.

"اھا ڳالھ ختم ڪر. . . بس آئون توکي وٺڻ آئي آھيان، تون پاڻ ھلي ڏس مون ڇا ڇا ورتو آھي." شبانہ يڪدم ڳالھ کي گھمائي ورتو ۽ فريده جي منھن ۾ ڏسڻ لڳي، سمجھيائين تہ اڃان بہ کي ڪٿا ڪاوڙ آھي تہ پاڻ ڪاوڙيل موڊ ٺاھي چيائين

"ھلي ٿي يا نہ!" . . . آھستي آھستي ٻنھي جي ڪاوڙيل مھاندن تي مسڪراھٽ اچڻ لڳي، ڪاوڙ تہ ڪنھن کي ڪونہ ڪني پر اِھو ھڪ سنگت جو انداز ھو. فريده راضي ٿيندي چيو.

"منھنجي ڪاوڙ تہ ختم ٿي ويني پر تنھنجي ڪاوڙ کي ڪير منھن ڏيني." ٻئي کلي پيون ۽ پاڻ ۾ ياڪر پائي ڪجھ وقت لاءِ کلنديون رھيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”رڳو پيون ڪلون.... چانهه ناهي ڇڏي اٿم، هاڻ پاڻ منهن ڏني“ فريده جي ماءُ در مان منهن ڪڍي، ڊائيلاگ هٽي رواني ٿي ويئي، فريده اُٿڻ لڳي ته شبانه چيس ته چانهه ڊرائينگ روم ۾ پيندا سين ”پوءِ اُٿ... ڊرائينگ روم ۾ هلون“ فريده چيو.
ٻئي سهيليون اٿيون ۽ ڊرائينگ روم ڏانهن روانيون ٿيون. جتي شفيق تمام شديد انتظار ۾ ويٺو هو ته ڪڏهن ٿا سڄڻ چانهه ڪٺي اچن. انهي عرصي ۾ هُن ڊرائينگ روم جي هڪ هڪ شيءِ کي نظر مان ڪڍي ڇڏيو هو. ڪمرو تمام نفاست سان سجايل هو، شهرن ۾ هڪ ڪمرو ته سينگاري نمائشي پيس ڪري ڇڏيندا آهن، ته جينن آيل ويل تي رُعب پوي ۽ اينن سمجهيو ويندو آهي ته گهر وارن جو مزاج سجاڻ جي اها ڪسوٽي آهي. بس ايتري ۾ شفيق جي ڪنن تي سينڊلن جي ٺڪ ٺڪ جو آواز پيو ته هن پنهنجو پاڻ کي سنڀاليو ۽ ٽنگ ٽنگ تي چاڙهي اسٽائل سان صوفه جي هڪ ڪنڊ جهلي ويهي رهيو. سينڊلن جو آواز تيز ٿيندو ويو ۽ ڪجهه ڳالهائڻ ۽ کلڻ جو آواز به اچڻ لڳو.
”السلام عليڪم!!“
فريده ۽ شبانه گڏ ڊرائينگ روم ۾ داخل ٿيون ته شفيق تعظيم طور اٿي بيٺو ۽ مسڪرائي چيائين ”وعليڪم سلام،
”ڇا هاٺي آئون ويهي سگهان ٿو.“
”ته... توهان بيٺا رهو.“ فريده کلندي چيو ۽ انهي سان گڏ شبانه کي ڌڪو ته شفيق ٿورو ڪڪو رڪو ٿي پيو ۽ بوريت کان پاٺهي صوفه تي ويهي رهيو ۽ ايتري ۾ شبانه به ويهي رهي.
”توهان جي هاٺي ته خدمت ڪجي.“ فريده هنن کي تسلي سان ويٺل ڏسي اينن چوندي ڊرائينگ روم کان ٻاهر نڪري آئي ۽ ڪمري ۾ ٿورو سڪوت اچي ويو، شفيق به غير ارادي طور تي ڪمري جي ڇت کي ڏسندو رهيو ۽ شبانه سندس ٻانهن جي چوڙين کي ڦيرائيندي رهي. آخر شفيق چيو.
توهان جي سهيلي ڏاڍي سگهڙ آهي“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"توهان کي ڪيئن خبر پئي." شباز ٽوڪيندي چيو.
"ڪمري جي زيبائش مان اندازو لڳايو اٿم." شفيق چپ پچائيندي چيو.
"توهان ۾ ڪڏهن کان قدر شناسي پيدا ٿي آهي." شباز وري ٽوڪيندي چيس ته شفيق چڙ مان چيو.
"تنهنجو ڇا خيال آهي- آئون صفا بدذوق ماڻهو آهيان."
"سرڪار- توهان جي ذوق کي سلام." شباز ڳالهه ختم ڪرڻ واري موڊ ۾ چيو. ايتري ۾ فريده ٽرالي ڌڪيندي ڪمري ۾ داخل ٿي ته ماحول کي ٿورو ڪشيده ڏسي چيائين. "شايد- اڄ توهان گهران وڙهي نڪتا آهيو."
"اها ڳالهه ته مون ادي سان ڪئي پيئي ته توهان ڏاڍيون ذهين آهيو." شفيق وچان ڳالهه ڦيرائي ويو ۽ فريده جي تعريف ڪري ڇڏيائين ته شباز اکين کي غصيلو ڪندي چيو. "بس! بس!! سمارٽ نه ٿي."

فريده بسڪٽ ٽيبل تي رکيا ۽ چانهه ٺاهڻ لڳي ويئي.
شفيق شوخ نظرن سان ڪيس ڏسندو رهيو ته فريده جي چهري تي سُرخي اچي ويئي. شباز به زمانو ڏٺو هو، تنهنڪري ٻنهي جي چور نظرن کي خاموشي سان ڏسندي رهي. اڄ فريده جي چال چلت ۽ ڳالهائڻ ٻولائڻ ۾ شوخي هُئي، هر ڪم جلد جلد ٿي رهيو هو، رَئي جو مٿي کان سرڪڻ ۽ بار بار اُنهي کي درست ڪرڻ، اکين جي ڪنڊن مان شفيق کي ڏسڻ ۽ شرمائي وري ڪنڌ هيٺ ڪرڻ اِنهي روماني ماحول ۾ شباز خاموشي کي ٽوڙيو.
"فريده! جلد چانهه ڏي ته وري گهر به هلڻو آهي."
فريده محبت جي سرور ۾ دنيا مافيها کان بيخبر هُئي، هن کي اِنهي جو احساس به نه هو ته سندس چوري تي شباز صوبيدار وانگر نظر رکيو ويٺي آهي، پر سندس خاموشي جهڙوڪر ٻنهي کي موقعو فراهم ڪري رهي هُئي.
"ها ڪنڊ گهٽا چمچا، فريده ڪنڊ دان ڪٽندي چيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

'ٻنھير کنھ جي' شفيق چيو تہ شبانہ ٿوري دير لاءِ واتڙي ٿي ويئي، گھر تہ شفيق چانھہ کي شربت ڪري پيئندو آھي ۽ ھتي ٻنھير کنھ جي ھن کي ڳالھہ سمجھ ۾ نہ آئي.

'مٺھنجي لاءِ بہ ڇمڇا' شبانہ چيو.

فريدہ ٻنھي کي چانھہ ڏني ۽ پنھنجو ڪوپ کڻي صوفہ جي ٻي ڪنڌ تي ويھي سُرڪيون ڀرڻ لڳي ۽ بسڪٽن جي پليٽ کي شفيق ڏانھن سرڪائيندي چيو تہ 'بسڪٽ بہ کڻو' شفيق حڪم کي تسليم ڪندي بسڪٽ کڻي بسڪٽ کي پيار سان سنھو چڪ ھنيو تہ فريدہ سندس شرارتي نظرن ڏانھن نھاريندي مسڪرائي ڏنو. محبت جي باھہ ٻنھي طرفن برابر لڳل ھئي، اظھار محبت جو جواب اظھار محبت ۾ ملي چڪو ھو. ھاڻي صرف محبت جي ملاقات.... محبت جي زنجيرن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ لازمي ھئي. جنھن لاءِ شفيق اڳي پلان ٺاھي ڇڏيو ھو، ھاڻي صرف انتظار ھو سندس گھر ھلڻ جو... چانھہ جو دور پورو ٿيو ۽ شبانہ يڪدم صوفہ تان جھٽڪو ڏيئي اُٿي جڻ وڇون ڏنگ ھنيو ھجيس 'ھاڻي ھلو تہ ھلون.' شبانہ اٿندي چيو

'جلدي ڪھڙي آھي' شفيق يڪدم شبانہ جي ڳالھہ کي ڪٽيو تہ شبانہ چيس 'پوءِ صاحب! توھان ھتي آرام فرمايو، چاچي توھان کي ٻنھين جي ماني کارائيندي... باقي اسين ھلون ٿا.' چو تہ ھو سمجھي ويئي ھئي تہ چور جي ڏاڙھي ۾ ڪک.

'جيڪڏھن توھان ٻئي ھلو ٿا تہ پوءِ آئون بہ ھلندس- چاچي کي چئو تہ ماني گھر موڪلي ڏي.' شفيق مذاق مان چيو تہ فريدہ کلي ڏنو، ھن کي پرين جو ھر انداز پيارو لڳي رھيو ھو.

ٽئي ڪمري کان نڪتا ۽ ڪار ۾ ويھي سڌو اچي شفيق جي گھر لٿا. فريدہ تہ شبانہ جي ڪمري ۾ ھلي ويئي، جتي شبانہ ھن کي ڪپڙا ۽ زيورات ڏيکارڻ لاءِ وٺي تہ آئي ھئي ۽ شفيق پنھنجي ڪمري ۾ اڪيلو پنھنجي پلنگ تي پاڻ کي اُڇلي ڇڏيو. محبت جي ملاقات سبب ھُن جي طبيعت تي خوشي اچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ويني هني، هن کي پنهنجي ڪمري ۾ سک ڪونہ اچي رهيو هو، پهرين سوچيائين تہ پينٽس جي ڪمري ۾ وڃي ڪپڙن ۽ زيورات جي تعريف ڪرڻ ويهي رهي ۽ اهڙي نموني وري ديدار جو موقعو ملندو پر وري خبر ناهي ڇا سوچي پلنگ ڪان اُٿي اچي ڪُرسي تي وينو ۽ ٽيبل تي پيل رسالن جي ورق گرداني ڪرڻ لڳو. هُن کي مزو نہ آيو ۽ وري اٿي هڪ ڪيسٽ چونڊي ٽيپ رڪارڊ ۾ فٽ ڪيائين ۽ گانا ٻڌڻ لڳو، گانا ٻڌندي هلڪي سڪون واري ننڊ جي آغوش ۾ هليو ويو. ٻنهي جي ماني جي ٽائيم تي سندس ماءُ بہ ٻہ دفعا ڪمري ۾ آئي، پر ڪيس پرسڪون ننڊ ۾ ڏسي واپس ٿي ويئي. جڏهن شفيق جي اک کلي تہ شام جا چار ٿي چڪا هئا، هن کي ٿوري بک بہ محسوس ٿي، يڪدم هٿ منهن ڌوئي ماني کائڻ لاءِ ڪمري کان ٻاهر نڪتو تہ سامهون ماٹس ڪاوڙي بيٺي هُئي.

"ايتري ننڊ .... تہ ماني جو خيال.... نہ پنهنجو خيال... هل ويهہ.... نوڪر تہ ويا هليا. آئون سالن گرم ڪري اچان ٿي." شفيق آهستي سان ڪرسي ڇڪي ڊائننگ ٽيبل وٽ ويهي ماني جو انتظار ڪرڻ لڳو. ايتري ۾ فريده ۽ شبانہ بہ ڪمري کان ٻاهر نڪتيون ۽ شام جي چانهن لاءِ ڊائننگ ٽيبل تي اچي وينيون .... فريده وري اڳيان... ڇا قسمت آهي... اڄ جيڪڏهن آئون خدا کان جيڪي ڪجھ گهران ها سو بہ ملي وڃي ها، اڄ هو پاڻ کي تمام گهڻو خوشقسمت محسوس ڪري رهيو هو.

"صاحب هاڻي ماني کائيندا..... ماٿهو لڏڻ ۾ چري اڌڻ ۾" شبانہ ٽوڪ هڻندي تہ ٻئي سهيليون کلي پيون

"آئون واقعي چريو ٿي پيو آهيان" شفيق فريده ڏانهن نهاريائين معنيٰ آئون تنهنجي محبت ۾ چريو ٿي پيو آهيان.

"ڪڏهن ٿو وڃين" شبانہ وري ٽوڪ هنيس.

"ماني کاني پوءِ" شفيق چيو، پر آئون اڪيلو ڪونہ ويندس، گهٽ ۾ گهٽ بہ ڇٽا هجن جو پاڻ ۾ ڪچهري پيہ ڪن، اڪيلو ماٿهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڏيڪ چريو ٿي پوندو.“
ايتري ۾ ماٺس شفيق لاءِ ماني ڪٺي اچي رکي ۽ شبانہ ڪي چيائين تہ چانهہ جو ٿاڻي رکي آني آهيان، چانهہ ٺاهي اچ، چو تہ بورچي ڪجهہ دير لاءِ ٻاهر ويل آهي.
”اڇا جلدي ڪر.“ شفيق شبانہ ڏانهن نهاريندي چيو ۽ شبانہ يڪدم اڏ ڪاوڙ ۾ اڏ خوشي سان اٿي بورچيخاني ڏانهن هلي ويني ۽ سڀ مسڪرائڻ لڳا، شفيق جي ماءُ فريده ڏانهن مخاطب ٿي.
”فريده ڪپڙا وٺيا“
”ڏاڍا سٺا آهن“
”شبانہ پنهنجي پسند جا ورتا آهن.“
”شبانہ جي پسند تمام اعليٰ آهي“
”ڏاڍو سهيلي سان پيار اٿيني“ شفيق گفتگو جي وچ ۾ ٽنگ اڙائيندي چيو.
”بلڪل... منهنجي پياري سهيلي آهي.“ فريده جواب ڏنس تہ شفيق خاموش ٿي ويو ۽ ايتري ۾ شبانہ بہ چانهہ ڪٺي اچي ويني ۽ چانهہ جو دور شروع ٿي ويو. ٿوري دير ۾ شفيق جو پيءُ بہ آفيس مان اچي ويو ۽ اچڻ شرط شام جي چانهہ ۾ شامل ٿي ويو. جڏهن کائڻ پيئڻ جو دور ختم ٿيو تہ فريده وڃڻ واري ڪئي ”شبانہ- هاڻي آئون هلندس.“
”ٺيڪ آهي... پر اڄ آئون پنهنجي سهيلي کي اڪيلي ڪونہ ڇڏيندس، تہ بس ۾ وڃي، جهڙي نموني عزت سان وٺي آئي آهيان ۽ اهڙي نموني گهر بہ پهچائيندس.“ شبانہ چيو.
اڌي کي چا کپن بہ اکيون- شفيق کي سندس راهہ بلڪل آسان ڏسڻ ۾ آئي، هن يڪدم شبانہ ڏانهن ڏٺو، جيڪا منت جي موڊ ۾ هُني تہ متان شفيق جواب ڏيني ڇڏي، پر ڪيس صبح واري ٻنهي جي رويي مان اندازو ٿي ويو هو تہ شفيق انڪار نہ ڪندو.
”شفيق ادا- فريده کي ڪار ۾ گهر ڇڏي اچ“ شبانہ عرض ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"توهان مونکي صفا ٽيڪسي ڊرائيور سمجهيو آهي ڇا!." ... "شفيق آڪڙ مان چيو ته جيئن ڪيس وڌيڪ منت ڪري ۽ فريده ڏانهن نهارڻ لڳو.

"منهنجو پيارو پاءُ...." شبانه پيار سان چيو.

"بس! بس! ڏاڍو پيار ٿي پيو اٿئي" شفيق فخر ڪندي چيو. فريده بنهي ڀاءُ ڀيڻ جي تڪرار مان لطف اندوز ٿي رهي هئي.

"پر... وچ ۾" ماڻس حڪم ڏنو ته شفيق فريده ڏانهن نهاريو. جيڪا بلڪل هلڻ لاءِ تيار بيٺي هئي.

"سرڪار- هلو." شفيق هٿ جو اشارو فريده کي ڏنو ۽ فريده سڀني کان الوداع چئي اچي ڪار ۾ ويٺي ۽ ڪار هوا جي جهوٽي وانگر بنگلي مان ٻاهر نڪري ويئي. اڄ ڪار هوا سان ڳالهيون ڪري رهي هئي، ٽيپ جي هلڪي هلڪي موسيقي ماحول کي وڌيڪ منور ڪري ڇڏيو هو. ڪجهه وقت لاءِ ٻئي خاموش رهيا، فريده پنهنجي ڪاپي هٿ سان بار بار هوا ۾ اڏامندڙ وارن کي ترتيب ۾ آڻڻ لاءِ مٿي تان هٿ ڦيرائي رهي هئي، ته شفيق چيو "ناراض آهيو."

"هون؟"

"مون چيو ناراض آهيو."

"بلڪل نه."

"پوءِ خاموشي ڇو، ڪجهه ڳالهايو ته ٻڌڻ سکون پيا سُريلي آواز لاءِ."

"توهان ٽيپ ٻڌو- بلڪل سريلي آواز ۾ ڳائي پئي."

"ته ٽيپ بلڪل بند." شفيق جلدي ٽيپ جو بٽڻ آف ڪري ڇڏيو ۽ ڪار جي اسپيڊ به گهٽائي ڇڏي، هاڻي ڪار بلڪل هنڌوري وانگر هلي رهي هئي.

"اڄ آئون توهان سان تمام گهڻيون ڳالهيون ڪرڻ گهران ٿو."

"ڇو؟"

"ڇو ته... توهان مونکي وڻيو ٿا."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

'مونکي کهڙي خبر.'

'واقعي چنڊ کي ڪهڙي خبر تہ هُن کي چڪور پيار ڪريٿو ۽ سڄي رات جاڳي ٿو.'

'تہ توهان چڪور ٿي پيا آهيو.'

'۽ توهان چنڊ.'

فريده ٿوري دير لاءِ شرمانجي ويني، شفيق پيار سان ڪيس ڏنو ۽ هڪ ريسٽورنٽ اڳيان گاڏي کي بريڪ هڻي، گاڏي پارڪ ڪري ڇڏي.

'هي ڪٿي گاڏي بيهاري اٿو.' فريده پشيماني مان پڇيو.

'مون توهان کي چيو هو نہ اڄ مونکي توسان تمام گهڻيون ڳالهيون ڪرڻيون آهن... پوءِ اڄ... ريسٽورنٽ جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ٿوري ڪچهري ڪريون' شفيق چيس.

'دير ٿي ويندي.' فريده مشرقي روايت برقرار رکندي اڌ خوشي ۽ اڌ ڊپ جو مظاهرو ڪيو.

'بلڪل دير ڪونہ ٿيندي.' شفيق اينئن چوندي ڪار مان نڪري بني پاسي اچي ڪار جو دروازو ڪوليو ۽ فريده غير ارادي طور ڪار ڪان ٻاهر نڪري آئي. شفيق اڳيان ۽ فريده پٺيان... ٻئي ريسٽورنٽ ۾ گهڙيا ۽ پري هڪ ڪُنڊ ۾ خالي ٽيبل تي ڪرسين کي جهڪي ويهي رهيا تہ بيرو يڪدم اچي حاضر ٿيو. جنهن کي شفيق ٻن آئسڪريم جو چيو تہ بيرو روانو ٿي ويو.

'مون تو ڪان پڇڻ ڪانسواءِ... آئسڪريم جو آرڊر ڏنو... ناراض تہ ڪونہ ٿيو... دراصل عشق جي باهہ دماغ تي چڙهي ويني آهي. تنهن کي ٿڌو ڪرڻ گهرجي. شفيق کلندي چيو تہ فريده بہ کلي ڏنو ۽ تڪلف بي تڪلفي ۾ تبديل ٿي ويو.

'فريده- آئون زندگي کي راند جو ميدان سمجهندو هئس، پر جڏهن کان تون منهنجي زندگي ۾ داخل ٿي آهين، آئون پاڻ ۾ بلڪل... تمام تبديلي محسوس ڪريان ٿو، مون کي اينئن محسوس ٿيندو آهي... ڄڻ زندگي ۾ ڪو خلا هو... جنهن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تو پُر ڪيو آهي.“ شفيق چوندو رهيو ۽ فريده ٻڌندي رهي ”فريده. مونکي هِن ٿوري عرصي ۾ محسوس ٿيو آهي.... زندگي تو کان سواءِ بي لطف آهي... ڪو مزو ڪونهي... توکي ڏسان ٿو تہ دل باغ باغ آهي... تون نظرن اڳيان ناهين تہ پاڻ کي اُداس محسوس ڪندو آهيان.“ شفيق جي انهن جملن جڻ تہ فريده جي دل ۾ محبت جي باهہ تي تيل جو ڪم ڪري رهي هئي. هن جي دل ۾ محبت جي ٻرندڙ چڻنگ جڻ شعلو بڻجي ويئي هئي، پر مشرقي روايت ۾ عورت محبت جو اظهار ڪرڻ ۾ تنگدل ٿيندي آهي، جيستائين بي تڪلف نہ ٿئي.

”فريده- هاڻي مونکي تنهنجي سخت ضرورت آهي. مونکي سهارو ڏي... مونکي قسم آهي تنهنجو... آنون تو کانسواءِ مري ويندس.“ شفيق جذبات ۾ اچي ويو هو، سندس وار ڪاندارجي ويا هئا ۽ چهرو سرخ ٿي ويو هئس. فريده بہ جذبات تي قابو نہ رکي سگهي ۽ يڪدم سندس هٿ شفيق ڏانهن وڌيو، جڻ آٿت ٿي ڏنائين.

”اينئن نہ چئو“ فريده چيو.... تہ جذبات سان ڀريل شفيق سندس هٿ پنهنجي ٻنهي هٿن ۾ جهلي زور سان پيڪڙيو.

”پوءِ چئو تہ توکي بہ مونسان محبت آهي.“ شفيق ذري گهٽ هُن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندي چيو.

”ها.... مونکي بہ توسان پيار آهي“ فريده تمام آهستگي سان شفيق کي نهاريندي چيو ۽ مسڪراڻي ڏنو. جذبات کان بي قابو شفيق جڻ جنت ۾ داخل ٿي چڪو هو، جو تہ محبوب بہ اقرار محبت ڪري چڪو هو. هُن جذبات ۾ اچي فريده جي هٿن کي چمي ڏني- تہ جڻ فريده جي جسم ۾ بجلي جو ڪرنٽ لڳي ويو. سڄي ڳاڙهي ٿي پيئي ۽ شرم کان شفيق کان هٿ ڇڪي ورتائين.

ريسٽورنٽ جو نيم اونداهہ ماحول ۽ سنهي سنهي ميوزڪ پنهنجي شباب تي هئي، هر ڪا شي وڻي رهي هئي. حقيقي خوشي ني زندگي جو وجود آهي. دل خوش تہ پورو جهان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خوش ڏسڻ ۾ ايندو. دراصل دل دنيا جو آئينو آهي. ايتري ۾ بيرو آئسڪريم کڻي آيو، هني ٿڌي آئسڪريم جا چمچا ڀري منهن ۾ نوڪن لڳا، پر هي ٻاهر هڪ دفعا لڳي تہ پوءِ ٽرڻ جي ناهي. چوندا آهن تہ عشق يا ماري يا ڪاري، اجا پاڻدينڻن محبت جي دنيا ۾ ڦهريون پير ڀريو هو... زندگي جا آهي... زمانو جا آهي... هني انهي ڪان بي خبر هئا. هنن کي صرف هڪٻئي سان محبت آهي انهي ڪان وڌيڪ هنن کي ڪا خبر ڪونہ هني. ايتري ۾ شفيق فريده جي چهري جا بدليل رنگ ڏسندو رهيو ۽ دل ئي دل ۾ خوشي ڪان بيتاب ٿي رهيو هو ۽ فريده چڻ پرسڪون هني چو تہ دل جي لڪل ڪُنڊن ۾ پچندڙ ارمانن جا لاوا ٻاهر نڪري چڪا هئا، شفيق وري ڳالهايو.

'فريده- تون ائين نہ سمجهجان تہ مونکي تو ۾ ڪا تمنا آهي، مونکي صرف تنهنجي محبت گهرجي... بس.'

'مونکي بہ تنهنجي محبت کپي... متان صبحاڻي وري ٻني هنڌ آشيانو ناهين ۽ مونکي وساري ڇڏين.' فريده چيو.

'ائين بلڪل ڪونہ ٿيندو... تنهنجو قسم.'

'جيڪڏهن تو اينئن ڪيو تہ آئون پنهنجي جان ڏيئي ڇڏيندس.'

'يقين ڪر... تو ڪانسواءِ ٻي ڪا صورت هن دل ۾ نہ ايندي.'

شفيق ڪيس تسلي ڏني چو تہ فريده جي اکين ۾ فرط جذبات ڪان لڙڪ لڙي آيا هئا... حقيقت ۾ عورت صرف هڪ دفعا حقيقي محبت ڪندي آهي، پوءِ انهي لاءِ جيئندي ۽ مرندي آهي... ڀلي ڪئي زمانو اُٿلي پوي... مٿانئس ڪهڙيون بہ سختيون اچن برداشت ڪندي پر محبت کي بدنام نہ ڪندي.

ٻاهر شام گهري ٿيندي وئي تہ اندر ريسٽورنٽ جون بتيون تيز روشن ٿينديون ويون. بيرن بہ ڊنر جي تياري لاءِ هر شي جي صفائي ڪرڻ ۽ ڪرسين جي ترتيب کي ٺاهڻ لڳي ويا تہ هنن کي احساس ٿيو تہ هاڻي ريسٽورنٽ خالي ڪرڻ گهرجي. شفيق کيسي مان پئسا ڪڍي ٽيبل تي اڇليا ۽ هني ٻئي ريسٽورنٽ مان

باهر نڪتا ۽ ڪار ۾ ويهي گهر ڏانهن روانا ٿيا. ڪار جڏهن فريده جي گهر وٽ پهتي ته فريده جي دل ڪونه پئي چيو ته سچن کان جدا ٿجي پر مجبوري هُئي. هُن الوداع چوڻ لاءِ شفيق ڏانهن ڏٺو جيڪو محبت جي نظرن سان اکيني فريده ڪي تڪي رهيو هو ۽ غير ارادي طور شفيق هُن جو هٿ جهليو ته فريده زخمي پکي وانگر سيٽ تي ليٽي پيئي ته شفيق وڏي محبت جي نشاني سندس ڳل تي ثبت ڪري ڇڏي ۽ فريده جو منهن سون وانگر چمڪڻ لڳو.

"چڱو خدا حافظ".

"خدا حافظ"

فريده گهر ڏي ويئي ۽ شفيق پنهنجي گهر ڏانهن روانو ٿي ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

6

زندگي اميد جي انگارن جو ڍير آهي، جنهن ۾ تمنائن جون چڻنگون چمڪنديون رهنديون آهن، ڪڏهن ڪڏهن زماني جي تيز هوائن سان اهي چڻنگون باهه ۾ تبديل ٿيو وڃن انين سڀ انگار سڙيو وڃن ۽ زندگي جو چراغ اجهاميو وڃي ۽ اُهي سان گڏ انسان به ڪومانجو وڃي، آخر ۾ زماني جي سخت هوا انگارن جي راک کي برن ميدانن ۾ پکيڙيو ڇڏي. اها آهي زندگي، پر جيترو وقت ساهه آهي اُميدون به زنده آهن. والدين اولاد جي جمڻ کان وٺي جوان ٿيڻ تائين قدم قدم تي هنن ۾ ڪي اُميدون وابسته ڪندا آهن ۽ پوءِ اُنهن کي مڪمل ڪرڻ لاءِ باقي پنهنجي زندگي گذاري ڇڏيندا آهن. پر نياڻي جي جمڻ سان ني ذميدارين جو هڪ درياهه کليو پوي، اُنهي لاءِ سٺو ڏيج، سٺي تعليم و تربيت ۽ بعد ۾ سُٺو مڙس، جنهن سان ماڻهن جي اندازي مطابق نياڻي خوش رهي سگهي. اهوئي سبب هو جو عبيدالله صاحب فريده جو والد.... جمال جو گهڻو خيال رکندو هو ۽ هُن جي ترقي لاءِ سفارشون ڪندو رهندو هو. چو ته جمال کي فريده لاءِ هن چونڊي ڇڏيو هو. هڪ طرف فريده جي شفيق سان محبت ٻئي طرف والدين جو فريده جي شادي جمال سان ڪرائڻ جو خيال... ٻئي متضاد ڳالهيون هيون. اڄ اُنهي سلسلي ۾ عبيدالله صاحب جي گهر ۾ دعوت هُئي پر صرف جمال جي، جنهن سان گڏ سندس دوست اشرف به گڏ آيو هو. جمال هوندن به عبيدالله صاحب جي گهر ايندو ويندو رهندو هو ۽ هميشه عزت وٺي واپس ٿيندو هو. عبيدالله جو خيال هو ته جمال جي گهر ۾ اچ وڃ سان فريده ۽ جمال جي شناسائي ٿئي ته جيئن شادي ڪرائڻ لاءِ زندگي جو پهريون مرحلو حل ٿئي، متان صبحائي فريده شادي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪرڻ کان انڪار ڪري، اُنهي سان گڏوگڏ جمال جي گهريلو حالات ۾ سندس رشتيدارين جي خبر پوي، ٻئي مرحلي ۾ شادي جي ڳالهه ٻولهه... ٽئين مرحلي ۾ منگڻو ۽ چوٿين مرحلي ۾ شادي ڪراڻي مٿي تان نياڻي جو بار لاهيان. هن پنهنجي پٽ رحيم جي شادي ته اڳيئي ڪرائي ڇڏي هُئي، اُنهي بار کان آجو هو. هن دعوت ۾ رحيم کي به شرڪت ڪرڻي هُئي پر اُنهي کي شايد ڪو ڪم پئجي ويو ته فريده جي ماءُ ڏري پري. در مان منهن ڪڍيو، عبيدالله صاحب کي سڏي پڇاڻي ته ماني تري ويندي، هاڻي انتظار نہ ڪريو. آخر اهو طيءِ ٿيو ته طعام تي حملو ڪيو وڃي.

جمال بسڪوٽي رنگ جو فل سوٽ پائي آيو هو ۽ سندس يار به اڳيئي کان گهڻو تيار هو. چوندا آهن ته پراڻي ڏيءَ جو ڏکو به چڱو.... انهي ڪري جڏهن به جمال عبيدالله جي گهر اچي سندس خدمت فريده جي ذمي لڳي، جنهن جمال کي بتال ڪري ڇڏيو هو، هُن پنهنجي خدمت اِهڙي مهربانہ طريقي سان ڪڏهن ڪونہ ڏني هُئي. تنهن سندس دل ۾ محبت ته نہ ڪٿي چنجي پر حسرت پيدا ڪري ودي تہ اهڙو دل گهريو دوست جيڪڏهن سندس همسفر هجي تہ زندگي تمام سُک ۽ چين سان گذرندي. واقعي عبيدالله صاحب پنهنجي مشن ۾ ڪامياب ويو هو، پر صرف جمال تائين، ٻئي طرف فريده جي باري ۾ هُن اِهوئي سوچيو هو تہ هو انڪار نہ ڪندي ڇو تہ هميشہ خدمت ۾ پيش پيش هوندي هُئي. اها خدمت دل سان نہ پر سندس والده جي حڪم تي ڪندي هئي، ڇو تہ جمال منئيجر رينڪ جو ماڻهو هو ۽ ڊيڪ سندس پيءُ سان گڏ ڪمپني ۾ نوڪري ڪندو هو، تنهنڪري هُن جي وهم و گمان ۾ اها ڳالهہ نہ هئي تہ پٽس سندس شادي بہ هن سان طئي ڪندو پر هوءَ هميشہ سندس پيءُ جي ڪاڻ سندس خدمت ڪندي هئي. جنهن کي عبيدالله صاحب حقيقت جو رنگ سمجهيَ دوکو کائي رهيو هو تہ ٻنهي ۾ ڪافي شناسائي آهي، هنن جي زندگي ڪامياب گذري سگهي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهن وقت گذرندو رهيو ۽ هر ملاقات ۾ عبيدالله جمال کان سندس گهريلو حالات کان باخبر ٿيندو رهندو هو. ته اڳي منگيل يا پرڻيل ته ڪونهي، سندس رشتيدار ڪو معاملو ڪڙو ته نه ڪندا وغيره... آخر جڏهن هن کي خبر پئي ته لائن صاف آهي ته سندس اشتياق وڌيو ۽ پڪو پهه ڪري ڇڏيائين. رات جا جڏهن ساڍا اٺ وڳا ته عبيدالله مهمانن کي ڊائننگ ٽيبل تي وٺي آيو، جتي فريده اڳيئي موجود هئي

'السلام عليڪم' فريده سلام ڪيو

'وعليڪم سلام' جمال جواب ڏنو ۽ عبيدالله صاحب جي اشاري سان ڪرسي تي ويهي رهيو. طعام اڳي لڳل هو بس سڀ کاڌي کي لڳي ويا ۽ فريده ميزباني جا فرائض انجام ڏيني رهي هئي، تنهنکري هڪ ڪرسي تي خاموش ويٺي رهي ته جيئن ڪنهن شي جي طلب ٿئي ته حاضر ڪري سگهي. جمال ماني کائڻ سان گڏوگڏ چوري چوري هڪ نظر فريده تي به وجهي رهيو هو ۽ عبيدالله کي مخاطب ٿي فريده جي تعريف ڪندي چيائين

'سر- فريده جي هٿن جي کاڌن ته مونکي ديوانو ڪري ڇڏيو آهي، بس دل چوي ٿي ته توهان روز دعوتون ڪريو.'

'مهرباني! توهان کي جهل ته ڪونهي.' فريده چيو ته جمال ڇڻ ٿڙي پيو، ۽ عبيدالله صاحب مسڪراڻي ڏنو، جهڙوڪ فريده سندس وات جا اکر ڦري ورتا هئا. ماني جو دور ختم ٿيو ۽ ٽيبل تان ٿانو کڻ لڳا ته اشرف کان رهيو ڪونه ٿيو، هو سويٽ ڊش جو موالي هو تنهن يڪدم واتڙن وانگر سوال ڪيو.

'جمال! هو ڪهڙي شي ٿيندي آهي... مٺي مٺي....'

' سويٽ ڊش' جمال جواب ڏنس.

'ها سويٽ ڊش- اُها مونکي ڏاڍي وڻندي آهي... ادي اُها ناهي آهي' اشرف فريده کي مخاطب ٿيندي چيو.

'بلڪل' فريده مختصر جواب ڏنو ۽ ريفريجيٽر مان سويٽ ڊش جو ڏونگهو ڪڍي ٽيبل تي رکيا ته اشرف سويٽ جو پورو ڏونگو ڪٺي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجي اکيان رکيو ته فريده ڪلي ڏنو ۽ چيائين "جا جمال کي ز ڏيندا."

"جمال لاءِ توهان هيو ڊش تيار ڪريو" اشرف رڪاني سان چيو.

"پلي ڪاني ڊز ڪر." جمال اشرف کي مخاطب ٿي چيو.

"جمال صاحب توهان لاءِ هيو سويٽ آئيان ٿي." فريده ڪچن ڏانهن وڃڻ جي ڪني ته جمال چيس.

"نه . . . توهان تڪليف نه ڪريو." . . . ويهو." جمال آداب بجا آئيندي چيو ته فريده بيهي رهي. ٿوري دير ۾ ڊنر جو دور پورو ٿيو ۽ سڀني اُٺي ڊرائينگ روم ۾ آيا ۽ قهوه جو انتظار ڪرڻ لڳا. ايتري ۾ فريده جو پاءُ رحيم به اچي نڪاءُ ڪيو. پوءِ ته محفل مچي ويني. رحيم ته موٽر ميڪنڪ هو، جنهن کي ورڪشاپ تي ويني سجي شهر جي خبر پوندي رهندي هُني، تنهن شهر جي حالات جو ريهي پوسٽ مارٽم ڪرڻ شروع ڪيو ۽ سڀ ٻڌندا رهيا. آخر رحيم کي خاموش ڪرائڻ لاءِ عبيدالله ڪنگهڙاهٽ ڪني ته رحيم ماڻ ٿي ويو ۽ عبيدالله پنهنجي مطلب تي آيو چيائين.

"جمال پٽڙا اڄ مون توکي خاص دعوت ڏيني گهرايو آهي."

"جي. . . چئو." جمال متوجه ٿيو.

"منهنجي حيثيت جي توکي خبر آهي ۽ منهنجي گهر جي ماحول کان به تون واقف آهين. . . مونکي به اولاد آهن. . . . هڪ پٽ رحيم. . . جنهن جي ذميدارين کان آئون آجو آهيان. ٻي نياٺي اٿم. . . .جنهن جو بار مونکي لاهڻو آهي" عبيدالله اِهي جملا مَس ڳالهايا ته سجي ماحول تي خاموشي ڇانئجي ويني ۽ سڀني سندس منهن تڪڻ لڳا.

"آئون توتي زور نه ڪونه پريندس، پر اُميد ٿو رکي اٿم ته نياٺي جو هٿ تنهنجن هٿن ۾ ڏيان" عبيدالله سچو راز فاش ڪري ڇڏيو ته سڀني جو رُخ جمال ڏانهن ٿي ويو، جيڪو گهري سوچ ۾ پنجي ويو هو، سندس ڪنڌ هيٺ ٿي ويو ۽ سوچڻ لڳو ته عبيدالله وري چيس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”هينئر نه... پلي سوچي جواب ڏي“
”ها ...مونکي پنهنجن پائرن سان مشورو ڪرڻو پوندو“ جمال جواب ڏنو
”ٺيڪ آهي... ڪا جلدي ڪونهي... پر مونکي مهيني اندر جواب ڪجي، وڌيڪ آئون انتظار نه ڪندس.“ عبيدالله ڊيڊ لائن مقرر ڪري ڇڏي
”اسان جي طرفان ”ها“ آهي، جمال جا پاءُ انڪار ٿوري ڪندا.“ اشرف وچ ۾ ڊينگ هڻندي ته جمال هُن طرف نهاريو ۽ سوچيائين ته اشرف جي ڳالهه کي لڳ ڏجي.
”منهنجي طرفان توهان ”ها“ سمجهو... باقي زماني کي بہ منهن ڏيڻو آهي.“ جمال سوچيندي جواب ڏنو هو ته موقعو وڃائڻ بيوقوفي هئي، وري شايد عبيدالله جي وات مان اِهي اکر نه نڪرن.
”بس ”ها“ آهي.“ جمال کلندي چيو ته سيٺي جا چهرا چمڪي پيا، ڄڻ سيٺي کي آب حيات هٿ اچي ويو هجي. رحيم يڪدم اُٿيو ۽ جلدي سان قهوه کڻي آيو ۽ سيٺي مرڪندا رهيا ۽ قهوه جا ڪٽا منا چسڪا پريندا رهيا. ايتري ۾ رات جا ڏهه ٿيا ته سيٺي کان جمال ۽ اشرف موڪلائي، ڪار کي اسٽارٽ ڪري جڏهن رستي تي راهي ٿيا ته ڄڻ هوا ۾ اڏامندا پئي ويا. جمال جي دل خوشي سان چڪار هُئي ۽ ذري پري سندس چپن تي مُرڪ ٿي پيئي آئي ۽ خبر ناهي ڇو غير ارادي طور کلندو رهيو.
”ميان- هاڻي ته روز روز فريده جي هٿن جا طعام کائيندس.“ اشرف ٽوڪ هنيس.
”مون بہ ڳالهه جو ڳاٽو پهرين پڇي ڇڏيو هو.“ جمال فخر سان چيو.
”باقي چاچي عبيدالله ته صرف کهاڻي ٻڌائي.“ اشرف چيو
”اينئن ته ٿيندو آهي“ جمال ٽهڪ ڏيندي چيو.
”ميان مبارڪون هجنئي“ اشرف مبارڪون ڏنيون ته جمال چيو
”فريده کي ماٺس هينئر ٻڌايو هوندو ته مان شادي لاءِ ”ها“ ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چڏي آهي تہ هو ڏاڍي خوش ٿيندي' جمال کي ٻان تي ناز ٿيڻ لڳو.
'بلڪل غلط' اشرف خوامخواه سنجيده ٿيندي چيو.
'ڇو' جمال تعجب وچان ڪار جي رفتار گهٽائي ڇڏي.
'بس هاڻي تڪو ٿي، مون تہ امتحان پنهنجي ورتو تہ همراه ڪيٽري پالي ۾ آهي' هاڻي شادي پڪي ۽ منهنجي ڪنهن شاندار هوٽل ۾ ڊنر بہ پڪي' اشرف اڳ ورتو
'تنهنجي دعوت ڪنهن ڏيکڙا هوٽل ۾ ڪري ڇڏينداسين' جمال ٽوڪ هنيس تہ اشرف جو منهن ڦٽي پيو.
'صبح نهاري... شام نهاري... آهي زندگي جو نالو نهاري... ميان ڪڏهن تہ ڪنهن ڪارنر تي ڪڪڙ ڪاراڻي... نہ تہ صبحاڻي آنون عبيدالله کي ٻڌائيندس تہ ياڻس ڪاوڙجي پيا آهن اصل ڪهاڙيون تکيون پيا ڪن' اشرف جمال کي بليڪ ميل ڪيو.
'ڪاڏي لاءِ عقل اڇيو وڃي... باقي مڙيني خير... ٺيڪ آهي صبحاڻي اِنهي خوشي ۾ ڪڏجي ڪنهن سٺي هوٽل ۾ ڊنر ڪنداسين' جمال کيس وڏي لالچ ڏني تہ اشرف خوشي کان سندس چيلهہ ۾ هٿن سان ڪدڪدي ڪني تہ جمال ڪتڪتوڙي کان ڪلڻ لڳو ۽ ائين ٻنهي دوست ڪلندا خوش ٿيندا فليٽ تي پهتا.
فريده کي ٻنهي ڏينهن جڏهن ماڻس ٻڌايو تہ سندس شادي جون ڳالهيون جمال سان ٿي رهيون آهن تہ اها خبر فريده تي وڄ وانگر ڪري. سڄو ڏينهن سوچ ۾ گذاريائين. هُن سوچيو تہ جيئن جمال جو سندس گهر ۾ گهٽي وقت کان اچڻ وڃڻ هو پر سندس والدين کيس ڇو نہ ٻڌايو تہ سندس مستقبل جمال سان آهي ۽ هيننر ٻڌايو ويو آهي؟ حقيقت ۾ والدين ڪيننن ٻڌائين، ڇو تہ ٿي سگهي ٿو جمال انڪار ڪري ڇڏي پر جڏهن جمال 'ها' ڪني تہ ٻنهي ڏينهن ماڻس ڳالهہ کي چٽو ڪري ڇڏيو. وري سوچيائين تہ شبانہ سان ڳالهہ ڪجي تہ هو شفيق سان محبت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪري ٿي، پر وري سوچي ماٺ ڪري ويهي رهي ته شفيق اجان پنهنجن پيرن تي نه آهي، مٿان سندس والدين کي خبر پوندي ته آنون وچ ۾ خواهخواه بدنام ٿي ويندس، ٿي سگهي ٿو شبانه به سندس. ماڻهن جو پاسو وٺي ۽ ٻئي طرف سندس والدين يڪدم ٻني طرف نه لڙندا ڇو ته هو هڪ طرف پاڻ کي ڪري چُڪا آهن. تنهنڪري مُني به ماٺ ۽ مني به ماٺ سمجهي ماٺ ڪري ويهي رهي. سندس سينگار ۾ گهٽتائي اچي ويئي، نه ڳالهائڻ ۾ شوخي نه هلڻ ۾ تلاطم، بس هڪ قسم جي المناڪ مايوسي ۾ گهيرجي ويئي هئي. اجان خوشين منهن ني مَس ڪڍيو هو ته غمن اچي ورايو، آخر ڇا ڪجي؟ هُن کي پاڻس رحيم جي خشڪ طبيعت جي خبر هئي اُهو ته بلڪل پاسو نه وٺندو، ڇو ته جمال ۾ ڪهڙي خرابي هئي. پنهنجو فليٽ، پنهنجي ڪار، سٺي عهدي تي هڪ معتبر ڪمپني ۾ ملازم... جيڪي ڪنهن ڇوڪريءَ جي خوشحال مستقبل جا خواب آهن. بيو جمال ۾ ڪهڙو عيب آهي، خوش شڪل، سمارٽ نوجوان آهي. بهرحال فريده کي ڪس ڏسڻ ۾ نه پئي آيو. پر محبت جو نشو به عجيب آهي جيڪو خوار ٿيڻ بعد لهندو آهي. هُن ٿي چاهيو ته محبت کي قربان ڪري... هن جي ذهن ۾ بغاوت پيدا ٿي. ماءُ پيءُ ته اولاد جي خوشي ڏسندا آهن... پر هي ڪهڙي خوشي... جنهن لاءِ خوشي ملهائي پيئي وڃي اُها ناخوش پر زمانو سڄو خوش... هي ڪهڙو بليدان آهي، جنهن ۾ عورت کي قربان ڪيو وڃي ٿو... نه ...نه آنون شادي کان انڪار ڪندس... پر ٻن ٽن ڏينهن بعد هُن محسوس ڪيو ته هو بي سهارا آهي... ڪير به سندس مدد نه ڪندو.... باقي اڪيلي سر بغاوت جو نتيجو سر ڪپائڻ آهي... ڪجهه ڏينهن جڏهن هن ڪمري ۾ گهڻو وقت گذارڻ شروع ڪيو ته مائس پڇيس ته توکي جمال ۾ ڪو عيب ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته ٻڌائي ته هو ڪجهه به نه چئي سگهي. پاڇايس هن جي خاموشي ڏسي هڪ ڏينهن نيٺ پڇي ورتو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"چو ملول ٿي رهين... ڇا ڳالھ آهي."

"نہ اهڙي ڪا ڳالھ ڪونهي." فريده مصنوعي مسڪراهٽ چهري تي آڻيندي چيو.

"پر آخر ڪا تہ ڳالھ آهي" اڳي واري حالت... ۽ هيئنر واري حالت... هرڪو سمجهي سگهي ٿو تہ ضرور ڪا ڳالھ آهي." ڀاڄايس وري ڇهنڊڙي واري تيز ڳالھ ڪئي تہ جيئن فريده ڪلي اينن ڪيس خبر پئي تہ ڇا ڳالھ آهي، پر فريده اهڙي بيوقوف نہ هئي، هُن کي خبر هئي مشرقي عورت لاءِ محبت بدنامي جو باعث آهي. وڏيڪ سندس ڀاڀي جي طبيعت تہ ماشاالله اِهڙي هُئي جو ڍنڍورچي کي چوڻ جي ضرورت ناهي، سڄي پاڙي ۾ مفت ۾ بدنام ڪري ڇڏي ها، انهي ڪري ٽاڻي ويئي... پر... آخر ڪيستائين خاموش رهي... ڪڏهن ڪڏهن دل ۾ خيال ٿيندو هنس تہ پتن سان ڳالھ ڪري دل جو بار هلڪو ڪري، انهي پريشاني ۾ رات جو بستر ۾ اڪيلائي ۾ رئندي هُئي. شمع وانگر پنهنجو پاڻ کي جلائيندي رهي، هن لاءِ هڪ شمع ۽ ٻن پروانن وارو مثل هو، پاڻ شمع هئي تہ شفيق ۽ جمال سندس ٻہ پروانا هئا. جيڪي سندس مٿان جان بہ قربان ڪرڻ لاءِ تيار هئا.

جمال بہ انهي هفتي پاڻس سومار کي خط لکيو. پهرين جمال سوچيو تہ خود ڳوٺ وڃي، سڄي رونيداد ٻڌائي پر اِنهي ۾ بهتري سمجهيائين تہ خط لکي خبر ونجي تہ ورندي ڇا آهي پوءِ اهڙي نموني ماحول کي سازگار بنائجي. جمال قلم ۽ پنو ڪنيو ۽ خط لکڻ شروع ڪيائين.

پيارا پاءُ

بعد سلامن جي عرض آهي تہ مون پاڻ ۾ جيتري طاقت ساري اُها گڏ ڪري خط لکڻ جي جرات ڪري رهيو آهيان. ادا ... مون هتي توهان لاءِ ڀاڄائي ڳولهي ڇڏي آهي. بس ڳالهيون بہ پڪيون ٿي ويون آهن. ڇوڪري جي والدين "ها" ڪري ڇڏي آهي. باقي شادي... سا توهان ڀائرن جي صلاح سان ڪندس،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجن هٿن سان پنهنجي ننڍي ڀاءُ کي گهوٽ ڪري سينگارجان.
اميد آهي تہ توهان جلدي ڪراچي ايندا ۽ ڇوڪريءَ وارن سان
شاديءَ جي تاريخ پڪي ڪري شاديءَ جو انتظام ڪندا... سڀني
گهر ڀاتين کي مبارڪون ڏيندا- مهرباني.

توهانجو ننڍو ڀاءُ

جمال اڪبر- ڪراچي.

ڀائُس سومار کي جڏهن خط مليو تہ پڙهي پگهرجي پيو،
سندس سنڌ سنڌ مان ڄڻ ٻاهر نڪرڻ لڳي، هي ڪهڙو نياءُ
آهي. "ڇا جمال اسان کي سڀني زندگي سُور ڏيندو." اسان سائس
ڪهڙي نہ ڀلائي ڪئي. تہ پوءِ بہ پنهنجو آهي، پر شهر جي هوا
ڪيئن صفا بدلائي ڇڏيو آهي. بلڪل مطلب پرست ٿي ويو آهي.
جيڪو سندس مَن ۾ اچي ٿو سو ڪريو گذري، پوءِ ڇا ٿيندو
اهو اسان جي مٿي جو سُور آهي. هن کي سندس ڀڄي سهتي جي
ڌيءَ زليخا جو خيال هو، جيڪا سومار پنهنجي ڀاءُ لاءِ گهر ۾
ڇڏي هئي، بس جمال جي طرفان اقرار جو انتظار هو تہ شادي
هڪ ڌڪ ۾ ٿي وڃي، پر هتي معاملو بلڪل مختلف ٿي ويو هو،
جنهن سومار کي پريشان ڪري وڌو. سوچيندي سوچيندي آخر
هُن فيصلو ڪيو تہ جمال وٽ ڪراچي وڃجي ۽ سائس ڳالهہ هڪ
طرف ڪجي. ٻئي ڏينهن سومار ڪراچي روانو ٿي ويو. سندس
پهچڻ تي جمال ڏاڍو خوش ٿيو پر سومار جي چهري تي سنجيدگي
هُئي. اجهان شام مَس ٿي تہ اشرف بہ اچي فليٽ تي پهتو، پوءِ تہ
محفل گرم ٿي وڃڻ گهرجي پر سومار جي سنجيدگي ڏسي، ڪنهن
جي بہ طبيعت تي آسودگي ڪونہ اچي رهي هئي. آخر محفل مٿي
اشرف ڳالهہ شروع ڪئي.

"ڀاءُ سومار- ڳوٺ جي ڪا خبر."

"مڙيئي خير آهي... پر تو واري يار.... هي ڇا ڪيو آهي نہ
صلاح... نہ خبر چار... بس شادي لاءِ خط لکي ڇڏيو اٿس...
تہ اچو ۽ ڏينهن ٻڌو." سومار حقيقت بيان ڪئي تہ اشرف ٿوري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دير لاءِ سوچ ۾ پئجي ويو ڇو ته سومر جو ڳالهه ڪرڻ وارو طريقو تلخ هو، آخر چيائين
”ادا شهرن ۾ اهين ٿيندو آهي... بس ڇوڪرو ۽ ڇوڪريون پنهنجو پاڻ هڪبئي کي پسند ڪن... باقي منٿ ڪرڻ شادي ڪرائي ڏين ۾ خرچ ٿيو وڃن... ڇو توهان کي مون ڪجهه نه ٻڌايو؟“ اشرف سندس دل جي ڳالهه زبان تي آڻڻ لاءِ بس سومر جي ڪورٽ ۾ اڇليو. جمال جيڪو پاڻ جي ٻچن تي هٿ لاءِ ڇاڇه ناهن ڪچن ۾ ويل هو سو به ڇاڇه جا ٻي ڪرپ ٿي ڪمري ۾ داخل ٿيو ته سومر سندس چهري ڏانهن ڏسي خاموش ٿي ويو.
”چئو ادا- مون غلطي ڪئي جو شادي ٿو ڪريان“ جمال جيڪو ماحول جي ڪشيدگي کي ڏسي رهيو هو، برداشت ڪري نه سگهيو.
”غلطي ته ڪا ننڍڙي شيءِ آهي.... پر تون عظيم غلطي ڪري رهيو آهين.“ سومر ڏانهس ڏسندي چيو.
”آخر ڪهڙي غلطي... مونکي ته ٻڌائي.“ جمال ڇاڇه پيش ڪندي چيو. ”اسان توکي انهي ڏينهن لاءِ ڪونه پڙهيو هو ته ڄڏهن ڪا حيثيت وٺين ته پنهنجي مرضي تي حڪمن سان ڪيتني شادي ڪندو وتين“ سومر ورائيو.
”مون سمجهيو ڪونه... ڳالهه ڪوئي سمجهي؟“ جمال سوال ڪيو.
”جيڪڏهن توهان اينئن شاديون ڪيون ته پوءِ اسان پنهنجون نينگريون ڪيڏانهن ڪنداسين... جيڪي بدلي ۾ به ڏيڻ لاءِ تيار آهن. هينئر تون سُئي پگهار ٿو ڪٽين... تڏهن توکي شهر وارن به سکيو ڏسي ڇوڪريءَ ڏني... جيڪڏهن بکيو هجين ها ته... ڪو ٽڪ به نه هڻنين ها.“ سومر ڪاوڙ مان چيو.
ادا تون صحيح آهين... پر ٻهراڙي جي ڇوڪري... شهر ۾ ٺي هلي سگهي. هتي جي رهڻي ڪهڻي... اُٿي ويٺي- ۽ ٻهراڙي جي طور طريقن ۾ زمين آسمان جو فرق آهي“ جمال سماجي فلسفو پيش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيو.

’تون بہ تہ جهنگ جي پيداوار آهين- هينئر تون پاڻ کي ڪئي سڏريل سمجهہ- مگر ياد رک تو ۾ تخم تہ ماروئڙن جو آهي.‘

سومار فلسفي جو جواب فلسفي ۾ ڏنو.

’صحيح آهي- مگر يار دوست مونکي ڇا چوندا.... مونکي اهڙي ڇوڪريءَ کپي... جيڪا مونسان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلي نہ اهڙي ڇوڪريءَ جنهن کي آئون محتاجن وانگر وٺيو هلان‘ جمال بيزاري مان چيو.

’سبحان الله ... ايتري نفرت.‘

’نہ- مونکي نفرت ڪونهي.‘

’پوءِ تون ٻهراڙي جي عورت کي محتاج ڇو ٿو چوين.‘

’محتاج اِنهي ڪري آهي جو ڪيس تعليم ناهي... بنان تعليم جي هو انڌي آهي.‘

’تہ پوءِ اُنهي کي تون پنهنجي ماحول ۾ آڻ لاءِ پڙهانجان.‘

’مون ڪو اسڪول ڪونہ کولي رکيو آهي.‘

’پنهنجن جي خدمت ڪرڻ کان لاچار آهين... خود غرض آهين... مطلب پرست آهين.‘

’نہ آئون مجبور آهيان.‘

’ڇا کان مجبور آهين.‘

’دل کان... آئون هُن کي پيار ٿو ڪريان... مونکي هُن سان محبت آهي.‘ جمال جذبات ۾ اچي سڀ ڪجهہ چئي ڇڏيو.

جڏهن سومار ’محبت‘ جا الفاظ ٻڌا تہ ٿوري دير لاءِ خاموش ٿي ويو. اشرف جيڪو گهڻي وقت کان وٺي خاموش تماشائي ٿيو ويٺو هو سو ٻنهي ڀائرن جي تلخ ڪلامي کي ٻڌي وڌيڪ ڊڄي ويو هو. ٿوري دير لاءِ ماحول ۾ خاموشي طاري ٿي وئي. هرڪو پنهنجي جڳهہ تي ٻهڻ وانگر چپ ويٺو رهيو. آخر اشرف خاموشي کي ٽوڙڻ لاءِ جمال جي وڪالت ڪندي چيو.

’ادا سومار... ڳالهہ لهي پيئي آهي... باقي هاڻي وڌيڪ ڇا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪبو... چوڪريءَ وارا راضي آهن.. چوندا آهن پراڻي ڏيءَ جو ڏکو بہ چڱو- پر هي تہ جمال کي ٻڌ گهر ويني ڪائڻ لاءِ پيو ملي..

انهي ۾ ناراضگي ڪهڙي."

"سڀني وڪالت ٿو ڪرين پنهنجي يار جي" سومار ڪيس گهوريندي چيو تہ اشرف وڏيڪ سڪڙجي ويو. "پر آئون ڀوٺ ڪهڙو منهن ڏيکاريندس... پڻي جنهن ڪان نياڻي گهري هنم... انهي کي ڪهڙو جواب ڏيندس" سومار وڏيڪ چيو.

"رڳو گهري هني... منگڻو تہ ڪونہ ٿيو... نہ ڳالهہ پڪي ٿي."

جمال ورندي ڏني، اتي سومار ٿوري دير لاءِ سوچ ۾ پئجي ويو.

"جيڪڏهن مسئلو رڳو ڳالهين تائين هو تہ پوءِ جمال جي خوشين کي خراب نہ ڪريو." اشرف وري جمال جي وڪالت ڪئي.

"تون چپ رهہ" سومار مِٺي چنڊ ڪڍي تہ اشرف ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو.

"سچ آهي... رڳو پنهنجي ڳالهہ کي مٿي نہ ڪريو... پر حقيقت کي بہ سمجهو." جمال اشرف جي ڳالهہ کي پاٽي ڏنو.

سومار ٿڌو ساهہ کنيو ۽ خاموش ٿي ويو تہ وري ماحول تي خاموشي ڇانئجي ويئي. شام جي وقت ڪان هنن جي محفل ۾ ڳالهيون شروع ٿيون ۽ سومهڻي اچي ٿي پر نتيجو ڪوبہ نہ نڪري سگهيو. سڀ پنهنجي پنهنجي ضد تي قائم هئا تہ ايتري ۾ در تي ٺڪ ٺڪ ٿي. اشرف ڊوڙي وڃي در کوليو... عبيدالله صاحب ڪمري ۾ داخل ٿيو.

"السلام عليڪم"

"وعليڪم السلام"

"آئون توهان جو گهر پيو انتظار ڪريان... توهان اچان پيا اچو... آخر سوچيم تہ پاڻ وڃي خبر وٺان تہ ڇو دير ٿي."

عبيدالله ڪمري ۾ گهڙڻ شرط جمال سان شڪايت ڪئي.

"دراصل اسان اچڻ وارا هئاسين پر وڏي ٻاءُ سان ڳالهين ۾ دير ٿي ويئي" جمال سندس ٻاءُ ڏانهن نهاريندي چيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”سائين ٻيو ڪري آيا“ عبيدالله وڏي وڇي سومار کي هٿ ڏنو.
ٻلو ٿيني“ سومار وڪائي سان چيو.
”توهان جو ذڪر جمال اڪثر ڪندو رهندو آهي. توهان سان ملاقات ٿي ڏاڍي خوشي ٿي. بس جمال کي ته مون پنهنجو ٻيٽو قبول ڪيو آهي. هاڻي توهان سان ته ملاقاتي ٿي ويندي... هو چوندا آهن... اسين ٻئي ۾ سين ٿي پيا سين.“ عبيدالله صاحب سومار تي ڪجهه واضح ڪري ڇڏي. هن کي شڪ هو ته متان جمال هن کي نه ٻڌايو هجي. ايتري ڪي ڪجهه سان به پهرين ملاقات ۾. سومار سوچ ۾ پنجي ويو ته شهري ڇهڙا ٻڌاسين ٿهڙ ڏسين. واقعي ڳالهائڻ ۾ ڪنهن کي وارو نه ڏيندا آهن. جمال ٻري ڪان سندس پاءُ جي چهري تي بدليل رنگ ڏسي مسڪرائي رهيو هو.
”دير چا جي آهي... جلدي هلو ماني ٺڏي ٿي ويندي“ عبيدالله سڀني کي صلاح هڻندي.
”ادا سومار هلي ته هلون.“ جمال ٻني طريقي سان دعوت ٻڌس کي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي.
”اڙي يار... هاڻي پنهنجائي ۾ ڪهڙا شرم- بس اٿ.“ عبيدالله صاحب سومار جي ٻانهن ۾ هٿ وجهي ڪيس اُٿاريندي چيو ته غير ارادي طور سومار اُٿي کڙو ٿيو. دراصل اِهو هڪ بهانو ڳوليو ويو هو ته جيئن سومار کي به عبيدالله جي گهر وٺي وڃجي. ٻي صورت ۾ اِهو مشڪل هو. تنهنڪري اشرف کي جمال پهرين موڪلي عبيدالله صاحب جي گهر چوارائي موڪليو هو ته سندس ڀاءُ ڳوٺان آيل آهي سو ضرور توهان سان ملندو. تنهنڪري عبيدالله صاحب وري دعوت جو انتظام ڪري پوءِ آيو هو. پر سومار پنهنجي ضد تي قائم هو.
”اسان فليٽ تي وينو آهيان، توهان ڀلي ٿي اچو.“ سومار پنهنجي سخت رويي کي ٿورو نرم ڪيو، ته عبيدالله صاحب حجت ڪندي چيو
”نه... يار نه... توهان ضرور هلندا.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بعد چانهه لاءِ سب ڊرائينگ روم ڏانهن ورانا ٿيا، ته جيئن چانهه ۽ پنجي ۽ شادي جون ڳالهيون ڪجهه اڳتي ٿين. اجان چانهه جو انتظار ئي هو ته عبيدالله صاحب سومار ڏانهن منهن ڪري گفتگو جي شروعات ڪئي.

"بابا- منهنجي خيال ۾ جمال توهان کي سب ڪجهه ٻڌائي ڇڏيو هوندو."

"ڪهڙي ڳالهه جي." سومار خوامخواه پنهنجي بيخبري جو اظهار ڪيو ته عبيدالله صاحب يڪدم جمال ڏانهن منهن ڦيريو جنهن جي منهن تي ٻارنهن وڄي رهيا هئا. ماحول ۾ ٿوري دير لاءِ سنجيدگي اچي وئي.

"ادا ڪجهه وقت اڳي مون فليٽ تي توهان کي شادي جي باري ۾ سب ڪجهه ٻڌايو هو، هي عبيدالله صاحب آهي، جنهن جي گهران آنون شادي ڪري رهيو آهيان." جمال وري داستان کي ٻيهر ٻڌايو ته سومار وري سخت لهجي ۾ چيو.

"توهان جو مطلب ڇا آهي- کولي ٻڌايو." عبيدالله صاحب سخت لهجي مان سمجهي ويو ته همراه ناراض آهي ته هُن کي ٿوري مايوسي ٿي ۽ جمال کي تڪڻ لڳو جيڪو پاڻس اڳيان گونگو وٺو هو آخر عبيدالله صاحب سومار کان رايو معلوم ڪرڻ لاءِ پڇيو.

"جيڪڏهن توهان هن شادي ۾ ناراض هجو ته چئو."

"ڇا چوان... جيڪڏهن توهان معاملو پاڻ ۾ ناهي ڇڏيو آهي، ته پوءِ مون کان پڇڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. اڄڪلهه وڏ ننڍائي ختم ٿي وئي آهي." سومار چيو ته عبيدالله صاحب سمجهي ويو ته همراه ۾ ڪامپليڪس آهي ته ڪيس شروع کان وٺي معاملات ۾ شامل ڇو نه ڪيو ويو، صرف تاريخ پڪي ڪرائڻ لاءِ چو گهرايو ويو آهي. انهي ۾ هن جو نه پر جمال جو قصور هو پر معاملو ٿي به جهٽ پٽ ويو هو، تنهنڪري شايد جمال پاڻس کي شروع کان وٺي معاملات ۾ شامل نه ڪري سگهيو، بهرحال عبيدالله صاحب سمجهائيندي چيس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بہرحال اڄڪلهہ زمانو بدلجي ويو آهي. جوڪرا جوڪريون پنهنجي پسند ڪن ۽ مائٽن کي رڳو شادي ڪرائي ڏيڻي آهي.

اِنهن تہ توهان ماحول کي خراب ڪيو آهي، جوڪرين کي جڙواڳ ڇڏي ڏنو اٿو. سومار بحث جي گهرائي ۾ شامل ٿيڻ ٿي گهريو پر عبيدالله صاحب کان سنڌس سادگي تي ٽهڪ نڪري ويو.

آهي ڳالهيون وڏيون آهن... بس ڏينهن بدلايو تہ بار لاهيون.

عبيدالله چيو تہ سڀ هڪٻئي جو منهن تڪڻ لڳا، ڪنهن کان فيصلو ڪرڻ پئي ٿيو، جمال ڏٺو تہ جيڪڏهن هيئنر ڪم نہ ٿيو تہ پوءِ مرڳيئي معاملو پوئتي ويندو هليو تنهڪري پاڻ فيصلو بڌائيندي چيائين

آڪٽوبر جي مهيني ۾ وانڍڪائي ٿيندي پوءِ مڱڻو ۽ شادي ڪنداسين.

بس بلڪل صحيح آهي" اشرف وچ ۾ ٽپ ڏيئي ڳالهہ پڪي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ جمال ورِي پاڻس سومار کان پڇيو.

"ادا- صحيح آهي" سومار جي هٿن مان ڪبوتر جڏائي ويا، هو تہ صرف وڏو ٿي آيو هو باقي معاملو تہ سڀ طئي آهي، تہ سومار بہ هستگي سان چيو ٺيڪ آهي.

سومرجي وات مان لفاظ نڪتا تہ سڀيئي خوش ٿيا تہ شادي جي تاريخ پڪي ٿي ويئي. ڏينهن مقرر ٿي ويو ۽ بعد ۾ سڀئي عبيدالله صاحب کان موڪلائي گهر پهتا ۽ وڏيڪ شادي جي تيارين جي سري ۾ سوچڻ لڳا. سومار کي اها ڳالهہ جو ملول هو تہ جڏهن غربت آهي تہ مرچ مائي ڪاڻ لاءِ پنهنجون ڪم اچن، جڏهن سٿيا نڪر ڪاڻ جو وقت اچي ٿو تہ ڪو بيو هُن کان سکيو نڪر ڪيو ويئي. خير بنا ڏينهن سومار ڳوٺ روانو ٿيو تہ اُتي منهن ڏيئي سکهي ۽ مائٽن کي جمال جي شادي ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ آماده ڪري سگهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

7

شفيق صبح جو سويل اُٿي پنهنجي بنگلي اڳيان مين ڪ
تي بيقراري جي حالت ۾ چڪر ڏيني رهيو هو. هُن کي اخبار
رزلٽ جو انتظار هو. ٿوري دير ۾ هاڪر جي سائيڪل جي ڪهڙ
جو آواز ٻڌي شفيق جا ڪن ڪڙا ٿيا ۽ يڪدم گيٽ وٽ اچ
بيٺو. هاڪر به سائيڪل کي هلائيندي اخبار مِن ڏانهن وڌائي
جيڪا هن جهٽي ورتي ۽ اخبار جي اندرين صفحن ۾ پنهنجي رزل
کي ڳولهڻ لڳو، رزلٽ ڏسڻ بعد هن جي خوشي جي انتها نه رهي
هو فسٽ ڪلاس ۾ پاس ٿيو هو، يڪدم ڊوڙي ڊوڙي پنهنجي
ڪمري ۾ آيو ۽ رهنجڻ لاءِ تياري ڪرڻ لڳو ته جيئن تيار
صبح سويل پڻس کي پنهنجي ڪاميابي جي خوشخبري ٻڌائي.

شفيق جو والد انيس الرحمٰن به تيار ٿي آفيس وڃڻ
پنهنجي ڪمري مان نڪتو ۽ ناشتي لاءِ ڊائننگ روم ۾ ڪرسي
سنڀالي چانهه ٺاهي هلڪيون هلڪيون چسڪيون ڀرڻ لڳو،
ٽيبل تي اخبار نه ڏسي ٿورو پريشان ٿي پيو. هُن جي عادت
ته چانهه سان گڏوگڏ اخبار جو به مطالعو جاري رهندو هو، پر
سندس عادت جي خلاف ملحول هو. ايتري ۾ شفيق ڪمري
داخل ٿيو ۽ سندس هٿ ۾ اخبار هئي.

"پاپا- آئون پاس ٿي ويو آهيان- فسٽ ڪلاس ۾ "شفيق خوشي
جذبات ۾ هو، خبر ٻڌڻ سان انيس الرحمٰن جي چهري تان بور
بلڪل ڪم ٿي ويني ۽ خوشي جي لهر ڊوڙي ويني... خوش
چيائين. "مبارڪون هجنئين"

"شفيق اخبار ۾ سندس سيٽ نمبر پڻس کي ڏيکار
انيس الرحمٰن يڪدم سندس چشمو لڳائي نمبر ڏٺو، هُن
خوشي ۾ ويتر اضافو ٿيو. يڪدم بريف ڪيس ڪوليائين ۽ ڪ

رڪيا.
رڏا نوٽ ڪڍي پٽس جي هٿ تي رکيا. انيس الرحمٰن چيو.
زرع رجي دوستن يارن کي مٺائي کاراڻي.. انيس الرحمٰن چيو. اُنهن
ايتري ۾ شبانه ۽ مالس، اسماءِ به ڪمري ۾ داخل ٿيون. اُنهن
کي به شفيق خوشي جي خبر ٻڌائي ته هنن به کيس مبارڪون
ڏنيون ۽ خوشي خوشي سڀ ناشتي کي لڳي ويا. انيس الرحمٰن جي
چهري تي ٿوري ٿوري دير لاءِ سوچ ڪان سنجيدگي اچيو ٿي ويني،
من شفيق جي مستقبل جي باري ۾ جيڪي ڪجهه سوچيو هو،
اُنهي جو پهريون ڏاڪو ختم ٿيو ۽ ٻئي ڏاڪي ۾ پير پائڻ لاءِ هن
جي ذهن ۾ نوان خيال ۽ پلان اچي رهيا هئا. هو ناشتو به ڪندو
ريو ۽ سوچيندو به رهيو انهي سان گڏوگڏ فيملي ميمبرن سان
گفتگو به ڪندو رهيو. گهر جا سڀ ڀاتي خوش هئا. آخر انيس
الرحمٰن پلان کي واضح ڪرڻ لاءِ ٻني ڏينهن جو انتخاب ڪيو ۽
آفيس وڃڻ لاءِ اُٿڻ لڳو.

"آئون بزنس جي سلسلي ۾ به ڏينهن مصروف هوندس، تنهنڪري
مونکي ڊسٽرب نه ڪجو، پرئين پاڻ سڀ گڏجي ڊنر ڪنداسين-
..چڱو ... خدا حافظ... انيس الرحمٰن صاحب ٻاهر نڪري
ڪار ۾ ويهي پنهنجي دفتر هليو ويو. شبانه، شفيق ۽ اسماءِ
مستقبل جا نوان نوان پلان ٺاهي خوش ٿيندا رهيا، ايتري ۾
مالس به گهر جي ڪم ڪار ۽ نوڪرن کي هدايتون ڏيڻ لاءِ اُٿي
ته شفيق سندس ڀيڻ شبانه جي ويجهو اچي سندس ڪن وٽ

چيو.
"ٻلا هن کي خوشخبري ڪير ٻڌائيندو."
"ڪنهن کي"
"ٽر جي صوبيدار کي سڀ خبر آهي ته چوري ڪنهن ڪئي آهي."
"تون پاڻ ٻڌائي،"
"انتظام جي ضرورت آهي."
"جا منهنجو ڪم صرف اهو رهجي ويو آهي
"پياري باجي آهين نه..." شفيق سندس چمچ ڳيري ڪئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

'ايترو مجنون نہ ٿي.'
'مجنن کي سنگ ٽيندا آهن ڇا... بس مٽي ۾ مٽي وجهي ڪن
۾ هاءِ فريده... هاءِ فريده... چوڻ رهجي ويو آهي' شفيق
انهن جملن جي ادائيگي تي ٻني ياءُ پيڻ کلي پيا.
'بس انتظام ٿي ويندو.' اينن چني شبانہ اُٿي ۽ شفيق هٿ
ڪري دُعا جي انداز ۾ چپن ۾ چيو 'يا خدا- بس ملاقات
رجي' شفيق جو اهو انداز ڏسي شبانہ کلي ڏنو، سمجهيائين
همراه ديوانو ٿي ويو آهي.
شفيق گهران نڪري پنهنجي دوستن جي محفل ۾ آيو
جتي اڳيني اخبارن جا انبار لڳا پيا هئا. سندس دوست
جيڪو امتحان ۾ فيل ٿي پيو هو، سو سڀ اخبارون وٺي آيو
چني اخبار وارن کان غلطي ٿي هوندي ورنہ هن تہ پيپر تمام
ڏنا هئا. سڀ دوست هن جي غم ۾ شريڪ هُئا پر خاص
خوشي جو سيني تي حاوي هو، سيني ملي هڪ هوٽل تي خوشي
لنچ جو پروگرام ناهيو ۽ رات جو بہ پروگرام هو وڊيو فلمن
جو... پر شفيق معذرت ڪري ورتي چو تہ ڪيس سندس
سان ملاقات جي پروگرام جو آسرو هو. يڪدم گهر پهتو ۽ بيا
ڪپڙا پائي- پٺس لاءِ انتظار ڪرڻ لڳو تہ جينن سندس
استعمال ڪري سگهي. شبانہ اڳيني فريده سان ملاقات ڪري
هني. ٻني سهيليون هڪبني سان بلڪل گهاٽيون هيون، هڪبني
جي راز جون واقف هنيون. فريده ڪيس سندس شادي جي ڳالهہ
بابت سڀ ڪجهہ ٻڌايو، هن کي سندس اميدن جي ٻيڙي ٻڏندي
نظر پيني آئي. تنهن شبانہ کان صلاح پڇي تہ هو ڇا ڪري...
شبانہ سڀ ڳالهہ جو بار شفيق تي ڇڏيو، تنهنڪري ملاقات
ٽائيم ورتائين تہ جينن پاڻ ۾ ملاقات ڪري سوچي وٺن تہ
ڪرڻو آهي. ڇاڪاڻ تہ شبانہ کي سندس مائٽن جي خبر هني
پٺس بلڪل ڪاروباري ذهنيت جو مائهو هو، هُن جي ذهن
صرف هڪ ڳالهہ هُني تہ پنسو ڪهڙي بہ طريقي سان ڪمائجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻني طرف ماٽس هني جيڪا اسٽينڊرڊ جي قائل هُني. اونچ نيچ، خاندان جو خيال، وڏيڪ هو ڪنهن کي خوامخواه برداشت نہ ڪندي هني. شبانہ اِنهي ڪري غيرجانبدارانہ رويہ اختيار ڪيو، ڪيس وڏيڪ فريده جي والدين جو بہ علم جيڪي قدامت پسند هُنا. اُهي ڇوڪريءَ کي شادي جي معاملي ۾ دخل اندازي ڪرڻ جا قائل نہ هنا، جيڪي والدين فيصلو ڪن سو نياڻي کي مڃڻو پوندو. شبانہ ڪنهن جي ٻيڙي ۾ سوار ڪري پنهنجي سهيلي کي ڪناري تي پهچائي... سو تمام مشڪل ۾ هُني. هن تمام ٻيدلي سان سندس ياءُ شفيق کي فريده سان ملاقات جو پروگرام ٻڌايو.

شام جي چانهہ جي ٽائيم تي انيس الرحمٰن گهر گهڙو ڪري پهچي ويندو هو. چانهہ پي پنهنجي ڪمري ۾ ڪپڙا بدلائي شام جو لان ۾ هوا خوري ڪندو هو، پوءِ ڪاروباري ماڻهن کي پنج ڇهہ فونون ڪري رات جي ماني ڪائي سمهي رهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن دير بہ ٿي ويندي هنس، وري ڪڏهن ڪاروباري ماڻهن سان ڊنر جو پروگرام هوندو هنس. اڄ بہ ڪيس ڪنهن ڊنر ۾ وڃڻو هو سو اچڻ مهل جڏهن شفيق ڪانئس ڪار جي چابي گهري تہ هُن پنهنجو پروگرام ٻڌائي شفيق کي لاجواب ڪري ڇڏيو. ماٽس اسماءِ تہ اڃان گهر نہ پهتي هني ورنہ اُها ڪار ڪنٽي وڃي. آخر ڪار هُن کي موٽر سائيڪل جو سهارو وٺڻو پنجي ويو. موٽر سائيڪل تي چڙهي جڏهن هو سرخاب پارڪ پهتو تہ پارڪ ۾ صرف ٻار راند ڪري رهيا هنا. ڪٿي ڪٿي ڪو واندو سگريٽن جا سوٽا هڻٽي رهيو هو. هُن کي ماحول ۾ رش نہ ڏسي خوشي ٿي. موٽر سائيڪل کي هڪ پاسي بيهاري پاڻ هڪ ڪاٺ جي بينچ تي ويهي فريده جو انتظار ڪرڻ لڳو فريده ٻن ٻيڙين جي سوار هني. هڪ طرف سندس شادي جون ڳالهيون جمال سان طيءَ ٿي رهيون هيون تہ ٻني طرف شفيق جي محبت ڪيس بتال ڪري وڌو هو، گهران تہ شبانہ سان ملڻ جو بهانو ڪري نڪري آئي، پر هُن جا قدم ڳرا ٿي رهيا هُنا. دماغ سوچن کان ڦاٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رهيو هو، ملاقات ڪرڻ لازمي هني ته جيئن پرين ڪي حالات کان واقف ڪري سگهي. اهو دل ۾ ارادو رکي فريده رڪشو ڪيو ۽ سرخاب پارڪ پهتي، جتي شفيق سندس اڳيئي انتظار ڪري رهيو هو. شفيق جي نظر جڏهن فريده تي پيئي ته هُن خوشي کان چپن چپن ۾ مني سيٽي وڄائي. فريده سندس اِها شرارت ڏسي کلي پيئي، سندس سنجيدگي يڪدم ختم ٿي ويئي ۽ آهستگي سان سندس پاسي ۾ ويهي رهي.

"نه سلام نه ڪلام... آئون تنهنجو مهمان عجيب ڳالهه آهي" شفيق کيس چيڙيندي چيو.

"ڇڳو غلطي ٿي ويئي معاف ڪر." فريده درخواست ڪئي.

"بلڪل نه" انهي غلطي جي توکي سزا ملندي."

"ڪهڙي."

"توکي مونسان گڏ ريسٽورنٽ ۾ چانهه پيئڻي پوندي."

"ٺيڪ آهي"

"ڏس عشق ۾ غلطي آئنده نه ٿيڻ گهرجي" شفيق کيس وري چيڙيو.

"ڪير ٿو چوي ته مونکي توسان عشق آهي" فريده چيس جيڪڏهن عشق نه آهي ته محبت ضرور آهي"

"تون بيوقوفن جي دنيا ۾ رهين ٿو."

"تنهن جي معنيٰ توکي مونسان بلڪل محبت ڪونهي" شفيق سندس هٿ جهلي فريده جي اکين ۾ نهاريو ته فريده کلي ڏنو.

بس ڳجهارت پڄي پيئي" شفيق سندس محبت واري مسڪراهٽ ڏسي چيو. ٻئي هڪٻئي کي تڪيندا رهيا ۽ دل جي گرمي پهچائيندا رهيا. پارڪ ۾ وينل هڪ دل ڦاڙ عاشق جيڪو هنن کي گهڻي وقت کان ڏسي رهيو هو ۽ سگريٽ جا وڏا ڪش هڻي دل کي جلائي رهيو تي فريده جي جڏهن اوچتي نظر پيئي ته هُن شفيق کي اشارو ڪري هُن ڏانهن اشارو ڪري ڏيکاريو. شفيق جڏهن هُن ڏانهن ڏٺو ته هو ٽوڪ کان پنهنجا پاهوڙي جهڙا ڏند

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪڏي ڪليو تہ شفيق بور ٿي پيو.

'هلو تہ هلون ريسٽورنٽ تي' شفيق اٿندي چيو... سرخاب پارڪ کان ٻاهر نڪري جڏهن شفيق موٽر سائيڪل کي اسٽارٽ ڪرڻ لڳو تہ فريده گهٻرائجي ويني.

'نہ! نہ!... آئون موٽر سائيڪل تي ڪونہ چڙهندس.'

'ڇو' شفيق گهٻرائجي پڇيو.

'ماڻهو ڏسندا تہ ڇا چوندا.' فريده بيان ڪيو.

'اهوئي چوندا تہ .... بہ پيار وارا پکي گڏ پرواز ڪري رهيا آهن' شفيق محبت جي انداز ۾ چيو تہ فريده کان جواب نہ ٻڌجي سگهيو بلڪ شرمائجي ويني. شفيق موٽر سائيڪل اسٽارٽ ڪيو ۽ فريده کي صلاح هنئي. 'ويھہ' ۽ مونکي اهڙو پاڪر پائي تہ جيئن پاڻ ٻني هڪ جسم ٿي وڃون' شفيق چيس.

'ڳالهيون ڪرڻ تہ ڪير تو کان سکي! فريده اينئن چئي موٽر سائيڪل تي ويهي رهي ۽ ٻئي ساڳئي ريسٽورنٽ ڏانهن روانا ٿيا، جتي هو هميشہ ملاقاتون ڪندا هئا. شفيق جڏهن موٽر سائيڪل کي تمام تيز هلايو تہ فريده يڪدم شفيق کي سوڙهي ٿي ويني، سندس سڄي ٻاهن شفيق جي چيلهہ تي نانگ وانگر ويڙهجي ويني، سندس ڇاتي شفيق جي پٺن کي گرمي ڏيئي رهي هُئي. هُن کي اينئن محسوس ٿيو تہ هي سفر ڪڏهن بہ ختم نہ ٿئي، بس آئون موٽر سائيڪل هلائيندو رهان ۽ فريده ڪيس ڇهئي پيئي هجي ۽ اينئن سڄي رات هلندا رهون. انهن خيالن ۾ غلطان فريده بہ هئي جنهن کي محبت جو لطيف احساس بت ۾ چٽنگون پيدا ڪري رهيو هو. آخر ڪار ريسٽورنٽ بہ اچي ويو. موٽر سائيڪل کي فٽ پاٿ جي هڪ پاسي بيهاري، ٻئي يڪدم ريسٽورنٽ ۾ داخل ٿيا. شام جو ٽائيم... اڪثر ريسٽورنٽ خالي هوندا آهن، تنهنڪري هنن واريون مخصوص سيٽون بہ خالي پيون هُيون. فريده ڪرسي تي ويهڻ شرط ٽڏو ساهہ کنيو ۽ چيائين

'موٽر سائيڪل تي ويهي، خير سان هتي آياسين، مونکي سڄي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

واڻ اهو خيال رهيو ته ڪنهن سڃاڻو ڏسي ورتو ته بدنام ٿي ويندا سين"

"محبت بدنام نه ٿئي... اها محبت ناهي فريده." شفيق چيس.

"پر... ايتري ۾ شفيق يڪدم سندس اکر ڪاٽي ويو.

"ڪجهه ڪونه ٿيندو- جيڪڏهن ڳالهه وڌي ته پاڻ شادي ڪري وٺنداسين." ايتري ۾ بيرو اچي ويو جنهن کي شفيق بسڪٽ ۽ چانهه جو چيو ۽ هو آرڊر وٺي واپس ويو هليو.

"شفيق منهنجي دل تي هڪ وڏو بار آهي." فريده چيو.

"چئو" صاف اکرن ۾" شفيق سندس دل وڌائڻ واري انداز ۾ چيو. فريده ٿوري دير لاءِ سوچ ۾ پنجي ويني ته سندس شادي واريون ڳالهيون ڪيس ٻڌائي ڇڏي، وري سوچيائين ته سندس سهيلي شبانه ڪيس سڀ ٻڌائي ڇڏيندي پوءِ شفيق جو ردعمل ڇا ٿو ٿئي، تنهن بعد ڳالهه کي اڳتي وڌائجي... نه ته آئون اڪيلي بدنام ٿيندس. تنهنڪري وٺ ڏيني پڇيائين

"شفيق... تون مونکي ڇڏي ته ڪونه ڏيندين."

"آئون توکي ڇڏي ٿو سگهان- آئون شادي ڪندس ته توسان ڪندس... ٻي ڪابه عورت منهنجي لاءِ خاڪ برابر آهي" شفيق سختي سان چيو.

"پر... وري شفيق سندس اکر ڪاٽي ويو.

"ڪجهه به ڪونه ٻڌندس.... مونکي توسان محبت آهي ۽ توکي مونسان محبت آهي، ٻني هڪٻئي کي پسند ڪريون ٿا. آئون والدين سان ڳالهائيندس ته پنهنجي شادي جو ڪو پروگرام ٺاهين" شفيق پر اعتماد لهجي ۾ چيو.

ايتري ۾ بيرو بسڪٽ ۽ چانهه کڻي آيو ۽ ٽيبل تي سجائڻ لڳو ته شفيق ڳالهه جو رُخ بدلائيندي چيو.

"آئون امتحان ۾ پاس ٿيو آهيان، تو مونکي مبارڪون ڪونه ڏنيون."

"مبارڪ هجي.... لک مبارڪون هجن." فريده چيو ۽ ايتري ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بيرو هليو ويو
’زباني مبارڪ- مونکي قبول ناهي... مون کي پپي کپي‘ شفيق چيس
’شرم ڪر- ريسٽورنٽ ۾‘ فريده شرم جي انداز ۾ دہائيندي چيس ، ۽ شفيق هٿ وڏائي سندس هٿ جهلي ورتو ۽ جهڪي هٿ تي چمي ڏني تہ فريده جون اکيون پورجي ويون. هڪ سنهون سرور سندس بت ۾ پکڙجي ويو ۽ فريده يڪدم پنهنجو هٿ ڇڏائي ورتو.
’هٿ تہ ڇڏائي ورتني پر هاڻي پنهنجن هٿن سان چانهہ کي شيرين ڪريو.‘ شفيق فريده کي چيو. چانهہ پيئڻ بعد ٻني محبت جا ماريل ڪجهہ دير لاءِ ڪچهري ڪندا رهيا ۽ آخر ۾ طيءِ ٿيو تہ شفيق پنهنجي شادي لاءِ والدين سان ذڪر ڪندو. ٻني ريسٽورنٽ کان ٻاهر آيا ، موٽر سائيڪل تي سوار ٿي شفيق گهر ڏانهن روانو ٿيو ۽ فريده بس اسٽاپ ڏانهن رواني ٿي. هُن جي دل ۾ حسرت رهجيويني تہ هُن شفيق کي چو نہ پنهنجي شادي جي ڳالهين بابت ٻڌايو.... پر شفيق اهڙو موقعو نہ ڏنو هر ڳالهہ ڪائي ٿي ويو... نہ! ... توکي سڀ ڪجهہ ٻڌائڻ گهرجي ها.... اها تنهنجي غلطي آهي ، سندس اندر مان آواز آيو... متان سڀاڻي تنهنجي شادي ٿني ۽ شفيق کو غلط ڪم ڪري ويهي، جنهن ۾ منهنجي ۽ منهنجن مائٽن جي بيعزتي آهي، پر شفيق پاڻ چيو آهي تہ هو والدين سان شادي جو ذڪر ڪندو... ڏسان تيجو چا ٿو نڪري. انهن سوچن ۾ غلطان فريده رڪشا ۾ سوار ٿي گهر پهتي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

8

انيس الرحمان اڄ گهر سويل پهتو. هُن کي ياد هو تہ هن گهر وارن کي رات جي ماني گڏ کائڻ جو پروگرام ڏنو هو. جڏهن گڏ ماني کائڻ جو پروگرام طئي ٿئي تہ معنيٰ... اعليٰ ڊش تيار ٿئي، تنهنڪري شبانہ جي ماءُ ڏري پري بورچيخاني ۾ بورچي کي هدايتون ڏيئي رهي هئي. رات جو ٽيلي ويزن تي ڊرامون ۽ خبرون ڏسي سڀئي اچي کاڌي جي ميز جي چوگرد ويٺا. بورچي اڳيئي کاڌو لڳائي چڪو هو باقي صرف کائڻ جي دير هئي. انيس الرحمان نيپڪن کنيو ۽ کاڌي ڏانهن هٿ وڌائي بسم الله ڪئي تہ سڀئي کاڌي کي چهٽي ويا. طئي شده پروگرام تحت جڏهن بہ گڏ ماني کاڌي ويندي هئي تہ معنيٰ... اڄ ڪو فيصلو ٿيڻو آهي جنهن لاءِ سڄي گهر جي ڀاتين کان راءِ ورتي آهي، انهي ڪري سڀ ڏري پري انيس الرحمان جي چهري ڏانهن ڏسي رهيا هئا ۽ ماني بہ کائي رهيا هئا. آهستہ گفتگو جو آغاز ٿي ويو.

"شفيق- دوستن سان خوشيون ملهائي آئين."

"جي ها- سڀني دوستن مبارڪون ڏنيون ۽ عاليشان دعوت بہ ٿي." شفيق جواب ڏنو

ماشاءالله ...شفيق.. هاڻي تون گريجوئيٽ ٿي وئين، وڌيڪ ڇا ارادو آهي." انيس الرحمان سندس راءِ ورتي.

"بابا پنهنجو ڪاروبار تعميراتي ڪم آهي، جيئن تہ مون انجنيرنگ ڪري ورتي آهي، باقي تنظيمي امور توهان کان سکندس ۽ مالي مسائل بہ آهستي سکي ويندس." شفيق جي جواب کان پٹس ڏاڍو مطمئن ٿيو ڇو تہ پٹس اينئن گهريو ٿي جيئن شفيق جواب ڏنو. دراصل شفيق اهو سوچي جواب ڏنو تہ جيئن سندس والد خوش ٿئي ۽ پوءِ پنهنجي شادي جو ذڪر بہ جيڙي وجهان پر اُنهي کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڳ سندس والده اسماءُ ڳالهه ڪري وڌي.

"بس هاڻي شبانہ جي شادي ڪانپوءِ شفيق جي شادي بہ ڪرائڻي آهي. ماشاالله انجنير ٿي ويو آهي، توهان سان ڪاروبار ۾ هٿ ونڊائيندو، باقي پنسي جي کوٽ ڪونہ آهي،... جيڪڏهن ڪو نئون ڪاروبار ڪرڻ گهرين تہ ٻڌائي." مائٽن جي ڳالهه تي شفيق جي دل کي تقويت ملي تہ سندس شادي جو بہ ذڪر خير ٿي ويو، پر پٽس کي اها ڳالهه نہ وڻي تنهن ڪاوڙ مان چيو

"توهان عورتن کي تہ بس شادين ڪانسواءِ ڪجهه سُجهي ئي ڪونہ ٿو، اڄا ٻار ننڍا هوندا تہ ڳيت ڳائڻ شروع ڪنديون ۽ شادي ڪرائي بعد ۾ ننهن جي ڳلا جا ڳيت ڳائينديون وتنديون." انيس الرحمٰن جي اِنهي ڳالهه تي محفل ۾ ٽهڪڙو مچي ويو ۽ اسماءَ جو منهن ٿئي پيو.

"اڄان هُن پريڪٽيڪل زندگي ڏٺي ڪونهي، جيڪا تعليمي زندگي کان بلڪل مختلف آهي، جڏهن هي ڪاروباري هينايون مٽايون ڏسي ۽ پختو ٿئي پوءِ سندس شادي ڪرائبي." انيس الرحمٰن جي انهي جملي، شفيق کي مايوس ڪري وڌو.

"تہ آئون بہ ايتري تڪڙي ڪونہ آهيان، شفيق جي مقابلي جي بہ تہ ڪا ڇوڪري هجي" اسماءُ وري لقمو ڏنو.

"لڳي وڃ ڏنڌي تي... صبحاڻي کان ڇوڪرين جا انٽرويو وٺڻ شروع ڪري ڏي." انيس الرحمٰن وري ڳالهه اهڙي ڪئي تہ وري سڀ کلي پيا تہ شفيق جي ماءُ ڦِڪي ٿي، هُن شفيق جي معاملي تان هٿ ڪنيو ۽ وري شبانہ جي طرف آئي.

"شبانہ جي سهُرن بہ شادي جي تاريخ گهري آهي" تہ شبانہ جا ڪن ڪڙا ٿيا.

"اهو توهان عورتن جو مسئلو آهي ... سڀ ڪم تيار آهي، باقي اسان کي دعوت ۾ شريڪ ڪجو. اچي حاضر ٿينداسين." انيس الرحمٰن شادين جي مسئلي کان جان ڇڏائيندي چيو ۽ شفيق ڏانهن متوجہ ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”ها شفيق! تہ تون مونسان گڏ ڪاروبار ۾ هٿ ونڊائڻ جي مُوڊ ۾ آهين، سوچي وٺ... حقيقت ۾ تو منهنجي دل جي ڳالهہ ڪئي آهي. منهنجي پارٽنر هڪ ايگريمينٽ لاءِ ڳالهيون ڪري رهيو آهي، جيڪڏهن معاملو طي ٿي ويو تہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪروڙ روپين جو فائدو آهي.“ انيس الرحمٰن جي انهي داستان ٻڌائڻ تي شفيق الرحمٰن پڇيو

”ڇا جو بزنس آهي.“

”هوائي اڏي جي تعمير جو... ڇا تون ڪم ۾ شامل ٿيندين پٽس سوال ڪيس ”بلڪل“ شفيق دليري سان جواب ڏنو، تہ پٽس خوش ٿيو ۽ بزنس جو بيڪ گرائونڊ ٻڌائڻ لڳو.

”هڪ انگريز فرم مشرق وسطي ۾ هوائي اڏو ناهڻ جو ٺيڪو کنيو آهي، ڪيس تعميراتي ڪم لاءِ ليبر کپي، جيڪو هو پاڪستان مان وٺڻ ٿو گهري. اسان جي ڪمپني جي آفر کي هن قبول ڪيو آهي، انشاءَالله ايگريمينٽ ٿي ويندو تہ پوءِ توکي اوڏانهن وڃڻو پوندو. ٽي سال جو معاهدو آهي، ليبر اسان وٽ موجود آهي، تون هنن کي سپروائيز ڪجان. هي تمام سٺو موقعو آهي، اِهڙي نموني تنهنجو بين انگريز ڪمپنين ۽ عربن سان واسطو رهندو، ٿي سگهي ٿو اسانکي وڏيڪ ڪنٽريڪٽ ملن.“ سڀ داستان بزنس ٻڌندا رهيا، پر شفيق مشرق وسطيٰ.... ٽي سال.... جو اکر ٻڌي... سوچ جي سمونڊ ۾ ٻڏي پيو ”سڄا سارا ٽي سال“ شفيق تعجب مان چيو.

”جو انهي ۾ ڪهبرائڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي، اسان بہ هر مهيني دوري تي ايندا رهنداسين“ انيس الرحمٰن تسلي ڏني ۽ وڏيڪ چيائين ”جيڪڏهن تون پاڻ کي عملي زندگي ۾ ڪامياب ڏسڻ ٿو چاهين تہ مون سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هل، جيڪڏهن صرف زندگي گذارڻ ٿو گهرين تہ پوءِ ڪٿي نوڪري ڪر، ٽي چار هزار پگهار ملندني، بس صبح جو ڊيوٽي شام جو آرام ۽ رات جو سنهن ۽ مالڪن کي رُعب وجهڻ تہ نوڪري مڙيني شوق لاءِ پيا ڪريون.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسانکي نوڪري جي ضرورت ٿوري آهي ۰۰۰ نوڪري ڪاهل ماڻهن جو ڪم آهي، ڪاروباري زندگي تمام سخت آهي، جسم ۽ دماغ بڻي مشين وانگر ڪم ڪن ٿا، تڏهن ھي سُک ڏسو ٿا.'
پڻس پريڪٽيڪل زندگي جو نچوڙ پيش ڪيو.
'نہ بابا- منهنجو اهو مطلب ناهي تہ آئون پريڪٽيڪل زندگي کان فرار ٿو ڪھران۰۰۰ پر آئون۰۰۰ ايتري ۾ ٽيليفون جي گھنٽي وڳي، سڀني جو ڌيان ٽيليفون ڏانهن ڇڪجي ويو، شبانہ اُٿي ٽيليفون کنيو.
'بابا- توهان جو فون آهي.' شبانہ چيو ۽ پنهنجي جڳهہ وٺي ويهي رهي.
'هيلو! هيلو!!
هيلو!- آئون اميد علي پيو ڳالهايان.'
'چئو- ڪنٽريڪٽ جو ڇا ٿيو.'
'پارٽي راضي ٿي ويني آهي، بس صبحاڻي ايگريمينٽ لاءِ ڪاغذ تيار رکجان' اميد علي چيو.
'ٺيڪ آهي۰۰۰ ڪم تيار هوندو۰۰۰ آئون هينئر وڪيل صاحب کي فون ڪري پوزيشن ٻڌائي ٿو ڇڏيان.' انيس الرحمان پُر اعتماد طريقي سان چيو تہ جينئن اُميد علي مطمئن ٿي وڃي، ڇو تہ هوءِ ۽ انيس الرحمان ٻئي بزنس پارٽنر هئا، تنهنڪري هڪٻئي جي اعتماد کي ٽوڙڻ نٿي گهرين. ٻئي انهي اصول تي يقين رکندا هئا تہ' اعتماد صرف هڪ دفعا ٽٽي پوي اُهو ٻيهر ڪڏهن بہ بحال ٿي نٿو سگهي' انهي جو سبب هو ٻئي هڪٻئي جو خيال رکندا هُئا، اهوئي سندن بزنس جي ڪاميابي جو راز هو.
'تو واعدو ڪيو هو تہ جيڪڏهن بزنس ملي ويو تہ تو واري ڇوڪري کي بزنس انچارج ڪري موڪليندا اسين۰۰۰ ڇوڪري کي بہ تيار ڪجان، ڇو تہ ڏهاڙي ۽ ليبر جو معاملو آهي، تنهنڪري سپروائيزر اعتماد وارو ڪپي، جيڪو موڪل بہ نہ ڪري، ياد اٿئي.' اميد علي ڪيس سندس زبان جا اکر ياد ڏياريا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

• بلڪل ياد آهي... مون هينئر ني چوڪري سان انهي معامل تي ڳالهايو، هو وڃڻ لاءِ راضي آهي، آخر پٽ ڪنهن جو آهي' انيس الرحمٰن وڏي فخر سان چيو ۽ شفيق تي نظر وڌائين جيڪو ماڻي ڪاڏو ختم ڪري سويٽ ڊش سان وات مِٺو ڪري رهيو هو.

'چڱو.... خدا حافظ' اميد علي چيو.

'خدا حافظ' انيس الرحمٰن رسيور ڪريڊل تي رکيو ۽ شبانہ کي چيائين تہ وڪيل صاحب جو نمبر ملائي. شبانہ وري اُتي نمبر ڊائل ڪرڻ لڳي ۽ انيس الرحمٰن خوش خوش پنهنجي ڪُرسي سنڀالي، هو تمام خوش هو، سائس گڏ اسماءِ بہ خوش هئي، پر شفيق جينئن ڪنڌ هيٺ ڪري خاموشي سان سويٽ کائي رهيو هو. تنهن هيڏي ساري بزنس ملڻ تي ڪوبہ خوشي جو اظهار نہ ڪيو.

'شفيق پٽ! مبارڪون هجنيني.... اجان تو عملي زندگي ۾ قدم ني مس رکيو تہ هيڏو سارو بزنس مليو آهي، سو بہ مفت جو، صرف ليبر سپلاءِ ڪرڻو آهي ۽ پئسا وصول ڪرڻا آهن' انيس الرحمٰن چيو.

'ڪهڙي جو ڪنٽريڪٽ آهي' اسماءِ سوال ڪيو.

'ڏهاڙي جو حساب آهي' انيس الرحمٰن جواب ڏنو.

'پوءِ تہ... موج ٿي ويني' اسماءِ خوشي جو اظهار ڪيو.

'ليبر اسان وٽ سستو آهي ۽ ريٽ اسان وڏا ورتا آهن.'

پٽ! هاڻي تون تيار ٿي، صبحاڻي ڪان مونسان گڏ آفيس هل، پارٽي سان بہ ملاقات ڪر ۽ بعد ۾ ليبر جمعدار گهرائيندس، تون اُنهي سان ليبر جو تعين ڪجان ۽ شرط شرائط مقرر ڪجان' انيس الرحمٰن چيو- پر شفيق تي ڪو اثر نہ ٿيو. پڻس سمجهيو تہ شايد پريڪٽيڪل زندگي ۾ پهريون پير پاتو اٿس، تنهنڪري گهٻرائي رهيو آهي. تسلي خاطر هن ڪاٻي هٿ سان شفيق جي ڪلهي کي دٻائيندي چيو.

'گهٻرائي نہ... اسين تنهنجا مددگار آهيون... آخر هي ڪاروبار.... توکي تہ سنڀالڻو آهي... سمجهہ تہ هي تنهنجي ٽريننگ آهي' بس تيار ٿي وڃ... انڪار تہ ڪونهي! انيس الرحمٰن وري ٻڪ ڪني.

'نہ بابا-! آئون راضي آهيان' اينئن چئي شفيق پنهنجي ڪمري ڏانهن ويو ۽ سڌو اچي قد آدم آرسي اڳيان بيٺو. سندس چهرو تمام ٿڪل ڏسڻ ۾ ٿي آيو، دماغ چڻ ڦاٽي رهيو هو. هُن ٻني هٿ مٿي تي رکيا ۽ آڱرين سان مٿي جي مالش ڪرڻ لڳو، ايتري ۾ سندس ضمير جو عڪس آرسي ۾ اُڀري آيو جنهن هن سان ذهني جهيڙو شروع ڪري ڏنو... 'ڇا تون پنهنجي پيءُ کي جواب ڏيڻي ڇڏيندين؟' جيڪڏهن تو اينئن ڪيو تہ تنهنجي والد جو تو تان اعتبار ختم ٿي ويندو، هُن صرف تنهنجي آسري تي هي بزنس ڪنيو آهي.... ڇا تون پنهنجو مستقبل روشن ٿيو ڏسڻ گهرين؟ تہ پوءِ جينئن والد چئي تينئن ڪر.... ڇا تون هي ناٹ ۽ عزت صرف محبت جي ڪري قربان ڪري ڇڏيندين' نہ... نہ! آئون پنهنجي گهريلو زندگي برباد ڪرڻ نہ ڏيندس. پر... ٽي سال... وڏو عرصو آهي... اِنهي ۾ خبر ناهي ڇا ٿئي ۽ آئون محبت ۾ ناڪام ٿي وڃان .... محبت .... محبت.... اهو خالي ذهن جو انتشار آهي، هڪ لڪل تمنا جو نالو آهي، تنهنجي تہ هر خواهش پوري ڪني ويني... پوءِ تون ڇو محبت جي جار ۾ ڦاسي پيو آهين... محبت ناڪام ماڻهن جي ذهن جو غبار آهي... جيڪي عملي زندگي ۾ ناڪام آهن پوءِ محبت جو دم ڀري زندگي گذاريندا آهن. محبت ۽ اڄڪلهہ جي سائنسي دور ۾... جتي انسان... انسانيت جو دشمن آهي... اِنهي سماج ۾ محبت جو دَم هڻڻ... ماڻهو ڪلائڻ آهي. شفيق ۽ سندس ضمير جي جنگ ٿوري دير لاءِ رهي ۽ سندس ذهن مائوف ٿي ويو. هن بيخبري ۾ پاڻ کي پلنگ تي اُڇلي ڇڏيو ۽ اڪيون پوري فريده جي فراق ۽ اُنهي بعد نڪرندڙ نتيجن تي سوچڻ لڳو. جيڪڏهن آئون ٽن سالن لاءِ ٻاهر هليو ويس تہ ٻڪ سان فريده جي پنيان شادي ٿي ويندي. جو تہ ڇوڪريءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي معاملي ۾ مانڻ ماڻ ڪري ڪونه ويهندا آهن. ’بابا ۽ امان... فريده سان شادي لاءِ راضي ٿيندا... بلڪل نه... فريده جو پيءُ هڪ ملازمت پيشه ماڻهو آهي... ۽ اسان ڪاروباري ماڻهو ... اسان جون شاديون نه.... پر شادين ۾ به ڪاروبار پنهان هوندو آهي. ..’شادي صرف ٻن دلين جو ميلاپ ناهي پر ٻن خاندانن جو ميلاپ آهي.‘ اِتي سندس ذهن سوچ کان خالي ٿي ويو... ۽ بس اکيون ڇٽي ڇت ۾ لڳل فانوس کي گهورڻ لڳو جيڪو سڄي ڪمري کي ڏينهن وانگر روشن ڪريو بيٺو هو. هوءَ پلنگ کان اُٿي فانوس جو بٽڻ بند ڪيو ۽ سڄو ڪمرو شفيق جي دل وانگر اونداهي جي لپيٽ ۾ اچي ويو.

ٻئي طرف شبانه پٽس کي وڪيل جو نمبر ملائي ڏنو، وڪيل سان گفتگو ڪرڻ بعد هن پاڻ کي هلڪو محسوس ڪيو، سڀ ڪم طيءَ ٿي ويا ، هُن دل ئي دل ۾ چيو ۽ اجان اچي ڪرسي مس سنڀاليائين ته اسماءَ چيو

’پلا شبانه جي شادي جي باري ۾ ڪجهه ڳالهايو.... ٻن ٽن ڏينهن ۾ سندس سُهيرجا ڏينهن ٻڌڻ لاءِ ايندا.‘

’مون توکي پهرين چيو ته زناني معاملي ۾ آئون ڪونه پوان... بس جيڪا تاريخ ڪپڻي ڏيئي ڇڏ.‘ انيس الرحمٰن چيو. اسماءَ ڏٺو ته ذري پري.. ’زناني معاملي‘... تي زور آهي اڪر استعمال ٿو ڪري تنهن ڪري هن مڙس کي چيڙائڻ لاءِ چيو.

’پوءِ شفيق جي شادي ڪرايون... پوءِ ته معاملو مردانو ٿي پوندو.‘ ’خبردار!... جو توهان شفيق جي شادي جو ذڪر شفيق سان ڪيو اٿو... هو جوان آهي... هُن جي ذهن ۾ هيننر شادي جو خيال نه پريو. ... هيننر آئون هن کي ڪاروبار ۾ لڳائي ڪامياب انسان ڏسڻ ٿو گهران بعد ۾ سندس شادي ٿيندي‘ انيس الرحمٰن مدبرانه انداز ۾ چيو.

’آخر ته شادي ڪرائڻي آهي.‘ اسماءَ ورِي ٽوڪيس.

’شفيق ٽن سالن لاءِ ٻاهر وڃي رهيو آهي، ايتري ۾ تون ڪا

ڪنوار ڳولهي وٺ، انيس الرحمٰن سويٽ ڊش مان سويٽ ڪڍي
پيالي ۾ وجهندي چيو.
’ڪنوار ته مون ڳولهي ڇڏي آهي.‘ شبانه موقعو ڏسي يڪدم وچ
۾ ٽپي پيني ته هني تعجب سان شبانه کي ڏڪڻ لڳا ۽ شبانه
خاموشي سان ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو.
’ڪير آهي اُها ڪنوار‘ اسماءَ جي اکين ۾ ٽاندا اچي ويا. هن
سوچيو ته هي ڪير ٿي ٿني ڪنوار ڳولهڻ واري، جڻ هو پاڻ مري
ويني آهي.
فريده!!! شبانه تمام آهستگي سان چيو ته هنهي کي جهڙي ڪر باهه
لڳي وني. ’تون واري سهيلي!! اٿر پاس!... ڏاڍو سُنو ـ نگ
پنهنجي پاءُ لاءِ ڳولهي هٿ ڪيو اٿني... چا اسان جو شان
.... چا هو.‘ اسماءَ نفرت سان چيو.
’هو عبيدالله جي ڌي!... چا هڪ منيجر ۽ چا اسين سيٺ...
هن ۽ اسان ۾ ڪا برابري ناهي ... اسين آقا هو غلام...
انيس الرحمٰن پنهنجي منهن وڦلڻ لڳو. شبانه ڏٺو ته ماحول
ڪشيده ٿي ويو آهي ۽ رشتو به هنهي کي پسند ڪونه آيو
تنهنڪري مانڙي ڪري اُٿي پنهنجي ڪمري ڏانهن هلڻ لڳي ته
پٺس پنيان تاڪيد ڪندي چيس.
’شبانه!... شفيق سان شادي جي باري ۾ ڪوبه ذڪر نه ٿني.‘
’جي ٺيڪ آهي.‘ شبانه اينن چئي جڏهن ڪمري ۾ وڃڻ
لاءِ وراندي مان لنگهي ته شفيق اڳيئي در وٽ لڪيو بيٺو هو، هن
شبانه کي ايندو ڏسي يڪدم ڪاننس پڇيو
’چا ٿيو! بابا... امان چا تان پني ڪاوڙيا.‘
’بس چون ٿا ته... شفيق کي ڪنهن به صورت ۾ مدل ايسٽ
وڃڻو آهي.‘ شبانه اينن چئي پنهنجي ڪمري ۾ هلي ويني.
’اسماءَ ! ... مونکي شڪ آهي- گهر ۾ محبت جي وڏي ڪا
ڪچڙي تيار ٿي رهي آهي ۽ تو مونکي ڪا ڳالهه ڪونه ٻڌائي‘ انيس
الرحمٰن ڪاوڙ ڪان ڳاڙهو ٿي رهيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"مونکي تہ ڪا خبر ڪونهي." اسماءَ اڻ چاڻ ٿي جواب ڏنو.
"ها مائرون هميشہ اولاد تي ڏک ڏينديون آهن... پر ياد رک
آنون محبت جي چڪر ۾ خاندان جو شيرازو پکيڙڻ جي
اجازت... ڪنهن کي ڪونہ ڏيندس" انيس الرحمٰن ڌمڪي
ڏيندي چيو.
"خير آنون اِنهي معاملي کي ڏسان ٿي" اسماءَ انيس الرحمٰن کي
نارمل جي مُوڊ ۾ چيو.
"توکي گهر جي هر معاملي کان باخبر هئڻ گهرجي... پر هي
بيخبري... تنهن مان آنون سمجهان ٿو تہ... تنهنجو اولاد تي
ڪوبہ ڪنٽرول ناهي.... جنهن کي جيئن اچي... تيئن ڪندو
وتي." انيس وري خبردار ڪيس.
"صبح تہ ٿيڻ ڏي آنون سڀ ڳالهہ صاف ڪري وٺندس."
"ٺيڪ آهي- مگر منهنجو اندازو آهي... شبانہ .... فريده جو
نالو ورتو... معنيٰ... انيس الرحمٰن اجان ايترو چيو تہ
اسماءَ يڪدم وچ ۾ سندس اکر ڪاٽيندي چيو.
"گهبرايو نہ... آنون سنڀالي وٺندس."
"نہ! نہ! شبانہ ماءُ... بس هاڻي شبانہ جي شادي جي تاريخ ڏيڻي
چڏ... ۽ شفيق مشرق وسطيٰ ضرور ويندو... اهو منهنجو فيصلو
۽ حڪم آهي." انيس الرحمٰن اپنن چني ڪرسي تان اُٿي هليو ويو
۽ اسماءَ سوچ ۾ پنجي ويني تہ آخر معاملو ايترو پيچيده ڇو ٿيو
هرڪو پنهنجي ڪمري ۾ آرام ڪري رهيو هو، ماحول ۽ گهر جا
حالات مڪمل طرح سان تبديل ٿي ويا هئا. شبانہ جي شادي
ٿيڻي هُني جنهن ۾ هاڻي دير ڪونہ ڪرڻيٰ هُني. ڇو تہ شفيق کي
ڪنهن بہ صورت ۾ مدل ايسٽ وڃڻو هو سو سندس شرڪت لاءِ
شادي يڪدم طئي ڪني ويندي، جيڪو ڪم اسماءَ کي ڪرڻو
هو ۽ انهي سان شادي جون تياريون بہ ڪرڻيون هيون، ۽ انيس
الرحمٰن کي انهن سيني معاملن جي سنڀال بعد دفتر ۾ بہ ڪم
ڪرڻو هو. ڊيوٽيون ۽ ڪم ورهانجي چڪا هئا.... انيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

الرحمٰن محبت کي اک جو پاڻي سمجهندو هو ۽ بلڪل پٿر دل هو. هن سڄي زندگي محنت ڪئي، هڪ ننڍڙي ٺيڪيدار کان هو اڄ لکپتي..... وڏو ٺيڪيدار هو. انهي ڪري هو زندگي کي جدوجهد جو هيو نالو ڏيندو هو. بهرحال هاڻ صبح جو انتظار هو ته جيئن زندگي جو نئين سِري کان آغاز ٿئي.

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

9

بني ڏينهن انيس الرحمٰن اڪيلو نہ پر پنهنجي فرزن
شفيق الرحمٰن کي بہ گڏ آفيس وٺي آيو. سندس آفيس ۾ ٽيبل
جي پاسي ۾ ڪرسي تي ويهاري هڪ ڪلاڪ کن هن کي تعليم
زندگي ۽ عملي زندگي جو فرق سمجهايو. تعليمي زندگي انسان جي
پنهنجي هوندي آهي، جيئن چاهي تيئن ڪري، اُنهي ۾ ڪنه
جو دخل ناهي. زندگي ٺاهيندو تہ سندس مستقبل تابناڪ هوند
۽ جيڪڏهن برباد ڪندو تہ پاڻ برباد رهندو. انهي جي برعڪ
عملي زندگي پنهنجي نہ پر ٻين جي لاءِ هوندي آهي، هڪ انسا
جو ٻني انسان سان ٽڪر آهي، سماجي، معاشي ۽ رتبي جر
اهڙي ماحول ۾ انسان کي ڪٿي سخت، ڪٿي نرم ۽ ڪٿي نهِ
هلڻو پوندو آهي. انين نہ هو تہ شفيق کو ڪند ذهن ڇوڪر
هو، پر خبر ناهي ڇو هو دل کان ايترو مجبور هو، اِنهي جو ڊ
کي خود بہ احساس هو، مگر ڇا ڪري، آخر هن پيءُ سان حالان
ڏسي ڪمپرومانيز ڪري ورتو ۽ ڪاروبار ۾ برابر جو شريڪ ٿيڻ
جي حامي ڀري. پٽس کي جنهن ڳالهہ جو شڪ هو تہ شايد شفيق
غلط ماحول ۾ اچي خراب ٿي ويو آهي، تنهن جي دوا هاڻي خو
بخود ٿي ويندي جو هو ٽن سالن لاءِ ٻاهر رهندو، انهي عرصي
هو بلڪل بدلجي ويندو، سڄو ڏينهن ليبر جا مسئلا حل ڪندي
سندس دماغ بلڪل هڪ منتظم وانگر سخت ٿي ويندو ۽ پوءِ هو
هڪ مڪمل ڪاروباري ماڻهو ٿي ويندو. ايتري ۾ فرم جو وڪيل
جبار بمبائي بہ اچي حاضر ٿيو.

"اچو وڪيل صاحب، اسان توهان جو انتظار پئي ڪيو، ڇ
ايگريمينٽ تيار آهي؟ . . . تہ منهنجي ڇوڪري کي ڏيکاريو
قانوني پيچدگيون سمجهائينس" انيس الرحمٰن وڪيل صاحب کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گذارش ڪني تہ وڪيل شفيق ڪي آفيس ۾ نئي ايگريمينٽ جا شرط ۽ ضابطا سمجھائڻ لڳو، جن کي مدنظر رکي هُن کي ٽن سالن جو ايگريمينٽ هلائڻو هو. ٿوري دير ۾ بزنس پارٽني سندس پارٽنر اميد علي سان گڏ دفتر ۾ آئي ۽ سڀ گڏجي ميٽنگ روم ۾ داخل ٿيا. چانهہ جي دور دوران ايگريمينٽ کي ڀيھر جانچيو ويو. وڏي گفت و شنيد بعد سيٺي ايگريمينٽ کي قبول ڪيو ۽ ٽائيپ لاءِ دفتر موڪليو ويو. اصل ڪاپي تي پارٽني، انيس الرحمٰن ۽ سندس پارٽنر صحيحون ڪيون، ايتري ۾ لنچ ٽائيم ٿي ويو ۽ سڀ هڪ فائيو اسٽار هوٽل ۾ لنچ لاءِ هليا ويا.

ساڳيني ڏينهن شفيق الرحمٰن جي ماءُ اسماءَ فون ڪري شبانہ جي سُهريجن کي اطلاع ڏنو تہ جيئن هو مناسب ڏينهن ڏسي، سندس گھر دعوت کائن ۽ شادي لاءِ تاريخ ٻڌن. هُن ڪين اهو بہ ٻڌايو تہ شفيق الرحمٰن بزنس جي سلسلي ۾ ٻاهر وڃي رهيو آهي، تنهنڪري شادي جي تاريخ جلد از جلد مقرر ڪني ويندي!. اسماءَ بہ نٿي چاهيو تہ شفيق محبت جي دنيا ۾ رهي، فريده سان شادي ڪري وجهي، هُن کي پنهنجي اسٽينڊرڊ جو تمام گھڻو خيال هو، پنهنجي منهن تي مَک بہ برداشت نہ ڪندي هُئي. ٻئي طرف انيس صاحب جنهن جي ذهن ۾ شفيق کي مارڪيٽ ۾ بزنس جي سلسلي ۾ متعارف ڪرائڻو هو تہ جيئن سندس ڪاروبار ڦھلجي ۽ هو لکپتي مان ڪروڙ پتي ٿي وڃي. اِنهي مقصد لاءِ هُن جي نظر ۾ بہ سنگ هئا، پر شفيق ڀرين پنهنجي اهليت مارڪيٽ ۾ شو ڪري تہ پوءِ بس شهر جا چڱا ڀلا سيٺ سندس در تي پچ هڻندا. شفيق کي فريده جي معاملي ۾ گھر مان ڪنهن جي بہ حمايت نہ هئي سواءِ شبانہ جي، تنهن کي بہ شادي جي ڏور ۾ ٻڌو پئي ويو تہ جيئن هو خوامخواه پاڻس جي حمايت نہ ڪري سگھي.

شبانہ اڄ ناشتو بہ سندس ڪمري ۾ ڪيو، هُن جي ذهن ۾ طرح طرح جا خيال اچي رهيا هئا، شفيق ۽ فريده جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محبت، ماءُ ۽ پيءَ جي هٺ ڌرمي، شفيق جو مستقبل ۽ سندس شادي جون تياريون. اِهي چار مسئلا ڏاڍي جي ڳَنڍي وانگر اِينئن منجهيل پيا هئا، جو ڪيس ڪو رستو نه پيئي ڏسڻ ۾ آيو ته هو شفيق لاءِ ڪهڙو رستو اختيار ڪري، سندس شادي ته برحق هُئي، پر شفيق جي محبت ڀري دل ۽ شادي... بس هُن ڪِي اِينئن پئي محسوس ٿيو ته شفيق ۽ فريده جي شادي ڪڏهن نه ٿي سگهندي. سندس بُت بستر تي خوامخواه گهڻو وقت ليٽي پوڻ ڪري ٽُٽي پيو هو، هو آهستي اُٿي باٿ روم ڏانهن هلي ويئي ۽ فريده سان ملڻ جو پروگرام ٺاهڻ لڳي. ٻنپهرن جو لنچ ڪري سڌو فريده جي گهر پهتي جتي فريده جڻ سندس انتظار ڪري رهي هُئي. ٻئي ڀاڪر پائي مليون ۽ خاموشي سان صوفه تي ويهي رهيون، سندن چهري ڪان خوشي جي لهر يڪدم سنجيدگي جي سمنڊ ۾ تبديل ٿي ويئي، ٻئي پنهنجي منهن پنهنجا سُور دل ۾ ڪنيون وينيون هُيون، جيڪي ٺانگن وارا ور ڏيو ڳلي ۾ اچي اٽڪي ٿي پيا، پر ادائيگي ڪهڙي نموني ڪجي ته جينن ناراضگي ۽ رنجش پيدا نه ٿئي. خاموشي طويل ٿيندي ويئي، ڪڏهن ٻئي سهيليون پاڻ ۾ گڏجن ته جهرڪين وانگر چِين چِين پئي پوندي هُنين، پر هينئر ٻنهي جي وات تي خاموشي جي مهر ڪهڙي لڳل آهي، جيڪا حيا جي به نه آهي، ڇو ته ٻئي هڪٻئي جون حال محرم هُنيون. ايتري ۾ فريده جي ڀاڀي نسيم ڪمري ۾ داخل ٿي چيائين... خبر پئي ته شبانه آئي آهي، سوچيم ته ڀلي ڪار ڏيئي اچان پر سندس اچڻ تي فريده جو ڪم آسان ٿي پيو، هُن ڪيس شربت ٺاهي ڪنٽي اچڻ جو چيو ۽ هو ڪمري مان ٻاهر نڪري ويئي. هُن جي ڪمري مان نڪرڻ بعد شبانه صوفه تي پنهنجو پاسو ورايو ۽ فريده ڏانهن مخاطب ٿي

'منهنجي شادي ٿي رهي آهي.'

سچي!... ڏاڍي خوشي جي ڳالهه آهي.' فريده جي وات مان خوشي ڪان ڄڻ رڙ نڪري ويئي، سندس چهري تي خوشي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اداسي جا مليل جليل جذبات هُئا، مگر هو اداسي کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي ته جيئن چهري تي خوشي جا تاثرات آڻي سگهي، تنهنڪري وڌيڪ جستجو ڏيکاريندي چيائين.

"ڪڏهن"

"بس ڏهن پندرهن ڏينهن اندر" شبانه چيو.

"ايترو يڪدم" فريده وڌيڪ پڇڻ واري انداز ۾ چيو

"ها"

"پر ڇو"

"انهي ڪري جو..." شبانه وڌيڪ الفاظ ڪاني ويئي.

"ها ٻڌائي!... پيڻ آهين نه...." فريده پيار وچان پڇا ڪئي.

"انهي ڪري جو.. شفيق بزنس جي سلسلي ۾ ٻاهر وڃي رهيو آهي ۽ منهنجن مائٽن جو خيال آهي ته سندس وڃڻ کان اڳ منهنجي شادي ڪئي وڃي ته جيئن شفيق شريڪ ٿي سگهي."

شبانه دل تي ضبط ڪندي سچي ڳالهه ٻڌائي ڇڏي.

"ٻاهر ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي." فريده وري سوال ڪيو.

"مڊل ايسٽ... ٽن سالن لاءِ" شبانه چيو ته فريده جي پيرن هيٺان زمين نڪري ويئي ۽ سندس وجود ڄڻ زمين کان مٿي کڄي ويو، ڪجهه وقت لاءِ هن کي ائين محسوس ٿي رهيو هو ته هو هِن دنيا ۾ ناهي ۽ يڪدم هڪ جهٽڪي سان وري اچي زمين تي لڳي..... ناڪوڙو خود بيٺڙي هٿن سان ٻوڙي رهيو آهي..

سندس اکين ۾ پاڻي تري آيو ۽ سندس نڙي ۾ خشڪي کان سيون چنبڻ لڳيون، چپ جذبات کان لڏڻ لڳا ۽ بت هڪ پٿر جيان سخت ٿي ويو. ايتري ۾ سندس ڀاڃائي شربت جو جڳ ۽ گلاس کڻي ڪمري ۾ آئي ۽ ٽيبل تي شربت ڇڏي هلي ويئي. فريده يڪدم جڳ گلاس ڏانهن هٿ وڌايو ۽ هڪ ئي جهٽڪي سان يڪا ٻه گلاس ڳٽ ڳٽ ڪري پيئي ويئي. جڏهن هُن گلاس ٽيبل تي رکيو ته شبانه سندس هٿ جهلي ورتو ۽ چيائين "ڇا مونکي نه پيارينديئن." فريده ڄڻ خواب مان سجاڳ ٿي "ها... حاضر آهي"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فريده شربت جو گلاس ٿبانہ کي پري ڏنو، سندس چهرو پگهر کان نم هو، هن کي احساس ٿي ويو تہ محبت جي ڏور ٽٽي• رهي آهي، ٽن سالن لاءِ ڪير ڪنهن جو انتظار ڪندو• شبانہ بہ وڏي ڪشمڪش ۾ هُئي پر پنهنجي پياري سهيلي کان لڪائڻ بہ صحيح نہ هو، چو تہ ڪيس خوامخواه خوابن جي دنيا ۾ رکڻ بہ مناسب نہ هو• آخر هن فريده جي مُوڊ کي خوشگوار ڪرڻ لاءِ چيو•

•فريده! منهنجي شادي ۾ نہ ايندين!•

•دعوت ڏيندين تہ ايندس•• فريده بہ موڊ کي خوشگوار ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي•

•ڇا توکي بہ دعوت جي ضرورت آهي•• شبانہ وري ڇيڙيندي چيو تہ فريده غم ۽ خوشي جي مليل جذبات کان ڪلي ڏنو ۽ پنهنجا لڙڪ اکين ۾ لڪائي ڇڏيا، سوچيائين تہ جڏهن شبانہ سڀ ڳالهہ ٻڌائي ڇڏي آهي تہ پوءِ ڇو نہ هن کي بہ سڀ حال کان واقف ڪجي، متان سپائي مياري ٿي پوان• تنهڪري دل جهلي چيائين•

•شبانہ!- منهنجي بہ شادي ٿي رهي آهي•

•ڇڏ مذاق••• اجان تہ تنهنجو گهوٽ ڄائو ڪونهي•• شبانہ مذاق ڪندي چيس

•نہ شبانہ! ••• آئون سيريس آهيان• فريده چيس تہ شبانہ جو ڪلندڙ چهرو يڪدم سنجيده ٿي پيو•

•سندس نالو جمال آهي، بابا••• سان گڏ ڪمپني ۾ ملازم آهي، بابا جو پڪو خيال آهي تہ هو مونکي شرعي طريقي سان هن جي حوالي ڪري•• فريده چيس تہ شبانہ يڪدم سوال ڪيو•

•تو ڇا جواب ڏنو•

•ڪجهہ بہ نہ• فريده چيو تہ شبانہ کي تعجب ٿيو تہ شادي جو معاملو آهي ۽ نياڻي کان نہ پڇيو ويو، جنهن کي زندگي گذارڻي آهي• تنهن عجب کائيندي چيو•

•تعجب آهي••• توکان پڇيو بہ نہ ويو•

•معاملو اجان والدين تائين محدود آهي، جڏهن وڌندو تہ ظاهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي، مونکان پڇيو ويندو، پر ڏسڻ ۾ ڳالهه پڪي پيني اچي.
فريده چيس.
'تو شفيق سان اِهڙي ڪا ڳالهه ڪئي؟' شباز پڇيس.
'مون ڳالهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر هو يڪدم ڳالهه کي ڪايو ٿي ويو ۽ منهنجي هر ڳالهه اڌوري رهجي ويئي.' فريده همٿ ملِيندي چيو.
'خير هاڻي ڳالهه کي وڌيڪ نه ڪولجان... چو ته شفيق ٻاهر ويٺو آهي، ڊيڊي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪندو ته شفيق هتي رهي ۽ وڌيڪ تنهنجي نالي جي خبر پوندس ته زياده ناراض ٿيندو، تنهڪري بهتر آهي ته تون هاڻي محبت جي ديوي جو گلو گهٽي ڇڏ.' شبانه کيس صلاح ڏني.
'آئون به گهڻي سوچ ويچار کان بعد اِنهي نتيجي تي پهتي آهيان ته خاموشي اختيار ڪجي، اُميدن جي ٻيڙي کي لهرن جي حوالي ڪري ڇڏجي، پوءِ ڪنارو ملي يا نه... اها منهنجي قسمت.'
فريده مايوسي جو اظهار ڪيو ته شبانه کي سائس همدردي پيدا ٿي پيني ۽ چيائين.
'مايوس نه ٿي، زندگي تمام وڏي آهي، اجان اهو زندگي جو پهريون ڏاکو آهي، اڳتي قدم وڌائي' شبانه آٿت ڏنس.
'ٺيڪ آهي... مون خاموشي اختيار ڪئي، جيڪڏهن مون اڪيلي سر محبت جو راڳ الاپڻ شروع ڪيو ته بدنامي ڪانسواءِ مونکي ڇا ملندو.' فريده چيو ته شبانه جي ذهن ۾ هڪ پلان آيو ته جيئن شفيق فريده ڏانهن وڌيڪ نه وڌي، چو ته هُن کي خبر هئي فريده ضرور سندس شادي ۾ شرڪت ڪندي ۽ اُتي شفيق سائس ملي وڌيڪ جذباتي ٿي ڪو غلط فيصلو نه ڪري وجهي، تنهنڪري چيس.
'فريده!... جيڪڏهن تنهنجي آئنده ڪا - ملاقات شفيق سان ٿئي ته هُن کي تون يقين ڏيارجان ته تون هُن جو انتظار ڪندي رهندين، جيستائين شفيق مدل ايسٽ مان واپس نه اچي.'

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فريده يڪدم ڪاوڙجي پيئي.
'اهو دوکو آهي.' شبانہ فلسفيانہ انداز ۾ چيو، هن
'اهو دوکو ناهي... علاج آهي.' شبانہ فلسفيانہ انداز ۾ چيو، هن
ڪي هاڻي شفيق جي مستقبل ۾ ماڻهن جي اُميدن جو خيال هو،
تنهنڪري هن چاهيو ٿي تہ محبت جو باب اِتي بند ٿي وڃي، انهي
ڪري وڏيڪ چيائين.
'تي سال جي مدت طويل آهي، تنهنجا مائٽ تنهنجي شادي
ڪرائڻ جي مُود ۾ آهن ۽ ظاهر آهي، تون انڪار ڪري نہ
سگهندين، چو تہ شفيق جو توکي هاڻي آسرو ناهي... وڏيڪ
تون سوچي وٺ.'
'مون سوچي ڇڏيو آهي تہ خاموش ٿي ويندس... پر اهو دوکو
ڪونہ ڏيندس... تہ آئون هُن لاءِ ٽي سال انتظار ڪندي
رهنديس.' فريده سوچيندي سوچيندي جواب ڏنو.
'اها منهنجي توکي التجا آهي، آئون چاهيان ٿي تہ شفيق هتان
خوشي خوشي جهاز ۾ سوار ٿئي.' شبانہ چيو تہ فريده سوچ جي
سمونڊ ۾ گم ٿي ويئي.
'جواب ڏي فريده.' شبانہ پڇيس.
'مونکي مجبور نہ ڪر.' فريده مايوس ٿيندي چيو.
'بس مونسان وعدو ڪر.' شبانہ زور پريو تہ فريده وري سوچ جي
گهراين ۾ گم ٿي ويئي، تہ شبانہ سندس ڪلهي کي جهلي زور
ڏيندي چيو.
'مونسان وعدو ڪر فريده تہ ... تون شفيق کي اينن چوندين تہ
تون هُن لاءِ انتظار ڪندي رهندين.' فريده مايوسي مان ڪنڌ
مٿي ڪنيو، سندس وجود ڏڪي رهيو هو، هن ڪان سهيلپ ۾
ڏوهہ ڪرايو پيئي ويو، سوبہ سندس محبت جو قتل، ديوتا جي
مجسمي کي ٽڪر ٽڪر ڪرڻو هو، جنهن اڳيان هُن گوڏي ٿي
سندس پوڄا ڪئي.... نہ نہ!! آئون اينن نہ ڪندس... آئون
رسوا ٿيڻ قبول ڪندس پر محبت کي دوکو نہ ڏيندس... فريده
خاموشي سان سوچيندي رهي ۽ شبانہ سندس منهن تڪيندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رهي.
'مونکي جواب ڏي فريده' شبانہ وڏي زور ڀريو تہ فريده کان اوچنگار نڪري ويني... سندس دل جو دلو ڀجي پيو ۽ پاڻي اکين مان آبشار تي وهڻ لڳو. شبانہ کيس ڀيراٽي پاتي ۽ چيائين.
'ٻار نہ ٿي ... چپ رهہ... گهر وارن کي خبر پوندي تہ ڇا چوندا.' فريده حالات جي نزاڪت کي سمجهي ويئي ۽ آهستي آهستي سڏڪا ڀرڻ لڳي. شبانہ سندس اها حالت ڏسي ٿوري مايوس ٿي چڪي هئي ۽ ايتري ۾ فريده پاڻ کي سنڀالي ورتو، هن جو هانئن مضبوط ٿي رهيو هو، اکين تان ڳوڙها اگهيائين ۽ ڀيراٽي مان پاڻ کي آجو ڪيائين. سندس اکيون روشن ٿيڻ لڳيون، هن فيصلو ڪري ورتو هو، هڪ اهڙو فيصلو جنهن سان هو پنهنجي زندگي کي ٽنين سر جياري سگهي ۽ محبت جي باب کي بند ڪري ڇڏي. هن شبانہ ڏانهن ڏٺو جيڪا مسلسل کيس ڏسي رهي هئي ۽ چيائين.
'شبانہ... توسان وعدو آهي- جيئن تو چيو آهي ائين ٿيندو.'
اِهي اکر ٻڌي شبانہ جي خوشي جي انتها نہ رهي، هن کي فريده جي الفاظن تي اعتبار نہ اچي رهيو هو ۽ فرط جذبات کان چيائين 'سچ فريده'
'ها' مون فيصلو ڪري ورتو آهي.
وعدي وٺڻ بعد شبانہ مطمئن هئي، هن جو مقصد حل ٿي ويو، ٻن دلين کي ملائڻ بدران ٽوڙڻ ۾ هن کي خوشي ٿي، ڇو تہ حالات اِهڙو پلٽو کائي چڪا هئا. شبانہ پوءِ سندس گهر ڏانهن رواني ٿي ويئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

10

شبانه جي شادي طيءَ ٿي چڪي هئي. بس رسم رواج کي آخري شڪل ڏيڻي، شبانه کي سنڌس گهر مان مڙس جي گهر منتقل ٿيڻو هو. وڏن شهرن ۾ سنگ به شهر اندر ٿين، نه شادي جي تيارين ۾ پريشاني... نه ڪنوار کي پرديس موڪلڻ جي ڏک ڪان مائٽن جي اکين ۾ لڙڪ.... پنسو اڇلينڊو وڃ ۽ رنگ ڏسندو وڃ، ڪنوار کي الوداع ڪرڻ وقت افسوس نه پر خوشي جو سمان هوندو آهي. مائٽ ڪنوار جي مستقبل کان مطمئن ٿي شادي طيءِ ڪندا آهن، اينن ناهي ته ڇوڪري جي والد کي خوشحال ڏسي سنگ طيءِ ڪن پر ڇوڪري جي اهليت ڏسي رشتو ڪندا، ڇو ته زندگي ته ٽنين جوڙي کي گذارڻي آهي، پوءِ والدين جي آمدني تي نظر ڇو! اهي مائٽ جيڪي والدين جي آمدني ڏسي رشتو ڪندا آهن، انهن جي نياڻين جي پڇاڙي تمام مايوس ڪن نڪرندي آهي. آچر جي ڏينهن نڪاح ۽ رخصتي، جمع جي رات فائيو اسٽار هوٽل ۾ وليمو... اهو هو پروگرام شبانه جي شادي جو، اڄ آچر جو ڏينهن ۽ سومر جي رات هئي. انيس الرحمٰن جو بنگلو جيڪو ڇهه سو والن تي محيط هو، جڳمڳ چمڪي رهيو هو، بنگلو ننڍين ننڍين بتين ۽ مرچن سان سينگاريو ويو هو. نڪاح واري رسم ۾ دعوت محدود هئي، صرف مائٽ ۽ قريبي احباب هئا، باقي ٻين کي صرف وليمي جي دعوت هئي. اشرف به هن دعوت ۾ مدعو هو، جيڪو انيس الرحمٰن جي فرم ۾ ڪلرڪ جي حيثيت سان ملازمت ڪندو هو. سندس سيٺ جي ڌيءَ جي شادي هئي، تنهنڪري اسٽاف ميمبرن کي گهر جي دعوت ڏني ويني هئي. اشرف به مرداني پاسي هڪ ڪرسي تي سيٽيو ويٺو هو. هوءِ پنهنجي ملازمت کان تمام گهڻو مطمئن هو، ڇو ته دفتر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ ڇوڪرين جو ڪافي تعداد ملازمت ڪندو هو، ۽ هي پنهنجي دل اُچل عاشقي ڪري سيني تي عاشق هو. صبح سويل دفتر پهچي، هر هڪ جي سينڊلن جي ٺڪ ٺڪ جي آواز تي ڪن لڳايو ويٺو هوندو هو. اِهڙو تہ خطرناڪ عاشق هو جو سينڊلن جي ٺڪ ٺڪ مان اندازو لڳائي وٺندو هو تہ فلاڻي اچي رهي آهي. سندس عاشق مزاجي سندس مستقبل کي ڌڪ هڻندي رهي هُئي پر همراه کي اِنهي ڳالھ جو ڪو ڪتڪو نہ هو، نہ اڳتي وڌڻ جو شوق ۽ نہ آفيس ۾ وڌيڪ ڪم سکڻ جو شوق... سندس اِنهي عاشقي جو فائدو، مهيني جي پهرين تاريخن ۾ ڇوڪريون هن سان مذاق ڪري، خرچ ڪرائي وصول ڪنديون هُيون. حقيقت ۾ سيني ڇوڪرين مان هن کي صفيہ پياري لڳندي هئي. ظاهر آهي تہ هن کي دعوت هُئي تہ بين اسٽاف ميمبرن ڇوڪرين کي بہ هئي. هي انهي تاڙ ۾ هو تہ ڏسان فلاڻي ڪهڙا ڪپڙا پايو ٿي اچي ۽ سندس ميڪ اپ ڪنئين هوندو ۽ پنهنجي دل ۾ حسرتن جا پلاءُ پچائي خوش ٿي رهيو هو. ايتري ۾ هُن جي نظر فريده تي پئي جيڪا عاليشان ڪپڙن ۾ ملبوس هئي ۽ بنگلي ۾ داخل ٿي، هُن ڪنهن طرف نہ ڏٺو سڌي اندر هلي وئي پر اشرف جي دوربين اکين ڪيس ڏسي ورتو ۽ سوچڻ لڳو تہ هي هتي ڇو!.... ٿي سگهي ٿو سندس واسطا هجن... پر اها خبر پاءُ جمال اڪبر کي ضرور هوندي... اهو سوچي وري پنهنجي ڪرت کي لڳي ويو.

بنگلي اندر شادي جون رسمون ادا ٿي رهيون هُيون، دهل جي ڌڪ تي ڪنواريون ڪليون نچي رهيون هُيون تہ پوڙهيون پڪيون هڪٻئي کي مبارڪون ڏيئي رهيون هيون. جهرمر ۽ خوشبوئن جو طوفان هو. بنگلي اندر دنيا رنگين هئي، خوشين جي بهار هئي. خدمت لاءِ بيرا وٽ وٺان ۾ هُئا. مرد حضرات فل سوٽن سان تہ عورتون ساڙهين سان، ٻارن جو تہ فيشن ني نرالو هو، جڻ ڪنهن فنڪار غور ڪري سندن لباس تيار ڪيا هجن. ماحول ۾ جواني هئي، شبانہ پنهنجي ساهيڙين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي وچم راڻي ٿيو وڃي هُئي، سنڌس سنگهار شهر جي اعليٰ بيوٽيشن ڪيو هو جنهن سنڌس حُسن کي چوڏهين جي چنڊ وانگر چمڪائي ڇڏيو هو. سنڌس پرسان فريده هڪ زخمي پکي وانگر پاسا ورائي رهي هُئي، هُن جي نظر ذري پري مردن واري پاسي ڏانهن ڪڃي ٿي ويئي جتي سنڌس سپرين به ضرور هوندو. ايئن سنڌس نظر جانزو وٺي رهي هئي ته يڪدم سنڌس اکيون هڪ جڳهه تي کُپي ويون. شفيق دروازي جي اوٽ ۾ بيٺو هو ۽ پنهنجو پاڻ کي ماڻس ۽ پٽس کان لڪائي رهيو هو ته متان چون ته مهمانن سان کِهلي ملي وڃ پر هن کي ته پهرين فريده سان ملڻو هو ۽ موقعي جي تلاش ۾ هو. جڏهن ٻنهي جون اکيون اکين ۾ مليون ته ملاقات لاءِ اقرار ٿي ويو. مهمان ايترا هئا جو هنگامو هو تنهنڪري اڪيلائي ۾ ملاقات مشڪل هئي، پر ملاقات ڪنهن به قيمت ۾ ڪرڻي هئي، اِهو سوچي فريده اُٿڻ جو ساهيو ڪيو ته شبانه سنڌس ٻانهن مان جهلي ورتو ۽ چيائين "ڪيڏانهن"

"بس اجهان ٿي" فريده ٻانهن ڇڏائيندي چيو.

"واعدو ياد اٿئي" شبانه يڪدم وعدو ياد ڏياريو.

"بلڪل" فريده تمام منل آواز ۾ چيو ۽ ڪمري مان نڪري ٻاهر مهمانن ۾ شفيق کي ڳولهڻ لڳي، جيڪو پري کان اشارو ڪري ڪيس شادي جي ماحول کان ٻاهر اچڻ لاءِ چئي رهيو هو. فريده يڪدم بنگلي کان ٻاهر نڪري آئي ۽ مُنهن ڪري هڪ طرف هلڻ لڳي ته شفيق سنڌس پٺيان قدم کڻندو اچي گڏ مليس. رستي تي هلندي هلندي هنن ٻنهن ۾ گفتگو شروع ٿي ويئي. شفيق به مايوس ته فريده به مايوس، پر محبت ٻنهي جي دل ۾ برقرار هُئي. اڄ سندن آخري ملاقات هُئي، ڇو ته پوءِ شفيق کي ٻاهر وڃڻو هو ۽ فريده شايد ماڻن جي طيءَ ڪيل شادي لاءِ اقرار ڪري وجهي ڇاڪاڻ ته اِنهي ڪانسواءِ ٻيو ڪو چارهو نه هو. آخر ڪجهه وقت خاموشي سان هلندي هلندي شفيق خاموشي کي ٽوڙيو.

"فريده- توکي منهنجي باري ۾ ڪجهه خبر پيئي"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

'ها مونکي خبر آهي.' فريده زير لب ڳالهايو.
'پوءِ تو ڇا سوچيو آهي؟' شفيق کانئنس سوال ڪيو
'ڪجهه به نه' فريده رکائي سان جواب ڏنو ته شفيق يڪدم سندس چهري ڏانهن نگاهه وڌي جيڪو غم کان بلڪل سنجيده ٿي چڪو هو.
'تون دل ۾ نه ڪر، آئون توسان محبت ڪريان ٿو ۽ توسان نينهن نڀائيندس. ٿوري وقت لاءِ امتحان اچي ويا آهن' شفيق ڪنڌ هيٺ ڪندي اِهي الفاظ چيا.
'ٿورو وقت ناهي!'... فريده تعجب مان چيو 'پورا ٽي سال آهن!!!.'
'ها.... مگر ڇا ٿو ڪري سگهجي، بابا ۽ امان جو ضد آهي ته آئون ضرور ٻاهر وڃان، سيٺني زور ڏيني رهيا آهن.' شفيق پنهنجي صفائي بيان ڪندي چيو.
'ٻاهر وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏ.' فريده نيم ڪاوڙ مان صلاح ڏنس
'اينءَ ممڪن ناهي، مون هر پهلو کان غور ڪيو آهي، بهرحال مونکي ڪنهن به صورت ۾ ٻاهر وڃڻو پوندو' شفيق چيس. ايتري ۾ ڪار جي بتين جي تيز روشني سندس چهري تي پيئي ته ٻيئي پنيرا ٿي بيٺا ۽ ڪار جي لنگهي وڃڻ بعد خودبخود سندن منهن شفيق جي بنگلي ڏانهن ٿي پيو. فريده خاموش ٿي وئي ۽ سوچيندي رهي ته شفيق کي ڇا جواب ڏيئي، آخر شفيق چيس.
'فريده.... جيڪڏهن توکي مونسان محبت آهي ته منهنجو انتظار ڪجان.'
'ٽي صديون!!! فريده انڪساري مان چيو.
'صرف ٽي سال ته آهن، پوءِ آئون امير ڪبير ٿي ويندس.' شفيق ڪيس پنهنجي مستقبل جي خوشحالي کان آگاهه ڪيو.
'هيئنر ڪهڙي پنسي جي گهٽتائي آهي' فريده طعنو ڏنو ته شفيق خاموش ٿي ويو، هن کان الفاظ نه پيئي نڪتا ته ڪهڙي نموني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جواب ڏيني، تنهنکري هوءَ ڪاله جي رخ بدلائيندي ٻئي طرف منهن ڪري
ڇا تون ناراض آهين؟ شفيق سوال ڪيس
نه فريده معمولي جواب ڏنو
ته هوءَ مون کي انتظار ڪرڻ لاءِ زبان ڏيئي ته منهنجو انتظار ڪندي شفيق
پڙهڻ لاءِ سندس اڳيان اچي ويٺي رهيو ٻئي هڪ ٻئي
ويا. هنن جون اکيون اکين ۾ مليون ۽ انهن اکين ۾ درد هو،
هنن جي دل ۾ پيار هو. انهن جي دماغ ۾ مستقبل جا پلان هئا
پر هينئر ٻئي پنهنجي مستقبل کان پريشان هئا. ٻنهي جي ذهن
۾ جدا جدا خيال هئا. جدا ذهنن جي سوچ جدا جدا هئي
ته پوءِ محبت جي پڄاڻي آهي، پر محبت جي ميت کي آخري
دفن ته ڪرڻو هو. هاڻي ٻئي هڪ ٻئي کي ڏک ڏيئي
رهيا هئا. مني جي سامهون هڪٻئي کي جلال ڪري والدين
تائين پهچي ويا هئا. شفيق وري سندس نهايت قريب اچي
سندس ڪانن کان هينئر هٿ ڏيئي چهري کي هٿن ۾ کڻي چيائين:
مون کي جواب نه مليو.
مون کي مجبور نه ڪر شفيق!! آئون عورت آهيان. انتظار
طويل ... منهنجي وس کان ٻاهر آهي. بهتر آهي مون کي
وساري ڇڏ. فريده دل جهلي اهي جملا ادا ڪيا ته شفيق کي
ٻاهر لڳي ويني
معني ... منهنجي محبت ... منهنجي دل جي ڪا قيمت
ناهي. شفيق وڌيڪ لڳو ته فريده پنهنجا قدم وڌايا، شفيق يڪدم
سندس ٻانهن مان جهلي ٻيهاري ڇڏيو ۽ چيائين ......
اينئن نه ٿيندو فريده... آئون توکي ڪونه ڇڏيندس.
منهنجي دل جو ٽڪر آهين ... اينئن آهي ته ٻانهن
ڪورٽ ميرج ڪريون. پوءِ تون ماڻهن کي چئي سگهين ٿي
تون شادي شده آهين ... منهنجو انتظار ڪر. شفيق
يڪدم شيطاني صورت اختيار ڪئي هن فريده جي زندگي
زهر ملائڻ جو طريقو سوچي ورتو هو ته جيئن هو سندس انتظار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪندي زندگي گذاري ڇڏي، اها محبت ۾ بي ايماني جي آخري حد آهي. فريده سمجهي ورني ته هاڻي هو آزاد پکي کي پنجري ۾ بند ڪري، پاڻ پرديس پرواز ڪري ويندو... پوءِ.. ڇا هوندي سال دنيا جا طعنا ٻڌندي رهندي، ٽي سال انتظار ڪندي رهندي!... 'تمام مشڪل آهي'.. سندس اندر مان آواز آيو.

هن يڪدم دل پڪي ڪري ورتي، سندس چهرو تمام سنجيده ٿي ويو ۽ نراڙ تي سوچ ڪان لڪيرون ابري آيون. هن کي شبانه سان ڪيل وعدو ياد هو ۽ [redacted] جي ميلاپ جو ڪو آسرو نه هو، تنهنڪري هاڻي مڙيني عاشق کي خوش ڪرڻو هو ته جيئن هو خوشي خوشي جهاز ۾ سوار ٿي پرديس ڏانهن روانو ٿئي. آخر فريده چيو:

'مون سوچي ڇڏيو آهي... آئون شادي نه ڪنديس ۽ تنهنجو مرڻ گهڙي تائين انتظار ڪنديس.' فريده اهي الفاظ تمام ڏکي ڏکي ادا ڪيا. سندس اکين ۾ لڙڪ اچي ويا ۽ سندس گلو ٻرجي آيو. شفيق جي چهري تي خوشي جي لهر اچي ويئي پر فريده سندس محبت جي مورتي کي خنجر هڻي ڪڍيو هو ۽ هُن اهي الفاظ صرف شفيق کي خوش ڪرڻ لاءِ چيا هُئا. شفيق کيسي مان رومال ڪڍي سندس لڙڪ اُگهيا، سندس هٿ فريده جي ڳلن تي لڳا جيڪي گرم لوه وانگر تپيل هُئا.

'ته پوءِ آئون ڀلي وڃان.... مونکي موڪل ڏي.' شفيق خوشي وچان چيو.

'توکي موڪل آهي.'

'پوءِ مونکي جهاز تي ڇڏڻ ايندين.' شفيق فرمائش ڪئي.

'منهنجيون اکيون اُنهي وقت آسمان ۾ هونديون.... تنهنجي جهاز کي آئون گهر وِيٺي الوداع چوندس.' هو سندس حالات کي سمجهي ويو ته سندس مائٽ پٽس اجازت نه ڏيندا، ٻيو ته شفيق جا مائٽ بہ ٻيءَ کيس الوداع ڪرڻ ايندا. اهڙي نموني فريده ٿي اچي، تنهنڪري اِهو قبول ڪيائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"نيڪ آهي.... ڪهڙي نه نموني مونکي خوشي خوشي الوداع چنجان." شفيق چيو.

"جلدي هلو... متان شادي جون رسومات ختم نه ٿي وڃن ۽ مائهو اسانکي ڳولهيندي هتي پهچي وڃن" فريده کي شبانه جي شادي جو خيال ٿيو. شفيق کي به اهو احساس ٿيو تنهنڪري ٻئي ساڳئي دنيا ۾ واپس اچي ويا.

"هلو هلو ته.... هلون." ۽ ٻئي هڪ ٻئي جي پويان تڪڙا تڪڙا قدم وڌائيندا شادي جي هنگامن ۾ شامل ٿي ويا. فريده سڌي شبانه جي روم ڏانهن هلي وئي جتي شادي جا وڪيل نڪاح جي اجازت لاءِ رسمي سوال جواب ڪري رهيا هئا ۽ شفيق نڪاح لاءِ آيل مهمانن ۾ پاڻ کي شامل ڪري ڇڏيو. جمال جو دوست اشرف جيڪو ڪاڄ ۾ صرف ڪڪڙ، قورمه ۽ ڪسٽرڊ جي آسري ۾ ويٺو هو ته نڪاح ٿئي ته ماني کي ٻرو ڏجي. تنهن هنن کي ٻنگلي ۾ گڏ ايندي ڏسي ورتو هو، ٿوري دير لاءِ هن سوچيو پر آخر ڳالهه کي دماغ مان هيڏانهن هوڏانهن ڪري ڪڍي ڇڏيائين، هُن کي خبر هئي ته شهرن ۾ ڇوڪرا ڇوڪريون پاڻ ۾ آزادانه ملندا ۽ ڪچهريون ڪندا آهن، انهي سان سندن اخلاق ۽ عزت تي ڪو به فرق ڪونه ٿو پوي. جهڙي نموني مرد جي مرد سان دوستي، اهڙي نموني مرد ۽ عورت جي به دوستي جو تصور موجود آهي، تنهنڪري هُن جي جذبات ۾ ڪو هيجان پيدا نه ٿيو. انهي سوچ ۾ اجان غلطان هو ته خبر پئي نڪاح ٿي ويو. سڀني کي مبارڪون ۽ مناني ملي ۽ انهي سان گڏ اجازت ته ماني تيار آهي' بس اشرف جي گگهه ڪري پئي، سندس آندو نهاريون ڪاني ڪاني اٿيو ٿي پيو هو سو سٽپو ڪرڻ لاءِ هُن ماني تي حملو ڪري ڏنو' ماني کائڻ مهل سندس وات اينن پئي هليو جڻ ڪُتر واري مشين، ٿن مهلن جي ماني هڪ ئي مهل کائي گهر ڏانهن روانو ٿيو.

شبانه جي شادي ٿي وئي ۽ وڃين پنهنجي مڙس نامر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي گهر پيڙي تي. انيس الرحمان جي پلان جو هڪ ڏاڪو پورو ٿيو، ٻيو ڏاڪو شفيق الرحمان کي مڊل ايسٽ موڪلڻ هو، تنهن لاءِ ڪم تيزي سان شروع ٿي ويو. پاسپورٽ، ويزا حاصل ٿي ويا، ليبر سان مزوري ۽ رهائش ڪاڏي جا معاملا طيءِ ٿي ويا، بس هائي ڪمپني کان ليٽر آف ايوارڊ جي اچڻ جو انتظار هو ته جيئن وڃين ڪم شروع ڪجي. هفتي اندر ليٽر آف ايوارڊ اچي ويو. انيس الرحمان سندس پٽ شفيق الرحمان کي مڊل ايسٽ رواني ٿيڻ لاءِ حڪم ڏيني ڇڏيو، اربع ڏينهن شام جو ستين بجي سندس فلائيٽ هني. يار دوست، مائٽ مٽ شفيق کي الوداع ڪرڻ لاءِ اينرپورٽ تي موجود هنا، جيڪڏهن گهٽتائي هني ته صرف فريده جي... شفيق ذري مين گيٽ ڏانهن ٿي نهاريو ته متان اچي وڃي... پر مشڪل هو.... سندس دل کي آٿت نه ملي رهي هني. اينرپورٽ تي ٻيا به ڪننين مسافر موجود هنا، جن کي مائٽ، يار دوست ۽ سندن پيارين ڙالون الوداع چوڻ آيون هيون، مسافرن جي ٻين سان ته الوداعي ملاقات صرف ٻاڪر پائڻ ۽ مصافحي تائين محدود هني پر سندن ڙالن کي هيتري مجمعي اڳيان به چمي ڏيڻ کان ڪونه ٿي رهيا. هر ڪنهن کي احساس هو ته فراق جي عرصي ۾ وري ملاقات مشڪل آهي. خير اڏام جو ٽائيم ٿي ويو، مسافر لائين ۾ جهاز اندر سوار ٿيڻ شروع ٿيا ۽ ملاقاتي هٿ لوڏي الوداع چني رهيا هنا. ايتري ۾ جهاز رن وي تي ڊوڙڻ لڳو ته آيل مهمانن جي وات مان آهستي آهستي الفاظ نڪتا... خدا حافظ... خدا حافظ.... خدا حافظ.

شفيق جي دل ۾ غمن جا انبار هُنا، هو ساڻو ٿي پيو، ڇيله تان سيٽ بيلٽ ٻڌل هنڻ ڪري سيٽ تي براجمان هو نه ته شايد لڙڪي ڪري پوي ها. هُن کي اينن پني محسوس ٿيو ته هو لغڙ وانگر هوا ۾ هيڏانهن هونڏانهن اُڏامي رهيو آهي ۽ سندس ڏور ڪنهن ٻني جي هٿ ۾ آهي. ايتري ۾ جهاز سڌي رفتار اختيار ڪني ته هُن کي محسوس ٿيو ته ڏور ٽني چُڪي آهي ۽ هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪنيل لغڙ وانگر هوا جي سهاري تي اڏامندي وڃي ڪنهن جڳهه تي ڪرندو. دل کي دل سان رستو هوندو آهي، جهڙي پريشاني شفيق کي هُئي ته اهڙي پريشاني فريده کي به هئي، شام جو ستين بجي ڪان هُن جون اکيون آسمان ۾ هئيون. اڪثر جهاز سنڌس گهر متان اڏامندا هئا، جو ته سنڌس گهر ايئرپورٽ جي ڀرسان قريب هو. ايتري ۾ جهاز آسمان ۾ اُڀريو، هُن کي خبر ناهي ڇو ڇڪ آئي ۽ غير ارادي طور هُن جا ٻئي هٿ آسمان ڏانهن کڄي ويا، هو الوداع جي انداز ۾ هٿ لوڏڻ لڳي ۽ سنڌس چپن تي خداحافظ جو ورد هو. ٿوري دير ۾ هُن محبت کي الوداع چئي ڇڏي. سنڌس اکين ۾ لڙڪ لڙي آيا ۽ هُن ٻنهي هٿن سان پنهنجو چهرو لڪائي ڇڏيو ۽ ڪجهه وقت رُئندي رهي جڏهن دل جو بار هلڪو ٿيس ته هو نئين زندگي جي تصور ۽ عزم سان اُٿي پنهنجي ڪمري ڏانهن هلي وئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

11

جمال اڪبر جي ياءُ سومار کي گوٺ ڇڏي ٻه مهينا ٿي ويا هئا. انهي وچ ۾ جمال ٻه خط به لکيا ته جيئن هن کي ڪنهن مائٽ جي طرفان ها ڪار يا ناڪاري ۾ جواب ملي. انهن ٻنهي مهينن دوران عبيدالله صاحب به جمال کي وري ڪڏهن به ان سلسلي ۾ گهر دعوت ڏيڻ جي ڪوشش ڪانه ڪئي. ڪڏهن ڪڏهن جمال کي ائين ٿيندو هو ته جيئن ته وري ڪو ٻيو... وري ڪون گهرايو. معاملو صفا خاموش ٿي ويو. جڏهن انهي طرفن کان سرد مهري جو مظاهرو ٿيڻ لڳو ته جمال پريشان رهڻ لڳو. ڪڏهن ڪڏهن هن کي خيال ايندو هو ته عبيدالله کان پڇي وٺي ته جيڪڏهن سندس پائرن شادي ڪرائڻ کان انڪار ڪيو ته ڇا هو به انڪار ڪندو؟ حالانڪ هڪ ئي دفتر ۾ ڪم ڪندا هئا پر ڳالهه ٻولهه صرف آفيس ڪم تائين محدود رهجي ويل هئي. انهي چنتا ۾ هن شام جو گهمڻ ڦرڻ وارييون مشغوليات به گهٽائي ڇڏيون هيون. اڪثر فليٽ تي ٽيپ رڪارڊ تي درد ڀريا نغما ٻڌيو پيو ٿڌا ساهه کڻندو هو. عبيدالله صاحب ته فريده جي جمال اڪبر سان شادي ڪري ڏيڻ جو راضپو ڏيکاريو هو، مگر سندس ياءُ سومار جو ڪجهه سخت رويو ڏسي ٿورو ٿڌو ٿي پيو. هو زماني جو ماٺهو هو، هن کي احساس هو ته شادي صرف ٻن انسانن نه پر ٻن خاندانن جو ميلاپ آهي، تنهنڪري ٻنهي طرفان مائٽن جو راضپو لازمي آهي نه ته مسائل پيدا ٿيو پون. وڏيڪ نياڻي جو پيءُ هو، سندس نياڻي ڪا ڪِني مچي ته ڪونه هُئي جو گهر مان اچلي ڇڏي، آخر هُن ۾ به خودداري هُئي. تنهنڪري هاڻي هُن جي مرضي هئي ته وڏيڪ پهل ڇوڪري وارن ڪان ٿئي ته بهتر، انهي سبب ڪري پاڻهي خاموشي اختيار ڪئي هئائين ته جيئن هُن کي ڇوڪري جي مائٽن جي راضپي جي خبر پوي. جمال مايوسي ۾ وقت گذاري رهيو هو، ڪڏهن سوچ ايندي هئس ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڳوٺ هليو وڃي ۽ سڀني کي راضي ڪري، پر هُن کي پنهنجي طرفان خيال آيو تہ هو ڳوٺ ڇو وڃي منٿون ڪري، جيڪڏهن هنن ناراضگي ڏيکاري تہ آئون سندس پسند جي شادي ڪرڻ کان بہ انڪار ڪري ڇڏيندس ۽ عبيدالله صاحب سان خود رابطو رکندس. جمال ۽ اشرف پنهنجي فليٽ تي ويٺا هُنا رات جا ڏهہ وڄي رهيا هنا تہ هُنن ٽي وي کي بند ڪري ڇڏيو ۽ جمال اکيون بند ڪري صوفہ تي پنهنجو ڪنڌ لڙڪائي ڇڏيو. اشرف سندس حالت ۾ تبديلي کي محسوس ڪري رهيو هو، تنهنڪري ٿوري ٿوري دير ۾ مذاق جا چٽڪلا ٻڌائي کلائيندو رهيس تہ ڪڏهن وري فريده سان سندس شادي بعد زندگي ڪيئنءَ گذرندي تنهنجي باري ۾ خيالي ڳالهيون ٻڌائي پيو خوش ڪندو رهيس. جمال اُنهي رات تمام گهڻو پريشان هو سندس طويل خاموشي ۽ بيقراري ڏسي اشرف چيو.

"جمال منهنجي دل چوي ٿي تہ ياءُ سومار صبحاڻي ضرور ايندو."

"بس دعا ڪر... ائين ٿئي... تہ پوءِ توکي ڪنهن سُٺي هوٽل تي ڊنر ڪارائيندس" جمال صوفہ تي سڌو ٿي ايئن وينو تہ ڄڻ ڪچهري جي موڊ ۾ هجي.

"رڳو وعدو ٿو ڪرين ... آخر ۾ ٿرڊ ڪلاس هوٽل ۾ وٺيو وڃين" اشرف منهن موڙي جواب ڏنو.

"يار!! دُعا جا بہ قسم آهن... پلي دُعا ڪندين تہ پلي هوٽل ۾ ۽ جيڪڏهن هلڪي دُعا ڪندين تہ هلڪي هوٽل ۾" جمال جواب ڏنس تہ اشرف ٿوري مذاق طور جذباتي ٿي چيو.

"تنهنجي معنيٰ، هيترا ڏينهن آئون تنهنجي لاءِ مفت ۾ دعائون گهرندي وتيس."

"جيڪڏهن تنهنجيون دعائون ستين آسمان تي پهچن ها تہ هيستائين تون صفيہ سان شادي ڪري ڪونہ وٺين ها." جمال سندس شهہ رڳ جهليندي چيو تہ اشرف ٺڏو ساهہ کنيو.

"يار دعائون بہ ڪرايون اٿم... فال بہ کولرايا اٿم... پر معاملو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ملني ٿني ٿئو.“ اشرف تمام ٿڌو ٿي ويو.
”يار شادي ڪرڻ لاءِ بهتر مستقبل ڪپي، تون جيڪو ڪمائين سو
تون پاڻ کايو وڃين، ڇوڪري جي مائٽن کي مٿي ۾ سُور آهي جو
توکي ڇوڪري ڏيني، هن کي فاقا ڪڍرائين“ جمال طعنو ڏيندي
چيس.
”ته هو به ڪمائي پني... هني نوڪري ڪنداسين، خوش زندگي
گذاريندا سين“ اشرف پنهنجو جواز پيش ڪيو.
”مڙس جي طرفان هن کي چا ملندو، پنهنجو ڪمائي پيني ۽ پاڻ
کائي پيني ته پوءِ اِهو مائٽن جي گهر ۾ ته ڪري پيني“ جمال
ورندي ڏنس.
”پوءِ اسان گڏجي گهر جو خرچ هلائينداسين“ اشرف جهڙو ڪر
اڳيني جواب ٺاهيو ويٺو هو.
”ته پوءِ زالن جي ڪمائي کائڻ وارا ڪير هوندا آهن“ جمال ٺوڪ
هڻندي چيس ۽ پنهنجو منهن ٻني طرف ڦيري ڇڏيو، هُن کي خبر
هُني ته اشرف ضرور ڪاوڙبو.... واقعي اشرف بگڙجي پيو ۽
چيائين
”جمال تون صفا دقيانوس آهين.“
”نه آئون جديانوس آهيان.“ جمال جواب ڏنس ته اشرف ٿورو غور
ڪيو ۽ مٿي تي هٿ رکي وار سنواريندي چيائين.
”شهرن ۾ ته اهو عام رواج آهي ته زال مڙس گڏجي ڪمائين ۽
گهر هلائين، انهي ۾ ڪو حرج ڪونهي، جيڪڏهن مڙس گهٽ
آمدني وارو آهي ۽ دل به گهر جي خرچ ۾ مدد ڪري ته ڪهڙو
فرق ٿو پوي.“ اشرف سماجي فلسفو پيش ڪيو.
”بلڪل صحيح آهي، پر آئون انهي جي خلاف آهيان... عورت جي
نوڪري ڪرڻ ڪري گهريلو زندگي منتشر ٿيو وڃي. زندگي پوءِ
زال مڙس وانگر نه پر پارٽنر جي حيثيت سان گذري ٿي“ جمال
فلسفي جو جواب فلسفي ۾ ڏنو.
”تون ته آهين وڏي پگهار وارو ٺنهڪري مستيون ٿو ڪرين،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسان مولائين جو ڳاڙو مڙيني ڏڪي ٿي هلندو“ اشرف شوڪاري پريندي بحث ختم ڪرڻ واري موڊ ۾ چيو.

”پوءِ ٺيڪ آهي... ڪڏهن سنگهرڻ هلون، هُن جو پيءُ خطرناڪ ماڻهو آهي، مون ۾ ڏک سهڻ ڪوٺهي، جيڪڏهن ڪاروڙجي پيو ته موچڙا تون پيو ڪائجان، پاڻ پيرن تي زور ڏيندا سين“ جمال مسڪرائيندي چيو ته اشرف نهه پهه جواب ڏنس.

”ٺيڪ آهي ميان... اسان توسان سر جون بازيون لڳايون ۽ تون منهنجي ايتري به مدد نه ڪندين.“

”مدد بلڪل ڪبي پر موچڙن ۾ شيئر ڪونه ڪبو“ جمال ٽهڪ ڏيندي چيو ته اشرف ڪان به ٽهڪ ڇڏائي ويو. هن يڪدم گهڙي تي نظر وڌي جيڪا رات جا ٻارهن وڄائي رهي هئي ته اشرف ڪان رڙ ڪري ويني.

”يار هاڻي ننڊ ڪرڻ گهرجي، زياده دير ٿي ويئي آهي. صبحاڻي ڊيوٽي تي به وڃڻو آهي“

صبحاڻي موڪل آهي“ جمال برجسته جواب ڏنس. ته اشرف ماٺ ڪري ويهي رهيو، هن کي احساس ٿيو ته ملازمت پيشه تي ڪري به موڪل جي خبر ڪونه ٿي پوي، شايد خفن دماغ کائي ڇڏيو آهي ۽ آرام سان اُٿي آرس ڀڃي سمهڻ جون تياريون ڪرڻ لڳو ته جمال بستري تي دراز ٿيڻ لاءِ صوفه تان اٿيو. موڪل جو ڏينهن ملازمت پيشه ماڻهن لاءِ آرام جو ڏينهن آهي، رڳو ننڊون... ٻارهن لڳي تائين ٻئي بستري تي پيا هيا، سستي سڏن جسم تي حملو ڪري ويني هئي. ايتري ۾ دروازي تي ٺڪ ٺڪ ٿي. ٻنهي وري اکيون پوري ڇڏيون ته ڪير تو اُٿي پر اشرف جي ته مٽي جي پري هئي سو اکيون مهٽيندو ۽ کهلجي وڃي در کوليائين ته سامهون سومار بيٺو هو.

”السلام عليڪم.“

”وعليڪم السلام.“

"اچو. . . اچو. آئون ادا جمال کي نند مان اٿاريان ٿو" اشرف
کيس اندر اچڻ جي صلاح ھڻندي ۽ جمال کي اُٿارڻ لاءِ قدم وڌايا.
"وڏا نالائق آھيو! ڏينھن جا ٻارھن ٿيا آھن ۽ صاحب اڃا ستا
پيا آھن" سومار وڏي واڪي ۾ نصيحت ڪندي چيو تہ جمال
سندس آواز تي پڙڪي ڪائي اُٿيو. بس جنھن جو انتظار ھو سو
اچي ويو، ھُن دل ئي دل ۾ چيو ۽ يڪدم پيرين پيني اچي ھٿ
ڏنائين. گھر جي خيريت پڇي ۽ يڪدم اشرف کي حڪم ڏنو تہ
چانھہ ۽ ناشتو تيار ڪري تہ اشرف منھن ڦڻائيندو بورچي خاني
ڏانھن ھليو ويو. ھُن جي وڃڻ بعد ٻنھي پاڻن کي سُٺو موقعو مليو
تہ جيئن اڪيلائي ۾ گھر ۽ راڄ جي ماڻھن جا رايا ۽ تبصرا پاڻ ۾
سومار واتان ٻڌي تہ ھو سندس باري ۾ ڇا سوچي رھيا آھن ۽
پاڻ راڄ کي چپ ڪرائڻ ۽ شادي ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ ڪھڙا
جتن ڪيا تہ جيئن جمال خوش رھي. ھن کي پڻس مٺن سان
ڪيل واعدو ياد ھو تہ "جمال منھنجو جگر آھي، ھن جي پارت
ھجنو" بس سومار بہ انھن اکرن کي عزت ڏيندو آيو، نہ تہ ڪير
تو پنھنجي محنت پين جي حوالي ڪري. ھاڻ جيڪا خوشي جمال
جي سا سندن خوشي ھُئي، متان پڻس مٺن قيامت ۾ مھڻو نہ ڏي
تہ منھنجي پٽ کي توھان کان رنج مليو. بھرحال سومار ڳوٺ ۾ سڀ
معاملا خوش اسلوبي سان طيءِ ڪري آيو ھو، وڏو معاملو پڦس
سھتي کي راضي ڪرڻ ھو، جنھن جي نياڻي زليخا جمال جي نالي
تيل ھئي، تنھن تان جمال ھٿ ڪنيو. سھتي بہ اِنھي خيال سان
گار واپس ورتي تہ زور جي مھندي نہ لڳندي، جيڪڏھن زليخا جي
شادي زبردستي جمال سان ڪرائي بہ ويني، تڏھن بہ چوڪري
سکي نہ رھندي تنھنڪري "مُني بہ ماٺ ۽ مُني بہ ماٺ" ۾ بھتري
سمجھيائين. آخر ۾ سومار ڪلي مبارڪون ڏنيون تہ ڳوٺ وارا سڀ
شادي ڪائيندا، بس ھاڻي شادي جي تاريخ مقرر ڪرائي ڏيني.
اھي اکر ٻڌي جمال جي خوشي جي حد نہ رھي ۽ يڪدم عبيدالله
صاحب کي فون ڪرڻ لاءِ ھيٺ لھي ويو تہ جيئن ڪنھن پبلڪ

ڪال آفيس مان فون ڪري سگهي. اشرف سندس اِنهي تڪڙ تڪڙ مان ٻاهر نڪرڻ تي يڪدم ٻورچي خاني مان ٻاهر نڪري آيو ته آخر ماجرا ڇا آهي ته سومار ٻڌايس ته همراه جي شادي جا ڏينهن ٻڌڻ آيا آهيون ته اشرف به دل دل ۾ ڏاڍو خوش ٿيو. اڄوڪو ڏينهن موڪل جو هو پر موڪل ته بلڪل عيد ٿي پيئي. عبيدالله صاحب گهر ۾ ئي موجود هو، جيئن گهنٽي وڳي ته رسيور ڪنيائين ٻئي طرف کان جمال ڳالهائي رهيو هو، هن ڪيس ٻڌايو ته پاڻ سومار ڳوٺان آيو آهي ۽ توهان سان ملڻ گهري ٿو، جيڪڏهن بهتر ٿئي ته اڄ رات جي ماني توهان اسان وٽ ڪايو. عبيدالله ڪلي ڏنو ۽ چيائين ته ڇا ماني هوٽل تي ڪائڻي پوندي! هُن کي خبر هُئي ته ڇڙا ماڻهو آهن معنيٰ دعوت ڪنهن هوٽل جي ٿي سگهي ٿي، مگر جمال چيو ته بلڪل گهر ۾ دعوت ٿيندي. عبيدالله دعوت قبول ڪئي ۽ سندس زال کي به ٻڌايو، هنن کي خبر هئي ته دعوت جو مقصد ڇا آهي، هو به ڄڻ اِنهي تاڙ ۾ هُئا، بس خير جي اطلاع جو انتظار هو. رات ٿيڻ شرط عبيدالله صاحب ۽ سندس زال اچي فليٽ وارد ٿيا، ڪجهه زماني جون خبرون، ڪجهه لهواريون اوڀاريون ٻڌائڻ بعد ماني جو انتظار ڪرڻ لڳا. اشرف ويچاري جا لاهه نڪري ويا، هن جمال جي خوشي خاطر ڪچن سنڀالي ورتو، بس ماني تيار ٿي اڳيان رکي ويئي، سڀ ڪاڏي کي ڇهڻ ويا. اشرف جيڪو ڪوڊ ۾ ڪنجي ۾ خدمت ڪري رهيو هو، سو ذري پري ڪاوڙ مان جمال تي ڏوئي اُلاري ته هي تعدي مونسان تو ڪرائي آهي ۽ جمال مرڪي پيئي سندس جواب ڏنو... ويچارو ڇا ڪري... ياري ۾ بورچي به ٿيڻو پوندو آهي، سو ماٺ ڪري ويچاري پيئي خدمت ڪئي. آخر ماني جو دور به ختم ٿيو ۽ چانهه جو دور هليو بعد سڀ سولا ٿي ويٺا، آخر سومار ڳالهه شروع ڪئي ته جمال جي خوشي ڏسڻ گهرون ٿا، تنهنڪري چوڪري جو هٿ گهرڻ آيا آهيون. بس ڳالهه ۾ جهلو ئي ڪونه هو، جهٽ پٽ جا ڪم ٿي ويا. هڪ مهيني بعد شادي جي تاريخ به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مقرر ٿي ويني. بعد ۾ عبيدالله جوڻس سان گڏ خوش و خرم سيني کان موڪلائي هليو ويو. آخر ۾ اشرف جي پچايل کاڌي جي تعريف به ڪندو ويو ته جمال به اشرف کي مبارڪون ڏنيون ته اشرف ڪاوڙجي پيو چيائين ته هي ڪهڙو مذاق آهي جو مونکي مبارڪون پيو ڏين. جمال تمام پيار سان سمجهايس ته منهنجا مٺا! جڏهن تون صفيه سان شادي ڪندين ته هو نوڪري ڪندي ۽ تون بورچي خانو سنڀالجان ۽ ٻار نپائجان، زندگي تمام خوش و خرم گذرندي. جمال جي انهن الفاظن تي همراه بلڪل هٿن مان نڪري ويو ۽ رڙندو بورچي خاني ۾ گهڙي ويو، جتي بيني بيني ماني تي حملو ڪري ڏنائين. ايتري ۾ سومار ۽ جمال کي وري به اڪيلائي ۾ ڳالهائڻ جو موقعو ملي ويو ته جيئن شادي جي تيارين ۾ ڄڃ جي آمد جو پروگرام طي ڪري وٺن.

فريده کي ماڻس جڏهن واپسي ۾ سندس شادي جي پروگرام جو ٻڌايو ته هُن کي ڪا خوشي نه ٿي، نه چهري تي ڪنواري ڪلي وانگر شرم آيو. تڏهن ماڻس سندس راضپي معلوم ڪرڻ لاءِ سوال ڪيو ته ڇا هو شادي لاءِ خوش ناهي، تنهن تي فريده صرف اهو چيو ته ماڻس جي مرضي کي آئون پنهنجي ٿي سگهان. واقعي هن کي اِنهي ڪانسواءِ ٻيو چارو نه هو ته شادي لاءِ هاڪار ڪري شينهن ڪلهي چڙهي وڃي. شفيق جي آسري ۾ هو پنهنجي زندگي ڇو ڳاري... تنهن بعد به خاندان جي ننڍائي وڏائي... پوءِ به شايد ... شفيق سان شادي ٿئي، اِهو وڏو مفاصلو هو ۽ هُن ۾ اهو طيءِ ڪرڻ جو دم نه هو. بس شادي لازمي هئي.

شادي ۾ صرف مهينو باقي هو، سو شادي جون تيارين زور شور سان شروع ٿي ويون. تاريخ پڪي ڪرڻ بعد هفتي اندر منگڻي جي رسم ادا ڪئي ويني، جنهن ۾ شبانه به شرڪت ڪئي. ٻنهي سهيلين شادي جي بهتري ۽ مخالف پهلو کان سوچيو ۽ انهي ۾ فائدو ڏٺو ته شادي ۾ بهتري آهي. شادي جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تاريخ ٻه اچي مٿان بيٺي، جمال جي شادي تمام ڌوم ڌام سان ٿي، مقامي ميريج هال ۾ شادي جون رسومات ۽ نڪاح بجا آورَ آندا ويا. دوستن ۽ مائٽن مٿن سيني شادي ۾ شرڪت ڪئي.
ويچاري فريده، محبت جي ماريل هڪ زخمي پکي وانگر پساهه پيئي ڪنيل ۽ خاموشي سان پنهنجي پيءُ جي گهر ڪان جمال جي فليٽ تي منتقل ٿي ويئي. اهوئي عورت جي زندگي جو نازڪ پهلو آهي، جڏهن هن کي ماءُ، پاڙو پٽي ۽ سهيليون سنگتون ڇڏي، هڪ ماحول ۾ آباد ٿيڻ لاءِ رواني ٿينديون آهي. جنهن ۾ هو پريشان به هونديون آهي ۽ خوش به... ڪنهن لاءِ اها خوشي مستقل هوندي آهي... ته ڪنهن لاءِ بربادي جو سامان... اها هر ڪنهن جي قسمت... بس پوءِ زندگي جا ڏکيا سکيا ڏينهن گذاريندڙيون رهنديون آهن. اهائي عورت جي عظمت آهي.

اشرف جمال جي شادي جي تاريخ طئي ٿيڻ بعد پنهنجا ٽپڙ ٻڌا ۽ ڪنهن ٻئي دوست سان پارٽنر ٿيو. اڄ شادي جي رات هئي. تنهنڪري جمال جو فليٽ مائٽن سان ڀريو پيو هو. فليٽ ته ڪافي وڏو هو پر مائٽ به گهڻيئي هُئا، ماڻهن مشڪل هئا. بس فرش تي سڀني پنهنجي گذارو ڪيو ته صبح ٿيندي ئي ڳوٺ روانا ٿيون. زليخا جي ماءُ سهتي، جيڪا جمال جي ڀڻي هئي، تنهن اعتراض طور صرف اڪيلي سر شادي ۾ شرڪت ڪئي، پنهنجي گهر جي ٻئي ڪنهن ڀاتي کي نه وٺي آئي هئي، جاڪاڻ ته سندس نياڻي ٿان جمال جي هٿ ڪٿي وڃڻ جو هُن کي ارمان هو، پر پانهنجو هو، تنهنڪري مري اچي پير پاتائين. جمال جيڪو شلوار قميص ۽ ٽنگي ۾ ملبوس هو، سو مائٽن جي وچ ۾ چيهي وانگر ڇهڪي رهيو هو، پنهنجيون وڏايون بيان ڪري رهيو هو ۽ ڀهراڙي جون مايون ڏندين اڱريون ڏيئي سندس گفتگو ٻڌي رهيون هيون. سندس نظر سيني مائٽن تي واري واري سان پئجي رهي هئي، هُن کي ڀڻس سهتي ۽ سندس خاندان جا فرد ڏسڻ ۾ نه آيا، ته يڪدم پڇا ڪيائين ته پر ۾ وينل وڏي ڀاڄائي سومار جي زال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چيس تہ صرف پڪي آئي آهي، سا باهر ستي پئي آهي باقي ٻيا گهر وارا ڪونہ آيا... زليخا بہ ڪونہ آئي... جمال ٿوري دير لاءِ سوچيو... هن کي دل ۾ ڌڪ لڳو... زليخا بہ ڪونہ آئي.
هن جي چهري تي ٿوري دير لاءِ ٿڪائي جا تاثر اڀريا پر يڪدم پنهنجي چهري تي شادابي آڻي چيائين.
ٺيڪ آهي... هاڻي صبحاڻي تائين... خدا حافظ... جمال ماڻهن جي وچ مان اٿڻ اٿيو تہ سڀ ڪلي پيا ۽ ٽهڪڙن جي طوفان مان جمال پاڻ کي سنڀاليندو ڪمري مان نڪري آيو ۽ هاڻي ڪيس بني ڪمري ۾ وٺڻو هو، جتي فريده ڪنوار ٿيو سندس انتظار ڪري رهي هئي. عروسي ڪمري کي جمال جي هڪ ڊيڪوريٽر دوست تمام سهڻي نموني سينگاريو هو، جنهن کي فريده اکيون ٽمڪائي ڏسي رهي هئي. جڏهن دروازي کلڻ جو آواز آيو تہ سندس دل تيز تيز ڌڙڪڻ لڳي، هن شرم کان پنهنجو چهرو پوتي جي گهونگهٽ ڪڍي لڪائي ڇڏيو ۽ اکيون پوري ڇڏيائين.
جمال جي قريب اچڻ جو احساس هن کي پلنگ تي سندس ويهڻ مهل ٿيو. جمال ڪجهہ دير لاءِ ڳاڙهن ڪپڙن ۾ ملبوس، شرم کان جهڪيل ڪنڌ ۽ خاموش فريده کي ڏسندو رهيو ۽ باغ باغ ٿي رهيو هو، سندس دل جون تمنائون پوريون ٿيون. هيستائين جيڪي ڪجهہ هن زندگي ۾ گهريو، اهو هن کي ملندو آيو، بلڪ فريده جيڪا تہ پرائي شيءِ هئي، اها هن جي ٿي وئي، انهي کان وڌيڪ ڪهڙي خوشنصيبي ٿي سگهي ٿي. هن کي پاڻ تي ناز فخر ۽ پنهنجي قسمت تي رشڪ اچڻ لڳو. آهستي هو فريده جي قريب ٿيو ۽ سندس گونگهٽ کي مٿي ڪرڻ لاءِ هٿ وڌايائين.
جيڪڏهن اجازت هجي تہ... چهري مبارڪ جو ديدار ڪريان. جمال تمام پيار ڀريل انداز ۾ چيو پر پريان کو جواب ڪونہ آيو. جمال گونگهٽ مٿي ڪيو تہ سندس دل ٻهڪي پيئي، فريده جي حسن کي سينگار چار چند هڻي ڇڏيا هئا. هن ڪاڏي کان هٿ ڏيئي سندس چهرو مٿي ڪيو تہ سندس اکيون آهستي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهستي ڪليون، ٻنهي جون اکيون اکين ۾ مليون تہ فريده شرم کان ٽامڻي ٿي پيئي، سندس بت ۾ ڄڻ ڪرنٽ لڳي ويو. جمال جيڪو ورهين کان هڪ گونگي عاشق جيان فريده تي مست هو... پر اقرار محبت نہ ڪري سگهيو هو... خبر ناهي ڇو.... شايد انهي ڪري تہ هن کي فريده سان شادي ٿيڻ جو يقين هو، تنهنڪري محبت جي سرور کي دل سان سانديو هليو. اڄ هن جي دل ۾ خيال آيو تہ جيڪي بہ دل جا خزانا آهن سي ظاهر ڪري ڇڏي تہ جيئن فريده کي سندس محبت جو قدر ٿئي جمال سندس قريب آيو ۽ چيائين.

"فريده... اڄ آئون ڏاڍو خوش آهيان... انهي اندازي جي مونکي بہ خبر ناهي... مون کي اينئن محسوس پيو ٿئي تہ ڄڻ تون منهنجي لاءِ ئي پيدا ٿي هئين... مون ٿوڪي پهرين دفعا ڏٺو ۽ پسند ڪيو." انهن اکرن جي ادائيگي تي فريده وري اکيون کولي سندس چهري تي نظر وڌي تہ جمال جي وات مان نڪتو.

"فريده... مونکي تو سان محبت آهي."

جمال جڏهن اهي چار اکر چيا تہ هن محسوس ڪيو تہ هُن جي دل تان ڄڻ وڏو بار لهي ويو. اهي چار اکر جيڪي هو هيترو وقت فريده جي اڳيان ادا نہ ڪري سگهيو، پر اڄ جرات سان چئي ويو. پر انهن الفاظن هيئنر فريده جي جذباتن تي ڪو اثر ڪونہ ڪيو. ڇو تہ شادي بعد محبت هجي يا نہ هجي پر محبت ورهائڻي پوندي آهي. فريده دل ۾ سوچيو... ڪاش!... اهي الفاظ شادي کان اڳ چئين ها... تہ شايد ... هُن جو شفيق ڏانهن لاڙو نہ ٿئي ها. هاڻي هو دل تہ ڏيئي چڪي هئي، وڪاميل شي جي بيهر گراهڪي ڪهڙي... هاڻي تہ صرف جسم ئي جمال جي ملڪيت هو، جمال ڪجھ دير تائين حُسن جو ديدار ڪندو رهيو ۽ جواب جو انتظار ڪندو رهيو پر ڪو جواب نہ آيو تہ چيائين.

"ڇا تون مون سان ناراض آهين... ڳالهائين ڪونہ ٿي!" تہ فريده مسڪرائي ڏنو ۽ چيائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

’مون ڀڏڻ تي ڪهريو. . . مونکي ٻہ تو لاءِ اهي جذبات آهن‘ جمال اهي الفاظ ٻڌي باغ باغ ٿي ويو ۽ مسڪراني ڏنائين. انهن مُسڪراهٽن ۾ عروسي ڪمرو چمڪڻ لڳو. ٽنين زندگي جا متوالا پنهنجي زندگي جو نئون سفر جاري ڪرڻ جا منصوبا ٺاهڻ لڳا ۽ اينن رات گذري ويني.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

12

Book No. A-65
Date 15-10-90
... چانڊيو دولتشاهي ... آباد

شاديءَ کان پوءِ دعوتن جو سلسلو شروع ٿي ويو، ڦھرياتين پاڙن جي دعوت تي جوڙو ڪوٺ ويو. فريده ڳوٺاڻي زندگي کان ڏاڍي متاثر ٿي، هڪ اِهڙي ڇوڪري جنهن شهري ماحول ۾ اک کولي، اُتي ٻاراڻو گذاريو، پڙهي جوان ٿي ته شادي ٿي. زندگي جي اِنهي عرصي دوران هُن ڪي ڪڏهن بہ ڪو موقعو نہ مليو تہ ڳوٺاڻي زندگي کي قريب سان ڏسي. اصلي کير، ڏڌ ۽ مکڻ جو ذائقو هن پهرين دفعا چکيو هو. مختلف فصل جن جي باري ۾ هن صرف ڪتابن ۾ پڙهيو هو پر جڏهن اُهي فصل اکين سان ڏٺائين تہ تعجب ٿيس، بهرحال فريده جي سُٺي پڪنڪ ٿي. ٻي دعوت جمال جي فليٽ جي سامهون واري آنٽي خالده جي هُئي، جنهن جا ٻہ پٽ آمريڪا ويل هُنا ۽ اُتي ئي شاديون ڪري سڪونت اختيار ڪئي هنن، تنهن جمال کي پنهنجو پٽ سڏيو هو. هُن کي حسرت هئي تہ پنهنجن پٽن کي گهوٽ ڪري پرڻائيندس، پر اِها حسرت سندس دل ۾ رهجي ويئي، تنهنڪري جمال جي شاديءَ ۾ هن تمام دل کولي ڀرپور ورتو، جڻ سندس ماءُ هجي، تمام خوش هُئي، هن فريده کي سندس پوري ساٿ جو يقين ڏياريو، تنهن فريده جي دل وڌائي تہ نئين محلي ۾ يڪدم هن کي هڪ مددگار ملي ويئي. آخر ۾ فريده جي سهيلي شبانہ بہ سندس شان ۾ دعوت ڏني. دعوت ۾ سندس ماءُ پيءُ اسماءَ ۽ انيس الرحمٰن، سندس مڙس ناصر ۽ نئين جوڙي شرڪت ڪئي، شبانہ پنهنجي سهيلي جو مڙسس ۽ پٽس سان خاص طور تي تعارف ڪرايو تہ جيئن ناصر ۽ جمال پاڻ ۾ دوست ٿي وڃن ۽ انيس الرحمٰن کي يقين اچي تہ فريده جي شادي ٺيڪ ٿي ويئي آهي. پوءِ تہ جمال ۽ ناصر دل کولي ڳالهيون ڪيون، اسماءَ ۽ انيس الرحمٰن دل ئي دل ۾ خوش هُنا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تہ فريده جي شادي ٿيويني، ڇو تہ هنن کي شڪ هو تہ اندر اندر ڪا ڪچڻي پچي رهي هئي، اُها ڪچڻي رڌجي بہ ويني ۽ ڪاڇي بہ ويني. هاڻي هُنن لاءِ ميدان صاف هو تہ شفيق کي ڪنهن بہ سيٺ جي گهران پرڻائڻ ۾ هاڻ هُن کي ٻنهي طرفان ڪا پريشاني نہ ڏسڻي پوندي.

شادي کي هڪ سال ٿي چڪو هو، ٻني زندگي تمام خوشگوار گذاري رهيا هئا. هنن کي خدا جي فضل سان پهريون پٽ ڄائو، جنهن جو نالو عبيدالله صاحب شهزاد اڪبر رکيو. خوشي ۾ ورري اضافو ٿي ويو، فليٽ ۾ فريده جي اڪيلاني ختم ٿي ويني ۽ هُن جي وندر لاءِ خدا هن کي پٽ ڏنو، جنهن جي خدمت ۽ گهر جي ڪم ڪار ۾ ٽائيم جي ڪا خبر ڪانہ پوندي هني، ايتري ۾ شام ڏاري جمال بہ گهر اچي ويندو هو. فريده پنهنجي پهرين محبت کي بلڪل وساري چڪي هني، ڪڏهن ڪڏهن اڪيلاني ۾ شفيق جي چلولاهٽ ۽ ڊائيلاگ ياد ايندا هنس پر ماضي هُن لاءِ ڏنڌلو ٿي ويو هو. هُن حال سان سمجهوتو ڪري ورتو، پاڙي واري خالده بہ روز پنهنجي پوٽي شهزاد کي ڏسڻ ايندي هني ۽ هن لاءِ ڪڏهن ڪڏهن ڪپڙا بہ آڻيندي هني. مطلب تہ فريده کي هر طرح جو سک هو.مڙس وٽ سڀ ڪجهہ تہ هو، پنهنجو فليٽ رهائش لاءِ ، پنهنجي ڪار سواري لاءِ ، سٺي پگهار گذاري لاءِ ۽ سٺي عزت سوسائٽي لاءِ ، واقعي مائٽ اولاد جي بهتري سوچين ٿا ، عبيدالله صاحب بہ تڏهن جمال جو انتخاب ڪيو، ڇو تہ هُن کي احساس هو تہ فريده هُن سان گڏ خوش رهي سگهي ٿي.

عبيدالله صاحب بہ ڪافي جهونو ٿي چڪو هو، هن پاڻ ٽان بار بہ سڀ لاهي ڇڏيا هئا ، پٽ رحيم ڏنڌي سان لڳل هو، فريده جي شادي بہ ڪرائي ڇڏيائين. پنهنجو گهر بہ هنس ۽ گهر جي خرچ لاءِ رحيم جي آمدني ڪافي هني، تنهنڪري هن رٽائرمينٽ وٺي ڇڏي ۽ سندس ڪريجوئيٽي مان رحيم پنهنجي ڪاروبار ۾ وسعت آندي ، ورڪشاپ مان ڦيرائي شوروم ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چڏيائين، جتي موٽر سائيڪلن جي خريد و فروخت ٿيڻ لڳي، سندس پٽ مستري رحيم مان ڦري سيٺ رحيم ٿي پيو. عبيدالله صاحب هاڻ آزاد هو، ڪڏهن اسپتال وڃي پنهنجي لاءِ دوا وٺي ايندو هو نه ته نماز پڙهي، ڪنهن پراڻي يار سان ڪچهري ڪري گهر آرامي رهندو هو.

اشرف ويچارو جمال جي شادي ڪانپوءِ ٻني دوست سان رهڻ لڳو هو، تنهن کي صفيه سان شادي جو مُوڊ ته سخت هو پر صفيه جي ماڻٽن جي مرضي معلوم ڪرڻ لاءِ هن کي هڪ عورت جي مدد جي ضرورت هئي. "عورت، عورت جو ڪاچ آهي" سو هن به پني گس ڳوليا ته ڪهڙي نموني صفيه جي ماڻٽن تائين رستو ڪڍجي، هُن سوچيو ته چو نه ڀاڀي فريده کي آزمائش ۾ وجهجي. انهي خيال سان ڪچهري ڪرڻ سندس فليٽ تي ايندو هو ۽ پنهنجا سُور روئي هليو ويندو هو. اڄ هو پڪو پهه ڪري آيو ته سيني کي اعتماد ۾ ضرور وٺندس ۽ شادي جو بار ڀاڀي فريده ۽ ادي جمال تي وجهي رهندس سو جمال جي ننڍڙي لاءِ به جوڙا ڪپڙن جا به وٺي آيو هو، چو ته هُن کي خبر هُئي هر ماءُ پنهنجي اولاد لاءِ ڪابه شي تحفي ۾ ملڻ تي خوش ٿيندي آهي ۽ هُن کي خوش به فريده کي ڪرڻو هو. ڊنر ٽائيم تي جڏهن جمال، فريده ۽ اشرف ميز جي گرد گڏجي ويٺا ته اشرف جي دل ۾ ڳالهه پيني سُري ته ڪٿان ڪان اسٽارٽ وٺان، چو ته جمال ته اشرف جي ڪنهن ڳالهه کي سنجيده نه وٺندو هو، تنهنڪري هُن جو ٽارگيٽ صرف ڀاڀس فريده هئي، سو آهسته چيائين.

"ڀاڀي"

"جي"

"ڀاڀي تو ۾ هڪ ڪم آهي، جيڪڏهن مدد ڪرين ته مهرباني" اشرف تمام غريباڻي انداز ۾ چيو.

"چنو چا ٿو چوڻ گهرين" فريده ورائيس ته جمال جا ڪن ڪڙا ٿيا.

"ڀاڀي- ڳالهه هيءَ آهي ته هڪ ڇوڪري صفيه آهي" اشرف ايترو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خاموش ٿي ويو ۽ جمال کي ڏسڻ لڳو تہ جمال مسڪرائي چئي آرام سان لقمو وات ۾ وڌو، معنيٰ اهو اشارو مليو تہ اهو مسئلو اجايو آهي.

'ها مونکي جمال صفيہ جي باري ۾ سڀ ڪجھ اڳيئي ٻڌائي ڇڏيو آهي.' فريده کي سڀ خبر هئي، تنهن جو ايترو چيو تہ اشرف يڪدم نيم غصي ۾ چيو. 'پوءِ ادا جمال... ضرور منهنجي خلاف تمام گهڻو زهر پکيڙيو هوندو تہ توکان زال سنڀالي ڪونہ ٿيندي، خرچ ڳرا آهن، ترقي ڪر پوءِ شادي ڪجان... جيستائين آئون ترقي ڪريان تيستائين آئون پوڙهو ٿي ويندس' سندس انهي جملي تي جمال ۽ فريده ٻنهي کان ٽهڪ نڪري ويو.

'ها کلو! مون غريب تي پوگ ڪريو.' اشرف وڏيڪ ڪاوڙندي چيو تہ فريده پنهنجي کل کي ضبط ڪندي چيو.

'تون جمال کي ڇڏ، مونکي سڀ ڳالھ ٻڌائي تہ ڇا ڪرڻو آهي'

'بس ڀاڀي- ڇا ڪرڻو آهي! منهنجي ڀيڻ تي وڃ ۽ صفيہ جي ماڻن کان منهنجي لاءِ سنگ گهر.' اشرف پنهنجي دل جو غبار لاهي ڇڏيو تہ جمال يڪدم وچ ۾ چيو.

'ڪجھ پئسا گڏ ڪيا اٿيئي.'

'توکي تہ بس پئسا... پئسا نظر ٿا اچن... خوابن ۾ بہ... رڳو پئسا ڏسندو هوندين... ماٺ ڪري ويھ اسان ٻاءُ ڀيڻ جي معاملي ۾ دخل اندازي نہ ڪر.' اشرف مٺي ڪاوڙ مان جمال کي مٺي چنڊ ڪڍي.

'ٺيڪ آهي... آئون توهان جي معاملي ۾ دخل اندازي ڪونہ ٿو ڪريان باقي فريده اهو ڪم نہ ڪندي' جمال ٿورو منهن تي ڪاوڙ آڻيندي چيو تہ معاملو ٿوري دير لاءِ سنجيده ٿي ويو. اشرف جڏهن ڏٺو تہ معاملو ٿورو سخت ٿي ويو آهي تہ هن جمال کي هٿ ٻڌندي چيائين

'سائين بادشاه...! مهرباني ڪر... نهيل ڪم نہ ڦٽائي' اشرف جي نوڙت تي جمال کلي ڏنو تہ محفل وري زعفران ٿي ويئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

'بابي- هاڻي تہ ادا جمال بہ راضي ٿي ويو... بس مهرباني ڪري صفيہ جي گهر وڃي سندس ماڻهن کي راضي ڪر تہ ڇوڪرو سُٺو آهي... وغيره- تہ آنون تنهنجي در تي اصل نوڪر ٿي ڪمائيندس' اشرف يڪدم پاڻ کي تمام ڪيراڻي ڇڏيو تہ فريده کي احساس ٿيو تہ مڙس مجبور ٿو ڏسجي، سو هُن جي ذهن ۾ هُن جي بهتري لاءِ تدبير آئي... تہ ڇو نہ اشرف لاءِ سنگ گهرجي جمال ڏنو تہ فريده سوچ ۾ پنجي ويني آهي سو يڪدم اڪيلائي ۾ گفتگو ڪرڻ لاءِ اشرف کي ٽارڻ ضروري هو، تنهنڪري هُن اشرف کي پيار مان چيو.

'اشرف- گهڻن ڏينهن کان تنهنجي هٿن جي چانهہ نہ پيتي اٿم... بس اڄ قرب ڪر ۽ پنهنجن هٿن جي چانهہ پيار.'

'بس منهنجو ڪم ڪريو... باقي چانهيون ڪوڙ...' اشرف اينن چئي بورچيخاني ۾ داخل ٿيو تہ جيئن چانهہ ناهي هنن کي پياري خوش ڪري. ٿوري اڪيلائي ملي تہ جمال ۽ فريده بہ اشرف جي لاءِ سنگ گهرڻ جو پلان ناهي ورتو تہ ڪجهہ ڏينهن بعد بني گڏجي صفيہ جو اشرف لاءِ رشتو گهرڻ سندس گهر ويندا... ٿوري دير ۾ اشرف چانهہ ناهي ڪنڌي آيو ۽ بنهي کي خوش ڏسي سمجهيائين تہ شايد هنن منهنجي لاءِ مزاحيہ خاڪو ناهي ورتو آهي، تنهنڪري مصنوعي ناراضگي پيدا ڪندي چيائين.

'جناب! هي منهنجي هٿن جي آخري چانهہ آهي ۽ توهان جي گهر ۾ بہ آخري دفعا چانهہ پي رهيو آهيان... پوءِ خدا حافظ... جي مڙس هوندس تہ وري توهان جو در نہ ڏسندس.'

'اڙي يار ...! ناراض ڇو ٿو ٿئين... اسان تنهنجي لاءِ صبحاڻي پير پري ٿا وڃون' جمال کيس ٽاريندي چيو.

'سچ!!' اشرف جون واڇون پکڙجي ويون.' هاڻي اڄ کان وري ياري پڪي.' اشرف يڪدم ڪرسي تي ويهندي جمال ڏانهن دوستي جو هٿ وڌايو تہ جمال بہ سندس هٿ وڌائي هٿ ملايو ۽ فريده مسڪرائيندي رهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سڄڻ يار جو بار پنجي ويو، اِهڙو يار جنهن تان جان بہ قربان ڪجي، اشرف دل جو تمام صاف ماڻهو هو، هُن جي دل ۾ ڪنهن جي لاءِ بہ برائي نہ هئي، جيڪو دل ۾ ايندو هنس، سو سندس زبان تي هوندو هو. سندس اها خاصيت جمال کي پسند هئي، سوچيائين تہ غريب جو پلو ٿئي، اِنهي لاءِ هُن فريده کي راضي ڪيو تہ ٻئي ڏينهن صفيہ جي گهر هلبو. ٻئي ڏينهن آفيس ۾ صفيہ کي اشرف ٻڌائي ڇڏيو تہ منهنجو ياءُ ۽ ڀاڀي تنهنجي گهر ايندا، تنهنڪري سُٺو آڌرڀاءُ ڪجو. انهي اڳواٽ خبر صفيہ جي گهر وارن کي هوشيار ڪري ڇڏيو، هنن جي تہ جڻ خدا ٻڌي... نہ ڏيج جي طلب... نہ شرط و شرائط صرف صفيہ جي طلب اشرف لاءِ... جمال هنن کي مستقبل جو پلان بہ ٻڌايو تہ هو زندگي ڪهڙي نموني گذاريندا، متان صبحاڻي اعتراض ڪن. تنهن کان بهتر آهي تہ هر ڳالهہ صاف ڪري ڇڏجي، جتي ماڻهو گڏبي آهي تہ اُتي صاف ٿي هلبو آهي، جيڪڏهن دل ۾ ميل رکي ماڻهو ڪني تہ اُها جٽادار نہ رهندي. شادي اصل پڪي ٿي ويئي، اشرف جي دل جي مُراد پوري ٿي، جهٽ منگڻو پٽ شادي... اصل دير نہ ڪونہ ٿي، مهيني اندر همراه پرڻجي سينٽر ۾ هڪ فليٽ وٺي زندگي خوش و خرم گذارڻ لڳو. زندگي جو سفر هميشہ هلندڙ آهي، هرڪو انهي ڊوڙ ۾ شامل آهي، جيڪڏهن ڪو ڊوڙي ڊوڙي ٿڪي ٿو پوي تہ زمانو اُنهي کي پوئتي ڇڏيو وڃي. اينئن وقت گذرندو رهيو، جمال ۽ فريده جي شادي کي ٻيو سال گذرڻ وارو هو تہ خدا تعاليٰ هن جي گهر ۾ ٻيو گل پيدا ڪيو، نياڻي ڄائي، جنهن جو نالو نائلہ اڪبر رکيو ويو. هاڻي تہ فريده کي گهر ۾ بلڪل فرصت ڪونہ هئي. عورت انهي گهريلو ڪرت ۾ ذهني سڪون محسوس ڪري ٿي، جيڪي عورتون گهريلو ڪمن ڪارن کان ڀڄندڙ آهن، اُهي ذهني سڪون کان عاري آهن، فريده بلڪل مطمئن هئي، هن جو گهر جنت هو ۽ فريده گهر جي راڻي... جيڪا پنهنجي بادشاه جمال سان هر قدم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ساڃ ڏيني رهي هني. هُن کي هاڻي اهو احساس ني ڪونہ هو تہ شفيق ڪو شخص. . . ، هن جي زندگي ۾ داخل ٿيو، جنهن کي هن دل ڏيني درد پرايو. وقت وڏو مرهم آهي، ايئن زخم ڀرجو وڃن، پر ڪڏهن زندگي ۾ بي ترتيب طوفان بہ اچيو وڃن جيڪي زندگي برباد ڪريو ڇڏين. وقت گذرندو ويو، جمال ۽ فريده جي شادي کي پورا ٽي سال ٿي ويا، شفيق جيڪو ٽن سالن لاءِ ٻاهر ويل هو، تنهن جي بہ ورڻ جو ٽائيم پرجي آيو. هو هُتي ڪم ختم ٿيڻ تي ليبر کي واپس ڪري رهيو هو ۽ باقي هاڻي معمولي ڪم ڪار ڪرڻ بعد آخري حساب ڪتاب ڪري واپس وطن ورڻو هو. هُن کي ڪابہ خبر نہ هني تہ سندس غير حاضري ۾ فريده جي شادي بہ ٿي ويني ۽ ٻن ٻارن جي ماءُ بہ ٿي ويني. پيٽس ڪان جڏهن بہ هو خط ۾ پڇندو هو تہ شبانہ هر ڳالهہ کي لڪائي ويندي هني، هُن کي احساس هو تہ جيڪڏهن شفيق کي حالات جي خبر پيئي تہ هو واپسي ڪندو، يا ڪاروبار ۾ دلچسپي وٺڻ ڇڏي ڏيندو، جنهن بعد ڪاروبار بہ تباهہ. . . سندس مستقبل بہ تباهہ. . . پٽس ۽ ماٽس جي ڪاوڙ جدا. . . پوءِ شايد پورو گهر برباديءَ جي طرف هليو ويندو. شبانہ جي پاليسي هيستائين تہ زندگي جي ڪاروبار کي سُٺي نموني هلائي رهي هُني پر شفيق جي واپسي بعد ڇا ردعمل ٿيندو، تنهن لاءِ هن جي دل ۾ ڪو سخت ردعمل نہ هو، هن سوچيو هو تہ بہ ٽي مهينا گهوڙا ڪري ٻاٺهي خاموش ٿي ويندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

13

شفيق اڄ پنهنجي وطن ورڻو هو. ڪراچي ايئرپورٽ تي هميشھ رش رهندي آهي، خبر ئي ڪونھ ٿي پوي تھ ماڻهو ڪٿان پيا اچن ۽ ڪيڏانهن پيا وڃن. جهاز بھ اينئن پريل اچن ۽ پريل اُڏامن، اينئن پيو محسوس ٿيندو آهي ڄڻ ڪنهن پبلڪ بس اسٽاف تي بس تي ماڻهن جي پيهو پيهھ هجي. رات جو هڪ بجي فلائيٽ اچڻي هئي، شفيق الرحمٰن جي استقبال لاءِ گهر جا سڀ فرد هوائي اڏي تي موجود هئا. انيس الرحمٰن ۽ اسماءُ، ناصر علي ۽ شبانھ پنهنجي هڪ فرزند عديل سان جيڪو ناصر پنهنجي چاچي سان لڳايو بيٺو هو. احمد علي ۽ سندس ڌي فرزانھ جنهن کي پڻس خاص طور تي استقبال ڪرڻ لاءِ وٺي آيو هو، ڇاڪاڻ تھ هو شفيق جي ٽن سالن جي ڪاروباري ڪارڪردگي کان بيحد خوش هو. هُن کي هڪ بهترين ڇوڪري جي تلاش هئي، جنهن سان هو فرزانھ جي شادي ڪرائي سگهي، هن کي بزنس پارٽنر انيس الرحمٰن جي فرزند شفيق الرحمٰن ۾ اُهي سڀ خوبيون نظر آيون، تنهنڪري هُن کي خاص طور وٺي آيو تھ جيئن شفيق سان ملاقات ڪري، شناسا ٿي سگهي، پوءِ هن کي انيس الرحمٰن سان شادي جي ڳالهين وڌائڻ ۾ مسئلو پيدا نھ ٿيندو. فرزانھ کي بھ پڻس ٻڌائي ڇڏيو هو تھ شفيق کي هُن تنهنجي لاءِ پسند ڪيو آهي، وڌيڪ تون پنهنجا خيال هُن کي ڏسي ٻڌائي تھ جيئن پنهنجو سُٺو جيون ساٿي هٿن مان نھ وڃائين، تنهن ڪري هن سينگار ڪرڻ ۾ ڪا ڪمي ڪونھ ڇڏي هئي. ايئن نھ هو تھ فرزانھ بلڪل مغرب پسند هئي پر مشرقي ۽ مغربي تهذيبن جو مسڪچر هُئي. البيلي بھ هئي تھ شرميلي بھ، نخريلي بھ هئي تھ سادي بھ... پاڻ کي بهترين لباس ۾ زيب تن ڪري آئي هُئي تھ جيئن شفيق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سندس چهري بدران سندس ڪپڙن ۾ جسماني ادائن کي ڏسي مٿان موهجي پوي ۾ هو شڪار آساني سان دل جي پنجري ۾ ڦاسائي وٺي. فلائيٽ اڌ ڪلاڪ ليٽ ٿي ويني پر سڀ پيرن تي بيٺا هُنا، ٿڪاني ڪونہ ٿي، شفيق جا يار دوست بہ سندس استقبال لاءِ موجود هنا، جيڪي پنهنجي مستقبل جي نامزد ڀاڀي جا نخرا ڏسي شفيق ۽ فرزانہ جي مستقبل جي زندگي جو اڳواٽ آپريشن ڪري رهيا هنا. ڪن جو خيال هو تہ جيڪڏهن شادي ٿي تہ شايد ڪامياب نہ وڃي ڇو تہ ڇوڪري ڪجهہ زياده ماڊرن آهي ۽ شفيق بلڪل مشرق پسند، تہ ڪن جو خيال هو تہ اِهي فيشن ۽ ادائون صرف ڪنواري وقت هونديون آهن، باقي شادي بعد ٻارن ڄانپوءِ سڀني فيشن وسريو وڃن، ڪو فرق ڪونہ ٿو پوي بلڪ شفيق اِنهي سان شادي ڪري تہ بهتر... انهن ڳالهين ۾ يارن دوستن جو ٽائيم گذري رهيو هو تہ شفيق جا والدين ڪسٽم ڪان گهڻ ڊيوٽي تي مال آزاد ڪرائڻ جا پلان ٺاهي رهيا هنا. بس هرڪو هتي بہ پنهنجي ڪنهن نہ ڪنهن ڪرت کي لڳو پيو هو. جهاز اچي رهيا هنا ۽ وڃي رهيا هنا، انگريز ۽ انگريزياڻيون تہ هتي جي ماڻهن جي نظرن جو خاص ٽارگيٽ آهن، ڇو تہ ماضي جي حڪمران جي لحاظ کان اسان جي دماغ مان اڃان سندن حيثيت ختم نہ ٿي آهي. پوءِ يورپ ۽ آمريڪا جي زندگي جو آپريشن تہ اِهي ملڪ دنيا جي جنت آهن، ڇو تہ جواني جو دور انهن ملڪن جو پيارو آهي پر جيئن جمار پوڙهي ٿي تہ زندگي پريشانين جو آمجگاه آهي، ڇو تہ خاندان جو تصور اُتي هاڻي ختم ٿي ويو آهي، هرڪو پنهنجي منهن آهي. جواني ۾ بي راه روي مزو ڏيني ٿي مگر جمار جي هڪ اهڙي اسٽيج اچيو وڃي، جڏهن هُن کي عزت جي طلب هوندي آهي تہ ڪير هن کي چاچا، ماما، بابا، ڏاڏا چوي... پر ڪير ڪونہ هوندو آهي ۽ انهي بي سڪوني جي حالت ۾ ڪنهن پوڙهن جي هاسٽل ۾ سندن موت اچيو وڃي. اِهي بحث ڪندي استقبال تي آيل ماڻهو پنهنجو وقت گذاري رهيا هنا،

ايتري ۾ وري آسمان ۾ گوڙ ٿيو ته سيني جون اکيون سامهون رن وي ڏانهن کڄي ويون، جتي جهاز پنهنجيون اکيون ٽمڪائيندو ڊوڙي رهيو هو، رفتار آهستي آهستي گهٽجي ويئي ۽ جهاز بيهي رهيو. سڀني جي دل جون ڌڙڪنون تيز ٿي ويون، اکين ۾ جستجو وڌي ويئي، بس ۽ ويگنون مسافرن کي کڻڻ لاءِ جهاز جي قريب ٿيون، جهاز جو دروازو کليو ۽ مسافر لهڻ لڳا. سڀيني غير ارادي طور لائونج ڏانهن ڏسي رهيا هئا ته ضرور ڪير نه ڪير ته هنن کي ضرور وٺڻ آيو هوندو، استقبال لاءِ آيلن جي اها حالت هجي ته هوند ڪر ڊوڙي وڃي آيل کي جهاز ۾ وڃي استقبال ڪن پر هوائي اڏي تي موجود حفاظتي عملو پنهنجي ڊيوٽين تي حاضر هو، تنهن هنن کي مجبور ٿي ڪيو ته هوائي اڏي جي قوانين جي تحت هلن، تنهنڪري پري پري بيهي هٿ لوڏي پنهنجي سڃاڻپ ڪرائي رهيا هئا. شفيق جينئن هوائي اڏي کان ٻاهر نڪتو ته پٺس انيس الرحمٰن ٻاڪر ٻاتو چميون ڏيون، سندس ماءُ اسماءِ به پٽ کي پيار جي چمين سان رنگي ڇڏيو ۽ پنهنجن چپن تي لڳل پوڙهي سرخي زيان ڪني. شبانه ۽ ناصر به سندس آدرياءُ ڪيو ته شفيق جهٽ ڏيئي شبانه جو ننڍڙو ناصر کان وٺي پنهنجي هٿن ۾ ڪئي ورتو ۽ چيائينس.... عديل... آئون تنهنجو وچڙيل مامون آهيان ته سڀ گهر جا ڀاتي خوشي کان ٽهڪ ڏيڻ لڳا. احمد علي وڏي سندس استقبال ڪيو، ٻاڪر پائڻ دوران احمد علي پويان بيٺل فرزانه تي جڏهن شفيق جي نظر پيئي ته هُن شفيق کي هٿ جي اشاري سان سلام ڪيو. شفيق هن ننين ڇهري کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪئي، پر احمد علي هوشيار ماڻهو هو، تنهن جلدي ۾ چيو.

'هي منهنجي ڇوڪري فرزانه آهي.'

'السلام عليڪم' فرزانه وري باقاعده سلام ڪيو.

'وعليڪم السلام' شفيق روايت طور جواب ڏنو.

'بس ڇوڪري فرزانه ڇني ته شفيق جو آئون پاڻ هوائي اڏي تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

استقبال ڪندس ، هي تنهنجي بزنس ۾ ڪاميابي کان تمام گهڻو متاثر آهي.' احمد علي سندس ڏي ۽ شفيق جي گڏيل تعريف ڪري فرزانہ کي قريب اڻ جي ڪوشش ڪئي.
'مهرباني.... معنيٰ اسان جا قدردان هتي بہ موجود آهن.' شفيق مسڪرائيندي ۽ فرزانہ ۾ اکيون کپائيندي چيو تہ فرزانہ شرم کان سوڙهي ٿي ويئي، ايتري ۾ انيس الرحمٰن وچ ۾ دخل اندازي ڪندي چيو. جلدي ڪريو... ڪسٽم مان ڪم چڙايو تہ گهر هلون.'
اهي اکر احمد علي ۽ ناصر لاءِ حڪم هو، تنهنڪري يڪدم ٻئي جڻا پنهنجن يارن دوستن جي معرفت سامان ڪڍائڻ لاءِ هليا ويا. انيس، شبانہ، اسماءِ ۽ فرزانہ... شفيق کي گهيري ۾ وٺيو بيٺا هئا. مدل ايسٽ جي خبرن بعد گهر جون خبرون شروع ٿي ويون، ٿوري دير ۾ شفيق مائٽن کان آجو ٿي دوستن سان مليو، جيڪي پاڪر پاڻي ۽ فرزانہ جي منديل ڪوڙڪي ۾ ڦاسڻ کان ڪيس روڪڻ تان مذاق ٺاهي ٽوڪ ڪري رهيا هئا. احمد علي ۽ ناصر بہ پنهنجو ڪم چڙائي آجا ٿيا تہ سڀني گهر هلڻ لاءِ هوائي اڏي کان ٻاهر نڪتا ۽ ڪارن جي قطارن ۾ قافلو انيس الرحمٰن جي گهر ڏانهن روانو ٿيو.
ٻن ڏينهن اندر انيس الرحمٰن پنهنجي پٽ جي مان ۾ ڊنر جي دعوت ڪئي، جنهن ۾ شهر جي ڪاروباري ۽ سيٺ طبقي شرڪت ڪئي، شفيق الرحمٰن کي سڀني سان متعارف ڪرايو ويو. سڀ شفيق کي هڪ ڪامياب ڪاروباري ماڻهو ڄاڻڻ ۾ انيس الرحمٰن جي تربيت ۽ پلاننگ جي تعريف ڪري رهيا هئا، جنهن ڪري سندس سينو خوشي کان ڦهليل هو. شفيق بہ هر ڪنهن سان خوش اسلوبي سان پيش اچي رهيو هو ۽ ڪاروباري لاهين چاڙهين جي باري ۾ نين نين تجربن کان واقفيت وٺي رهيو هو. واپاري طبقي شفيق کي پنهنجين همدردين ۽ ڪاروبار ۾ ساٿ ڏيڻ جو يقين ڏياريو. اهو وڏو انعام آهي، جو واپاري هڪ ٽئين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪاروباري ماڻھو ڪي مارڪيٽ ۾ برداشت ڪن، پر انيس الرحمٰن احمد علي جا بزنس گروپ سان سٺا تعلقات ۽ مارڪيٽ ۾ ساک ھئي، انھي ڪري ڪاروباري طبقو شفيق ڪي ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار ھو. مارڪيٽ مقابلي جو ٻيو نالو آھي، ناٽي جو مقابلو، اگھن جو مقابلو، سيڙپ جو مقابلو مطلب تہ طلب ۽ رسد جي چڪتاڻ آھي، جنھن ۾ مقابلو ڪرڻ ھر ماڻھو جو ڪيڏ ناھي يا تہ مقابلي ۾ اچڻ کان اڳ باقاعده تربيت وٺي نہ تہ خسارو ڪائي پڇي جان ڇڏائيندو. انھي ڪري شفيق کي تربيت جي دور مان گذارڻ لاءِ انيس الرحمٰن جون ڪوششون ڪامياب ويون، ھو خوش ھو تہ سندس نالو ڪاروباري برادري ۾ هميشہ زنده رھندو. ماڻھن مٿن ۽ ڪاروباري ماڻھن جي دعوت بعد شفيق ڪجھہ ڏينھن دوستن سان گھمندو رھيو. انھي وچ ۾ ھو جڏھن بہ گھر ڏانھن ورندو ھو تہ فريده جي گھر جي گھٽي مان ڪار کي ضرور گذاريندو ھو ۽ ڪار جو ھارن خوامخواه وڄائيندو ھو تہ متان ڪڏھن فريده جو ديدار ٿي پوي. اِھي آسرا ھاڻي اجايا ھئا، شيءِ پرائي ٿي چڪي ھئي. آخر سيني ملاقاتين سان ملي آجو ٿيو. اڄ صبح کان وٺي موسم خوشگوار ھئي، آسمان تي ڪارن ڪڪرن آسمان جي بلو رنگ کي ڪاري رنگ ۾ تبديل ڪري سڄ کي لڪائي ڇڏيو ھو، ھوا ٿڌي ھئي ۽ ڪڏھن ڪڏھن سخت ھوا جو جھوٽو وڻن کي زور سان لوڏيندي گذري ٿي ويو. ماڻھن جون نظرون آسمان ۾ ھنيون تہ برسات آئي... اڄھو آئي... ساوڻ جي موسم ۽ سندس مزو تہ ٻھراڙين ۾ رھندڙ ماڻھو ماڻين، جتي وسڪارو ٿئي تہ نوان نوان گاه نڪرن، وڻ پنھنجو پراڻو لباس لاھي سائو لباس پھرين، ننديا ننديا جيت پنھنجن ٻرن مان نڪريو، خوشي کان ڪيت ڳائي ڳوٺائڻ جي نندِ ڦٽائين. مال متاع سڀ خوش .... پر شھرن ۾ برسات جي خوشي بلڪل اُنھي جي ابتڙ... ٽيليفون جو نظام درھم برھم، بجلي جون تارون ٽٽي پيون، رستا بارش کان ويھي رھيا، گٽر اُٿلي پيا ۽ وبا جو خطرو ڦھلجي ويو. اِھي مسئلا اُتي آھن جتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زندگي جو ماحول هينانون آهي پر شفيق تہ اعليٰ سوسائٽي جي ماحول ۾ رهندڙ هو، جتي برسات جو پاڻي جمع ٿيڻ جو سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي، بلڪ بنگلن جي لان ۾ ڪرسيون ڪڍي ماڻهو مغرب جي ماڻهن وانگر سن پات جي بدران برسات باڻ ڪندا آهن. جيئن هوا تيز ٿيندي ويئي تہ بارش جي هلڪين ڦڙين وسڻ شروع ڪيو ۽ آهستي آهستي تيز بارش جي صورت اختيار ٿي ويئي. شفيق پنهنجي ڪمري جون دريون سڀ کولي ڇڏيون، هوا زور زور سان سندس بت کي لڳي رهي هئي، ڪنهن وقت آسمان ۾ ڪنوڻ بلا وانگر ورڪاڻي زمين ڏانهن اچيو، وري واپس آسمان ڏانهن پيني ويئي. انهي منظر سندس دل کي راحت پهچائي. محبت ۽ مينهن جو هڪجهڙي سان نينهن آهي. عاشقن جي دل مينهن جي موسم ۾ نوان ڪَر ڪڍندي آهي، وساريل محبتون بہ ياد اچڻ لڳنديون آهن پر شفيق جي محبت ايتري پراڻي نہ هئي جو برسات جي پاڻي ۾ وهي وڃي. هُن جي دل ۾ محبت جي چڻنگ دکڻ لڳي، برسات جي ٿڌي هوا هن کي وڏيڪ ڀڙڪائڻ لڳي ۽ چڻنگ وڌندي وڌندي ٽانڊو ٿي پيئي. سندس دل ٽانڊي وانگر ٻرڻ لڳي ۽ سندس ڇاتي تي جڻ بار ٿي پيو، هُن آسمان ڏانهن اکيون کڻي نهاريو تہ هر طرف اونداهہ هئي ۽ سندس بت ٿڌ کان ڏڪڻ لڳو. هن يڪدم دريون بند ڪيون ۽ ڪمبل اوڍي صوفہ تي ويهي سگريٽ پيئڻ لڳو ۽ سوچڻ لڳو... ڪاش اڄ فريده هن سان گڏ هجي ها تہ بارش ۾ گڏ ويهي پسون ها ۽ هڪ ٻئي کي برسات جي پاڻي جا ڇنڊا هڻون ها.... ڪيترا نہ خوش هجون ها... پر قسمت... اڃان محبت مَس ٿي تہ ٽن سالن لاءِ فراق ڏسڻو پيو پر منهنجي دل اڃان بہ فريده کي چاهي ٿي... آئون هُن ڪانسواءِ اڌورو آهيان، هو پنهنجي منهن مسڪرائڻ لڳو. هن جي دل ۾ محبت سمونڊ جي ڇولين جيان شور ڪرڻ لڳي. هن جي وات مان يڪدم نڪتو...."فريده- آئون سچي پچي توکي پيار ڪريان ٿو."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پني ڏينهن بہ بارش جي بوندا باري ٿي رهي هني،
ماڻهو اهڙي موسم ۾ بہ ڪاروبار ڪرڻ لاءِ گهرن مان نڪري
پنهنجي منزل ڏانهن وڃي رهيا هئا. چوندا آهن تہ "مولا وسائي
مينهن تہ ڪوڙا ڇنن ڪم ڪان" پر شهر ۾ سيپني سچا آهن سواءِ
ملازمت پيشہ جيڪي بارش جو بهانو بنائي آفيس ڪان ٽائيندا
آهن، باقي ڪاروباري ماڻهن جي صحت تي ڪو اثر نٿو پوي. اُهي
اهڙين موسمن ۾ بہ پنهنجين آفيسن ۽ دڪانن تي وڃي ويهن،
تنهنڪري انيس الرحمٰن بہ آفيس ويو هليو. گهر ۾ اسماءِ ۽
نوڪرن جو صفائي تي جهيڙو لڳو پيو هو. شفيق بہ ڪمري ۾ بور
ٿي رهيو هو تنهنڪري هن شبانہ کي فون ڪري مطلع ڪيو تہ هو
وٽس اچي رهيو آهي، سندس پيٺوئي ناصر جو پچيائين، جيڪو
سندس آفيس لاءِ نڪري چڪو هو. شفيق يڪدم ڪپڙا پهري
پيٺس ڏانهن هليو ويو، گهر پهچڻ تي شبانہ کي اڳيني پنهنجو
منتظر پاتائين، سندس پٽ عديل راند ڪري رهيو هو، جنهن کي
هُن پيار مان ڪنڍي چمي ڏني تہ هُن يڪدم رڙيون ڪري ماٺس
ڏانهن نهاريو، جنهن جلد شفيق کان عديل کي وٺي پنهنجي گود ۾
ڪنيو ۽ چيائين، توهان ويهو تہ آئون ڇوڪري کي بوتل کير جي
ڏيني سمهاري اچان. شفيق آهستگي سان هڪ صوفہ تي دراز
ٿي، پنهنجا هٿ ڪيازي جي پويان هڏي، ڪمري جي ماحول کي
گهوري ڏسڻ لڳو جيڪو تمام سهڻي نموني سينگاريل هو، هُن کي
پنهنجي پيڻ جي سگهڙپڻ تي ناز ٿيڻ لڳو. ٿوري دير ۾ شبانہ
چٽپٽا ڪباب ڪٽي آئي ۽ سندس اڳيان رکيا، خوشبوءِ کان
سندس بک چڻ نڪري پيني. برسات جي موسم ۾ چهرا ڪاڏا دل
کي پائيندا آهن سو شفيق پنهنجي تهذيب يافتہ انداز سان ڪبابن
جو قلعو قمع ڪرڻ لڳو. شبانہ سوچي تہ رهي هني شفيق ضرور
فريده جي باري ۾ پڇندو تہ هو ڇا جواب ڏيني، بهرحال حقيقت
حقيقت رهندي وڏيڪ لڪائڻ مان ڪهڙو فائدو، تنهن کان بهتر
آهي تہ سڀ ڳالهيون هن کي ٻڌائي ڇڏجن. وڌيڪ فرزانہ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انتخاب بہ شفيق لاءِ بُرو ناهي، تنهنڪري ڪيس قائل ڪبو تہ فريده کي وساري ڇڏي ۽ فرزانہ کي سارڻ شروع ڪري ڏيني.
هاڻي هُن پاڻ کي سنڀالي ورتو تہ شفيق گفتگو جو آغاز ڪري تہ سندس جواب ڏيندي رهي. شفيق ڪٻابن سان ملهہ ڪرڻ دوران گهر جون خبرون، پرديس جون خبرون پڇندو ۽ ٻڌائيندو رهيو، آخر پنهنجي مطلب تي اچي ويو ۽ چيائين.
"ادي- فريده ڪيئنن آهي".
"خوش آهيان" شبانہ مختصر چيو.
"پر تڏهن بہ ڪهڙن حالن ۾ آهي." شفيق وڌيڪ پڇڻ جي ڪوشش ڪئي. هن کي خوشفهمي هُئي تہ شبانہ هُن کي ٻڌائيندي تہ فريده جا روئي روئي برا حال ٿي ويا آهن، بس تنهنجو انتظار ڪري رهي آهي. پر جڏهن وري ٻڌايس تہ هو تمام خوش زندگي گذاري رهي آهي تہ شفيق مسڪرائي ڏنو وري پڇيائين.
"ڇا آئون هن کي ياد آهيان؟"
"بلڪل نہ...! شبانہ وري مختصر جواب ڏنو تہ شفيق سمجهيو تہ پيٺس ڪيس چيڙي سندس ديوانگي جو مزو وٺڻ ٿي گهري تنهنڪري هُن جلدي چيو.
"مذاق ڇڏ... آئون هُن سان ملڻ لاءِ بيتاب آهيان."
"هاڻي هن سان ملڻ اجايو آهي" شبانہ چيس.
"ڇو"
"هن جي شادي ٿي ويئي آهي ۽ هو ٻن ٻارن جي ماءُ بہ ٿي چڪي آهي." شبانہ سڄي ڳالهہ ٻن جملن ۾ ادا ڪري ڇڏي تہ شفيق جو چهرو يڪدم سنجيده ٿي ويو ۽ پريشاني ڪان سندس نراڙ تي ور پنجي ويا، سوچ ڪان سندس ڪنڌ لڙڪي پيو ۽ مايوسي مان پڇيائين.
"ڪنهن سان!"
"جمال سان... هو هڪ ڪمپني ۾ مئنيجر آهي." شبانہ جواب ڏنس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

'شادي ڪڏهن ٿي؟'

'تنهنجي وڃڻ کان ٻن مهينن بعد.....' شبانہ وري جواب ڏنس.

تو پوءِ چا... تون مونکي خطن ۾.....!!

'ها مونکي احساس هو... جيڪڏهن توکي پرديس ۾ اها خبر پئي ها تہ تون دل برداشتہ ٿي پوين ها ۽ ڪاروبار ۾ دلچسپي گهٽائي ڇڏين ها.'

شبانہ جي انهي جملي جڻ شفيق جي وجود کي باهہ ڏيئي ڇڏي ۽ هو ورڻ لڳو. 'ڪاروبار ... ڪاروبار... ڇا سڄي زندگي رڳو پئسو ڪمائڻ آهي... ڇا منهنجا ارمان ناهن... ڇا آئون روبوٽ آهيان، جنهن کي جهڙي نموني ڪپي هلائجي!!... نہ... نہ... آئون انسان آهيان، منهنجا بہ ڪي جذبات آهن... منهنجي جذبات جو قتل ڪيو ويو آهي.'

جذباتي نہ ٿي... زندگي صرف فريده تائين محدود نہ رک.... اهو باب هاڻي بند ڪر... ۽ نئون باب فرزانہ کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪر.... انهي ۾ تنهنجو ڀلو آهي.' شبانہ نصيحت ڪندي چيس تہ شفيق هُن ڏانهن نهاريو جيڪا سخت پٿر جي ٿهيل بت وانگر ويٺي هئي.

'تنهن جي معني... تہ اهو منهنجي خلاف هڪ ٿهيل ٽڪيل منصوبو هو.' شفيق بدگمان ٿي ويو هو... ڪاوڙ مان صوفہ تان اُٿي بيهي رهيو ۽ دري ڏانهن هليو ويو جيڪا سرسبز لان ڏانهن کلندي هئي. هُن دري کولي هوا جو مٺو پيارو جهوٽو سندس منهن سان ٽڪرائي ڪمرا ۾ داخل ٿيو، پر انهي ٿڌي هوا بہ سندس دل جي باهہ کي ٿڌو نہ ڪيو. هُن پٺ ڏيئي وري شبانہ ڏانهن نهاريو جيڪا منصوبي واري الزام لڳڻ ڪري ٿوري دير لاءِ خاموش ٿي ويٺي هئي. تنهن وري جواب ڏنس.

'تون غلط سمجهين ٿو... انهي ۾ تنهنجي ڀلائي آهي.'

'غلط ڇا آهي ۽ صحيح ڇا آهي... آئون انهي کي بهتر نموني سمجهان ٿو، بس هاڻي آئون فريده سان ملڻ گهران ٿو، مونکي هُن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي نئين ايڊريس ڏي.“ شفيق تمام سخت رويي سان چيو ته شبانه صوفه تان اٿي ڪمري ڪان ٻاهر نڪرڻ جي ڪئي ته جيئن نوڪر کي چانهه جي باري ۾ سختي ڪري ته چانهه ۾ دير ڇو ٿي. شفيق شبانه کي ڪمري کان نڪرندي ڏسندو رهيو ۽ وري واپس اچي پاڻ کي صوفه تي اڇلائي ڇڏيائين. هن جي مٿي ۾ اعصابي دٻاءَ ڪان سور ٿيڻ لڳو ۽ هو پنهنجي مٿي کي مهٽڻ لڳو، بيقراري مان يڪدم کيسي مان سگريٽ ڪڍي جلائي ٻه ٽي ڦوڪا هنيائين پر سگريٽ مزو نه ڏيني رهيو هو، هن ڪاوڙ مان سگريٽ ايش ٽري ۾ اڇلي ڇڏيو ۽ اکيون پوري ذهن کي سڪون ڏيڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. ٿوري دير ۾ شبانه وري ڪمري ۾ داخل ٿي سندس پٺيان نوڪر چانهه جي ٽرالي ڌڪيندو آيو، شبانه چانهه ٺاهي شفيق کي پيش ڪئي ۽ پاڻ به ڪوپ ڀري هلڪيون چسڪيون ونندي رهي ۽ ٿوري ٿوري دير ۾ نظر کڻي شفيق کي ڏسندي رهي، جيڪو خاموشي سان ڪنڌ هيٺ ڪريو چانهه پيئندو رهيو. چانهه ختم ڪرڻ بعد هن کيسي مان سگريٽ ڪڍيو ۽ جلائي هلڪا سُوٽا هڻڻ لڳو، آخر شبانه خاموشي کي ٽوڙيو ۽ چيائين

”چا- تون مونکان ناراض آهين.“

”ها!! تو مونکي دوکي ۾ رکيو“ شفيق چيس ”هاڻي مونکي صرف فريده جو پتو ٻڌائي، آئون هن سان ملندس ۽ سندس بيوفائي جي شڪايت ڪندس.“

”تنهنجو هاڻي هن سان ملڻ بهتر ناهي، هو شادي شده عورت آهي، جيڪڏهن هُن جي مڙس کي خبر پئجي ويئي ته زندگي زهر ٿي ويندي.“ شبانه سمجهائيندي چيس.

”مونکي نصيحت نه... پر پتي جي ضرورت آهي.“ شفيق ڪاوڙ مان چيو.

”آئون پتي ڏيڻ جي غلطي ڪڏهن به ڪونه ڪنديس.“ شبانه هڪدم جواب ڏيني ڇڏيس ته شفيق صوفه تان اُٿيو ۽ وڃڻ واري ڪيائين ته شبانه به اُٿي بيٺي ته جيئن کيس در تائين الوداع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪري سگهي، پر شفيق ناراض مُوڊ ۾ هو، تنهن يڪدم چيس.
'در منهنجو ڏنل آهي...توهان ويهي رهو.' شفيق اينءَ چئي
ڪمري مان نڪري ويو ۽ شبانہ ڪيس ڏسندي رهجي ويئي،
شفيق سڌو پنهنجي بنگلي تي آيو ۽ ڪرسي ڪڍرائي لان ۾ بوندا
باري جو مزو وٺڻ لڳو ۽ سوچيندو رهيو. بوند جي سنهين ڦڙين
سندس وار پساڻي سندس دماغ کي ٿڌو ڪري رهيون هيون،
ٿڌي هوا سندس بت جي باهہ کي وسائڻ جي ڪوشش ڪري رهي
هئي. پر هن جي دماغ ۾ شيطان گهر ڪري چڪو هو. هُن کي
پنهنجي خلاف هڪ سٽيل منصوبو ڏسڻ ۾ آيو تہ جيئن هو فريده
کان جدا ٿي وڃي ۽ يڪدم سندس شادي بہ ٿي وڃي تہ جيئن
هو فرزانہ سان شادي ڪري. پٽس انهي وقت ۾ احمد علي سان
بزنس پارٽنر ٿيو، جو تہ انگريز فرم لاءِ ايگريمينٽ ۾ گهربل زر
ضمانت احمد علي ڏني هئي تہ جيئن انيس الرحمان تي احسان
ڪري هن کي هيٺ رکي ڪيس ٽن سالن لاءِ ٻاهر موڪليو وڃي.
هي آخر سڀ ڪجهہ جو ٿيو ۽ ڪهڙي نموني ٿيو. حالات هُن جي
وس ۾ جو نہ رهيا، هو بازي کٽي رهيو هو، پر آخر ۾ خبر پئي تہ
بازي هارائي چڪو آهيان. هو هڪ هارايل جواري وانگر چور
هو، سندس بت ۾ اٿري تہ پنج هُني، جڻ ڪنهن هُن کي ڏاڍي
مار ڪڍي هجي، دماغ سوچيندي سوچيندي .مانوف ٿي چڪو
هو، برسات جي بوندا باري جو مزو وٺي هو پنهنجي ڪمري ۾
آيو، وهنجي ڪپڙا بدلائي پلنگ تي دراز ٿي پيو، لنچ بہ هن
ڪمري ۾ ڪئي ۽ سگريٽ پيئندو رهيو ۽ ڪمري کي دونهون
سان پري چڙيائين، ايش ٽري اڌڙن سان پرجي ويو. سندس
وات جو ذائقو ڪارو ٿي پيو. ننڊ اکين ۾ بلڪل قريب نہ ٿي
آئي... شام ٿي ۽ رات جو ڊنر جو ٽائيم ٿي ويو تہ پٽس انيس
الرحمان گڏجي ڊنر ڪرڻ لاءِ ڪيس گهرايس. ڊائننگ ٽيبل تي گهر
جا ٽئي فرد موجود هئا، پٽس پهرين تہ سندس پٽ جي تعريف جا
پُل ٻڌي ڇڏيا، ماٽس بہ مسڪرائيندي رهي. هن جي خوشي جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انتها نہ هني، پر شفيق جي دل ملول هو، هيترين تعريفن ٻڌڻ بعد بہ هُن کي ڪابہ خوشي نہ ٿي، صرف چهري تي مصنوعي مرڪ آڻي مائٽس ۽ پٽس کي خوش ڪري رهيو هو. آخر ۾ پٽس چيس تہ هن سوچيو آهي، بلڪ فيصلو ڪيو آهي تہ تون آفيس ۾ ويهندي ۽ آئون مارڪيٽ ۾ بزنس ڪرڻ لاءِ آجو رهڻ ٿو گهران، انهي سان توکي ڪاروبار جو وڌيڪ تجربو ٿيندو. شفيق خاموشي سان ٻڌندو رهيو، هن کي هيستائين صرف ڪَن هئا، زبان نہ هني، پر هُن کي مجبورن زبان کولڻي پوندي، ڇو تہ اينئن هو خاموشي ۾ تماشو بنجي ويندو. هو ڇا ڪري... هر ڪا شي هُن جي هٿن مان نڪري ويني هُني. هاڻي بغاوت ڪرڻ مان ڪو فائدو ناهي بلڪ بدنامي آهي... هن محسوس ڪيو پئي تہ هر ڳالهہ برحق آهي...پر هُن کي جنون هو تہ هڪ دفعا فريده سان ملاقات ضروري آهي تہ جينن حقيقي پهلو کان واقف ٿئي تہ ڇا واقعي هن کي شادي ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو... جيڪڏهن مجبور ڪيو تہ ڪنهن؟ هن شادي جي ڇو مخالفت نہ ڪئي!... جيڪڏهن ڪني تہ هُن جو نتيجو ڇا نڪتو؟... هن جي ذهن ۾ فريده جا آخري الفاظ بار بار گونجي رهيا هئا "آئون شادي نہ ڪنديس... ۽ تنهنجو مرڻ گهڙي تائين انتظار ڪنديس." ... پر هي ڇا!!! منهنجي ٻاهر وڃڻ بعد سڄي دنيا بدلجي ويني... آئون ٻيهر اُها دنيا واپس آڻيندس... هن عزم ڪيو. ڊنر ختم ٿي تہ پٽس ۽ مائٽس اُٿي پنهنجي بيڊروم ڏانهن ويا پر شفيق اتي ويني اڪيلائي ۾ چانهہ پيتي، چانهہ ختم ڪرڻ بعد هو واپس پنهنجي ڪمري ۾ آيو، ڪمرو روشن هو، شفيق نرم نرم قدمن سان لڙڪندڙ جنگهون ڪٽندو قد آدم آئيني اڳيان اچي بيٺو ۽ پنهنجي چهري کي دير تائين اينئن ڏسندو رهيو... هُن جي مَن جو شيطان آئيني ۾ اچي ويو، هن جي اڳيان شفيق بي جان ملزم جيان بيٺو رهيو. شيطان ٽهڪ ڏنو... هن جي حالت تي ۽ چيائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

'بيوقوف! تون مرد ناهين... جيڪڏهن مرد آهين تہ فريده کي کهڙي نموني بہ پنهنجو ڪر.'
'آئون چا ڪريان' شفيق بيوسي مان چيو.
'تون هن کي طلاق ونرائي!!! شيطاني عڪس چيو.
'آئون ڪنهن جي زندگي خراب ڪرڻ نٿو گهران.' شفيق لاچاري مان چيو تہ شيطاني عڪس وڏو ٽهڪ ڏنو ۽ ٽهڪ ڏيندو رهيو. شفيق اکيون ڦاڙي ڏسندو رهيو ۽ پاڻ تي ماتم ڪرڻ لڳو. عڪس وري چيو.
'تون فريده کي سندس خط ۽ تصويرون ڏيکاري بليڪ ميل ڪر.'
'مون وٽ سواءِ محبت جي ڪجهہ بہ ناهي.'
'تو هن کان تصوير بہ نہ ورتي ۽ خط بہ ڪونہ لکرايو... بلڪل بيوقوف آهين... پاڪ محبت... پاڪ محبت.... آئون پاڪ محبت کي نٿو مڃان' شيطاني عڪس کلندي چيو ۽ ٽهڪ ڏيندو رهيو ۽ شفيق سندس اڳيان مجرمن وانگر خاموش الزامن جي لسٽ ٻڌندو رهيو.
'تون بيوقوف کان ڪجهہ بہ نہ پڇندو... مات ڪري سمهي رهہ' عڪس وري چيس ۽ گم ٿي ويو. شفيق کي آئيني ۾ وري پنهنجو عڪس ڏسڻ ۾ آيو، جيڪو مايوس ۽ غمگين هو. شفيق آئيني کان هٽي ويو ۽ ڪمري جي روشني گل ڪري مائڙي سان پلنگ تي دراز ٿي ويو.... سندس بت ايترو تہ چُور هو جو ننڊ جي راڻي يڪدم کيس بغلگير ڪري خواب جي دنيا ۾ وٺي ويئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

14

شفيق پٽس جي حڪم تي هاڻي روز آفيس ايندو هو، پهرين ڏينهن پٽس آفيس جي ڪم ڪار ڪيس واقف ڪيو ۽ اسٽاف ميمبرن سان تعارف ڪرايو، بعد ۾ شفيق اڪيلو آفيس جو ڏٽي تيو وينو هو. فون ٻڌڻ، اسٽينو کي ڊرافٽ لکرائڻ، فائل ڏسڻ، اسٽاف جي حاضري ۽ غيرحاضري تي نظر رکڻ سندس مشغلو هنو. انهي مشغوليات ۾ هو ايتريقدر شامل ٿي چڪو هو جو فريده جي ياد هن لاءِ هاڻ هڪ خواب مثل ٿيندي ويني پر ڪڏهن ڪڏهن اڪيلائي ۾ ڪيس پراڻا پيچ ستائڻ لڳندا هنا. صبح جو آفيس ۾ مشغول ته شام جو ڪلب ۾ قابو... جتي فرزانه سندس انتظار ۾ اکيون هنيو ويٺي هوندي هني. ڪلب ميمبرن ۾ ته اها ڳالهه مشهور ٿي ويني هني ته شفيق ۽ فرزانه عنقريب جيون ساٿي ٿيڻ وارا آهن پر شفيق کي فرزانه ۾ ايتري دلچسپي ڪونه هني، پر جيڪڏهن ڪير ڪنهن جو انتظار ڪري ته پوءِ سندس انتظار جو جواب ساڻس ملاقات ڪري ڏيڻ س ، ڪلب ميمبرن خوامخواه هنن جي محبت کي مشهور ڪري ڇڏيو. حقيقت ۾ شفيق ڪلب ۾ راند رهڻ ايندو هو ته جيئن هو دل کي وندرائي فريده جي ياد کي وساري سگهي. آفيس جو ماحول پُر سڪون هو، سڀ ملازم پٽس جي دوراندیشي ۽ ڪاروباري ذهنيت کي نيڪ نموني سمجهندا هنا، تنهنڪري آفيس ۾ غير حاضري ڪاهلي جو تصور ئي نه هو، اشرف به هن ئي دفتر ۾ ملازم هو، جتي هن جي زال صفيه به ملازم هني ٻئي گڏ دفتر ايندا هنا پر اڄ ٻئي دفتر نه آيا، حاضري جو رجسٽر شفيق اڳيان پيل هو، هن سامهون بت تي لڳل گهڙيال کي ڏٺو، جيڪو ڏهه وڃائي رهيو هو، معنيٰ هڪ ڪلاڪ ليٽ- ملازم نه آيو معنيٰ غير حاضر... ايتري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ اشرف آفيس ۾ اچي ويو، پهرين هن کي منيجر ناهوڪي چنڊ ڪڍي ۽ سيٺ ڏانهن موڪليائين‌س ڇو ته اڄ شفيق پاڻ حاضري چيڪ ڪري رهيو هو. سيٺ ملازم کي طلب ڪري ته معنيٰ پهرين ڪان به سخت چنڊ کي منهن ڏيڻو آهي، اشرف ذهني طور تي پاڻ کي تيار ڪيو، منهن تي عارضي طور رُڪ جو چهرو بڌائين ته جيئن چهري تي ڪو غلط جذبات نه اُڀي، وات تي لغام ڏنو ته جيئن صرف ها ۽ نه ۾ جواب ڏيئي سگهي ورنه نوڪري ڪان جواب ته رکيو آهي. پرائيويٽ ادارن ۾ چارج شيٽ ۽ انڪوائري جو تصور گهٽ ۽ سيٺ جي رضا مندي کي زياده دخل اندازي آهي، ڇو ته هو پگهار به معقول ٿو ڏيئي ته محنت به پنهنجي مرضي سان وٺندو. سُٺي محنت ۽ سٺو ذهن ته اعليٰ پگهار.... جيڪڏهن ڪم چور ۽ ڪند ذهن ته پگهار صرف گذاري لائق، اشرف کي پنهنجي ڪيٽيگري جي خبر هئي، تنهنڪري ڊڄندو ڊڄندو شفيق جي آفيس ۾ گهڙيو. شفيق جڏهن ڪنڌ مٿي ڪنئي هن ڏانهن ڏٺو ته اشرف يڪدم هٿ ٻڌس ۽ پنهنجي چهري تي اهڙا ته نماڻائي وارا تاثرات پيش ڪيا جو شفيق بجاءِ ڪاوڙجڻ جي کلي پيو... اها ايڪٽنگ ته هن جي نوڪري جو بقا هو... ڪم ندارد... باقي سيٺ کي پنهنجين بيوقوفين وارين حرڪتن ڪان خوش رکيو ويٺو هو، تنهنڪري وڏو سيٺ انيس الرحمٰن به جڏهن ٿڪي پوندو هو ته مُوڊ کي خوشگوار ڪرڻ لاءِ اشرف کي آفيس ۾ گهرائي، ٿورو سختي وارو نمونو ڪندو هو ته بس اشرف پولڙي وانگر پنهنجي فن جو مظاهرو شروع ڪري ڏيندو هو. چهري تي نماڻائي جا عجيب نموني تاثر آڻي، نئين نئين طريقي جا بهانا ٻڌائيندو هو، سيٺ انهن حرڪتن ڪان محفوظ ٿي هن کي آفيس مان نڪري وڃڻ جو حڪم ڏيندو هو ته آفيس مان نڪري وري جاتي ٻاهر ڪڍي رعب سان هلندو هو، ڇو ته وڏيڪ ڪا به ڪارروائي نه ٿيندي هئي. اڄ شفيق جو اشرف سان پهرين دفعا مقابلو ٿيو هو، سو هو به اشرف جي اِها حرڪت ڏسي محفوظ ٿيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پر وري ڇهري تي ڪاوڙ آڻي چيائين.

'تون ۽ تنهنجي زال صفيہ ٻني ليٽ آهيو.'

'سائين آئون تہ آيو آهيان... باقي صفيہ جي موڪل جي درخواست کڻي آيو آهيان' هن يڪدم کيسي مان صفيہ جي درخواست ڪڍي شفيق اڳيان رکي.

'ٺيڪ آهي... پر تون تہ ليٽ آهين' شفيق وري سخت لهجي ۾ چيو.

'سائين درخواست ۾ سڀ ڳالھ لکيل آهي، اسان جي پٽ جي رات جو حالت خراب ٿي وئي، سو ڇوڪري کي اسپتال کڻي وياسين جتي هُن کي داخل ڪيو ويو، منهنجي زال اسپتال ۾ سندس سنڀال لهي رهي آهي... باقي آئون حاضر ٿي ويو آهيان تہ دفتر ۾ خبر ڪريان.' شفيق خاموشي سان سندس داستان غم ٻڌندو رهيو، ايتري ۾ وري اشرف چيو.

'سائين رات تمام دير سان اسان جي ڇوڪري جي طبيعت خراب ٿي، تنهنڪري دوست جمال کان ڪار ورتي، اسان ڇوڪري کي اسپتال آندو، مالڪ کي ڪار واپس ڪرڻي هئي، سا صبح جو هن کي پهچايم، ڇو تہ جمال کي بہ سندس دفتر وڃڻو هو، بس جمال کي ڪار پهچائڻ ۽ وري واپس مونکي دفتر ۾ اچڻ ۾ دير ٿي وئي. اشرف پنهنجي صفائي ٺيڪ نموني پيش ڪئي تہ شفيق مطمئن ٿي ويو ۽ چيائين.

'ٺيڪ آهي... تون وڃين سگهين ٿو.'

'مهرباني ... سلام عليڪم' اشرف سلام ڪري در ڏانهن وريو پر شفيق جي ذهن تي اشرف جي ٻڌايل لفظ... جمال... هٿوڙن وانگر دماغ ۾ ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳو... جمال... جمال... جمال!!! هُن جي ذهن ۾ آيو ڇو نہ اشرف کان جمال جي باري ۾ پڇجي، اشرف آفيس مان ٻاهر وڃڻ لاءِ اڃان ٿوري منزل طئي ڪري دروازي تائين مس پهتو تہ شفيق پٺيان سڏ ڪيس.

'اشرف'

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

’يس سر.‘ اشرف پونتي وريو ۽ تيز تيز وکون وڌائيندو وري اچي شفيق جي ٽيبل وٽ بيٺو ته شفيق سوال ڪيس.
’جمال ڪير آهي.‘
’منهنجو دوست آهي... انڪلائن انٽرپرائز ۾ مئنيجر آهي.‘
’ڇا توهان پاڙيسري آهيو؟‘ شفيق ڪار حاصل ڪرڻ واري واقعي کي ذهن ۾ رکي چيو.
’ها سائين... بس منهنجي رهائش گلشن جي هڪ سينٽر ۾ آهي ته لڳ ڀڳ انصاف اپارٽمينٽ ۾ هُن جو فليٽ آهي.‘ اشرف ذري گهٽ شفيق کي جمال جو پتو ٻڌائي ڇڏيو، هن جي ذهن ۾ ڪوبه شڪ نه هو شفيق اهڙي نموني جمال جي ايڊريس معلوم ڪري رهيو آهي.
’ڇا جمال اُهو ته ڪونهي، جنهن عبيدالله صاحب جي ڌيءَ سان شادي ڪئي آهي؟‘ شفيق دل جي ڳالهه کي زبان تي آڻي سوال ڪيو.
’ها سائين... ڇا توهان سڃاڻو؟‘ اشرف ذري گهٽ سوال ڪيو ته شفيق پاڻ کي سنڀالي ورتو ۽ حڪم ڏنائين.
’هاڻ تون وڃين پنهنجو ڪم ڪر‘ اشرف ماڻ سان ڪنڌ هيٺ ڪري آفيس مان نڪري ويو. شفيق کي معاملي جي منجهندڙ سڳڻ مان سِرو هٿ اچي ويو، باقي مسئلي کي آخري حد تائين حل ڪرڻ سندس ڪم هو، ڇو ته هن ٺهي چاهيو ته اشرف سندس ذاتي مسئلي ۾ داخل ٿئي. هُن سگريٽ دکايو ۽ هلڪا هلڪا ڪش پرڻ لڳو، سندس ذهن سري کي سِري سان ملائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. گلشن ۾ رهي ٿو... انصاف اپارٽمينٽ ۾ هُن جو فليٽ آهي... باقي فليٽ نمبر ڪهڙو آهي؟ ... اهو اُتان معلوم ٿي سگهي ٿو. ڇا هو فليٽ تي وڃي سائٽس ملي!... نه نه... ائين غلط آهي، هُن جي ذهن ۾ هڪ خيال آيو، هو ڏسندو رهندو هو ته فليٽ ۾ رهندڙ متوسط طبقي جا ماڻهو، صبح جو ڪاروبار يا نوڪري جي سلسلي ۾ وڃن هليا ۽ پوءِ سندن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زالون گهر جو ڪم ڪار لاهي... هٽ ۾ ڇهو ڪٿي فليٽ ڪان هيٺ مارڪيٽ ۾ ٻوڙ ٻاڙي ۽ گهريلو سامان جي خريداري ڪرڻ نڪرنديون آهن. انهي وقت مارڪيٽ صرف عورتن جي حوالي هوندي آهي.. بس هُن مسئلي کي حل ڪري ورتو. هن سوچيو ته ضرور فريده به خريداري جي لاءِ هيٺ مارڪيٽ ايندي هوندي... هو سائنس اُتي موقعو وٺي ملاقات ڪري سگهي ٿو. پر ڇا هوءَ هن سان ملڻ پسند ڪندي!... ڇا آهي... شفيق سوچيو... هن جي ذهن ۾ فريده لاءِ ڪو غلط خيال نه هو، هُن کي رڳو پنهنجو شڪ دور ڪرڻو هو، ته ڇا هُن کي ٻاهر موڪلي، فريده کي مجبور ته نه ڪيو ويو هو ته هو شادي ڪري ڇڏي ته جيئن آنون هُن تان مجبور ٿي هٿ ڪنٽي فوزانه سان شادي ڪريان. هُن کي صرف انهي سوال جو جواب ٿي گهربو، جيڪو صرف فريده ئي ڏيئي سگهي ٿي، ڇو ته هُن کي پنهنجي پيءَ، ماءُ ۽ ڀيڻ تي فريده جي معاملي ۾ اعتبار نه رهيو هو.

ٻئي ڏينهن شفيق آفيس مان صبح جو ڏهين بجي نڪري ويو ۽ ڪار کي تيز هلائيندو، گلشن مارڪيٽ پهچي ويو. عورتون هاڻي مارڪيٽ ۾ مکين وانگر لامارا ڏيئي رهيون هيون، ڪا ڀاڄي جي دُڪان تي، ڪي گوشت جي دڪان تي، ڪي ڪڪڙن کي پسند ڪري رهيون هيون. ڪرياڻه جا دڪاندار ته وٺ وٺان ۾ هُنا، تورن ۽ ساهمين جا ٺڪاءُ پئي پيا. خريداري ڪري عورتون پنهنجو سامان وٺنديون، ڇپن ۾ وجهنديون پئي ويون ۽ گهر ڏانهن روانيون ٿي رهيون هيون. مطلب ته عورتن جو ميلو لڳو پيو هو، اِها به ته هڪ قسم جي شاپنگ آهي، جنهن جو موجوده دور جي عورتن کي تمام حد ڪان وڌيڪ شوق آهي. ڇو نه ٿئي ... سڄو ڏينهن گهر جي ڪم ڪار ۽ چوديواري ۾ بند رهن ٿيون، شاپنگ ته هڪ موقعو آهي، جنهن ذريعي هو آزادي سان گهمي ڦري سگهن ٿيون، هنن جي هڪ ٻئي سان سڃاڻپ ٿئي ٿي، عورتون پنهنجي پسند ۽ ناپسند تي ڏکيا ڏکيا بحث

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪنديون، دڪاندارن جي برائي ۽ شين جي قسمن ۽ ڪوالٽي تي بحث ته هنن جو خاص سبجيڪٽ هوندو آهي. گهريلو عورتون شاپنگ ٽائيم کي پنهنجو آزادي جو ٽائيم تصور ڪنديون آهن. فريده به گهر ۾ نوڪرياڻي اچڻ بعد بزار وڃڻ جو پروگرام ٺاهيو، پورهيت سندس گهر ۾ فرش جي صفائي، ٿانو ڌوئڻ ۽ ڪپڙن ڌوئڻ تائين محدود هني باقي ڪچن ۾ رڌ پچاءُ ڪرڻ ته فريده جو پسنديده سبجيڪٽ هو، سو ڇهو ڪٺي مارڪيٽ ڏانهن رواني ٿي، وڃڻ مهل نوڪرياڻي کي ٻارن جي سنڀال جي خاص تلقين ڪيائين، شهزاد اڪبر ٻن سالن جو ۽ نائله اڪبر هڪ سال جي ٿي ويني هني. شفيق پهرين بازار ۾ هڪ ڊگهو چڪر هنيو ۽ هر عورت کي منهن ۾ چتاني ڏنو پر فريده کي ڳولهڻ ۾ هن کي تڪليف ٿي رهي هني، ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ٻي عورت کي به فريده سمجهي سندس ويجهو اچي ڏسڻ بعد هُن کي شرمنده ٿيڻو پيو ٿي. هاڻي هو مارڪيٽ جي آخري حصي تائين پهچي چڪو هو ته پريان هُن جي فريده تي نظر پيني، جيڪا دنيا کان بي خبر، پنهنجي خيالن ۾ خريداري لاءِ اچي رهي هني، شفيق يڪدم وڏي سندس اڳيان اچڻ جي ڪوشش ڪني. هو تمام خوش هو ته فريده کي ڳولهڻ ۾ هُن کي گهڻي تڪليف ڪونه ڪٽڻي پيني، هو فريده کي اڄ کان ساڍا ٽي سال اڳ ۽ هينئر واري فريده ۾ مقابلو ڪرڻ لڳو. هوءَ ٿوري ٿلهي ٿي ويني هُني، شفيق پنهنجي منهن مسڪرائي ڏنو سوچيائين ته معنيٰ خوش آهي، سندس چهرو ٻهڪي رهيو هو، هُن کي فريده جي خوشي ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي. فريده جيڪا مستانين وانگر پنهنجن خيالن ۾ پيني آئي، سندس نظر جڏهن شفيق تي پيني ته هُن کي دل ۾ ڌڪ لڳو ۽ سندس پير هڪ جڳهه تي کُپي ويا. هن نٿي چاهيو ته هو شفيق جي سامهون وڃي، تنهنڪري سوچي قدم واپس ڪيائين. شفيق جڏهن ڏٺو ته فريده واپس وڃي رهي آهي ته هُن کي مايوسي ٿي پر سوچيائين اِنهي سان ڪو فرق ڪونه ٿو پوي پر هو اڄ هُن سان

ڳالهائڻ ڪانسواءِ نه ويندو، تنهنڪري تڪڙا تڪڙا قدم کڻندي فريده جي پٺيان سندس پيڇو ڪرڻ لڳو. فريده جڏهن ڏٺو ته شفيق سندس پيڇو ڪري رهيو آهي ته هُن تمام تيز هلڻ شروع ڪيو ۽ يڪدم سينٽر ۾ گهڙي آئي،... شفيق به سينٽر ۾،... فريده يڪدم ڏاڪڻيون چڙهڻ شروع ڪيون ۽ فليٽ ۾ داخل ٿي در بند ڪري ڇڏيو ته شفيق ڏاڪڻين کان هيٺ بيهي واپس هليو ويو. هن جي چهري تي خوشي ۽ مايوسي جا مليل جليل جذبات هُئا. خوشي اِنهي ڪري ته هُن فريده کي ورهين ڪانپوءِ ڏٺو ۽ مايوسي انهي ڪري جو هُن سان ڪجهه به ته نه ڳالهائي سگهيو.

فريده فليٽ ۾ اندر اچي پاڻ کي هڪ پلنگ تي اڇلائي ڇڏيو، هن جو ساه اڀامي رهيو هو ۽ دل تيز تيز ڌڪ هڻي رهي هئي. نوڪرياڻي جلدي ۾ پاڻي ڀري گلاس پياريو. اڌ ڪلاڪ کن ته هو پلنگ تي پئي رهي، هن جي دماغ ۾ سوچ هئي ته شفيق هينئر ان جي پٺيان آخر ڇو پيو، ڇا هن کي خبر ناهي ته آئون هڪ شادي شده عورت آهيان. ان کي رکي رکي شبانه تي ڪاوڙ اچي رهي هئي، ڇو ته ان جو خيال هو ته شبانه ڪيس سندس شادي جي باري ۾ نه ٻڌايو هجي. فريده پلنگ تان اُٿي ۽ سڌو فون وٽ آئي، جيڪا هفتو کن ٿيو هو سندس فليٽ ۾ لڳي هئي. هن شبانه جي گهر جو نمبر ملايو ته ٻئي طرفان شبانه ئي فون کنيو.

"هيلو- آئون فريده پئي ڳالهايان." فريده چيو.

"تعارف ڪرائڻ جي ڪابه ضرورت ناهي، ڇا آئون تنهنجي آواز به نٿي سڃاڻي سگهان." شبانه مٺائنس ٽوڪ ڪئي.

"مهرباني! پر آئون اڄ تمام گهڻو پريشان آهيان- هن فون تي شبانه کي مارڪيٽ وارو پورو داستان ٻڌايو، جيڪو شبانه خاموشي سان ٻڌندي رهي. فريده جڏهن پنهنجو داستان ختم ڪيو ته عرض ڪندي چيائين.

"تون شفيق کي روڪ ته هو هن طرف نه اچي ۽ مونسان ملڻ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪوشش نہ ڪري، جڏهن هن کي خبر بہ آهي تہ آئون شادي شده آهيان.“ شبانہ سوچ ۾ پنجي ويني ۽ ڪيس پنهنجو داستان ٻڌائڻ شروع ڪيو.

”مون هن کي ڪافي دفعہ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي پر اسان هن جي دل مان بدگماني دور نہ ڪري سگهياسين. هو چوي ٿو تہ اسان هن جي خلاف سازش ڪري توکي مجبور ڪيو تہ تون يڪدم شادي ڪري وٺين، اهڙي نموني فرزانہ لاءِ ميدان صاف ٿئي. وڏيڪ توکي خبر آهي تہ تنهنجي شادي ماڻهن جي طئي شده آهي. اسان جي انهي ۾ ڪا دخل اندازي ڪونهي.“

”تہ منهنجو انهي مسئلي ۾ ڇا وڃي.“ فريده بيزاري مان چيو.

”ڪجھ بہ نہ- پر اسان پنهنجي صفائي پيش ڪرڻ ۾ ناڪام ويا آهيون.“

”تون پاڻ کي ايڏو سارو ماسٽر مائينڊ ٿي سمجهين- پوءِ بہ اهڙيون ڳالهيون ٿي ڪرين... مون کي تعجب آهي.“ فريده مٺاڻس طنز ڪئي

”مون ڪوشش ڪئي آهي، پر هاڻي صرف تون هن کي ايترو يقين ڏيار تہ اسان جو انهي ۾ ڪو هٿ ڪونهي، اهي حالات خودبخود پيدا ٿي ويا.“ شبانہ مدد طلب ڪرڻ واري انداز ۾ چيو.

”تہ مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي.“ فريده تنگ ٿيندي چيو.

”تون پنهنجي ۽ اسان جي بيگناهي ڪان ڪيس واقف ڪري، اهو سمجهائينس تہ فرزانہ سان شادي ڪري خوش گذاري.“ شبانہ ايترو چيو تہ فريده تنگ ٿي رسيور ڪريڊل تي رکي ڇڏيو ۽ پنهنجي منهن پٽڪڻ لڳي.

”جڏهن ڪڏهن منهنجي مدد جي ضرورت پوي ۽ اسان غريب محبت ۾ مارجيو وڃون“ هن سوچيو تہ ڪٿي ڇا بہ ٿي پوي تہ هو شفيق سان بلڪل نہ ملندي... پر ذهن جي گوشي مان خيال ابريو... جيڪڏهن شفيق خوامخواه انتقامي ڪارروائي تي لهي اچي تہ منهنجي زندگي زهر ڪري ڇڏيندو،.... هو واقعي ديوانو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي .... هڪ خوشحال گهر جو فرد آهي... جنهن 'نه' بلڪل نه ٻڌي آهي، سندس ذهن اڃان ايترو پختو نه ٿيو آهي، متان... منهنجي در تي اچي ٻيهي رهي ته جمال ڇا سوچيندو. انهي خيال کان هو تمام گهڻو پريشان هئي 'عورت لاءِ محبت به عذاب آهي' هو ڪنهن کي چاهي ٿي سگهي، جيڪڏهن ڪنهن سان پيار ڪري ٿي ته هن کي حاصل ڪري نه ته محبت جي ميدان ۾ خوامخواه نه اچي.... مفت ۾ خوار ٿيندي، ڇو ته عورت جو حيا ۽ شرم هن جي ملڪيت آهي، جيڪڏهن حيا ۽ شرم تي داغ لڳي وڃي ته پوءِ زمانو هن کي ڪڏهن به برداشت نه ڪندو. فريده سان به اها حالت هئي ڇو ته هو پنهنجي محبت جو داستان مڙس کي ته ٻڌائي ٿي سگهي. وڏيڪ شبانه جي مشوري مطابق هو شفيق سان ملي ان کان پنهنجي بيوفائي جي معافي وٺي ۽ ڪيس فرزانه سان شادي ڪرڻ جي تلقين ڪري. اهو هڪ اهڙو مرحلو هو جو جنهن کي حل ڪرڻ مشرقي عورت لاءِ مشڪل هو. بهرحال صلاح به شبانه جي هئي، جيڪا به عورت آهي پر اعلىٰ سوسائٽي جي... جتي اهڙا معاملا واقعي عورتون به حل ڪري سگهن ٿيون ۽ مرد حضرات انهي ۾ عيب نه سمجهندا آهن، ڇو ته هو پاڻ کي وڏي دل جو مالڪ سمجهندا آهن. جتي تعلقات اعتماد جي بنياد تي هلندا آهن پر ننڍي سوسائٽي جتي تعلقات يڪدم شڪ جو بنياد بڻجي زندگي زهر ڪري وجهندا آهن. فريده عجيب ڪشمڪش ۾ هئي ۽ مارڪيٽ مان به هوءَ خالي هٿن واپس اچي ويئي، انهي جو احساس ٻيهر ان کي تڏهن ٿيو جڏهن رات جي وقت لاءِ فرج ۾ ڀاڄي نه هئي. شام ڌاري جمال پهچي ويندو هو جيڪو سندس معمول هو ۽ اچڻ سان فريده سان چانهه پيئڻ مهل پنهنجي سڄي ڏينهن جي ڪارروائي ٻڌائيندو هو ۽ فريده پنهنجي ڪارڪردگي کان جمال جي دل روزانه جيتي وٺندي هئي. اڄ شام ڌاري جڏهن جمال گهر آيو ته فريده جو چهرو ناخوشگوار حالت کان سنجيده هو، سندس نظرون پشيمان ۽ وار

پريشان هئا. چانهي پيڻ مهل به اها ٿڪن وارن مستي نه هئي ته جمال فريده کان پڇي ويٺو.

”ڇا ڳالهه آهي... تون ڪومايل پئي لڳين“

”طبيعت صحيح نه هئي، مٿي ۾ سور هو.“

”ڊاڪٽر کي ڏيکارين ها.“

”نه... ايتري تڪليف نه هئي...مٿي جي سور جي گوري کائي آرام ڪيم- هاڻي فرق آهي.“

”معنيٰ... خود مريض ۽ خود ڊاڪٽر.... سبحان الله .“

جمال جي انهي تعريفانه جملي تي فريده هلڪي نموني کلي ڏنو ۽ ڪپ کڻي ڪچن ڏانهن هلي وئي ۽ يڪدم واپس اچي جمال کي چڪو ڏنائين ته سندس طبيعت خراب هئڻ ڪري مارڪيٽ سامان وٺڻ نه وئي، حالانڪ فريج ۾ سڀ شيون ختم ٿي ويون آهن. جمال کي احساس ٿيو ته واقعي گهر ۾ روزمره جون شيون کپي ويون آهن، تنهڪري چڪو کڻي بازار ڏانهن روانو ٿي ويو. فريده کي به پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو ته پنهنجي پريشاني ۾ ايترو ته محو ٿي وئي جو هُن نه ڪپڙن جو خيال ڪيو.. نه سنوري وئي جيئن اڳي مڙس کي لياڻ لاءِ ڪندي هئي، شايد انهي ڪري جمال انهي جي نشاندهي ڪئي. هن يڪدم هلڪو ميڪ اپ ڪري پاڻ کي سنواري ورتو ۽ گهر جي ڪم ڪار کي لڳي وئي ته جيئن جمال کي ڏيکاري سگهي ته هن کي ڪا پريشاني نه آهي پر سوچيندي به رهي ته ڇا ڪجي!.... ته ايتري ۾ وري ٽيليفون جي گهنٽي وڳي، رسيور کڻڻ تي هن کي خبر پئي ته ٻئي طرف کان شبانه ڳالهائي رهي هئي. حقيقت ۾ شبانه گهريو ٿي ته سندس پاءُ شفيق ڪهڙي به نموني پنهنجي راه تي اچي وڃي، پهرين ته ان جي ڪوشش هئي ته ڪهڙي به طرح سان ان جي فريده سان ملاقات نه ٿي سگهي، پر هاڻي جڏهن ٿي وئي ته هن وري هيو رستو سوچيو هو. فريده ڪجهه دير لاءِ رسيور ڪن تي لڳائي بيٺي رهي، هن کي الفاظ ڪونه ملي رهيا هئا، جنهن سان هو وري شبانه سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شڪايت ڪري، تنهنڪري هن مختصر چيو.
”حڪم“
”تو چا سوچيو آهي... جيڪڏهن تون دل نہ هنئين تہ پاءُ جمال سان ڳالهايان.“
”نہ نہ!! اهڙي غلطي نہ ڪجان.... جمال کي خبر نہ پوي... نہ تہ منهنجي زندگي زهر ٿي ويندي. فريده ڊڄندي ڊڄندي چيو.
”تون هن سان وفادار آهين ۽ هو تو سان بدظن آهي. باقي زندگي جي گاڏي ۾ ڪو شڪ.. صبحاڻي پنجر نہ وجهي ۽ گاڏي بيهي رهي، تنهن کان بهتر آهي تون جمال کي سڀ داستان ٻڌائي ڇڏ. منهنجو خيال آهي تہ هوءَ دل ۾ نہ ڪندو، ادا جمال وڏي دل جو مالڪ آهي، شبانہ تمام آزادانہ سوچ رکندي چيو.
”مهرباني ... تون ڪڏهن بہ هن سان ذڪر نہ ڪجان، هن جي طبيعت کي آئون سڃاڻان. آئون مسئلي کي پاڻ ئي حل ڪندس.“
فريده سندس صلاح تي شڪريو ادا ڪندي جواب ڏنس تہ شبانہ مطمئن ٿي ويئي ۽ وري چيائين.
”بهرحال ڪا اهڙي جلدي نہ آهي، باقي ڪڏهن ڪو موقعو ملي تہ شفيق جي دل مان اسان لاءِ بدگماني ڪڍي، ڪيس فرزانہ سان شادي ڪرڻ جي صلاح ضرور ڏجان. آئون تنهنجي ٿورائتي رهندس.“
”ٺيڪ آهي.... خدا حافظ.“ فريده ڪاوڙ مان خدا حافظ چئي ٽيليفون بند ڪري ڇڏيو، ان کي ائين محسوس ٿيو تہ شبانہ هن مختصر گفتگو ۾ هن کي جهڙوڪر بليڪ ميل ڪري ڇڏيو. سندس ذهن وري منتشر ٿي ويو. آخر هو ڇو شفيق کي منت ڪري.... شادي ڪري يا نہ .... انهي ۾ منهنجو ڇا وڃي... بدگماني.... ٽي سال ٻاهر.... منهنجي شادي .... فرزانہ جي شادي هر ڪنهن جا پنهنجا مسئلا آهن هرڪو پاڻ نيائي آئون ڇو شريڪ ٿيان. انهي ڪري جو شادي کان اڳ محبت ۾ گرفتار ٿي پيس... پر محبت تہ ناڪام ويئي....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مونکي انهي تي ڪو رنج ڪونهي. تيسين جمال به اچي ويو، سامان فريده کي ڏيني پاڻ ٻارن سان راند رهڻ ۽ انهن جي پرچائڻ ۾ مشغول ٿي ويو. فريده سڄي ڏينهن جي پريشاني کان بيحال هني، مڙس کي خوش رکڻ لاءِ هن هار سينگار به ڪري ورتو، پريشانين کي بيماري جي بهاني ۾ لڪائي ويني پر چهرو انسان جو آئينو آهي، سندس روش پهرين کان بدليل ڏسي، جمال کي احساس ٿيو ته ڪو مسئلو ضرور آهي. رات جي ماني کائڻ بعد ٻني ٻارن سان گڏ رستن تي هيٺ رانوندڻ لاءِ نڪتا ته جيئن فليٽ جي گهٽيل ماحول مان نڪري سڪون وٺجي. انهي دوران جمال ذري پري فريده کان سندس طبيعت جي باري ۾ پڇندو رهيو ۽ فريده به سوچي ورتو ته سندس دل جو بار لاهي ڇڏيان. هو جمال کي هڪ وسيع القلب انسان سمجهندي هني، تنهنڪري بهتري انهي ۾ سمجهيائين ته مڙس کي اعتماد ۾ وٺجي ۽ سندس ماضي کان کيس واقف ڪجي. واپسي ۾ فليٽ تي پهچڻ بعد ڪجهه دير کان پوءِ جڏهن جمال بستر تي سمهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ته فريده موقعو وٺي جمال کي چيو.

'جمال- آئون توکي هڪ اهڙي ڳالهه ٻڌائڻ ٿي گهران، جيڪا منهنجي دل تي بار آهي، شايد توکي ٻڌائڻ سان بار هلڪو ٿني.'

'ٻڌائي' جمال مسڪرائيندي چيو.

'تون ناراض ته ڪونه ٿيندي.' فريده پڪ وٺڻ جي ڪوشش ڪني.

'آئون توکي ايترو ته پيار ڪريان ٿو تو جو تنهنجي هر غلطي محبت جي پردي ۾ لڪيو وڃي' جمال پيار سان چيو ته فريده پنهنجي دل کي مضبوط سمجهڻ لڳي ۽ پنهنجو ماضي مختصر نموني سان ٻڌائڻ شروع ڪيو.

'منهنجي ۽ تنهنجي شادي کان اڳ آئون جواني جي جوش ۾ اچي هڪ شخص شفيق سان نينهن لڳائي وينس پوءِ هوءَ ٽن سالن لاءِ ٻاهر هليو ويو ۽ منهنجي شادي توسان ٿي ويني اڄ اهو شفيق

مونکي مارڪيٽ ۾ گڏيو. ڪوشش ڪيائين تہ مون سان ڳالهائي پر آئون يڪدم فليٽ تي هلي آيس ۽ هو مونکي ويو هليو. مون کي انهي سڄي قصي ۾ غلط نہ سمجهجان... آئون بلڪل پاڪ آهيان.“

”جمالَ کي داستان عشق ٻڌڻ سان دل تي ڌڪ لڳو، هن کي پنهنجي غلط فهمي جو احساس ٿيو تہ فريده شادي کان اڳ بہ جمال سان محبت ڪندي هئي، سندس ملاقاتون اجايون هيون آئون پنهنجي منهن خوامخواه خوش فهمي ۾ مبتلا هئس. جا آئون صرف شادي ڪرڻ ۾ ڪامياب ويس، بعد ۾ زال جي محبت حاصل ڪري سگهيس ۽ جوان محبت ٻئي لاءِ هئي. فريده ڏئو تہ جمال ڪو جواب نہ ڏنو تہ هن سوالَ ڪيو.

”چا تو دل ۾ ڪيو.“

”نہ... بلڪل... نہ...شهرن ۾ اهو عام آهي تہ محبت هڪ سان ڪني ويندي آهي ۽ شادي ڪنهن ٻئي سان.... مون کي تعجب نہ ٿيو پر افسوس ضرور ٿيو. آئون سمجهندس هيس تہ تنهنجي جوان محبت بہ منهنجي لاءِ آهي، شايد آئون غلطي تي هوس، اڄ مونکي تو پنهنجو داستان ٻڌائي منهنجي غلط فهمي دور ڪري ڇڏي.“

”وڏيڪ ناراضگي تہ نہ آهي.“ فريده وري پڪ ڪني.

”بلڪل نہ.... بلڪ تو اهو سٺو ڪيو جو وڏيڪ شفيق جي همت افزائي نہ ڪني.... ۽ بنا ڳالهائڻ جي واپس اچي وئين.“ جمال تسلي ۽ پڪ ڏيندي چيو ۽ پاسو ورائي سمهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.

جمال پشيمان ٿي پيو هو، جو تہ هو سماج جي اعليٰ سوسائٽي جو ماڻهو نہ هو، جيڪو اهي ڳالهيون آيل ويل سمجهندو هجي. هي پوءِ تہ آخر ٻهراڙي جي پيداوار هو، سو هن جو ذهن انهي طريقي سان سوچي رهيو هو. ٻهراڙين ۾ جتي ڪنواريون ڪليون ننڍي هوندي ڪنهن جي نالي ڪيون وڃن ٿيون ۽ انهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي نالي تي زنده رهنديون آهن. اهي ٻئي ڪنهن جي باري ۾
سوچين ٻه ڪونه ۽ بلڪل ماڪ وانگر پاڪ هونديون آهن. پر
شادي کان اڳ محبت ڪرڻ ۽ پنهنجي پسند جو مڙس ڳولهڻ
مني عام آهي. شايد فريده انهي ۾ ناڪام ويني ۽ شادي جمال سان
ڪئي. جمال اهو واقعو پنهنجي ذهن جي هڪ ڪوشي ۾ رکي ڇڏيو،
سندس دل ۾ ٿوري دير لاءِ نفرت به پيدا ٿي، پر سوچيائين
ايتري مسئلي تي زندگي کي زهر ڪرڻ سٺو نه آهي ۽ خاموشي سان
تنهن جي گلستان ۾ هليو ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

15

جمال معمول مطابق پنهنجي آفيس ويندو رهيو ۽ شفيق بہ سندس آفيس ۾ روز ويندو هو، هُن کي فريده سان غير رسمي ملاقات کي هڪ هفتو گذري ويو هو. شفيق کي اڄ وري تمنا پيدا ٿي تہ فريده سان ملي ۽ ڪاٿنس هر ڳالهہ جي صفائي ڪرائجي، نہ تہ وڏيڪ زندگي جي باري ۾ ڪوبہ فيصلو نہ ڪبو، پلي پڻس ڪيترو بہ ناراض ٿئي. هو ور ور ڏيني سامهون بت تي لڳل گهڙيال کي ڏسي رهيو هو، ڏينهن جا ڏهہ وڳا تہ شفيق آفيس مان نڪري ڪار ۾ ويهي وري گلشن بزار اچي ويو. فريده بہ اتفاقن گهڻن ڏينهن بعد مارڪيٽ ۾ ويني. هن کي ڳولهڻ ۾ ڪا تڪليف نہ ٿي، فريده جڏهن خريداري ڪري واپس ٿيڻ لڳي تہ ڪار سندس پاسي ۾ اچي بيٺي، جنهن مان شفيق يڪدم ٻاهر نڪري فريده جي اڳيان اچي بيهي رهيو، تہ فريده جي بت مان سي نڪري ويو ۽ سندس پير جمي ويا. شفيق چيس

'فريده ! مونکي توسان تمام گهڻو ڳالهائڻو آهي.'

'ڇنو؟' فريده مختصر سوال ڪيس

'ڪٿي ويهون هلي تہ بهتر.... هتي گهٽي ۾ ڳالهائڻ مناسب ناهي.' شفيق چوگرد ماڻهن ۽ عورتن جي رش کي ڏسندي چيو.

'آخر توهان چوڻ ڇا ٿا گهرو؟ توکي خبر بہ آهي تہ منهنجي شادي ٿي رني آهي، هاڻي منهنجو توسان ڪو واسطو ڪونهي!' فريده ڪاوڙ مان چيو.

'آئون واسطو رکڻ ڪونہ ٿو گهران، خدا ڪري مڙس سان خوش هجين، پر منهنجي دل ۾ شڪ آهي تہ پاڻ ٻنهي کي ٽوڙڻ ۾ منهنجي والدين ۽ پيڻ جو هٿ آهي. جيڪڏهن مهرباني ڪري مون سان گڏ هل، ڪنهن آرام ده ۽ خاموش ماحول ۾ مونکي پنهنجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

داستان ٻڌائي ۽ منهنجو داستان ٻڌ ، صفائي تي وڃي." شفيق
التجا ڪيس تہ هن جي ذهن ۾ شبانہ سان فون واري ڳالھ ياد
آئي، جنهن ۾ هن سڄي پوزيشن ٻڌائي ڇڏي هئي وڌيڪ جمال
کي بہ هن ڳالھ ٻڌائي ڇڏي هئي تنهن اهڙو ردعمل نہ ڏيکاريو،
اهو سوچي فريده چيو

"ٺيڪ آهي... پر آئون توسان گڏ ڪار ۾ نہ ويهندس."

"ڪو فرق ڪونہ ٿو پوي... ڀلي جدا اچ... پر اچجان ضرور...
آئون پنهنجي پراڻي ريسٽورنٽ ۾ توهان جو انتظار ڪندس" ائين
چئي شفيق ڪار ۾ ويهي رهيو ۽ ڪار اسٽارٽ ڪري روانو ٿي
ويو.

فريده شش و پنج ۾ پئجي وئي... تہ ڇا ڪري...
پهرين هن سوچيو تہ فليٽ تي هلي وڃي، ملڻ لازمي نہ آهي... پر
آخر هن سوچيو تہ هن کان جان ڇڏائڻ جو اهو طريقو آهي تہ
سائس ملاقات ڪري هن کي صحيح نموني سمجھائي تہ آئنده ملڻ
لاءِ ڪوشش نہ ڪري- ائين هن کي باز رکي سگھجي ٿو.... نہ
تہ.... هي ديوانو آهي منهنجي زندگي ٽڪر ٽڪر ڪري
ڇڏيندو، جيڪي مونکان جوڙيان بہ نہ ٿيندا. اهو سوچي هوءَ
هڪ ٽيڪسي ۾ ويهي ريسٽورنٽ رواني ٿي، هتي پهچڻ تي ڏٺائين
تہ شفيق سندس واقعي انتظار ڪري رهيو هو. ٻئي گڏجي
ريسٽورنٽ ۾ داخل ٿيا ۽ انهي جڳھ تي ويٺا جتي هو هميشہ کان
ويهندا آيا هئا. فريده کي پنهنجو ماضي شدت سان ياد اچڻ لڳو
پر پاڻ کي سنڀالي ورتائين، شفيق سندس سامهون ويٺو هو ۽
شڪوه شڪايتون شروع ڪري ڏنائين، فريده سمجھايس تہ جمال
اسان جي گھر ايندڙ ويندڙ هو، پڻس سندس شادي پنهنجي
مرضي سان ڪرائي ، باقي تنهنجي ٻاهر وڃڻ سان انهي ۾ ڪو
دخل ناهي. البتہ مونکي شبانہ هڪ دفعا ٻڌايو تہ هن مائٽن اڳيان
هڪ دفعا منهنجو ذڪر ڪيو هو تہ مائس پڻس ڪاوڙجي پيا ،
اِهي سڀ ڳالهيون منهنجي ذهن ۾ هنيون. تنهنڪري مون شادي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪان انڪار نہ ڪيو ڇوتہ ۰۰۰باز باز سان اُنامندو ۽ ڪبوتر ڪبوتر سان، ۰۰۰ مون پنهنجي مسئلي ڪي وڏن جو مسئلو ٺئي ناهڻ گهريو، بهرحال آئون خوش آهيان، منهنجو مڙس مونکي تمام گهڻو پيار ڪري ٿو. شفيق اِنهي گفتگو ۾ اِلاهي آڏا اُبتا سوال ڪيا مگر فريده اُنهن جو برجستہ جواب ڏنو ۽ شفيق ڪي قائل ڪيو تہ فرزانہ سان شادي هُن جي مفاد ۾ آهي. شفيق جي دل ۾ جيڪي شڪ هو۰۰۰ تنهن جو علاج ٿي ويو، هرڪو پنهنجي محاذ تي وڙهي رهيو هو. شفيق چيس تہ مونکي تنهنجي بيوفاهي جو ڪوبہ شڪوه ڪونهي پر مونکي خبر تہ پئي۰۰۰ تہ ايڏي ساري ڊرامي ۾ ڪهڙا عوامل دخل انداز هئا.

جمال پنهنجي آفيس هو، هن طبيعت ۾ ٿوري ڳراڻي محسوس ڪئي، هُن کي هلڪو بلڊ پريشر تہ اڳيئي هو سو يڪدم ڊاڪٽر اختر کي فون ڪيائين، جنهن کي هو اڪثر پنهنجي طبيعت ڏيکاريندو هو. ڊاڪٽر اختر ٻن جڳهين تي ڪلينڪ هلائيندڙ هو صبح جو شهر جي بزاري علائقي ۾ هڪ ريسٽورينٽ جي پاسي ۾ سندس ڪلينڪ هئي، اها ريسٽورينٽ جنهن ۾ فريده ۽ شفيق ويٺا هئا ۽ شام جو انصاف اپارٽمينٽ ۾ ڪلينڪ هلائيندو هو، جنهن سينٽر ۾ جمال رهندڙ هو. ڊاڪٽر اختر جمال جو جڻ فيملي ڊاڪٽر هو، سندس گهر جا فرد بہ انهي ڪان علاج ڪرائيندا هئا. اڄ جڏهن هن فون ڪري ڊاڪٽر سان صلاح ڪئي تہ ڊاڪٽر يڪدم چيس تہ۰۰۰ اڄ۰۰ طبيعت جي چڪاس ڪريون، تنهنڪري جمال هڪ ڪلاڪ ڪن ڊاڪٽر لاءِ ٽائيم ڪڍي، ڊاڪٽر اختر جي صبح واري ڪلينڪ تي پهچي ويو. ڊاڪٽر کي طبيعت ڏيکاريائين ۽ بلڊ پريشر چيڪ ڪرائڻ بعد ڊاڪٽر پنهنجي طرفان دوا ڏني ۽ جمال واپس ڪلينڪ مان نڪري اچي ڪار ۾ ويٺو تہ وري آفيس ڏانهن واپس ورڻ جو سعيو ڪجي، اڃان ڪار اسٽارٽ بہ ڪونہ ڪئي هئائين تہ ڪار جي دري مان هن ڏٺو تہ فريده ۽ شفيق ريسٽورنٽ مان ٻاهر اچي

رهيا آهن. جمال ڪار ۾ هنن ڪان پري هو، تنهن جو هي منظر ڏٺو تہ ڪارڙ مان سندس پيشاني تي پگهر اچي ويو ۽ هٿ اسٽيرنگ تي ٿر ٿر ڏڪڻ لڳا. هن غيرارادي طور ڪار جو دروازو کوليو ۽ ٻاهر نڪري آيو تہ جيئن فريده کي منهن تي ڪيس شڪست ڏني، جو تہ غيرت ڪيس هوش مان ڪڍي ڇڏيو هو پر سوچي ڪار ۾ ويهي در بند ڪري ڇڏيائين. هن ڪار جي دري جو شيشو بہ مٿي چاڙهي ڇڏيو ۽ منظر کي تمام غيرتي اکين سان ڏسڻ لڳو. شفيق خاموشي سان وڃي پنهنجي ڪار ۾ وينو ۽ ڪار يڪدم اکين اڳيان تيزي سان نڪري ويني. فريده رستو ڪراس ڪري فٽ پاٿ تي هلڻ لڳي تہ جيئن ڪا خالي ٽيڪسي ڪي جهلي سگهي ۽ گهر واپس وڃي. جمال ڪجهہ وقت لاءِ ساڪت ٿي ويو، سندس بت گرم ٿي رهيو هو، پر هن يڪدم پاڻ تي قابو آندو، ڪار اسٽارٽ ڪني ۽ آهستگي سان هلائيندو فٽ پاٿ جو پاسو ڏياري فريده جي سامهون اچي بيهاري. هن هارن ڏنو تہ فريده لونڻون ڦيراني ڏٺو، جمال ڪار ۾ موجود هو ۽ ڪيس ويهڻ جو اشارو ڏنائين. فريده جهٽ ڏيني ڪار ۾ ويهي رهي ۽ جمال ڪار جو منهن سندس رهائش گاهہ ڏانهن ڪيو، فريده پنهنجي منهن پريشان هني تہ متان جمال هُن کي شفيق سان گڏ ريسٽورنٽ ۾ نڪرندي ڏسي تہ نہ ورتو آهي، تنهن ڪان خاموش هني ۽ جمال تہ اڳيني پنهنجي غيرت ۾ ورتو پيو هو، تنهنڪري ڪجهہ وقت لاءِ خاموشي سان سفر طي ٿيندو رهيو، آخر جمال پڇيو.

'هتي ڪينن آئين'

'ڊاڪٽر کي طبيعت ڏيکارڻ آئي هيس' فريده يڪدم بهانو بنائي ورتو جو تہ هن کي خبر هني تہ ڊاڪٽر اختر هن ريسٽورنٽ جي پاسي ۾ صبح جو ڪلينڪ هلائيندو آهي پر جمال ڪينن اعتبار ڪري، جو تہ هو پاڻ ڪلينڪ ۾ ڊاڪٽر کي طبيعت ڏيکاري آيو هو. هن پاڻ اکين سان ڏٺو تہ هوءَ ۽ شفيق ريسٽورنٽ مان گڏ نڪتا. حالانڪ جمال شفيق کي مهانڊي مان ڪونہ سڃاڻندو هو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چاڪاڻ تہ اڳي شفيق سندس ڏنل نہ هو، پر فريده جي داستان پڌائڻ بعد هن کي شڪ تہ ڇا پر يقين هو تہ اهو شفيق آهي.
جمال وري فريده کان سوال ڪيو.
"ڇا دوا ورتني."
"ڊاڪٽر چيو ڪجھ ڪونهي.... صرف پريشاني ڪان طبيعت ڳري رهي ٿي، تنهن ڪري خيالات دماغ ۾ نہ آڻ." فريده وري بهانو ناهيو ۽ وراڻي جمال کان پڇيائين
"توهان هتي ڪيئن آيا."
"آئون بزنس جي سلسلي ۾ هڪ پارٽي سان ملڻ آيو هنس، وري واپس آفيس پيني ويس تہ توکي ڏٺم.. گاڏي بيهاري ڇڏيم.... سوچيم تہ گهر ڇڏي اچانس." جمال بہ فريده سان ڪوڙ ڳالهايو. هن سوچيو تہ جيڪڏهن هن فريده کي ٻڌايو تہ هو پاڻ ڪلينڪ ۾ موجود هو تہ سندس راز فاش ٿي پوندو، تنهن ڪان بهتر آهي تہ راز کي راز رهڻ ڏجي ۽ جذباتي ٿي خوامخواه ڳالهہ کي وڌائڻ سٺو نہ آهي،.... ڇو تہ پهرين هن کي شفيق جي سڃاڻپ جي ضرورت هئي. اها سڃاڻپ ڪيئن ٿئي تہ جيئن هو فريده کي ٺيڪ نموني چئي سگهي تہ تون شفيق سان گڏ هئين. بهرحال سينٽر اچي ويو، جمال ڪار بيهاري، فريده جهٽڪي سان ڪار مان نڪري گهر ڏانهن هلي ويئي ۽ جمال واپس آفيس هليو ويو.
جمال کي فريده جي انهي حرڪت سخت رنج پهچايو، سندس دماغ ۾ جذباتي ۽ غيرتي ادما اٿندا رهيا، پر هوءَ انهن کي دٻائي ڇڏيندو هو، سندس دل هاڻ فريده کان نفرت ڪرڻ لڳي هئي. سندس فيشن ۽ ادائون هن لاءِ خاڪ مثل هيون، ڪڏهن تہ تعريفون ڪري ڪونہ ٿڪبو هو پر هاڻ سندس چپ جڻ سبجي ويا هئا. گهر ۾ هاڻ هو خوش اخلاقي سان پيش اچڻ جي بجاءِ سختي سان پيش اچڻ لڳو، فريده ڪيس ٺارڻ لاءِ نت نوان نخرا ڪندي هئي، خوامخواه مسخريون ۽ مذاق ڪري هن کي کلائڻ جي ڪوشش ڪندي رهي پر واپسي ۾ هن کي ڦڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مسڪرائڻ ملندي هني. فريده سمجهي وني هني تہ جمال کي ڪو رنج آهي، هڪ ڏينهن پڇيائين تہ آخر ڇا سبب آهي؟.. تون گهر ۾ چڪيل چڪيل ٿو رهين!!.. هن جواب ڏنو تہ آفيس ۾ سندس باس ڪانئس ناراض ٿي ويو آهي ۽ خوامخواه غير ضروري طور تنگ ڪرڻ لڳو آهي. بهانو مناسب هو،پر باس هميشہ ناراض ٿا رهن، آفيس جو ماحول ڪڏهن ڪشيده تہ ڪڏهن خوشگوار رهندو ايندو آهي. پر هتي سنجيدگي مستقل ٿي وني هني. جمال هاڻي گهر ۾ زياده وقت ٻارن کي ڏيڻ لڳو هو، هنن کي رانده ڪڏاني خوش ٿيندو هو، پر فريده سان ڳالهہ ڳالهہ تي بي رُخي،... ڇانهہ ۾ ڪنڊ گهٽ تہ ڇانهہ تان جهيڙو،... ڪپڙن ۾ ٻٽڻ نہ لڳل تہ ڪپڙا الماڙي مان ڪڍي بي ترتيبي سان اڇلائي ڇڏڻ،... ڪڏهن ناشتو تيار هوندو تہ کاني وڃڻ نہ تہ تيار ٿي بنا ناشتي آفيس هليو وڃڻ، سندس انهيءَ رويي فريده کي پريشان ڪري وڌو هو. محبت ڀريو گهر جنهن ۾ رڳو خوشيون گل پکيڙينديون هيون، اُتي ڪنڊن جيان چهيندڙ جملا ڳالهاني جمال فريده کي ملول ڪري وجهندو هو. ائين ڇو نہ ڪري، مرد جي غيرت بہ تہ ڪا شي آهي، جيڪا هن جي دماغ ۾ لاوا وانگر پچي رهي هني، باقي اهو آتش فشان ڪڏهن ٿو ڦاٽي، تنهن جي ڪا خبر ڪونہ هني. جمال هونئن تہ وسيع القلب ماڻهو هو، هن کي فريده تي اعتماد هو، اهڙن گهڻن مردن سان هن پاڙي ۾ يا بزار ۾ ڳالهايو هوندو. پر جمال ڪڏهن بہ اعتراض نہ ڪيو پر هن کي شڪ هو تہ اهو شخص شفيق ٿي سگهي ٿو... جنهن سان فريده جو پراڻو عشق هو،... ڇا هو اڃان بہ محبوب سان محبت ملائي رهي آهي!!!... پر هن ڪڏهن بہ فريده کان اهو نہ پڇيو تہ.. هو شخص ڪير هو؟.. جنهن سان گڏ فلاڻي ڏينهن هنئين!.. پر پنهنجي منهن سراغ ۾ هو تہ پاڻ انهي جو پتو لڳائيندو.

اشرف ۽ سندس زال صفيہ ائين هفتي ٻني هفتي جمال جي گهر ملڻ ايندا هنا، پوءِ تہ محفل مچي ويندي هني، اشرف جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سماجي تجزيا ۽ پنهنجي گهريلو زندگي جا داستان ٻڌائي سيني کي محفوظ ڪندو هو. تنهن اڄ بمع بيگم ۽ وليعهد جي اچي جمال جي گهر نڪاءُ ڪيو، محفل ۾ رنگ اچي ويو. فريده يڪدم مهمانن لاءِ چانهه تيار ڪرڻ لاءِ پاڻي رکيو ۽ وري اچي ڪچهري ۾ ويهي رهي، خبرون شروع ٿيون، ڇهڇٽو مچي ويو، آخر اشرف کي هڪ ڳالهه ذهن ۾ آئي، هن يڪدم جمال کي مخاطب ٿي چيو.

”جمال يار! تون واقعي وڏو ماڻهو ٿي ويو آهين، وڏا وڏا ماڻهو توکي سڃاڻن ٿا.“

”اهي وڏا ماڻهو وري ڪهڙا آهن؟ جمال کلندي سوال ڪيس ته اشرف جمال کي يادگيري ڏياريندي چيو ته

”توکي ياد آهي ٻه ٽي هفتا ڪن ٿيندا... آئون توکان رات جو ڪار وٺي ويو هوس، منهنجي ڇوڪري جي طبيعت خراب هئي ۽ هن کي اسپتال وٺي ويٺو هو.

”بلڪل ياد آهي.“ جمال جواب ڏنس.

”ٻئي ڏينهن مونکي آفيس ۾ ليٽ ٿي وئي، تون کي ڪار واپس ڪري آفيس پهتس ته صاحب گهرايو، سخت ناراض هو، پر مون جڏهن تنهنجو نالو ورتو ته خاموش ٿي ويو... پوءِ وري مون کان پڇيائين ته اهو جمال ڪير آهي؟ ڇا ڪندو آهي؟؟ مون تنهنجي باري ۾ سڀ ٻڌايومانس. آخر ۾ سوال ڪيائين ته جمال اهو ته ڪونهي جنهن عبيدالله جي گهران شادي ڪئي آهي!.. ته مون چيو.. ها سائين بلڪل اهو....“ اشرف پنهنجو داستان اڃان ختم نه ڪيو هو ته جمال وچ ۾ يڪدم دخل اندازي ڪندي طنز ڪئي.

”هو مونکي نه... پر فريده جي معرفت مونکي سڃاڻي.“

”جمال جي انهي جملي تي فريده ٿوري هبڪي پر ماٺ ڪري ويٺي رهي ۽ اشرف وري داستان شروع ڪيو.

”پوءِ صفيه جي ذهن ڏينهن جي موڪل به منظور!... ۽ مونکي به ڪجهه ڪونه چيائين!!.“ اشرف پنهنجو داستان ختم ڪيو ته هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪي چانهه جي ٻاڙ لڳي، هن ٻانهس فريده ڏانهن ڏٺو ۽ چيائينس،
ٻانهي... چانهه ملندي يا رڳو اٿي آندي جڳهي هٽائيندين.
اجهو ٿي آئيان.' فريده کلندي چيو ۽ ٻورچيخاني ڏانهن رواني ٿي
وئي ته جمال صوفه تي سولو ٿي ويٺو ۽ اشرف کان پڇيائين
'تنهنجي سيٺ جو نالو شايد انيس الرحمان آهي.'
'ها... پر هاڻي سيٺ شفيق الرحمان... پٽس آفيس ۾ ويهندو
آهي.' اشرف برجستہ جواب ڏنس. شايد پٽس سان تنهنجي
ملاقات هجي!.. ڇو ته ڪاروباري ماڻهن جو ڪاروباري ماڻهن سان
واسطو پوندو رهندو آهي.
'سيٺ شفيق الرحمان!! .... جمال ٿوري دير لاءِ سوچيو... وري
سوال ڪيائين.
'سندس ڪار جو رنگ ڪهڙو آهي؟'
'هيڊي رنگ جي هنڊا اڪارڊ اٿس.'
'بس ڳالهه جو ڳانو ئي پيو اها ساڳي گاڏي جمال انهي ڏينهن
ريسٽورنٽ اڳيان ڏٺي هئي، جنهن ۾ اهو شخص چڙهي روانو ٿيو
هو. پوءِ ته جمال سڄو داستان اشرف کان پڇيو، سندس قد،
رنگ ۽ وار وغيره... جمال کي هاڻ يقين ٿي ويو ته اهو شفيق ئي
هو. ايتري ۾ چانهه به اچي ويئي اشرف به ٽي ڪوپ گرم چانهه
جا پيتا ۽ ٻُود ۾ آيو.... بعد ۾ موڪلائي پنهنجي بيگم سميت
واپس پنهنجي فليٽ ڏانهن روانو ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

16

ڪڏهن اينئن بہ ٿيندو آهي تہ بہ موڪلون گڏجي پونديون آهن ۽ آفيسون هفتي ۾ ٽي ڏينهن لاءِ مسلسل بند رهنديون آهن. ملازمت پيشہ ماڻهو اهڙيون موڪلون اڳرين تي پيا ڳڻيندا آهن، پر هڪ مهينو اڳ ۾ ڏِسي موڪل جي پيشنگوئي ڪري خوش ٿيندا آهن. اِهڙا ٽي بہ ڏينهن پاڻ ۾ گڏجي پيا ۽ جمال بہ موڪل ملهائڻ لاءِ اڄ تمام گهري ننڊ ڪئي، صبح جو نوين بجي تائين سُتو پيو هو. فريده جڏهن ڏٺو تہ مڙس ننڊ مان اُٿڻ جو نالو ئي ڪونہ پيو وٺي سو ڪيس ننڊ مان اُٿاريندي چيائين.

"سائين منهنجا- ننڊ مان اُٿو، وهنجو، ڪپڙا پايو.... ناشتو ٽيبل تي رهيو آهي." فريده اِهي اکر تمام پيار سان ڳالهايا، جمال اهي الفاظ ڪڏهن ٻڌندو هو، چو تہ هوءَ هميشہ ننڊ مان سويل اُٿندو هو، انهن الفاظن جمال جي دل مان نفرت ڪي ٿورڙو ڏکو ڏنو، پر نفرت جي طاقت وڌيڪ هئي ۽ محبت جي طاقت گهٽجي وئي هئي، تنهنڪري نفرت جذبات تي حاوي هئي. جمال ننڊ مان اُٿيو، تڙ پاڻي ڪري اچي ناشتي لاءِ ٽيبل جي گرد ويٺو. فريده کيس چانهہ ئاهي ڏني ۽ گرم گرم ناشتو تيار ڪرڻ لاءِ بورچي خاني ۾ ويئي هلي. جمال چانهہ بہ پي رهيو هو ۽ فريده جي باري ۾ سوچي رهيو هو،....فريده واقعي گهر جي راڻي آهي....مونکي گهر ۾ ڪيترو نہ سڪون آهي... پر سندس اخلاق ايترو ٺٺو ڪري سگهي... مٿس منهنجو اعتماد آهي پر هينئر منهنجو اعتماد ڪينئن ٽٽي پيو، جڏهن فريده خود ٻڌايو تہ هوءَ شفيق کي ڏسڻ شرط واپس فليٽ تي هلي آئي هئي... پر مون اکين سان ڏٺو تہ هوءَ شفيق سان گڏ ريسٽورنٽ مان نڪري رهي هئي، معنيٰ مونکي دوکي ۾ رکيو پيو وڃي. جيڪڏهن هن جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شفيق سان واسطو ناهي تہ پوءِ ملاقات ڇا جي لاءِ!!.... جمال ڇانهن پي اڃان مَس ختم ڪني تہ فريده جلدي ناشتو بہ ڪنئي آني. ناشتو ڪري جمال سگريٽ دکايو ۽ آرام سان ڪش هڻڻ لڳو. فريده اهڙي موقعي جي تلاش ۾ هُئي تہ ڪهڙي نموني جمال کان سندس پريشانين جو سبب پڇي، هُن جي ذهن ۾ اهو تصور بہ نہ هو تہ جمال کي هُن پاڻ تي شڪ آهي، هونئن جمال هميشہ شام جو ٽڪي تئي ايندو هو. تنهنڪري ڪيس وڏيڪ پريشان ڪرڻ بهتر نہ هو پر اڄ کان سندس ٽي موڪلون هنيون معنيٰ ٽي ڏينهن آرام... انهي کان وڏيڪ بهتر موقعو هٿ نہ ايندو، تنهنڪري هُن جمال کان پڇيو.

'جمال... آئون هفتي کن کان ڏسان پيئي تہ تون پريشان آهين'

'جي ها' جمال مختصر جواب ڏنو.

'ڇا آئون پڇي سگهان ٿي تہ اُنهي جو سبب ڇا آهي؟ آفيس جي پريشاني جو سبب مونکي سمجهہ ۾ نٿو اچي' فريده وري پڇيس تہ جمال سڌو ٿي فريده جي اکين ۾ ڏٺو، جنهن ۾ محبت وسي رهي هئي. هُن پنهنجو ڪنڌ وري جهڪائي ڇڏيو ۽ چيائين.

'منهنجي پريشانين جو سبب تون آهين.'

'ڇا مان!! فريده تعجب مان پڇيو.

'ها تون! تو منهنجي اعتماد کي پاش پاش ڪري ڇڏيو آهي' جمال ٿوري سخت لهجي ۾ چيو تہ فريده يڪدم سوال ڪيس.

'آخر مون ڇا ڪيو آهي؟'

'تو اُهو ڪم ڪيو آهي، جيڪو توکي نٿو جڳائي!' جمال اکين ۾ اکيون ملائي ڪاوڙ مان چيو.

'آخر ڳالهہ کولي ٻڌائي.'

'تون منهنجي اڳيان ساڌ پاڪ ٿيو ويٺي آهين ۽ پر پٺ منهنجي پُٺي ۾ خنجر هڻندين رهي آهين، مونکي ٿي چوين تہ تنهنجو شفيق سان ڪو واسطو ڪونهي پر پريٽ ملاقاتون ٿي رهيون آهن.' جمال سڄو داستان انهن ٽورن جملن ۾ بيان ڪري ڇڏيو تہ فريده جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بت مان چرڪ نڪري ويو. هُن سوچيو تہ هي معاملو مرڪبني سندس ڳچي ۾ پنجي ويو، تنهنڪري پنهنجي صفائي ۾ چيائين.
"جمال تون مون تي الزام هڻي رهيو آهين."
"الزام"..... هن نفرت جي انداز ۾ چيو "جا تون انهي کان انڪار ٿي ڪرين تہ شفيق تنهنجو پراڻو محبوب آهي... تون اڃان بہ هُن جي دام ۾ گرفتار آهين... منهنجي لاءِ صرف پاروٽي محبت آهي."
فريده جا ڪن ڳاڙها ٿي ويا، جمال جا اِهي نفرت سان پريل اکر سندس بت ۾ زهر وانگر شامل ٿي ويا. هن پنهنجي صفائي پيش ڪندي ۽ غصي تي قابو پائيندي چيو.
"مونکي مردن جي طبيعت جي خبر آهي... تنهنڪري مون توکي پنهنجو داستان ٻهرين ٻڌائي ڇڏيو، متان توکي ٻئي ڪنهن ذريعي خبر پوي ۽ تنهنجي دل ۾ شڪ پيدا ٿئي. جيڪڏهن منهنجي دل ۾ چور هجي ها تہ آئون توکي پنهنجي ماضي کان واقف نہ ڪريان ها."
"اها تہ تنهنجي چال هُئي تہ جيئن مونکي اعتماد ۾ وٺي، پوءِ مزي سان محبوب سان رنگ رليون ملهائين" جمال تمام غصي ۾ چيس.
"جمال!!... تون حد کان وڌي ويو آهين" فريده بہ غصي ۾ اچي ويئي. ماحول تمام ڪشيده ٿي پيو هو. جنهن گهر ۾ رکو محبت ئي محبت هئي، اُتي نفرت پنهنجو گهر جمائي ويهي رهي هئي، ٻئي هڪ ٻئي کي ڪاوڙ مان ڏسي رهيا هئا، سندن مهاندا غصي کان ڳاڙها ٿي رهيا هئا. فريده آخر پنهنجن جذباتن کي قابو ۾ نہ رکي سگهي ۽ سندس اکين ۾ لڙڪ اچي ويا، گلو پرجي آيس ۽ منهن مان اوچنگاريون نڪري ويني. هو اُٿي ۽ تڪڙو پنهنجي ڪمري ڏانهن هلي ويني ۽ اُٿندي چيائين
"جمال!.. مونکي تو مان اها اميد نہ هئي."
"جا تو مون ۾ اها اميد رکي هُئي تہ آئون پنهنجين اکين سان پنهنجي زال کي ٻئي مرد جي ڀاڪر ۾ ڏسان" جمال وڏيڪ زهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پريل ٽپر فريده ڏانهن اُڇليو، جنهن فريده جي دل کي جڻ چيري
ڇڏيو. هن وڏيون اوچنگاريون ڏيڻ شروع ڪيون ۽ وهائي ۾ منهن
رکي رنندي رهي. جمال ڪاوڙ مان سگريٽ مٿان سگريٽ پي تن
کي وڏيڪ جلائيندو رهيو. نوڪرياڻي گهر جي ڪم ڪار لاءِ آئي
نه جمال هُن کي واپس ڪري ڇڏيو، گهر جهنم ٿي چڪو هو.
فريده هڪ ڪمري ۾ روئي رهي هئي ته ٻئي ڪمري ۾ جمال
ٻارن کي پرچائي رهيو هو. اِهو ڪو قدرتي اُصول آهي ٻار ماءُ ۽
پيءُ جو جهيڙو محسوس ڪري وٺندا آهن ۽ برداشت نه ڪري
سگهندا آهن. هوڏانهن جهيڙو شروع ٿيو ته ٻئي طرف ٻارن روئڻ
شروع ڪيو ته جيئن ٻئي اچي ٻارن کي کڻن ۽ سندن نفرت پيهر
محبت ۾ تبديل ٿي وڃي. جمال ٻارن کي پرچائيندو رهيو پر ٻار
مان نه ڪن، آخر ماءُ جي گود ئي ٻارن کي آرام ڏيني ٿي. فريده
جنهن روئي روئي پنهنجو بُرو حال ڪري ڇڏيو هو، تنهن پاڻ کي
سنڀالي فرج مان کير ڪڍي گرم ڪري بوتل تيار ڪئي ۽ کڻي
ٻارن ڏانهن رواني ٿي. ٻار بوتلون کير جون وٺي پيئڻ لڳا ۽ چپ
ٿي ويا. اهو تمام نازڪ موقعو آهي جتي مرد جي مکڻ وانگر نرم
ٿي ويندي آهي. فريده تمام مايوسي مان ٻارن کي شفقت جا هٿ
ڦيري رهي هئي. جمال سندس چهري کي غصيلي اکين سان ڏسي
رهيو هو، سندس دل ۾ رحم جو جهٽڪو آيو ۽ تمام نرمائي واري
ڪاوڙ مان چيائين.

”روئي آئين.... روئڻ ته رنن جو هٿيار آهي... ڪٿي ڪيترو به
گناه ڪن... بس روئي داغ کي ڌوئڻ جي ڪوشش
ڪنديون،... پر فريده تو مونکي اِهڙو داغ ڏنو آهي جيڪو
تنهنجا هي ڪوڙا لڙڪ ڪڏهن به ڌوئي نه سگهندا.“

”تون خوامخواه آپي مان نڪري ويو آهين.“ فريده سمجهائڻ واري
انداز ۾ چيس

”ڇا چيئي... آئون ڪو بيوقوف آهيان جو آپي کان ٻاهر نڪري
ويو آهيان“ جمال کي جڻ باهه ڇهني ويئي ۽ ڪاوڙ مان فريده کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪھورڻ لڳو تہ فريده وري چيس.
'پنھنجي زال تي الزام لڳائڻ کان اڳ توکي سوچڻ گھرجي.'
'مون سوچي ڇڏيو آھي'. جمال تلخ انداز ۾ چيو تہ فريده خاموش ٿي ويني. ٻار ڪير پي سمھي رھيا ۽ جمال پاسي ۾ پيل ھڪ ڪرسي تي ويھي رھيو ۽ فريده کي جذباتي انداز ۾ گھوري ڏسي رھيو ھو. فريده ڪنڌ ھيٺ ڪري ويني رھي تہ جمال تمام ٺڏائي مان چيو.
'فريده... آئون توکي ھڪ پاڪ عورت سمجھندو ھئس.'
'آئون اڄ بہ پاڪ آھيان' فريده برجستہ جواب ڏنو.
'نہ! نہ!.. تون رنڊي وانگر ناپاڪ آھين' جمال جذباتي انداز ۾ چيو تہ فريده جون اکيون مٿي کڄيون جيڪي ڪاوڙ مان ڳاڙھيون ھيون.
'تو مونکي گار ڏني... توکي شرم ڪونہ ٿو اچي.' فريده ڪاوڙ مان چيو.
'شرم ۽ مونکي اچي.... توکي شرم ڪونہ ٿو اچي... جو پراين جون ڪچون ڪوسيون ڪندي وتين' جمال ورائي جواب ڏنس تہ فريده شينھڻ وانگر گرجندي چيو.
'جمال! حد کان نہ وڌ.'
'تون ڇا ڪندين... بي غيرت.'
'بي غيرت آئون نہ... پر تون آھين.' فريده سندس جملا ورائي سندس منھن ۾ ھنيا تہ جمال ڪاوڙ مان ڪرسي تان اُٿيو سندس منھن ڪاوڙ مان ڳاڙھو ٿي ويو ۽ اکيون وڏي ٿي چار چماٽون فريده جي ڳلن تي واھي ڪڍيون، جيڪي ڪاوڙ کان اڳيني ڳاڙھيون ھيون سي وڌيڪ رتام ٿي پيون. فريده روئي ڏنو سندس دل پاش پاش ٿي پيئي ۽ سندس دماغ تي مايوسي گھيرو ڪري ويني، ھو ٻئي ھٿ منھن تي رکي اوچنگاريون ڏيندي ڪمري مان نڪري ويني ۽ ٻئي ڪمري ۾ اچي زار زار روئڻ لڳي. جمال وري ڪرسي تي ويھي رھيو ۽ بيقراري کان پاسا ورائڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لڳو. سندس اکيون سڄي پيون هيون، ٿوري دير لاءِ هن سوچيو ته جمال هن کي ضرور پرچائڻ ايندو. پر اها سندس خوشفهمي هئي. جمال جي دل پٿر ٿي چڪي هئي، محبت جو پکي سندس دل جي پڃري مان پڙڪو ڏيئي اڏامي چڪو هو. هن سوچيو ته زال کي پرچائڻ بيوقوفي آهي اينئن هو مٿي تي چڙهيو وڃن ۽ مڙس جي عزت گهٽجو وڃي، تنهنڪري ساڪت ٿيو ويٺو هو. ٻنهي جو ٽائيم گذري ويو، ٻڪ ٻنهي کان پري هئي، ٻئي جدا جدا ڪمرن ۾ ڪاوڙيا وينا هنا، ڪير به ته هنن کي پرچائڻ وارو ڪونه هو. آخر فريده سوچي ورتو ته بهتر آهي ته چار ڏينهن ماٽن ڏانهن هلي وڃي، معاملو پوءِ مائٽ پاڻهي حل ڪندا. اهو سوچي هو اٿي ۽ ڪپڙا سوٽ ڪيس ۾ وجهڻ لڳي، هن سوٽ ڪيس بند ڪيو ۽ هٿ ۾ کڻي جمال واري ڪمري ۾ آئي جتي ٻار آرامي هنا. جمال جڏهن سندس هٿ ۾ سوٽ ڪيس ڏٺو ته سمجهائين ته فريده ضرور ماٽن ڏانهن وڃڻ جو سوچيو آهي، سو هن کي خاموشي سان ڏسندو رهيو. فريده خاموشي سان اڳتي وڌي ۽ جوکري کي کڻي ڪڇ ۾ ڪيو ته جمال ڪرسي تان اٿي بيهي رهيو ۽ پڇيائين.

’ڪيڏانهن ٿي وڃين.‘

’والدين ڏانهن.‘ فريده چيس

’ٺيڪ آهي... ڀلي وڃ... پر ٻار مون وٽ رهندا.‘ جمال اڳتي وڌي جوکرو سندس ڪڇ تان ڦري ورتو ته فريده شينهڻ وانگر ٻئي ٻار ڏانهن وري ته جمال وچ ۾ اچي ويو ۽ ڪاوڙ مان چيائين.

’تون اڪيلي هن گهر ۾ آئي هئي ۽ اڪيلي ماٽن وڃ... ٻار تو سان گڏ نه ويندا.‘ جمال ڏاڍائي ڪندي چيو ته فريده شڪست کاڌل ڪمزور دشمن وانگر هن کي گهوريندي رهي. هن ۾ ايتري طاقت نه هئي ته ٻار ڦري سگهي. سندس اکين ۾ لڙڪن جون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لارون وهڻ لڳيون ڳوڙها سندس ڳلن تان وهي سندس ڇاتي ۾ جذب ٿي پئي ويا.

'جمال... مون سان ظلم نہ ڪر.' فريده ڳلي پيريل آواز ۾ منت ڪئي.

'ٻارن کي ڪونہ ڇڏيندس... منهنجو جواب هڪ آهي.' جمال اصل ڪتو جواب ڏيئي ڇڏيس. تہ فريده بي بسي جي انداز ۾ ماءُ جي مامتا کان مجبور ٿي ٻارن ڏانهن وري تہ جمال سندس ٻانهن جهلي ڪمري کان ٻاهر اڇلي ڇڏيو. فريده پگهل مورتي جيان وڃي فرش تي ڪري،.. سندس شخصيت مجروح ٿي چڪي هئي.

جمال ٻار پلنگ تي سمهاري سوٽ ڪيس ڪڍي اچي سندس پاسي ۾ رکيو ۽ چيائينس.

'پنهنجو سامان کڻ... انهيءَ کان اڳي جو آئون تو کي چوان، تون پاڻ ئي گهر مان نڪري وڃ.' فريده زخمي هرڻي وانگر اُٿي ۽ سوٽ ڪيس ۾ هٿ وڌو. هوءَ تمام مجبور ٿي چڪي هئي، هن جي زبان خشڪي کان تارون کي لڳي وئي، جسم غم کان بي حال ٿي ويو هو ۽ آهستي آهستي قدم در ڏانهن وڌائڻ لڳي. هن وري جمال ڏانهن ڏٺو جيڪو پٿر جو مجسمو بڻيو بيٺو هو. فريده ۾ ايتري سگهہ ڪانہ هئي تہ در کولي... ڇا زالون مڙسن جي گهرن مان راضي خوشي نڪرنديون آهن... نہ! نہ!... آئون در نہ کوليندس فريده دل ۾ چيو ۽ در وٽ خاموش بيٺي رهي تہ جمال يڪدم اڳتي وڌي در کوليو ۽ فريده کان فرط جذبات کان اوچنگار نڪري وئي. جمال هٿ وڌائي فريده کي ڌڪو ڏنو.

'هاڻي وڃي ماڻهن جي در تي روءِ... منهنجو گهر خالي ڪر.' ائين چئي جمال جهٽڪي سان در بند ڪري ڇڏيو، فريده ڪجهہ دير لاءِ ائين محسوس ڪيو تہ هي در هن لاءِ هميشہ لاءِ بند ٿي ويو. هو سوٽ ڪيس کي کڻيندي، روئندي چاڙهين تان هيٺ لهڻ لڳي، وڃڻ مهل سندس نظر ڏري ڏري در ڏانهن ٿي کڄي پر در بند ٿيل ٻيهر نہ کليو.. 'جمال تو منهنجو قدر نہ ڪيو.'... هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فراق

جي دل مان آواز آيو هو سڏڪا ڏيني روئندي ويني ۽ چاڙهين تان لهندي ويني، هيٺ اچي رڪشا ڪري والدين جي گهر پهتي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

17

اڄوڪو ڏينهن صفا ٿڌو ڏينهن هو. صبح کان جيئن سج اڀري مٿي ٿيو ته فريده ۾ جمال جو جهيڙو شروع ٿيو. جيئن ڏينهن وڌو ٿيندو ويو ۾ سج گرمي وڌائيندو ويو ته جهيڙو وڌندو ويو ۾ وري جڏهن سج پنهنجو پاسو ورائي گرمي گهٽائيندو ويو ته پاڻ سان گڏ محبتن کي به گهليندو ويو. هينئر وچين جو وقت هو. سج پنهنجي روشني جڳ ۾ ورهائي پنهنجو سامان ويڙهي وڃي رهيو هو ته فريده پنهنجي سامان ويڙهي پنهنجي والدين جي در تي بيٺي هئي. هن در ڏانهن ڏٺو جتان هو ڪڏهن ڪنوار بڻجي نڪتي هئي سندس پيءُ هن در وٽ نصيحت ڪئي هئي- ”بابا- ڌي پرايو ڌن آهي... مون به توکي اڄ ٻئي جي حوالي ڪري ڇڏيو. پنهنجي مڙس جو گهر آباد ڪجان ۾ اسان کي وساري ڇڏجان. عيد براد، مرٺي ۾ پرٺي تي تون اسان وٽ مهمان هوندين وڌيڪ مون ۾ اميد نه رکجان.“ فريده کي جڏهن اهي الفاظ ٻيهر ياد آيا ته سندس اکيون پرجي آيون. هن جي دل مان آواز آيو ”بابا! آئون اڄ لڄي تنهنجي در تي آئي آهيان، آئون هينئر تيلي ٻج جيان آهيان، جنهن کي چاڪي گهاڻي ۾ پيڙهي تيل ڪڍي، باقي ڪڙ ڪڍي اڇلائي ڇڏيندو آهي.“ هن پنهنجي دل کي مضبوط ڪيو، رُني سان اکين مان لڙڪ اُگهيا ۾ در کولي اندر داخل ٿي، گهر جي اڱڻ تي سندس ڀاءُ رحيم جا ٻار راند ڪڏي رهيا هئا. انهن جي جڏهن نظر فريده تي پئي ته زور زور سان چوڻ لڳا... ڦڦي اچي ويئي! ڦڦي اچي ويئي!! ٻارن جي آواز تي فريده جي ماءُ يڪدم ڪمري مان نڪتي. هن جي دل خوشي کان ٻهڪي ته سندس ڌي سائس ملڻ آئي آهي، پر جڏهن ويجهو آئي ته فريده جي غمزده صورت ۾ هٿ ۾ سوٽ ڪيس ڏسي، سندس چهري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تان خوشي غائب ٿي ويني. هو سمجهي ونې ته فريده زندگي کان ناڪام ٿي سندس گهر لنگهي آئي آهي. ماڻس ٻانهون ڦهلايون ته فريده اوچنگار ڏيني سندس ٻانهن ۾ هڪ زخمي شڪار ٽيل پکي وانگر پاڻ کي لڪائي ڇڏيو ته جيئن ظالم شڪارين کان بچي سگهي. ماڻس شفقت سان سندس مٿي تي هٿ ڦيرايو ته سندس دل کي راحت اچڻ لڳي، هن جون هڏڪيون بند ٿيڻ لڳيون.
باجائس نسيم سندس سوٽ ڪيس کڻي ڪمري ڏانهن هلي ويني.
جڏهن فريده جو روئڻ بند ٿي ويو ته ماڻس پڇيس ٻار ڪٿي آهن؟
فريده جواب ڏنس جمال وٽ!.... خير اندر هل، ماڻس اندر ڪمري ۾ وٺي آئي جتي هو هڪ پلنگ تي ويني رهي ۽ گهر جي ماحول ۾ خاموشي ڇانئجي ويني. عبيدالله صاحب گهر کان ٻاهر ويل هو، سو جڏهن اچان گهر ۾ گهڙيو ئي مس... ته سندس اهليه هن کي فريده جي باري ۾ سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيو، هو ٻئي ڏينهن سڌو فريده وٽ آيو ۽ سندس افسرده چهرو ڏسي ڪيس ڏاڍو ڏک ٿيو. هن کي ڪجهه وقت لاءِ پاڻ تي ملامت ٿي، ڇو ته جمال کي هن ئي فريده لاءِ جيون ساٿي چونڊيو هو. خبر ناهي ڇو سندس جوهر شناس اکيون هيري کي نه سڃاڻي سگهيون، جيڪو بعد ۾ پٿر نڪتو. عبيدالله نياڻي جي مٿي تي هٿ رکيو ۽ پنهنجي مدد جو يقين ڏياريو. هو هتان سڌو جمال وٽ آيو ته جيئن فيصلو ڪري سگهي، جمال ڪيس عزت سان ويهاريو ته هن يڪدم جمال کان سوال ڪيو. ”معاملو ڇا آهي!!؟؟
”ڇا توهان کي فريده نه ٻڌايو!“ جمال جواب ڏنس.
”هن ته ٻڌايو پر تون به ٻڌائي... ڇو ته آئون هڪ طرفي ڳالهه ڪي ٿو مڃان.“ عبيدالله ججن وانگر بيان وٺڻ جي ڪوشش ڪئي ته جمال ڪيس ڪولي داستان ٻڌايو ته عبيدالله مٿي تي هٿ ڏيئي سوچڻ لڳو.
”ڇا تنهنجو شڪ آهي يا تو پاڻ اکين سان ڏٺو؟“ عبيدالله سوال ڪيس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

'ها- چاچا مون پاڻ اڪيـن سـان هنـن کـي ريسٽورنٽ مـان گڏ نڪرندي ڏٺو.' جمال تمام مهذبانه انداز ۾ پاڻ کي اجري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

'بهرحال... ماضي کي ڦلهورڻ سٺو ناهي ۽ پاڻ ۾ ئهي وڃو.' عبيدالله ناهه ڪرڻ جي لاءِ رستو ہڏايو ته جمال ٿوري دير لاءِ منجهي پيو ۽ چيائين.

'ناهه لاءِ هاڻي چا بچيو آهي.'

'غلطيون انسانن کان ٿينديون آهن... جيڪڏهن ڇوڪري کان ڪا غلطي ٿي آهي ته مون کي معاف ڪر.' عبيدالله پنهنجي بزرگي جو واسطو وڌو ته جمال ڪجهه نه سگهيو ۽ ماٺ ڪريو ويٺو رهيو. جڏهن عبيدالله صاحب کي ڪو جواب نه مليو ته عبيدالله صاحب به ماٺ ڪري ويٺي رهيو، سمجهايائين ته مڙس ئي غيرت جو غلبو آهي ۽ تازو جهيڙو ٿيو آهي، تنهنڪري انهي ۾ بهتري آهي ته ايترو سبق ڪافي آهي، وڏيڪ پاڻ ذهين آهي پاڻهي معاملي کي حل ڪري وٺندو، اهو سوچي هن اٿڻ جي ڪئي. اُٿڻ مهل هن ٻارن ڏانهن ڏٺو جيڪي رانديڪن جي وچ ۾ گهيريا پيا هئا. هن کي احساس ٿيو ته ضرور ماءُ جي غيرموجودگي ۾ رنا هوندا ۽ جمال جهجها رانديڪا ڏيئي کين پرچايو هوندو. هن پيار سان پنهنجن ڏهٽن جي ڳلين تي هٿ ڦيرايو ۽ چيائين.

'ماما ڪٿي آهي؟ ته وڏي ڇوڪري اکيون ڦيرايون ته ڄڻ ماءُ کي ڳولي رهيو هجي. عبيدالله کي ٻارن تي ترس اچي ويو ۽ چيائين

'جمال- ٻار آئون ڪٺي ٿو وڃان... هتي سندس ڪير خدمت ڪندو، ماءُ کانسواءِ ٻار ويڳاڻا آهن.'

'نه ......چاچا نه ! ٻار آئون ڪونه ڇڏيندس ' جمال ڪتو جواب ڏيئي ڇڏيو عبيدالله ٿوري دير لاءِ سوچ ۾ پئجي ويو، سمجهيائين بيوقوف آهي، خير ڇوڪريءَ کي آئون راضي ڪري وٺندس، باقي هڪ رات ٻارن سان رکو گذاري، صبح سويل منهنجي در تي بيٺو هوندو ته ٻار سنڀاليو. بهرحال عبيدالله ڪمري کان مايوسي مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻاهر نڪتو ۽ جمال کان موڪليان، وڃڻ مهل وري ڪيس طعنو

ڏنائينس:

بهرحال تو ڏاڍ مڙسي ڪئي، آئون تنهنجو محسن آهيان، تنهنجي لنگهي آيو هنس گهٽ ۾ گهٽ منهنجي بزرگي جو تہ خيال ڏئي ها.“ جمال ڪي اهي جملا تير جيان دل ۾ کهڙي ويا، ڪرين اندر جو ضمير بي حال ٿي پيو...پر سندس غيرت! سندس... عبيدالله ڪي الوداع چئي جمال وري ڪمري ۾ آيو ۽ سندس ذهين ۾ غيرت ۽ ضمير جي جنگ شروع ٿي چڪي هئي هن پنهنجو جسم صوفہ تي اڇلي ڇڏيو ۽ سوچ جي دنيا ۾ گم ٿي ويو... ڇا مون ڪي فريده سان پرچاءُ ڪرڻ گهرجي... گهر جي ڳالهہ آهي... زماني تائين داستان نہ پهتو آهي... نہ ڪنهن ڪي طعنو هنيو آهي جو سندس غيرت جو امتحان ٿي پوي... باقي زهر جو ڍڪ پري ٻارن جي زندگي برباد ٿيڻ کان بچائي... تون ملازمت پيشہ ماڻهو آهين- صبح جو دفتر وڃي ۽ شام جو واپس اچين، هن وچ ۾ ڪير هنن معصومن ڪي سنڀاليندو... پر آئون ڪيس پرچائڻ ڪونہ ويندس. ... پاڻهي گهر مان وئي آهي ۽ پاڻهي گهر موٽي اچي....آئون ڪيس منت ڪونہ ڪندس... ڇا آئون پنهنجي غيرت ڪي ماري ڇڏيان ۽ فقير ٿي سندس در تي سدا هڻان... نہ... نہ... آئون اينئن ڪونہ ڪندس... اڙي بيوقوف... هنن ٻارن جي صدقي غيرت ڪي ڪانئي وچ ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ توکي ياد بہ ڪونہ پوندو تہ تو ڪڏهن غيرت ڪائي... فريده تي هٺ ڪنيو... پر اڄوڪي ڏينهن تازو جهيڙو ٿيو هو، سو سندس هوش ڪنهن هڪ جڳهہ تي نہ هئا، صرف نفرت سندس وجود ۾ شامل ٿي وئي هئي. هن ڪي فريده سان بلڪل ضد ٿي پيو هو، آخر تہ مرد هو، سندس رتبو مٿانئون هو، تنهنڪري هن جي مرضي هئي تہ فريده اچي ۽ سندس پير جهلي منت ڪري معافي وٺي... سا ڳالهہ عقل کان پري هئي. فراق جو وجهڙو پنجي چڪو هو، شل! محبت نفرت ۾ نہ بدلجي، پوءِ دل

۾ انتقام جي باھ ٻرڻ لڳندي آهي، اها ماري يا ڪاري پر عاشق پنهنجي ضد تان نہ لهندا آهن. ايتري ۾ هڪ ٻار روئڻ شروع ڪيو تہ سندس سوچ پڪڙجي ويني ۽ هن فريج ڪولي کير ڪڍي گرم ڪري بوتل ڀري ڇوڪريءَ جي وات ۾ ڏني تہ ٻار ماٺ ڪري وري سمهڻ لڳو. رات جا ڏھ لڳي چڪا هئا، صبح ڪان ولي ذهن ۾ غيرت ۽ ڪاوڙ جا جذبات... دماغ ۾ ضمير ۽ غيرت جو جهيڙو هو... پر انهي ڪان پري ٻارن جي مستقبل ڪان پريشان هو.... ها واقعي ٻار مونکي مجبور ڪندا تہ آئون ڪانئس معافي وٺان... نہ! نہ! ... هوءَ بہ تہ ماءُ آهي... هن جي مامتا کي آرام نہ ايندو ۽ پاڻهي اچي معافي وٺندي.... ٺيڪ آهي آئون ٻارن کي ڳوٺ ڇڏي اچان... اتي گهر وارا هنن کي سنڀاليندا سندن جمار ڇا آهي.... هنن کي ڪهڙي خبر تہ سندن ماءُ ڪير آهي ۽ ڳوٺ ۾ ٻار آرام سان رهندا.... ايتري ۾ فريده کي وڃن جي خبر پنجي ويندي... اهو سوچي هو اٿيو ۽ تيار ٿيڻ لڳو. ضروري سامان گڏ ڪري، سوٽ ڪيس تيار ڪيو ۽ ٻارن کي کڻي فليٽ ڪان ٻاهر نڪتو. هڪ وزن دار تالو دروازي کي هڻي، اچي هيٺ ڪار ۾ سوار ٿي ڳوٺ ڏانهن روانو ٿيو.

جمال سڄي رات ڪار ڊوڙائي، ننڊ ۽ ٿڪ کيس بي حال ڪري وڌو پر جوش ۾ هو سفر جاري رکندو آيو. فجر ٿي ويو تہ هوءِ ڳوٺ جي ويجهو پهتو، ڳوٺ ۾ ڪڪڙن ٻانگون ڏيڻ شروع ڪيون ۽ ايتري ۾ ڳوٺ جي مسجد مان اذان جو آواز آيو تہ جمال ڪار کي هڪ واٽر ڪورس جي پاسي ۾ روڪي ڇڏيو ۽ ڪار مان لهي منهن تي پاڻي جا ڇنڊا هڻي پاڻ کي تازو ڪرڻ لڳو. واٽر جي ڪنپ تي سنهون سنهون گاھ ايريل هو، تنهن سندس دل کي ڇڪيو ۽ پاڻ سڌو ٿي پنجي رهيو، سندس بت سڄو سور ٿي پيو هو، هوءِ بي اطميناني ڪان پاسا ورائي گاھ جي ٿڌاڻ جو مزو وٺڻ لڳو. ڳوٺ جا ماڻهو مسجد ۾ نماز پڙهڻ لاءِ گڏ ٿيا پر جمال ۾ ايتري سڪت ڪونہ هئي تہ مسجد ۾ لنگهي وڃي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ اُتي نماز پڙهيائين، ٻُوناٽا نماز پڙهڻ بعد هرڪو پنهنجي گهر ڏانهن تہ ڪو ٻني ڏانهن روانو ٿيو. جمال ٿورو آرام ڪيو تہ سندس ٻت ۾ وري سڪت اچي ويني. هو اُٿيو ۽ ڪار ۾ ويهي ڳوٺ ۾ داخل ٿيو. جمال جيڪو عيد براد ڪانسواءِ ڪڏهن ڳوٺ نہ ايندو هو، سو هينئر اوچتو اچي لٿو تہ گهر وارا پريشان ٿي پيا. هُن ڪار مان ٻار ڪڍي ڪچ ۾ ڪيا ۽ گهر ۾ هڪ کٽ تي سهاري جڏيائين، پاڻ بہ اُنهي کٽ تي ٽڪ ڪان ڊگهو ٿي سمهي رهيو پر سچ مٿي چڙهي رهيو هو، سندس اکين ۾ سچ جا ڪرڻا تبزي سان داخل ٿي رهيا هنا تہ هو بي صبري ڪان اُٿي ويهي رهيو، ٿوري دير ۾ سچو گهر جمال جي چوگرد بيٺو هو، ماين يڪدم ٻار کڻي هنن کي پيار ڪرڻ لڳيون، پاڙس سومار ۽ جمع بہ اچي مليا پر ٻنان ڪنهن اطلاع ۽ اڪيلو صرف ٻارن سان ڏسي هنن کي پريشاني ٿي پيني ۽ پڇيائون.. "خير تہ آهي.." جمال جيڪو صفا ٿڪي پيو هو تنهن چيو

...مڙيني خير آهي، پر هينئر مونکي ٻڌايو تہ آئون ڪٿي وڃي سمهان، ٿورو آرام ڪريان پوءِ ڪچهري ڪنداسين، توهان پلي ڪم ڪار لاهي اچو. سومار يڪدم جوٽس کي هڪل ڪئي تہ ٻاءُ کي منهنجي ڪمري ۾ هنڌ هٿي ڏيئي تہ آرام ڪري ۽ پوءِ ڪڪڙ کهائي وٽ، اسان ٻني تان ٿي اچون ٿا پوءِ گڏجي ماني کائينداسين ۽ ٻنيٰ ٻني ڏانهن روانا ٿي ويا.

ٻنيهرن جي ماني ٽنهي ڀائرن گڏجي کاڌي ۽ پوءِ ڪٽلي چانهہ جي ۽ پيالا تہ هر ڳوٺ جي ثقافت ٿي پيني آهي، همراه کي ماني ۽ چانهہ سان ٽوڙي ڇڏيائون. بعد ۾ خبرون شروع ٿيون

سومار پڇيس

"ادا- خبرون ڏيني.....چو ڀاڄائي ڪونہ آئي ۽ تون رات جو سفر ڪري ٽڪل ٽٽل پهتو آهين! ڳالهہ ۾ ڪو ٻگوڙو تہ ڪونهي؟ جمال سري ڪان وٺي سڄي ڳالهہ ٻڌائي، جيڪي ٻني ڀاءُ خيال سان ٻڌي رهيا هنا. جمع جذبات ۾ اچي ويو ۽ ڪاوڙ مان چيائين.

'اهڙي رن کي ڪهاڙين مان ڪڍي اچين ها' تہ جمال سندس منهن ڏسندي رهجي ويو ۽ سمجهائيندي چيائين.
'جاهلن وارين خبرون نہ ڪر، اجان وقت ڪونہ ويو آهي.'
ڇا اهڙي زال کي وري گهر ويهاريندين؟ سومار بہ ڪاوڙ مان چيو، جمال کي محسوس ٿيو تہ هنهي پائرن جا جذبات ۽ خيالات هڪجهڙا آهن تہ وراڻي چيائين.
'پوءِ آخر آنون ڇا ڪريان... هنن ٻارن جي ڪير ڪندو.'
'ٻار هتي رهن، پنهنجو گهر اٿن، باقي اهڙي زال کان اينئن چڱو آهين، جيڪا زال مڙس جي عزت سان ڪيڏي، اهڙي کان تہ مرڻ مهٺو ڪونهي. سومار جذباتي انداز ۾ جمال کي سمجهائي ڏني.
جمال جو ٻارن کي هتي رهائڻ جو ڪو موڊ ڪونہ هو. سندس منهن ۾ ٿوري پريشاني ڏسي سومار وري چيس.
'تون اڌ مهيني، مهيني چڪر هنيو پيو وڃجان، من ٻارن ڪري اچين..! باقي تہ تون اسان سان واسطو ڪونہ رکين.'
'ٺيڪ آهي.... پر... تہ سومار يڪدم جمال جو جملو ڪاٽي ويو ۽ چيائين 'پر ... هاٺي ڪونہ هلندي بس شڪر ڪر ٿوري ۾ جان ڇڏائي سين، خبر ناهي اڳيان ڪيس ڦڏا تہ ڪونہ ٿيندا؟'
سومار سوال ڪيس
'انهن کي آنون پاڻهي منهن ڏيندس.' جمال خاطري ڏني.
'باقي هتان ٻارن کي وٺي وڃڻ معنيٰ اسان جي لاش مٿان اُڪرڻو پوندو.' سومار اعتماد سان چيو تہ جمال کي پنهنجن پائرن تي ناز ٿيڻ لڳو.

اُنهي ڏينهن رحيم بہ رات جو گهر پهتو، اجان پنهنجي ڪمري ۾ پهتو تہ سندس زال ڪن ڪٽايس تہ پيٺين فريده کي مڙس گهر-مان ڪڍي ڇڏيو آهي، سا ويٺي آهي تنهنجي در تي... ڪا خبر چار تہ وٺيس.'
'آخر ڇا ٿيو، رحيم پڇيو تہ جوٽس نسيم سڄي رام ڪهاڻي ٻڌائي ۽ ڪن پريائينس تہ اِهي سڀ ڪم انهي مني شبانہ جا آهن. هي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ويچاري سادي ڇوڪري، هن جي سهيلپ جي چڪر ۾ اچي ڦهرين ٻالس سان ڦاسايس، پوءِ جڏهن ويچاري جي شادي ٿي ويني ته وري چڪر ۾ آئي وري به ملاقات ڪرائيندي وتي. آخر مڙس ڏسي ورتس، مونکي ته اها مني شبانه اکين ڏٺي ڪونه وٽي، بس مني ابندي، وڏا وڏا ٺهڪ ڏيندي، بس ڏاڍي وڏاني اٿس، جهڙوڪر لهي اُبري ني هن تي ٿو. رحيم جي ٿلهي دماغ کي جوٽس جي منفي بي لاگ تبصري جنجهوڙي ڇڏيو. هو غيرت ۾ اچي ويو ۽ يڪدم ٽيبل جي دراز مان پستول ڪڍي هٿ ۾ ڪيو ۽ ڪاوڙ مان چيائين.

'شبانه... شبانه.. آنون هُن کي زنده ڪونه ڇڏيندس.' ۽ تيزي سان ڪمري مان ٻاهر نڪرڻ لڳو ته جوٽس ڏٺو ته هي ته مرڳيني ڪم خراب ٿي ويو ته. وٺي گهوڙا گهوڙا ڪيائين ۽ رڙيون ڪري سهري عبيدالله ڏانهن ڊوڙي. ته رحيم کي روڪيو... متان ڪو غلط ڪم نه ڪري وجهي. سندس رڙين تي عبيدالله ۽ سندس بيمار زال ڪمري کان نڪري آيون ۽ يڪدم رحيم کي جهلي ورتائون، جيڪو ڪاوڙ کان سهڪي رهيو هو. ٻني ماءُ پيءُ کيس ڪمري ۾ وٺي آيا ۽ سمجهاين ته ٻار نه ٿي... خدا مڙيني چڱو ڪندو... مَس مَس همراه نريو، جوٽس جيڪا سندس بي لاگ تبصري تي ٺڪي پيني ٿي يڪدم پاڻي گلاس ڀري آني جيڪو رحيم پيتو ته شانت ۾ اچي ويو. گهر ۾ گوڙ تي فريده به ٿڏا ٿڏا پير ڀريندي ڪمري ۾ آئي ۽ پاڃيس جي پاسي ۾ خاموش اچي ٻيهي رهي ته رحيم هُن ڏي ڪاوڙ ڀريل نظرن سان ڏٺو ۽ چيائين.

'شبانه... آخر رنگ لاتو، ڦهرين عشق جو سبق ڏنائين، پوءِ شادي جو.. بعد ۾ ملاقات جو ۽ آخر ۾ گهر مان ڪڍرائي پاڻ گهر سکي ويني آهي ۽ توکي رُلائي ڇڏيائين... هاڻي شبانه هن گهر ۾ نه ايندي... جيڪڏهن هُن گهر ۾ پير پاتو ته تون گهر کان ٻاهر هوندين... سمجهين ٿي!!' رحيم تنبيهه ڪيس ته عبيدالله

صاحب کيس ٻاريو ۽ چيائين تہ ”پيڻ ويچاري اڳيني زخمي آهي، وڌيڪ تون مرچ نہ ٻرڪ.“ تہ رحيم ماٺ ڪري ويهي رهيو ٿوري دير لاءِ ڪاوڙ مان ڪنڌ هيٺ ڪري هيڏانهن هوڏانهن گهورڻ لڳو ۽ پوءِ تيزي سان اُٿي ڪمري مان هليو ويو. پنهنجي ڪمري ۾ اچي هُن آرام ڪرڻ جي ڪئي ۽ سوچڻ لڳو تہ مسئلي کي ڪيئن حل ڪجي.

ٻني ڏينهن سڀ گهر جا ڀاتي متا جوڙي ويٺا ۽ فيصلو ڪيائون تہ رحيم کي جمال ڏانهن موڪلجي چو تہ عبيدالله صاحب تہ وڻانس ٿي آيو هو. پٽس سمجهايس تہ گرمي نہ ڏيکارجان...

سيٺ رحيم يڪدم ڪار ڪڍي ۽ جمال جي فليٽ تي پهتو، مگر گهر تي تالو لڳل ڏسي مايوس ٿيو. پاڙي مان آنٽي خالده کان پڇيائين تنهن ٻڌايس تہ رات جو در بند ٿيڻ جو آواز ٻڌم، ٻاهر نڪتس تہ در بند هو، شايد ڪيڏانهن نڪري ويو آهي، مونکي ٻڌائي ڪونہ ويو آهي ”شايد تڪڙو هو.“ رحيم پويان پير ڪيا ۽ گهر اچي سچو احوال ڪري ٻڌايائين تہ فريده سمجهي ويني تنهن چيو.

”ضرور پاڻ ڏانهن ڳوٺ ويو هوندو.“

”توکي ڪيئن خبر پيئي“ رحيم سوال ڪيس.

”گهڻن ڏينهن کان چوندو هو تہ موڪل وٺي ڳوٺ وڃي ڪجهہ ڏينهن آرام ڪجي، هينئر ٻہ ڏينهن موڪل هُئي، تنهنڪري ضرور ويو هوندو“ فريده سمجهايس تہ رحيم ماٺ ڪري ويهي رهيو ۽ معاملي کي جمال جي اچڻ تائين پوئتي ڪري ڇڏيو. جمال ٻہ ٻارن کي ڀاڻس جي حوالي ڪريَ، ٻاڻ موڪل ختم ٿيڻ تي ڪراچي وريو ۽ ڊيوٽي تي چڙهيو. هاڻ هوءِ هوٽلن جي حوالي ٿي ويو، ناشتو هوٽل تي ٻنپهرن جي ماني اڳيني ڪمپني جي ڪينٽين تان گهراڻي کائيندو هو، پر رات جو ڪنهن ڪارنر تي ماني کائي... دير دير سان فليٽ تي اچي سمهندو هو. فليٽ هاڻ صرف هن جي سمهڻ جو ڪمرو ٿي پيو هو. گهر جيڪو اڳي ٻهڪندو هو سو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ويران ٿي ويو، خاموشي، بربادي هر طرف واڪا ڪري رهي هُئي.
جمال کي ويني خيال ايندا هُئا ته فريده جڻ سندس اکيان گهر
جي ڪم ڪار خاطر هيڏانهن هوڏانهن اچي وڃي رهي آهي ۽ هن
جون اکيون سندس پيڇو ڪري رهيون آهن ۽ هو ڪلي ٽوڪي رهي
آهي ته ”ڇا ٿو ڏسين“ ته آئون هن کي چئي رهيو آهيان ”خدا جي
قدرت“ ته هو مونکي طنز ڪندي چوي پئي ته ”خدا جي قدرت
آسمان ۾ آهي، ٻاهر بالڪني ۾ وڃين چنڊ تارا ڏس.“ هن کي
پنهنجي چرياڻپ تي کل اچي ويني. گهر هُن کي کائڻ ايندو هو، پر
هن کي گهر سان پيار هو، ڪراچي ۾ جڏهن کان هو نوڪري ۾
لڳو هو، هن فليٽ ۾ مسواڙي جي حيثيت سان رهڻ لڳو هو ۽ بعد
۾ خريد ڪري ورتائين. هو ديوانن وانگر پٿرن کي ڏسندو رهيو.
هن جي طبيعت چاهيو پئي ته ڪير هجي جنهن سان هو ڳالهائي ۽
ٿهڪ ڏيئي پر ڪير به ته ڪونه هو، هو مايوسي سان بستر تي
ليٽيو پيو هوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن هن کي احساس ٿيندو هو ته
ڪير سندس ڪيائڙي ۾ ڪتڪتوڙي ڪري رهيو آهي ۽ انهي
احساس ۾ ڪيس ننڊ وڪوڙي ويندي هئي.

اڄ عبيدالله ۽ رحيم گڏجي جمال سان ملڻ سندس
آفيس آيا، جمال عزت سان ويهارين ۽ پوءِ چهري تي سختي آڻي
چيائين
”حڪم“
”اسين تو وٽ آيا آهيون ته معاملي کي هڪ پاسي ڪر.“ عبيدالله
چيس
”ڇا آئون هلي فريده کان معافي وٺان، آئون مجرم ناهيان.“ جمال
سخت لهجي ۾ چيو ته وري عبيدالله نرمائي سان سمجهايس.
”اسان جو مطلب اهو ڪونهي.... پر توهان ئهي وڃو ته بهتر
آهي.... ٻلا ٻار ڪٿي آهن؟
”ٻارن کي آئون ڳوٺ ڇڏي آيو آهيان.“ جمال جواب ڏنس
”ٻار اسان جي حوالي ڪر.“ رحيم وچ ۾ ٽنگ اڙائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

'مون پهرين چني ڇڏيو ته ٻار نه ڏيندس.' جمال تمام سخت لهجي ۾ چيو.
'ته اسان ڪورٽ ۾ ڪيس ڪري ٻار توکان وٺي وينداسين.' رحيم ڌمڪي ڏني.
'ڀلي ڪيس ڪريو، پوءِ معاملو وڌيڪ سنگين ٿي سگهي ٿو.' جمال به ڌمڪي جو جواب ڌمڪي سان ڏنو.
'ڇا ٿيندو.' رحيم آڪڙ مان چيو. عبيدالله ڏٺو ته معاملو ٻجاءِ ٺهڻ جي خراب ٿي رهيو آهي ته رحيم کي دڙڪو ڏنائين...
'خاموش ٿي.'
جمال جي چهري جو رنگ ڪاوڙ کان سرخ ٿي ويو، عبيدالله صاحب ڏٺو ته ڪم خراب ٿي ويو، تنهنڪري اجازت گهريائين ۽ چيائين ته اسان وري تو وٽ فليٽ تي اينداسين ۽ ويا هليا. جمال کي آفيس ۾ مزو نه اچي رهيو هو ۽ نه گهر ۾... ڪڏهن ڪڏهن خوامخواه آفيس ۾ دير تائين ويٺو سگريٽ پيئندو رهندو هو. آخر هُن موڪل وٺڻ جو سوچيو ۽ ٻن مهينن جي موڪل جي درخواست لکي جنرل منيجر سان مليو.
'سائين آئون جينئن ملازمت ۾ داخل ٿيو آهيان، ڪڏهن موڪل نه ڪئي اٿم، هاڻ منهنجي طبيعت ٿوري خراب ٿي رهي، تنهنڪري موڪل وٺڻ ٿو گهران، جيڪڏهن توهان اجازت ڏيو ته ڳوٺ وڃي آرام ڪريان.' جمال عرض ڪيو ته جنرل منيجر ورائيس.
'جمال ٺيڪ آهي... تنهنجو ڊپٽي مينيجر به صحيح ڪم ڪري رهيو آهي، هو تنهنجو ڪم تنهنجي غير حاضري ۾ هلائي سگهي ٿو، بلڪ تنهنجي موڪل جي دوران مونکي هُن جي ڪارڪردگي جانچڻ جو سُٺو موقعو ملندو ته ڇا هو خودمختيار حيثيت ۾ ڪم هلائي سگهي ٿو.' جنرل منيجر جڏهن موڪل ڏيڻ ۾ راضپو ڏيکاريو ته جمال کي پنهنجي پوزيشن جي باري ۾ شڪ پيو ته هن پڇيو.. 'سندس پوءِ ڇا ٿيندو.'

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"مون تنهنجي لاءِ ڊپٽي جنرل مئنيجر جي پوسٽ لاءِ سفارش ڪئي آهي، اها پوسٽ خالي پيئي آهي ۽ مونکي معاون جي ضرورت آهي ته جيڪر منهنجي مدد ڪري سگهي. آئون تنهنجي ڪم مان مطمئن آهيان، اڄ مهيني اندر بورڊ آف ڊائريڪٽرس جي ميٽنگ ٿي رهي آهي. انشاالله تون موڪل تان واپسي بعد نئين ذميداري سنڀالبندين." جمال کي هڪ ئي وقت ٻه خوشيون مليون، هڪ ٻن مهينن جي موڪل ٻيو ڊپٽي جنرل مئنيجر جي ترقي لاءِ سفارش، سندس وات مان شڪراني طور نڪتو "ٿينڪ يو سر."

جنرل مئنيجر هٿ وڌائي جمال کي هٿ ڏنو ۽ چيائين "آئون تنهنجي لاءِ دعاگو آهيان" ته جمال چيس

"سر- آئون توهان جي قدر شناسي جو ٿورائتو آهيان" ۽ اجازت وٺي آفيس مان نڪري آيو. ٻاهر اچي اسٽاف کان موڪلايائين.

ٻئي ڏينهن جمال ڳوٺ روانو ٿي ويو ته جيئن پنهنجي ذهن کي غمن کان آزاد ڪري سگهي. انهي وچ ۾ عبيدالله ۽ رحيم ڪئنين دفعا سندس فليٽ تي آيا پر فليٽ کي مسلسل بند ڏسي مايوس ٿيندا هئا، آخر سندس آفيس مان خبر پين ته جمال ٻن مهينن جي موڪل تي آهي. فريده کي جڏهن طويل موڪل جي خبر پئي ته ٻنان پالي جي مڇي جيان تڙپڻ لڳي.... وڇوڙو مڙس جو.... وڇوڙو ٻارن جو... هن کي بي حال ڪري وڌو هو. هاڻي هوءِ ڏينهن ڏينهن ڪري ڳڻي رهي هئي، هڪ ڏينهن هن لاءِ هڪ سال هو. بيقرار دل کي قرار ڏيڻ لاءِ پاڙس جي ٻارن سان راند رهي دل بهلائيندي هُئي. پاڙي وارين ماين گهڻيئي سمجهايس ته جمال جي ڳوٺ وڃي ...پاڻ خود معافي وٺي... آخر ڪجهه ته تبجو نڪرندو. پر هُن تي الزام اهڙو هو، جيڪو ٻهراڙي جا ماڻهو برداشت بلڪل ڪونه ڪندا آهن، تنهنڪري هوءِ هميشه خاموش ٿي ويندي هُئي... ته متان هُن کي جمال جي مائٽن وٽ بجاءِ نه مليو ته پوءِ ڇا ٿيندو. رحيم پنهنجي ڪاروبار سان ۽ پلس ۾ ايتري پهچ ڪونه هُئي ته ايترو سفر ڪري، هر طرف

مايوسي پکڙجي ويني. هاڻي ته پاڙي ۾ ڳالهه مشهور ٿي ويني ته ضرور فريده ۾ ڪا خرابي هئي، جو نه مڙس ٿو وٽس پرچاڻ لاءِ اچي ۽ نه بي شرمائي ڪان پاڻ ٿي وڃي. پاڙس ۾ پڇس ڪي ته مڙسس جواب ڏيني ڇڏيو ته ڪو سمجهوتو نه ٿيندو. تنهن مان ظاهر آهي واقعي فريده ڪاري آهي!!! هڪ دفعو فريده پاڻ پنهنجن ڪنن سان الزام تراشي ٻڌي ته سندس اکيون ڦاٽي پيون... هن جي دماغ تي متروڪا لڳڻ لڳا. ها تون ڪاري آهين!... تون ڪاري آهين!!.. ڪاري آهين!!!... ڪاري!!!!... ڪاري!!!!!.

فريده هاڻي پاڻ کي گهر تائين محدود ڪري ڇڏيو، ٻاهر به نه ويندي هئي... بي قرار... بي چين... نه سينگار تي شوق... نه ڪپڙي پهرڻ تي شوق نه کاڌي پيتي تي چاه... سندس اها حالت مائس کان ڏٺي نه ٿيندي هئي. هن بار بار عبيدالله تي زور وڌو ته فريده لاءِ ڪجهه ڪر... ته عبيدالله ويچاري روئي ڏنو... مون سڀ حيلا هلايا آهن... منٿون ڪيون آهن ... پر جمال بلڪل ٿو مڃي ....آئون ڇاٿو ڪري سگهان. بس نياڻي درتي آئي آهي، ماني تڪر ۾ اسين به ڪونه ڪٿا آهيون... ويئي رهي، باقي پاڻ ڪجهه ڪري ته مَن معاملو ٺهي پئي. آخر هڪ ڏينهن دل جهلي فريده کي سمجهائيندي چيائين.

"ڌي..! اسان پنهنجي طور ڪونه گهٽايو آهي، زال مڙس جا رشتا آسمان تي جڙندا آهن، جمال تنهنجي قسمت ۾ هو، هاڻي تون جمال جي در تي لنگهي وڃ .... پنهنجو گهر اٿيني ۽ وڃين معافي وٺ."

"آئون هن درتي وڃان! .... جنهن در کان مونکي ڌڪا ڏيني ڪڍيو ويو. هن مونکي ماريو.. گاريون ڏنيون .... بابا.... آئون انصاف تي گهران!!."

فريده جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا پر عبيدالله وري سمجهائيندي چيس.

"جتي به ٿانو گڏبا ته ضرور ٺڙڪندا... زال مڙس جو جهيڙو ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مڙيني هڪ مذاق هوندو آهي، انهي ڪي جيڪڏهن دل سان لڳائي ويهي رهجي ته هيڏي ساري ڏکهي زندگي گذ گذارڻ مشڪل آهي.

'نه بابا نه!... جمال کي هتي گهرايو... فيصلو ڪريو... اڇا ڪارا پڌرا ٿين... پوءِ آئون سندس در تي پير پائيندس.'

عبيدالله ڏنو ته چوڪري صفا ضد تي آهي ته خاموش ٿي ويو ۽ پنهنجي مجبوري پڌائيندي چيائين

'پوءِ اسان ۾ آسرو نه رک... باقي ٻيءَ جوڳهر اٿني... آئون توکي ڏڪا ڏيني ته گهر مان ڪونه ڪڍندس... پلي ويٺي رهه.... ڏسون چا ٿو ٿئي.' فريده پٽس جي اِنهن اکرن جو ڪوبه جواب نه ڏنو ۽ خاموش رهي، چو ته پٽس پنهنجي لاچاري پڌائي چڏي ۽ واپس ڪمري مان نڪري ويو.

فريده انتظار ڪندي رهي، مومل وانگيان، جنهن جو راڻو رسي ويو هو ته جمال ايندو.. پوءِ صفائي ٿيندي. هو صفا اڪيلائي جي زندگي گذاري رهي هئي ياجايس ته اڳيني نڪ چڙهيل، تنهن سان ته فريده جي شروع ڪان وٺي ڪونه پوندي هئي، پاڙي ۾ الزام تراشي ۽ شبانه جو سندس گهر ۾ اچڻ تي پائس رحيم جي پابندي.... هن جو دماغ ڦاٽي رهيو هو... اڪيلائي ۽ سُور... هوءِ جڻ جيل ۾ اڪيلائي جي سزا ڪاٽي رهي هجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

18

جمال ڳوٺ ۾ اچي ڏاڍو خوش ٿيو. هتي جي هر شئي پياري هئي. اُهو زمين جو ٽڪر جنهن تي انسان اڪ ڪولي ٺو، ٻاراڻو گذاري ٿو، دل کي ڏاڍو وڻندو آهي، پوءِ ڪٿي اُهي ٻَرهجن جتي پاڻي نہ ملي يا ڏاڍا ڏونگر هجن جيڪي آواز بہ نہ ٻڌن، جتي زندگي جون سهوليتون جيڪي شهرين کي ميسر آهن بلڪل نہ هُئڻ جي برابر آهن، پر انسان اِهڙن خطن ۾ رهي خوش آهن. پهرين تہ جمال کي ڪافي تڪليف ٿي، نہ بجلي نہ واٽر سپلائي.... پر هوءِ هتي رهڻ آيو هو... سڪون لاءِ.... آخرڪجهہ ڏينهن بعد پاڻ کي ايڊجسٽ ڪري ويو، آخر تہ هتي جي مٽي جي پيداوار هو. ڪڏهن واهہ جي ڪپ تي چڪر پيو هڻندو هو تہ ڪڏهن ڍنڍ تي مهاڻن کي مڇيون ماريندي ڏسي سندس طبيعت ۾ بهاري اچي ويندي هُئي. ننڍپڻ مان بہ سڄا وارا ڪڏيائين ۽ اُهي مٽ مائٽ جن کي شڪايت هوندي هئي تہ اسان ڏي لڙئي ڪونہ، اُنهن کان گهمي سندن شڪايت رفع ڪري آزاد پيو گهمندو هو. ٻہ هفتا ڪن گذري ويا پر فريده جي طرف کان ڪو پيامي نہ آيو. عورتون شادي وياهن جي معاملي ۾ تمام تيز آهن هنن ڏٺو تہ همراهہ وتي اڪيلو هلندو، سو پير ٻڌجنس.... زليخا سندس ڀڄي سهتي جي ڏي اچان ويني هُئي، جيڪا جمال جي نالي ڪيل هئي، ساٻہ جوان هئي. ڀڦس کي خيال ٿيو تہ هاڻي سٺو موقعو آهي. جمال پهرين زال کان ڪاوڙيل آهي، جو نہ سندس ٻي شادي ڪرائي پاڻ بہ نياڻي جو بار لاهي ۽ جمال بہ زال وارو ٿي پوندو. سو جمال جا ٻار روزاني صبح جو پنهنجي گهر ڪٺي وڃي، جتي زليخا هنن جي خدمت ڪري وري شام جو واپس سومار جي گهر ڇڏيو وڃن. ٻار ٻن هفتن اندر بلڪل زليخا جا ٿي ويا. چوندا آهن تہ پيٽ کان

نيپاج منو آهي. زليخا بہ ٻارن کي اھڙو تہ پيار ڏنو جو ٻارن کي پنهنجي اصلي ماءُ بلڪل وسري ويئي ۽ ذري ذري زليخا جي هنج ۾ ريهي کين آرام ايندو هو. هاڻي تہ اِها حالت ٿي ويئي جو ٻار رات جو پنهنجي گهر نہ سمهن پر زليخا جي پاسي ۾ سمهي رهن ۽ پنهنجي گهر ڪٿي اچڻ تي روئڻ شروع ڪن. پاڙي پتي ۽ ويجهيون ماٽائيون جڏهن بہ جمال کي گڏجن تہ جمال جا ڪن ڪٽائين.

'ادا جمال هاڻي ٻي شادي ڪر.' ڪجھ ڏينهن تہ ٽائيندو رهيو، پر هاڻي ڪلي ڳالھ کي ٽاريندو هو. مايون سمجھي ويون تہ همراه ڪلي ڳالھ ٽاري پيو، دل ۾ مڙيئي راضي آهي. بس پوءِ سومار جي ڪن تي ڳالھ وڌي ويئي تہ جمال کي شادي لاءِ راضي ڪر. يار هاڻي زليخا ڪانسواءِ رهن ڪونہ ٿا ۽ هوندن بہ زليخا اجان تائين جمال جي نالي آهي، جواب توهان ڪونہ ڏنو آهي، جو ٻني هنڌ گس ڳولهجي. سومار کي ڳالھ دل سان لڳي، سو هڪ ڏينهن وري پائرن جي پاڻ ۾ ڪچهري ٿي تہ سومار بسم الله ۾ جمال کي چٺي ڏنو تہ.

ادا جمال- تون ٻي شادي ڪر- زليخا ڇوڪري پنهنجي آهي، آئون توکي پهرين کان چوندو هوس تہ اُتان پلائي ڪونہ ٿيندي. اُٿيا نڪر اباڻن لاءِ ۽ سٿيا نڪر سنگت لاءِ انين ڪونہ ٿيندو آهي.'

جمال سوچ ۾ پنجي ويو، چوتہ ٻي شادي جي باري ۾ هُن سوچيو ني ڪونہ هو. تنهنڪري جواب ڏيئي نہ سگهيو تہ جمع ورائي چيس.

'ٻاجاني تہ اسان جو ڪارو منهن ڪري ڇڏيو، اجان راڄ کي خبر ڪونهي تہ چا ٿيو..... نہ تہ اسان کي ڳوٺ ۾ رهڻ ڪونہ ڏين'

جمال اِهي غيرتي جملا يدّي جمع جي منهن ۾ ڏنو، جنهن مان واقعي غيرت جا جذبات اُبريل هُئا. متان وري سومار سمجهائيندي چيس.

'ٻار بہ هاڻي زليخا سان نهي ويا آهن، شادي ڪندين تہ ٻارن کي ماءُ ملي ويندي. پنهنجي ڇوڪري آهي، ٻارن کي ڏکيو ڪونہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رڪندي.'
'پاڇائي ته گهر ۾ وهاڻ جهڙي ناهي، انهي ڪان بهتر آهي پنهنجو نئون گهر ناهي. جمعي وري وچ۾ ٽوڪ ڏني ته جمال پنهنجي خاموشي کي ٽوڙيو ۽ چيائين
'اجان معاملو ايستائين نه پهتو آهي.... متان ناهه ٿي وڃي، پوءِ به گهر آئون شهر ۾ ڪينئن سنڀاليندس.'
'ڇا تون سمجهين ٿو ته پاڇائي سان ناهه ڪرين، تون ته صفا ڪو زال جو مڄو آهين.' جمعي ڪاوڙ مان چيو ته جمال کي ٿوري ڪاوڙ اچي ويئي.
'مونکي ڪجهه سوچڻ ڏيو.' جمال چيو.
'تنڊڙو ڪونه آهين هيڏو سارو صاحب آهين... بس جواب ڏي.... ها.... يا نه ..... اسان توتي اڳي به زور ڪونه پريو، جيڪا تنهنجي مرضي.... سا اسان جي خوشي، اسين خلاف ڪونه آهيون. پهرين شادي پنهنجي شوق سان ڪني هنئي ۽ ٻي شادي اسان جي خاطر ڪر'
سومار اهڙي ڳالهه ڪري وڏي جو جمال کي فيصلو ڪرڻو پنجي ويو. هو سوچيندو رهيو، هُن کي ٻي شادي ته ڪرڻي پنجي ويندي، گهر ۾ ويراني، ٻارن جي سنڀال وغيره پر هو شهري ماحول ۾ رهي ٿو. هو سوچڻ لڳو.... ڇا زليخا شهر جي ماحول ۾ ايڊجسٽ ٿي سگهندي، اڻ پڙهيل.... نه فيشن جي خبر.... نه شهري طور طريقن جي خبر..... اِها ڳالهه هُن کي وڏيڪ پريشان ڪري رهي هُئي. آخر هن چيو.
' زليخا شهري ماحول ۾ هلي ڪونه سگهندي.'
'ڇوڪري هوشيار آهي.... مهاندي ۾ ناهوڪي آهي. ڪجهه تون پڙهاجيانس آهستي آهستي سڀ ڪجهه سکي ويندي' سومار ڪلندي زليخا جي تعريف ڪني ته پاڻس جمعي به سندس تائيد ڪندي چيو
' ادو نيڪ ٿو چوي' جمال صفا گهيرجي ويو... هو سوچيندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رهبر ۽ انهي ۾ پلاني سمجهائين تہ شادي ڪجي ۽ آخر چيائين
’ها‘ جمال جي شادي لاءِ هاڪار تہ ڳوٺ ۾ خوشي جي بهار اچي
چڙهي. شادي جون تياريون، دعوتون اچي ويون ۽ جمال کي بہ
بول پڙهائي زليخا سان شادي ڪرائي ويني. جمال ڪجهہ ڏينهن
تہ انهن سمجهيو تہ جڻ هن جي شادي زوري ڪرائي ويني آهي
چوتہ ماڻهن کي بہ خوش رکڻو هو. انهي ڪري مجبور هو پر آهستي
آهستي هُن زليخا کي ذهني طور تي قبول ڪري ورتو. پاڻس سومار
سندس گهر جو هڪ ڪمرو نئين جوڙي جي حوالي ڪري ڇڏيو.
جتي هن نئين ڪٽنب پنهنجي زندگي جو آغاز ڪيو. پهرين تہ
جمال سوچيو هو تہ زليخا هتي رهندي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڳوٺ
چڪر هڻڻ پيو ايندو، چو تہ شهرن ۾ اڪثر ٻهراڙي جي ماڻهن
جو اهو طريقو آهي، پاڻ شهرن ۾ وڏا ماڻهو ٿيو پيا هلندا ۽
سندن اصل گهر ۾ ڪڪڙ سنئين ڳاٽ پيو هلندو. زليخا بہ
چالاڪ عورت هئي، ٻن هفتن ۾ هُن کي پنهنجي دام ۾ ڦاسائي
چڪي هئي، چو تہ هن کي خبر هئي تہ جمال پهرين شادي شده
آهي، تنهنڪري سندس محبت کي پهرين زال سان پيٽ ڪندو،
پوءِ جيڪو هنئي سو ڪنئي، هاڻي جمال بہ پنهنجو ذهن تبديل
ڪري چڪو هو. فريده هُن لاءِ خواب مثل ٿيندي وئي ۽ زليخا
کي ڪراچي وٺي وڃڻ جو پروگرام بہ ناهي ورتائين. بہ مهينا
موڪل بہ پوري ٿيڻ واري هُئي، جمال هڪ هفتو اڳي ڪراچي
وڃڻ جو پروگرام بنائي چڪو هو تہ جيئن گهر جي صفائي بہ ٿئي ۽
زليخا کي ڪراچي جي سير ڪرائي، چو تہ ڊيوٽي تي چڙهڻ بعد
هُن کي ايترو ٽائيم نہ ملندو جو زليخا کي گهٽو گهمائي سگهي.
جمال بمعہ نئين بيگم ۽ ٻارن سان ڪراچي ڏانهن روانو ٿيو. فليٽ
جيڪو ٻن مهينن کان بند هو تنهن کي ڏوڙ ۽ ڪاڪروچن پنهنجو
آماجگاه بڻائي ڇڏيو هو، بہ ڏينهن صفائي هلندي رهي پوءِ
ڪلفٽن، ڪياماڙي، منوڙو ۽ هاڪس بي جا دورا ٿيا. زليخا
جنهن ويچاري سڄي زندگي سمونڊ ڪونہ ڏٺو هو، تنهن کي سمونڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي نظارن موهي وڌو، ٽريفڪ جو گوڙ ۽ وڏيون ماڙيون ڏسي جڻ سندس هانءُ ٿي ڦاٿو، لفٽ هُن کي پريشان ڪري وڌو، اکيون ڦاڙي ڦاڙي پيئي ڏنائين تہ ھڪ پيتي پاڻهي پني هيٺ مٿي اچي وڃي ۽ ماڻهو پٽ تان ڏهين ماڙ پهچو وڃن ۽ ڪارون بہ ماڙين تي بيٺيون آهن. زليخا ڏينهن جو شهر جو چڪر هڻي اچي ۽ رات جو جمال کان سوال جواب شروع، هُن سڀ ڪجهہ سمجهائڻ شروع ڪيو ۽ آهستي آهستي اِهيَ ڳالهيون هُن لاءِ عام ٿي ويون، ۽ تعجب ڪائڻ ڇڏي ڏنائين. درزين کي نيون ماپون ڏيئي نوان ڪپڙا تيار ٿيا ۽ سينڊل تي ڊانڻ سکي مطلب تہ زليخا جي ٽريننگ شروع ٿي چڪي هُئي. هو ذهين هئي هر معاملي کي يڪدم قبول ڪندي ويئي ڇو تہ هو هتي مستقل رهڻ آئي هُئي، چوندا آهن 'جهڙو ديس تهڙو ويس'. آنٽي خالده کي جمال پنهنجي ٻي شادي جو ٻڌائي چڪو هو، تنهن ڪيس گهر ۾ رهڻ جو سليقو، گيس چلهو ٻارڻ، بجلي جي سامان جو استعمال، غلم غاليچن جي سارُ سنڀال لهڻ جا طريقا، صفائي ۽ سامان کي ترتيب سان رکڻ جا طريقا سيکاريا، مهمان کي چانهہ پيش ڪرڻ، ٽيبل ڪرسي تي ويهي ماني کائڻ ۽ ٻارن کي فيشن جي مطابق ڪپڙا پارائڻ ۽ شهري طريقي سان سندن نيپاج ڪرڻ وغيره سيکارڻ ۾ وقت گذارڻ لڳي. آنٽي جي تہ جڻ بادشاهي ٿي پيئي، جنهن ويچاري تنهن اکين سان نہ ڏٺي، تنهن کي زليخا جهڙي ڇوڪري ملي ويئي، جيڪا سندس حڪم تي وڄ وانگر پيئي وري تہ آنٽي جي سس واري أنا کي سُڪون ملندو هو. حقيقت ۾ زليخا شهري آداب سکڻ لاءِ آنٽي جي حڪم جي بجا آوري آئيندي هُئي تہ جيئن صبحائي جمال اينن تہ نہ چئي سگهي تہ آخر جٽ آهين، هتي رهڻ جي قابل ناهين. هُن سوچي ورتو هو تہ جمال کي ڪڏهن بہ انهن اکرن چوڻ جو موقعو نہ ڏيندس. زليخا بہ وڏي چالاڪ ڇوڪري هُئي ڪڏهن ڪڏهن آنٽي خالده جي مٿي ۾ تيل وجهي ڏاڍي تري هڻي سندس وارن جون ڇڳون ٻڌندي هُئي تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آئي صفا ٿري پوندي هُني. ڪڏهن جيڪڏهن بت ۾ سُور جي شڪايت ڪيائين ته زليخا زور به ڏيني جڏيندي هئس. بس آئي ته بلڪل زليخا جي جڻ قائل ٿي ويني، هُن کي پاڻ سان گڏ بازار مان سودو سلف وٺڻ سيکارڻ لاءِ وٺي ويندي هئي ۽ ڀين پاڙي وارين سان سندس تعارف ڪرائيندي وتندي هئي. بس آئي خالده ۽ زليخا جي اِها روز جي ڪيتي هئي اهڙي نموني زليخا باقاعده شهري ڇوڪري ٿيڻ لڳي. هُن جي ڳالهائڻ، اُٿڻ، ويهڻ ۾ فرق اچي ويو، هاڻ ڪير به ٿي چئي سگهيو ته زليخا ڪا ٻهراڙي جي ڇوڪري آهي.

جمال جي ڊيوٽي تي چڙهڻ ۾ اجان به ڏينهن هئا ته هو پنهنجي پوزيشن معلوم ڪرڻ ويو ته جنرل مئنيجر صاحب جيڪو وعدو ڪيو هو ته موڪل تان موٽڻ بعد نيون ذميداريون سنڀالڻ لاءِ تيار ٿي اچجان.... ڇا ڪجهه ڪم اڳتي وڌيو يا نه....

ڪمپني جي دفتر ۾ پهچڻ تي جنرل مئنيجر صاحب جمال کي راڌايون ڏنيون ته بورڊ آف ڊائريڪٽرس سندس پروموشن منظور ڪئي ۽ ڪمپني سيڪريٽري سندس آرڊر به جاري ڪري ڇڏيو آهي، جمال خوشي کان ديوانو ٿي ويو. جنرل مئنيجر سندس نئين آفيس ۽ نين ذميدارين کان واقف ڪيو، سندس ڳري پگهار ۽ سهوليتن جو ذڪر ڪيو ته جمال وڌيڪ خوش ٿيو. ڪمپني جي طرفان ڪار بغير ڊرائيور، ٽيليفون، ميڊيڪل سهوليتن ۾ اضافو، هڪ فرج هڪ اينر ڪنڊيشنڊ، ۽ هڪ نوڪر گهر ۾ رکڻ جي اجازت ۽ اهي سڀ اخراجات ڪمپني برداشت ڪندي. جمال جي زندگي ۾ بهار اچي ويني، هن سمجهيو ته شايد زليخا سندس گهر ۾ لڇمي ٿي آئي آهي. هتان شادي ڪيم، هوڏانهن ترقي ۽ هيترين سهوليتون... گهڻين ڪمپنين ۾ ملازمن کي تمام گهٽيون سهوليتون ڏنيون وينديون آهن ته جيئن ملازم معاشي طور تي مطمئن هجي، ڇاڪاڻ ته انهي ۾ ڪمپني جي بهتري آهي، پوءِ ملازم پنهنجي پوري قوت ۽ اهليت ڪمپني لاءِ وقف ڪري ڇڏين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ ڪمپني ترقي در ترقي ڪندي ويندي آهي. ڪمپني طرفان شهر جي اعليٰ علائقي ۾ بنگلي جي آفر به ٿي پر جمال مؤدبانه طريقي سان اها سهوليت قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو، ڇو ته هُن کي احساس هو ته زليخا پهرين فليٽ جي زندگي ۽ شهرين جو اُٿڻ ويهڻ سکي، ڪجھ پڙهي به وٺي. جمال زليخا کي الف ب کان پڙهائڻ به شروع ڪيو هو ته جيئن پوءِ بنگلي ۾ منتقل ٿيڻ مهل پريشاني نه ٿيندي. واقعي ٻهراڙي ۽ شهري ڇوڪري ۾ ڪيترو نه فرق آهي، ڇو ته ٻهراڙين ۾ ڇوڪرين کي پڙهائڻ عيب سمجهيو ويندو آهي ۽ ڇوڪرا پڙهي جڏهن ڪجھ مٿي ٿا اچن ۽ شهرن ۾ ملازمت يا ڪاروبار جي سلسلي ۾ آباد ٿين ٿا ته ٻهراڙي جي ڇوڪري کي هو صرف اِنهي ڪري قبول ڪرڻ کان انڪار ڪندا آهن ته هو شهري ڇوڪري جي مقابلي ۾ پوئتي هوندي آهي. جيڪڏهن هن کي به تعليم جي زيور سان آراسته ڪيو وڃي ته شايد اُنهن کي قبول ڪرڻ ۾ ڪير به دل نه هٽي.

جمال جي موڪل ختم ٿي ۽ هُن پنهنجي نئين آفيس ۽ نئين ذميداري سنڀالي، عبيدالله صاحب ته سندس موڪل جو پورو شيڊول آفيس مان پڇي آيو هو، سو ٻئي ڏينهن جمال جي فليٽ تي اچي وارد ٿيو. جمال سندس آڌر ڀاءُ ڪيو ۽ ويهاريائين، پاڻ ٿوري دير لاءِ اجازت وٺي ڪمري کان نڪري ويو ته جيئن زليخا کي مهمان لاءِ چانهه جو چوي. جمال وري ڪمري ۾ آيو ۽ عبيدالله پرچاءُ جون خبرون شروع ڪيون پر جمال تي عبيدالله صاحب جي تقرير جو ڪو اثر ڪونه ٿيو، ويٺي خاموشي سان ٻڌئين. هُن کي بس اِهو انتظار هو ته زليخا اچي عبيدالله صاحب کي چانهه پيش ڪري ته جيئن سندس شادي جو راز عيان ٿئي، ۽ پوءِ جمال کي سندس شادي جي باري ۾ ٻڌائڻ ۾ آساني ٿيندي. ٿوري دير ۾ زليخا ڪمري ۾ چانهه کڻي داخل ٿي، عبيدالله صاحب نئين ڇوڪري کي پيرن کان وٺي چوٽي تائين غور سان ڏٺو ۽ ڪيس تڪيندو رهيو ۽ سندس وات مان نڪتو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

'هي ڪير آهي؟!.'
'منهنجي زال آهي.' جمال جواب ڏنس.
'ڇا تو ٻي شادي ڪري ڇڏي!!.' عبيدالله باهه ٿي ويو.
'ها!!... منهنجي هن زال جو نالو زليخا آهي.' جمال آرام سان
پنهنجي زال جو تعارف ڪرايو ته عبيدالله ڪاوڙ مان صوفه تان
اٿي بيهي رهيو ته جمال يڪدم چيس.
'چاچا ويهو.... چانهه ته پيو.'
'آئون هتي چانهه پيڻ ڪونه آيو هنس، جمال تو تمام غلط ڪم
ڪيو آهي، تو منهنجي ڇوڪري جي زندگي تباهه ڪري ڇڏي.'
عبيدالله ڪاوڙ مان ائين الفاظ چئي ڪمري مان نڪري هليو
ويو. جمال ۽ زليخا کيس ڏسندا رهجي ويا ته جمال کان زليخا
پڇيو.
'هي ڪير آهي.'
'منهنجي پهرين گهر واري فريده جو پيءُ.' جمال آرام سان جواب
ڏنو ته زليخا وري يڪدم پڇيس 'ڇا تو چوي؟.'
'ڇا چوندو.... ناهه لاءِ آيو هو.... راڻا رسندا آهن ته وري
پرچندا ناهن زليخا.' اهي جملا زليخا لاءِ سبق هئا. واقعي مڙس
جي دل سڀ برداشت ڪري سگهي ٿي، باقي پنهنجي عزت ڪنهن
ٻئي غير سان ڏسي نٿي سگهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"آئون چوان ٿي در کول. . . . هي گهر منهنجو آهي."

"تنهنجو هو. . . هاڻ منهنجو آهي." زليخا ٺهه پهه جواب ڏنس تہ فريده جي دل کي ڌڪ لڳو. هن سوچيو واقعي هي هِن جو بہ تہ ٿي ويو آهي. تنهنڪري سندس منهن تي مايوسي وري ويني ۽ منٿن تي لهي آئي.

"مهرباني ڪري در کول. . . . مونکي منهنجا ٻچا ڏيکار. . . . ."

عورت جي دل ڪمزور ٿيندي آهي، پهرين تہ زليخا جي دل نرم ٿي پيني، پر هوءَ ٻارن کي پيار ڏيني پنهنجو ڪري چڪي هني، تنهنڪري پنهنجو نيپاج پيارو هنس. يڪدم جواب ڏنائين

"تون هن در جي چانئٺ بہ اُڪري نٿي سگهين." ۽ ڪاوڙ مان در بند ڪري ڇڏيو تہ ڪاوڙ مان فريده در تي ڌڪ هڻڻ لڳي ۽ مايوس ٿي پيني.

جمال بہ آفيس مان واپس وريو، هيٺ رحيم کي ڏسي هن کي شڪ پيو تہ ڪجھ معاملو ضرور آهي، سو تيز تيز چاڙهين تي چڙهي جڏهن سندس فليٽ وٽ پهتو تہ فريده سندس سامهون هني. سندس حالت تي هُن کي رحم اچي ويو، سندس سفيد رنگ ڪارو ٿي ويو هو، سندس اکين جي گرد ڪارا چالا پنجي ويا هنا. فريده جي جڏهن جمال تي نظر پيني تہ ٿوري دير لاءِ هن سنگدل کي ڏسندي رهي ۽ منٿ ڪندي چيائين. .

"مهرباني ڪري. . . مونکي پنهنجا ٻار ڏي."

"ٻار منهنجا آهن ۽ مون وٽ رهندا." جمال ٺهه پهه جواب ڏنس

"تون مونکي ستائين ٿو. . . مون سان تون خوامخواه وڙهئين. . . صرف انهي ڪري جو توکي ٻي شادي ڪرڻي هني." فريده غمگين لهجي ۾ شڪايت ڪني.

"اهو منهنجو پنهنجو مسئلو آهي. . . آئون هڪ تہ ڇا. . . . ٿي شاديون بہ ڪري سگهان ٿو." جمال جي اِنهي جواب سندس دل تي خنجر وارو ڪم ڪيو.

"تو تہ دل ناري. . . پوءِ منهنجي زندگي ڇو تباهہ ڪيني." فريده

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏک مان چيو
'تو پنهنجي زندگي پاڻ تباهه ڪئي آهي... منهنجو اِنهي ۾ ڪو ڏوهه ڪونهي.' جمال پنهنجي صفائي پيش ڪئي ته فريده تعجب مان پنهنجي طرف اشارو ڪندي چيو.
'جا منهنجو ڏوهه آهي!!!'
'ها!.... مڙس سان دعا ڪرڻ واري عورت جي هميشه اها حيثيت هوندي آهي.' جمال طعنو ڏنس ته فريده وري پنهنجي صفائي پيش ڪندي چيو
'جمال!... تون رڳو مون تي بهتان ٿو هڻين.'
'مونکي خبر آهي.... تون ڪيتري ساڌ پاڪ آهين.... منهنجو منهن وڌيڪ نه کولاءِ... ماٺ ڪري هتان هلي وڃ.'
جمال چوگرد نظر ڦيرائيندي چيو، چو ته گوڙ ٿيڻ تي، پاڙي جون مايون سڀ اچي گڏ ٿيون هيون ۽ تماشو ڏسي تعجب کائي رهيون هيون، هنن کي هيترو وقت معاملي جي خبر نه هُئي پر جهڳڙي جي ڳالهين مان هنن کي اندازو ٿيو ته فريده جو گهر ڦٽي ويو. جڏهن فريده ڏٺو ته جمال هُن کي هتان هليو وڃڻ جو حڪم ڏنو آهي ته فريده پريشان ٿي پيئي، سوچيائين ته جمال جي دل ۾ فريده جي محبت جي نگري تباه ٿي چڪي آهي، تنهنڪري مايوس ٿي هٿ ٻڌائين ۽ چيائين.
'مهرباني ڪري ... مونکي شهزاد ۽ نائله ڏي.'
ٻار ڏيڻ اهڙو مسئلو هو، جنهن لاءِ جمال بلڪل تيار نه هو، هن ڏٺو ته هوءَ بلڪل فقيرياڻي ٿي پيئي آهي ۽ خوامخواه در به ڪونه ڇڏيندي، تنهنڪري هن فريده جي ٻانهن ۾ هٿ وڌو ۽ ڇڪيندو چاڙهين کان هيٺ ڌڪڻ لڳس ۽ چيائين 'عزت سان تون نه ويندين، تون پنهنجي بي عزتي ڪرين ٿي.' چاڙهين کان هيٺ لاهيندي جڏهن رحيم هيٺ ڏٺو ته وڌي اچي پنهنجي ڀيڻ کي جمال جي هٿن مان ڇڏايائين.
'ٻري ٿي... جمال ... مون تو جهڙو ڪميڻو ماڻهو نه ڏٺو.'

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رحيم نفرت مان چيس.
'اڙي هل هل!... تو جهڙا اسان ڪنئين ڏٺا، آيو آهي پنهنجي وڏائي ڏيکارڻ.' جمال ڏڙڪو ڏيندي چيس ته رحيم انهي ۾ بهتري سمجهي ته ماڻ ڪري هليو وڃجي. هُن پيٽس فريده کي سنڀاليو ۽ غمن جي پريل هڙ کي ڪٺي ڪار ۾ هٽي روانو ٿي ويو.
هيتري معمولي غلطي ۽ هيڏو وڏو امتحان، فريده سوچي به نه ٿي سگهي، پر وقت آهي، سر تي خبر ناهي ڇا اچيو وڃي.
فريده گهر پهچڻ شرط پاڻ تي افسوس ڪرڻ لڳي، هُن جي مامتا کي ذبح ڪيو ويو هو، هن جي محبت جو مذاق اُڏايو ويو هو. شام ٿي ويني ۽ رات پنهنجو ڪارو ڪمبل اوڍي، ماٺهن کي سمهڻ جي لولي ڏيني رهي هئي، فريده گذريل رات کان نه ستي هني هن جون اکيون جڻ ڦاٽيون ٿي، سندس دماغ سوچ کان عاري ٿي پيو هو ۽ ڪيس غمن جي ننڊ ويڙهي ويني. بني ڏينهن جڏهن هوءَ ننڊ مان اُٿي ته هُن ۾ نئون حوصلو هو، هاڻي هن پاڻ کي جمال کان آزاد سمجهڻ شروع ڪيو، ماءُ پيءَ جي ڪمزور هٿن ڪجهه نه ڪيو، پاڻُ پنهنجي بي وَسي ڏيکاري، پاجائي ته صفا سندس ويجهو نه اچي، جمال به بيوفائي ڏيکاري. پاڙي ۾ هُن تي ڪاري جا الزام، شبانه جو گهر ۾ اچڻ تي پاڻس جي پابندي، هو آخر ڪنهن سان پنهنجو سُور سَلي، غمن جا جبل هُن جي مَن کي ڏکوئي رهيا هنا، ڪير اهڙو آهي جيڪو هُن جون ڳالهيون ٻڌي ته جيئن هُن جي مَن تان بار لهي. هن سوچيو ته هو ضرور شبانه جي گهر ويندي ۽ هُن سان سُور سليندي. پاڻس جيئن گهران شوروم تي وڃڻ لاءِ نڪتو ته شبانه رڪشو ڪيو ۽ سڌي شبانه جي بنگلي تي آئي، هوءَ به مڙس ناصر کي آفيس لاءِ الوداع چئي، اجان مس ڪمري ۾ گهڙي ته پنيان فريده به ڪمري ۾ داخل ٿي. شبانه پيرن جو آواز ٻڌي پوئتي نهاريو ته فريده بيٺي هني سندس وات مان خوشي کان نڪتو.
'فريده... تون.... مون کي ته اکين تي اعتبار ڪونه پيو اچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ هيتري فراق بعد مون وٽ ايندين، هليا ويھ.“

ٻئي سهيليون ياڪر پاڻي مليون، شبانہ غور سان فريده جو چهرو ڏٺو، جيڪو غمن ڪان پنهنجي زيبائش وڃائي چڪو هو. اکين جي گرد ڪارا نشان..!، شبانہ کي پنهنجي سهيلي کي هن حال ۾ ڏسي ڏادو ڏک ٿيو، پوءِ ٻئي ڪچهري ۾ لڳي ويون. فريده سڀ ڪهاڻي الف ڪان ي تائين بيان ڪري پنهنجي دل تان بار لاٿو ۽ شبانہ کي وڏيڪ ڏک ٿيو. شبانہ کي ياد آيو تہ هُن ناشتو نہ ڪيو آهي تہ فريده ڪان پڇيائين تہ فريده جواب ڏنس تہ اُن منهنجي لاءِ حرام ٿي ويو آهي....

”ازي گهبراڻي نہ... جو هر ڳالهہ کي دل تي وٺي ويهي رهي آهين... هليا ناشتو ڪريون. سهيلي جي صلاح تي فريده اُٿي ۽ ڊائننگ روم ۾ ناشتو ڪرڻ ويهي رهيون. شبانہ پهرين فريده کي جوس جو گلاس پيش ڪيو، جيڪو فريده پيتو، هُن جي بُت ۾ جان آئي، هُن اينئن محسوس ڪيو تہ جڻ هُن بک هڙتال ختم ڪئي، نوڪر ناشتو لڳايو تہ ٻئي ناشتي ۾ مگن ٿي ويون. انهي دوران شبانہ سوچيندي فريده ڪان پڇيو.

”آخر هاڻي تو پنهنجي لاءِ ڇا سوچيو آهي؟.“

”انهي لاءِ تہ تو وٽ آئي آهيان.“ فريده پنهنجا هٿ شبانہ جي حوالي ڪري ڇڏيا تہ شبانہ سوچ ۾ پئجي ويئي. آخر هن سوچيندي چيو.

”تو وٽ ٻہ راهون آهن... پهرين .... جمال سان تون پاڻ پرچاءِ ڪر ۽ پهاج کي برداشت ڪري پنهنجن ٻارن جي خدمت ڪر، ٻيو تہ... پنهنجن مائٽن ۾ ويهي پنهنجي زندگي ٻنان ڪنهن مقصد جي گذاري ڇڏ.“

”مونکي صرف پنهنجا ٻار کپن... آئون جنهن گهر ۾ راڻي هئس، انهي ساڳيني گهر ۾ نوڪرياڻي ٿي رهان.... نہ ...نہ ... مونکان برداشت نہ ٿيندو.“ فريده وراڻيو.

”فريده زندگي تمام ڏکي آهي... ڏکيا ۽ سکيا ڏينهن سڀ ڏسڻا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پوندا آهن. ٿي سگهي ٿو، ڪجهہ وقت ڪانپوءِ جمال توکي اُهو پيار ڏيني جيڪو تنهنجو حق آهي.' شبانہ وري سمجهائيندي چيس.
'جنهن ماڻهو مونکي بہ دفعا در تان ڌڪاري ڪڍيو آهي، اُنهي مان اُميد رکڻ اجائي آهي.' فريده پنهنجي باري ۾ جمال جي رويي تي تبصرو ڪيو تہ شبانہ جواب ۾ وڌيڪ سمجهائيندي چيو.
'تہ پوءِ ٻار خوشي سان جمال ڪونہ ڏيندو، باقي ڪورٽ ۾ ڪيس ڪرڻ، ... خير ڪيس داخل ٿي ويندو، پر ڪير شنوائي جي حاضري ڀريندو، ظاهر آهي، ننڍي ڪورٽ، پوءِ وڏي ڪورٽ ۾ اپيل... اِنهي عرصي ۾ ٻار جيڪي پنهنجي پيءُ سان رهن پيا... سمجهدار ٿي ويندا ۽ توکي ماءُ تسليم نہ ڪندا، چو تہ هينئر ننڍڙا آهن ۽ زليخا کي پنهنجي ماءُ جي حيثيت ۾ ڏسي رهيا آهن.'
'آخر آئون ماءُ آهيان .... منهنجو رت مونکي نہ سڃاڻندو.' فريده جذباتي ٿي پيئي تہ شبانہ وري سمجهايس.
'رت ضرور پنهنجو اثر ڏيکاري ٿو، پر تربيت جو بہ وڏو اثر آهي، هنن ٻارن کي ڪجهہ وقت ڪانپوءِ ڪهڙي خبر تہ تون هنن جي حقيقي ماءُ آهين. فريده کي شبانہ جي ڳالهہ دل سان لڳي، واقعي تمام ڏکيو سفر آهي، آئون ٿڪي پوندس، فريده سوچيو ۽ چيائين.
'آخر... آئون ڇا ڪريان.'
'رستا مون توکي ٻني ٻڌائي ڇڏيا... وڌيڪ سوچڻ تنهنجو ڪم آهي، چو تہ زندگي توکي گذارڻي آهي، باقي مونکان جيڪا بہ مدد گهرندين، آئون حاضر آهيان.' شبانہ پنهنجيون خدمتون پيش ڪيون تہ فريده کي سوچ کان ٿڪي مسڪراهٽ لبن تي پکڙي ويني ۽ سندس شڪريو بجا آڻيندي چيو.
'تنهنجي وڏي مهرباني شبانہ.... باقي مونکي هاڻي واقعي فيصلو ڪرڻو پوندو تہ آئون ڪهڙي گهر ۾ رهان... مونکي تہ ائين محسوس ٿو ٿئي تہ ٻني گهر منهنجي لاءِ پرايا ٿي ويا. ٻاڄائي ۽ ٻاءُ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو رويو بہ صحيح ناهي، والدين ڪيترو سات ڏيندا... ويچارا پوڙها آهن، اڄ يا صبحاڻ جا مهمان.“ فريده چيو تہ شبانہ ورندي ڏنس.

”انهي صورت ۾ ياءُ رحيم تنهنجي ٻي شادي نہ ڪرائي ڇڏي.“ شبانہ جي انهي جملي فريده جي ذهن ۾ ڇڻ ڌڪ هنيو. ٽنين گهر جو تصور هن لاءِ پريشان ڪُن هو.... سوچ ۾ پنهجي ويني تہ ائين بہ ٿي سگهي ٿو، ياءُ ڪيترا ڏينهن ويهاريندو...آخر ماڻهو چوندا... جوان آهي، هيو حق ڪري سگهي ٿي تہ فريده جي وات مان غير ارادي طور نڪتو.

”تہ ڇا آنون طلاق وٺان.“

”منهنجو مطلب اهو ناهي“ شبانہ چيس... پر جيڪڏهن ائين ٿيو تہ ظاهر آهي توکي طلاق وٺڻي پوندي... پوءِ اهو نہ سمجهجهان تہ مڙس ڪو جمال جهڙو ملندئي... طلاق شده کي مڙس بہ پوڙها يا نڪمو ملندا آهن، جن کي ڪير سنگ نہ ڏيندو آهي ۽ اُهي طلاق شده عورتن جي حصي ۾ ايندا آهن... پوءِ زندگي پهرين ڪان بہ سورن ۾.“

”تون تہ اڄ بلڪل عقلمندن واريون ڳالهيون پئي ڪرين.... سماجي فلسفي تي سُٺي ليڪچرر آهين“ فريده سندس تعريف ڪئي تہ شبانہ مسڪرائي ڏنو ۽ چيائين.

”ڇڏِ اهي ڳالهيون.... پنهنجي منهن سوچي ونجان...پوءِ صلاح ڪنداسين، منهنجو در تنهنجي لاءِ هميشہ کليل آهي... هل تہ ڪمري ۾ ويهي وي سي آر تي فلمون ڏسون، تنهنجي بہ دل هلڪي ٿئي.“

ناشتو بہ ختم... تہ فريده جي باري ۾ سوچ بہ ختم...

ٻئي اُٿيون ۽ ڪمري ۾ هليون ويون. شبانہ پنهنجي پياري سهيلي جي دل وندرائڻ لاءِ سندس ڪيسٽن جي لائبريري ڏيکاري، جتان فريده جي پسند جون ڪيسٽون ڪڍيون ويون. فريده بہ فلمن ڏسڻ ۾ مگن ٿي ويئي، هڪ نہ پر... هڪ ساهي بہ فلمون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏنائين ، هُن کي وقت جو احساس نہ رهيو، لنچ بہ اُتي ئي ۽ وچين ڏاري هو شبانہ کان موڪلائي پنهنجي گهر ڏانهن رواني ٿي. گهر پهچڻ تي هُن پاڻ کي تمام هلڪو محسوس ڪيو، جڻ ذهن تان بار لهي ويو. پاڇايس پڇيس ڪيڏانهن ويني هنين؟.. تہ فريده وراڻيو، شبانہ ڏانهن ويني هيس. ائين چئي هو پنهنجي ڪمري ۾ هلي ويني، هن اڄ گهڻي وقت کانپوءِ خوشي سان غسل ڪيو، ڪپڙا پهريا ۽ هلڪو ميڪ اپ بہ ڪيو ۽ آرام سان ليٽي پيئي.
رات جو جڏهن پاڻس رحيم گهر ۾ آيو تہ جوڻس نسيم ٻڌايس تہ اڄ فريده وري شبانہ جي گهر ويني هئي، حالانڪ تو روڪيو هنس ، واپس آئي تہ خوش هئي، ڏاڍو وهنجي سهنجي هار سينگار ڪريو ويني آهي!... رحيم جيڪو اڳيئي تلهي دماغ جو ماڻهو... مٿان جوڻس جي دل جلي اطلاع... ڪاوڙجي پيو ۽ سڌو فريده جي ڪمري ۾ ويو، جتي فريده آرام سان هڪ رسالي کي پڙهي رهي هئي.
"تہ اڄ وري پراڻي عشق ستايو ۽ هلي وئين ملاقات ڪرڻ." رحيم ڪاوڙ مان چيس.
"جا مطلب!؟" فريده جون اکيون ڦاٽي پيون.
"شبانہ جي بهاني سان شفيق سان ملڻ ويني هئين." رحيم جواب ڏنس. فريده کان چرڪ نڪري ويو تہ هي وري کهڙي مصيبت... اڃا هڪ باهہ مان جان ڪونہ ڇڏائي سگهي آهيان تہ ٻي مصيبت.....!!.
"مونکي غلط نہ سمجهو... گهڻو وقت ٿيو هو تہ آئون شبانہ سان نہ ملي هئس ، هن گهر ۾ مونسان ڪير سڌي منهن ڪونہ ڳالهائي... پوءِ شبانہ وٽ وڃي پنهنجا سُور رنس ۽ هن ويهاري ڇڏيو، انهي ڪري دير ٿي ويني."
"ها واپسي ۾...غسل خاص.. بہ ٿيو، واقعي جمالُ صحيح آهي، تون واقعي پنهنجو سلسلو اجان هلائين پئي،، رحيم پنهنجي شڪ کي زبان تي آندو تہ فريده جون متيون منجهي پيون. هوءِ اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سوچي به نٿي سگهي ته ٻاءَ به مٿس شڪ ڪندو“ چيائين، ‘ادا... توکي پنهنجي پيءُ تي ايڏو وڏو الزام نه هڻڻ گهرجي. سچ هميشه زهر لڳندو آهي“. رحيم ائين چئي ڪمري کان نڪري ويو ۽ وڃي پٽس ۽ ماٽس کي داستان ٻڌايائين، جيڪي ويچارا هاڻ پنهنجي پٽ کان ملندڙ پينشن تي هئا... مجبور ٿي ماٺ ڪري وينا رهيا ۽ خاموشي سان سڀ ڪجهه ٻڌي پنهنجي منهن ڪجهه وقت غور ڪري چپ رهيا.

فريده اڃان هڪ طوفان جي گهيري سان نه نڪتي هئي ته ٻئي طوفان جون سخت هوائون گهيري ويس. هڪ در تان ڌڪا مليا ته ٻئي در تان مهڻا... اِنهن مهڻن کان ته موت اچي رجي.... فريده پنهنجي منهن وڙلڻ لڳي. ٻئي ڏينهن پٽس ۽ ماٽس به ڪيس سمجهايو ته توکي شبانه جي گهر نه وڃڻ گهرجي ها. ڏسين ٿي ته اِنهي گهر اسان جي گهر تي مصيبت آندي. فريده وراڻيو.

‘شبانه هڪ صاف دل ۽ صاف گو ڇوڪري آهي... هوءَ ڪنهن جي برائي ۾ ناهي، توهان هُن تي هرويرو شڪ ٿا ڪريو ۽ وڌيڪ مون شفيق جي شڪل ني ڪونه ڏٺي.“ فريدهؓ جي وڪالت تي پٽس تي ڪو اثر ڪونه ٿيو ۽ چيائين.

‘توکي پنهنجي گهر جي حالات جي مطابق هلڻ گهرجي، هتي جا حالات اها اجازت ٿا ڏين ته تون شبانه سان ملين.“

‘هي گهر به منهنجي لاءِ جهنم ٿي ويو آهي... پاڙي وارين جا تبصرا، ٻاءُ ۽ ڀاڄائي جو سخت رويو ۽ مٿان توهان مائٽ به مونکي اينن ٿا چنو... ته پوءِ ڇ آئون پٽن سان ڳالهايان... آئون نه بلڪل جيل ۾ بند ٿي ويٺي آهيان“ فريده شڪايت ڪئي ته پٽس ۽ ماٽس وٽ ڪو جواب نه ٿي سگهيو.

‘امان... پنهنجو گهر اٿني... ڪهڙي تڪليف آهي.“ ماٽس سمجهائيندي چيو.

‘ماڻهو کي صرف ماني نه کپي... پيٽ ته ڪُتا به پيا پارين..

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آئون انسان آهيان… مونکي انسانن وارا حق کپن.“ فريده جي انهي فلسفي ماٺس کي منجهائي وڌو، هن وٽ ڪو جواب نہ هو.

”نيڪ آهي تون ڏکايل آهين… پر پنهنجا پير جهل.“ عبيدالله سمجهائيندي چيو ۽ پنهنجي زال سان گڏ ڪمري مان نڪري ويو. اهي پٺس جا اکر سمجهائي سان گڏوگڏ ڌمڪي بہ هني، جنهن کي فريده دل جي گهراين تائين محسوس ڪيو. ڏينهن گذرندي ويا ۽ بيقراري ۾ اضافو ٿيندو ويو، نہ دل کي چين نہ ذهن کي سڪون… هي ڇا زندگي آهي، هوءَ پنهنجي زندگي جي هر پهلو تي سوچڻ لڳي. جمال جي در تي زندگي گذارڻ کان تہ بهتر هو تہ مائٽن جي در تي رهي، پر هاڻ تہ مائٽن جو در بہ تنگ ٿيڻ لڳو هو. شبانہ ساڻ هنن کي کهڙو وير آهي… هُن ڪيس ڪڏهن بہ غلط رستو اختيار ڪرڻ نہ ڏنو، هميشہ هِن جي ڀلائي ۾ سوچيندي آهي. هُن جو ذهن ڪڏهن ڪڏهن پاڻ تي ملامت ڪندو هو تہ شايد تون سادي آهين، زماني جي اُٽي ويٺي… توکي سمجهہ ۾ نٿي اچي، تنهنڪري ڦٻال وانگر هر ڪنهن جا ٺڏا کائيندي رهين ٿي ۽ هوشيار رانديگرن جي راند هميشہ طويل ٿيندي ويندي آهي ۽ گول مان بال ڪڍڻ مشڪل آهي. هُن جو ذهن ٻين جي باري ۾ گهٽ پر جمال جي باري ۾ زياده سوچيندو رهيو، ٻي شادي ڇا سندس ضرورت هئي؟… ڇا واقعي هُن ٻي شادي ڪرڻ ٿي گهري جنهن ڪري هُن کي گهر مان معمولي سبب ڪري نيڪالي ملي… هو ظالم آهي… هُن ٻي شادي ڪري منهنجي دل ساڙي آهي… آئون بہ ٻي شادي ڪري بسندس دل ساڙيندس. هُن جو ذهن غلط رستي ڏانهن سوچڻ لڳو. ها… ها! مان ٻي شادي ڪنديس… هيڏي ساري زندگي ڇا صرف يادن جي سهاري گذاريان… هو پنهنجي زال سان خوش زندگي گذاري ۽ آئون سَتي ٿيو پنهنجي باهہ ۾ پاڻ جلان…. نہ… نہ… ! آئون ٻي شادي ڪنديس… ۽ … جمال کان طلاق وٺندس.. ها … طلاق … طلاق……. طلاق هڪ اهڙو لفظ

آهي جيڪو مشرقي روايت ۾ عورت لاءِ گار آهي، پلي عورت جي زندگي زهر هجي.... پر طلاق وٺڻ جي ڪير بہ حماقت نہ ڪندو ڇو تہ مڙس مجازي خدا آهي ۽ اُنهي جي انڪاري ڪي هن دنيا ۾ ڪٿي بہ پناه نہ ملندي آهي. هوءَ سوچيندي رهي... ڇا هن جا والدين اِنهي ڳالهہ تي راضي ٿيندا تہ آئون طلاق وٺان ۽ ٻي شادي ڪريان... شايد بلڪل نہ... بابا اڃان تاهہ جو آسرو رکيو ويٺو آهي، جيڪو غير ضروري آهي. پاڻس بہ شڪ ڪرڻ لڳو آهي، تنهن ڪي جڏهن خبر پوندي تہ هُن جو شڪ پڪو ٿيندو پوءِ شايد ڪنهن پوڙهي سان پرڻائي پاڻ تان بار لاهي... مائٽ بہ آخري عُمرن ۾ آهن... هنن جو ڪو ڀروسو ناهي... خبر ناهي ڪڏهن اکيون بند ٿي وڃن. هوءَ اِنهي خيالن ۾ سڄي رات سوچيندي رهي، هُن جي ذهن ۾ بغاوت هئي، جمال خلاف خاص طور تي ۽ پنهنجي گهر خلاف معمولي طور تي... هُن سيئي پهلوئن تي سوچيو ۽ فيصلو ڪيو تہ هُن ڪي گهر ڇڏڻ گهرجي ... پر پوءِ ڪٿي سر لڪائيندي... هُن سوچيو تہ نوڪري ڪندي ۽ ڪنهن ملازمت پيشہ عورتن جي هاسٽل ۾ رهندي، گهٽ ۾ گهٽ سندس زندگي تہ آرام سان گذرندي... ڪير مٿائنس آڱر تہ نہ کڻندو، بعد ۾ هوءَ جمال جي خلاف ڪورٽ ۾ ٻارن جي وصولي لاءِ دعويٰ دائر ڪندي. هُن جنگ ڪرڻ جو ارادو ڪري ڇڏيو... جنگ... جنگ... هن جڳ جي خلاف ... جنگ... هن شبانہ سان فون تي ڳالهايو ۽ پنهنجو پلان ٻڌايو... شبانہ کيسي سمجهايس تہ عورت لاءِ سماج خلاف جنگ جوٽڻ مشڪل مرحلو آهي... تون ٿڪي پوندين، انهي ضد تان لهي وڃ... پر فريده جو چوڻ هو تہ هوءَ زندگي جي ٻيڙي کي ڪنهن نہ ڪنهن ڪپ تي لڳائڻ تي گهري .... آخر ڪيترو وقت ڇولين ۾ ميڏانهن هوڏانهن ڌڪ کائيندي رهنديس. شبانہ سمجهائڻ ۾ ۽ فريده پنهنجي ضد تي هئي. آخر ۾ شبانہ کي فريده مٿو ڏيئي ڇيو تہ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”مون سوچيو هو تہ تون منهنجو ساٿ ڏيندين... تو وٽ مهينو کن رهنديس تہ جينئن نوڪري ڳولهي وٺان بعد ۾ عورتن واري هاسٽل هلي ويندس. پر تون مونکي امان نہ ڏيڻ جي خيال کان نصيحتون ڪري رهي آهين تہ متان توتي بار نہ ٿيان.“ شبانہ ڪي انهي مهڻي ماري وڌو، سوچي چيائين.

”فريده... تنهنجي لاءِ منهنجو در ڪليل آهي... باقي پنهنجن مائٽن ڪي پاڻ منهن ڏجان، انهي جي ذميداري ڪونہ ڪٽندس“

شبانہ جي هاڪاري تي فريده ڏاڍي خوش ٿي ۽ چيائين

”نيڪ آهي... بس مونکي چت ڪپي... سڪون ڪپي... خدا حافظ....“

فون تي ڳالهہ ختم ٿي، هاڻي فريده پنهنجي مستقبل جي باري ۾ پلان سوچڻ لڳي ۽ گهر مان نڪرڻ لاءِ واه ڳولهڻ لڳي. سڄي رات سندس ڪمرو روشن رهيو، فريده ڇت ۾ لڳل پکي ۾ اکيون هنيو بستري تي پيئي رهي. هُن جو ذهن پکي جي پرن وانگر زور زور سان گهمي رهيو هو. گهر مان نڪرڻ بعد ۾ مائٽن تي ٿڪ لعنت تہ... ”آخر پڇي ويني“... وڌيڪ شبانہ وٽ امان... معنيٰ... ماڻهو شبانہ ڪي نہ پر شفيق سان ملڻ جي پروپيگنڊا ڪندا تہ ”اصل پيٽ ۾ سُور ئي يار سان ملڻ جو هنس“... هو ڇا ڪري... پر هوءَ پنهنجي ضد تي قائم هني... هاڻي ڀلي دنيا اُٿلي پوي... هوءَ ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور ڪندي. اهڙي زندگي کان موت وڌيڪ آهي. هوءَ اُٿي ۽ قلم پنو ڪڍي خط لکڻ شروع ڪيائين. هڪ پنهنجي پيءَ جي نالي ۽ هڪ جمال جي نالي... خط لکي هوءَ آرام سان ليٽي پيئي. صبح جو سويل هُن سڄي گهر جو چڪر هنيو، پتن ڪان، در ۽ درين ڪان موڪلايو.. تہ دعا ڪجو.. تہ آئون پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب وڃان ۽ وري مونکي توهان ڏي اچڻو ناهي... هوءَ پنهنجي پيءَ جي ڪمري جي ٻاهران اچي بيٺي، در ڪوليو ۽ آهستگي سان ڪمري ۾ داخل ٿي. ماءَ ۽ پيءَ ٻئي آرامي هنا، هن ٽيبل تي پيل پڻس جي چشمي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هيئن خط رکيو ۽ ڪجهه وقت ماٺ ۾ پيءُ کي ڏسندي رهي. هن جي دل مان نڪتو. "بابا... مونکي معاف ڪري ڇڏجان." پنهنجي دل ۾ درد کڻي ڪمري کان نڪري پنهنجي ڪمري ۾ آئي ۽ سامان سوٽ ڪيس ۾ پرڻ لڳي. هوءَ پرعزم هئي پر سندس قدم سندس ساٿ نه ڏيئي رهيا هئا، قدمن ۾ سستي هئي.... پير نه پئي اُٿيا... هوءَ ويهي رهي ۽ پنهنجي حوصلي کي بحال ڪرڻ لڳي، آهستي آهستي هن ۾ خود اعتمادي بحال ٿي ۽ هوءَ تيزي سان ڪمري مان نڪري، گهر جي در کان ٻاهر نڪري آئي. صبح سوير جو وقت، رستن تي ٽريفڪ بلڪل نه هئڻ جي برابر هُئي... هوءَ فٽ پاٿ تي هلڻ لڳي... هڪ پوسٽ ڊٻي ۾ جمال جو خط وجهي... هُن دٻي کي غيرارادي طور ڌڪ هنيا... ڌڪ...ڌڪ..ڌڪ... ڌڪ... هُن کي محسوس ٿيو ته جڻ جمال کي ڌڪ هڻي رهي هجي ۽ پڇي رهي هجي... ته تون هاڻي مونکي ڇا ڪندين!..ڪجهه به نه... مون پنهنجو نئون رستو ڳولهي ورتو آهي....!!

فريده ٽيڪسي کي هٿ ڏنو ۽ سڌو شبانه جي بنگلي تي آئي، جتي اڃا نوڪر ئي مس جاڳيا هئا. بورچي خاني ۾ هُن نوڪر کان پڇيو ته "شبانه جاڳي آهي؟" ته نوڪر هُن کي انتظار ڪرڻ جو چيو ۽ چانهه پيش ڪئي. انتظار ... سوچ... بدنامي جو خيال ۽ گرم چانهه جو ذائقو سڀ هڪ هنڌ هُئا. هوءَ غير شعوري طور چانهه پي رهي هئي، ايتري ۾ شبانه به اُٿي آئي ۽ وٽس سوٽ ڪيس ڏسي سمجهي ويئي ته پڪي پنهنجو آکيرو بدلائي ڇڏيو هن هڪ ڪمرو فريده جي حوالي ڪيو، پنهنجي مڙس کي سچي ڳالهه ٻڌائي اعتماد ۾ ورتو ۽ معمول جي مطابق ڪم ۾ لڳي ويئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

20

صبح جو نند مان اُٿي عبيدالله صاحب، جنهن پنهنجو چشمون ڪنيو تہ اُنهي جي هيٺان خط ڏسي هن کي تعجب ٿيو تہ آخر ڪنهن رکيو آهي. هن جلدي لفافو کوليو ۽ پڙهڻ شروع ڪيائين.

پيارا بابا-

جڏهن تو مونکي ڪنوار ڪري هن گهر مان رخصت ڪيو هو تہ تنهنجي دل ۾ خوشي هئي تہ تنهنجي ڌيءَ جو گهر آباد ٿيندو. پر جڏهن آئون ڏکارجي تنهنجي در تي آيس تہ تون ڪيترو نہ غمگين هئين، اِنهي جو مونکي احساس آهي. پر آئون ڇا ٿي ڪري سگهان... جمال جو در منهنجي لاءِ بند ٿي ويو ۽ تنهنجو در آئون پاڻ پنهنجي لاءِ بند ٿي ڪريان، هي گهر منهنجي لاءِ سوڙهو ٿي ويو آهي، منهنجو ساهہ گهٽجي ٿو، پاڙي واريون مونتي ٽوڪون هڻن، پاءُ ۽ پاجائي جو رويو بہ مونسان نيڪ ناهي، هاڻي تہ هنن مون تي شڪ ڪرڻ بہ شروع ڪري ڏنو آهي. زمانو ڇا چوندو... مون تہ سوچي ورتو آهي، باقي تون ڇا چوندين.... انهي لاءِ مونکي معاف ڪر...!

آئون تنهنجو گهر هميشہ لاءِ ڇڏيو پيئي وڃان، مهرباني ڪري منهنجي پڇا نہ ڪجان. بس آئون ڏکا ڪايان يا خوش گذاريان... منهنجي قسمت... آئون وري توکان ٻيهر معافي ٿي وٺان. مون شيانہ جي گهر رهڻ جو فيصلو ڪيو آهي... جيڪو ڪنهن کي نہ ٻڌائجان، ڪو بهانو ڪري ڇڏجان. اميد اٿم تہ آئون پنهنجو رستو ڳولهي لهندس.

خدا حافظ... غمگين فريده.

خط پڙهڻ شرط عبيدالله جي اکين مان لڙڪن جا نير

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رهي اُٿي هليا، هو پنهنجي ڪمري مان نڪري فريده جي ڪمري ۾ آيو. ڪمرو ويران هو، اُهو پلنگ جنهن تي ڪڏهن فريده ڪنوار بڻجو ويٺي هئي ۽ عبيدالله صاحب ڀيرائي ڏيني پنهنجي ڌي کي رخصت ڪيو. اُنهي ساڳيئين پلنگ تي وري هو ڏڪارجي اچي ويٺي هُئي. ڪيترو نہ فرق هو پهرين فريده ۾ ۽ پوئين فريده ۾... سندس اکين مان وڏيڪ لڙڪ وهڻ لڳا... هُن دل ۾ چيو... 'ڌيءَ... پهرئين دفعا مون توکي رخصت ڪيو هو، ٻئي دفعا تو مونکي رخصت ڪري ڇڏيو.' هوءَ ڪمري مان نڪري آيو ۽ سڌو ڊائننگ روم ۾ ويو، جتي اجان گهر جا فرد ناشتي لاءِ گڏ ٿيا هئا. هو اخبار ڪٽي ورق گرداني ڪرڻ لڳو تہ جوٽس ۽ بعد ۾ آهستي رحيم ۽ سندس زال نسيم بہ اچي ويا. رحيم جا ٻار بہ اسڪول جا تيلها ڳچي ۾ وجهي پهچي ويا، ناشتو شروع ٿي ويو. رحيم جڏهن فريده جي غير حاضري ڏٺي تہ يڪدم سيني ڪان سوال ڪيو.

'فريده اجان ڪونہ آئي آهي!؟'

'فريده هاڻي ڪڏهن ڪونہ ايندي.' عبيدالله سوال جو جواب ڏنس

'ڇا مطلب !' رحيم تعجب مان پڇيو.

'فريده گهر ڇڏي ويئي' عبيدالله جي ايتري چوڻ تي گهر جي سيني ٻاتين جون اکيون عبيدالله ۾ کپي ويون. تہ رحيم ڪاوڙ مان چيو.

'معنيٰ... ڀڄي ويئي.'

'اينئن نہ چئو.' عبيدالله سمجهايس.

'ٻوءِ ڇا چوان... هُن تہ اسان جو نڪ ڪپائي ڇڏيو... آئون تہ ماڻهن کي منهن ڏيکارڻ جي قابل نہ رهيس. آئون هُن کي شُوٽ ڪري ڇڏيندس.' رحيم تمام ڪاوڙ ۾ اچي ويو تہ عبيدالله سمجهايس.

'ٿوري ٿوري ڳالهہ تي ڪاوڙجو پئين... نڪو سوچين... نڪو سمجهين... هوش ڪر.'

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"بابا... جيڪڏهن ڪنهن مونکان پڇيو ته آئون ماڻهن کي ڇا چوندس." رحيم پنهنجي سوال جو جواب گهريو.

"ماڻهن کي چنجان... مڙس جمال وٺي ويس ۽ سندس ڳوٺ ويني آهي، ٻه ٽي مهينا گذرندا... ڳالهه ختم ٿي ويندي... ماڻهن کي ايترو وقت ڪونهي جو رڳو... اسان لاءِ سوچين." عبيدالله سمجهايس ته رحيم ٿورو ٿڌو ٿيو ۽ ورائي پڇيائين "آخر ويني ڪيڏانهن ؟"

"شبانه جي گهر" عبيدالله جواب ڏنس ته رحيم کي جڻ مرچون لڳي ويون.

"شبانه ... شبانه ... شبانه! مونکي انهي نالي کان چڙ آهي." رحيم وڦلڻ لڳو. پر تون هُن جي گهر نه ويندين، فريده پنهنجي نئين زندگي جي ڳولا ۾ ويني آهي، ڪامياب ويني ته ٺيڪ آهي نه ته ماشاالله پڪا ته پنهنجا اٿس، پاڻهي وري ايندي." عبيدالله چيو ته رحيم ماٺ ڪري ڪرسي تان اُٿيو ۽ پنهنجن ٻارن کي چيائين ته هلو ڪار ۾ ويهو ته توهان کي اسڪول ڇڏي اچان ۽ وڃڻ واري ڪيائين ته پنيان عبيدالله وري ورجائي چيس.

"رحيم پٽ... جيئن مون چيو آهي، تيئن ڪجان." اهي نصيحت ٻڌي رحيم جو ڪنڌ جهڪي ويو، ڪو جواب ڪونه ڏنائين ۽ ماٺ ڪري ڪمري مان نڪري ويو.

فريده جو جمال جي نالي پوسٽ ٿيل خط ٻني ڏينهن جمال کي سندس آفيس ۾ مليو، جمال خط کولي پڙهيو. اکرن کي هڪ ڏڪ ۾ سڃاڻي ويو ته فريده جا آهن ته يڪدم خط پڙهڻ شروع ڪيائين.

جمال..

تو مونکي ڏاڍا ڏک ڏنا آهن، خبر ناهي اها ڪهڙي نڀاڳي گهڙي هئي، جو تو مون ۾ شڪ ڪري مونکي گهر نيڪالي ڏيئي ڇڏي. مونکان پنهنجي محبت به ڦري ورتئي ۽ مون کان منهنجا ٻار به ڦري منهنجي ماءُ کي به زخمي ڪيو اٿئي. تو مونکي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڌڪا ڏيني گهر مان ڪڍيو، منهنجي بي عزتي ڪئي، آنون توکي ڪڏهن بہ ڪونہ بخشينديس. خبر ناهي توکي بہ شادي ڪرڻي هئي، تنهنڪري مونسان سخت رويو رکيو تہ جيئن آنون خاموشي سان تنهنجي رستي تان هٽي وڃان... خير توکي بہ شادي مبارڪ هجي. آنون پنهنجن مائٽن جي در تي بہ ڌڪي آهيان، بابا تو رڻ صلح لاءِ آيو، پر تو هن جي بزرگي جو خيال نہ ڪيو. هاڻي مون سوچيو آهي تہ مائٽن جي در تي ڪيترو ويهنديس، تنهن ڪري پنهنجي نئين زندگي جي تلاش ۾ مائٽن جي گهر کي الوداع چئي وڃي رهي آهيان... وڏيڪ منهنجي قسمت... خدا ڪري خوش هجين.

خدا حافظ... غمگين فريده.

جمال خط پڙهي پورين تہ نفرت کان ٽيبل جي دراز ۾ اڇلي ڇڏيو، پر وري ڪٿي پڙهڻ لڳو ۽ هڪ هڪ اکر تي ويچار ڪرڻ لڳو... معنيٰ هو مائٽن جو گهر ڇڏي ويئي هلي... پر ڪيڏانهن؟ انهي سوال جو جواب خط ۾ نہ هو... هو پريشان ٿي پيو... ڪٿي چا بہ هو... فريده هئي تہ هن جي نڪاح ۾... قانوني زال هئي. هن ڪان ڪرسي تي وينو نہ ٿيو ۽ جلد آفيس مان نڪري ڪار ۾ چڙهي عبيدالله جي گهر آيو. عبيدالله جي نظر جڏهن جمال تي پيئي تہ هُن کي ڪو تعجب نہ ٿيو. جمال ڪمري ۾ گهڙڻ شرط پڇا ڪئي "فريده ڪيڏانهن ويئي آهي؟"

"جمال تو ڏاڍي دير ڪئي... فريده هاڻي هن گهر ۾ ناهي". عبيدالله ڏک ڀريئي انداز ۾ چيو.

"پر آخر ڪيڏانهن ويئي؟" جمال وري سوال ڪيو.

"منهن ڪري ويئي هلي... هو ويچاري ڏاڍي ڏکايل هئي، هُن کي توسان تمام گهڻي شڪايت هئي جمال! عبيدالله جو گلو ڀرجي آيو. جمال ٿوري دير لاءِ ڪکو وکو ٿيو ۽ پاڻهي هڪ صوفہ تي ويهي رهيو.

"پر چاچا ... آخر ويئي ڪيڏانهن!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"شبانہ جي گھر!!" عبيدالله مختصر چيو تہ جمال ڪاوڙ مان وري صوفہ تان اُٿي بيھي رھيو ۽ چيائين.

"معنيٰ ... شفيق سان ملڻ ويني آھي."

"ائين نہ چئو جمال!... فريده نيڪ ڇوڪري آھي." عبيدالله سمجھائيندي چيس پر جمال ڪاوڙ ڪان ڪمري مان نڪري ويو. پوءِ آفيس بہ نہ ويو ۽ سڌو پنھنجي گھر ھليو آيو ۽ پلنگ تي اچي ڪريو. ھوءِ غصي ڪان بي حال ھو، سندس شڪ کي وڌيڪ تقويت ملي، ھاڻ تہ گڏ زندگي گذارڻ بلڪل مشڪل ھو. ھوءِ سوچڻ لڳو... شبانہ جي گھر معنيٰ شفيق جي گھر ويئي آھي... معنيٰ تہ سندس تعلقات اڃان جاري آھن، مائٽ بہ مجبور آھن جن روڪيو بہ ڪونہ... باقي پٺس عبيدالله رڳو خوامخواه مون وٽ اچي وڪالت ڪندو ھو. آخر ڦاٽنس پڳي... مون تہ ڪيس اڳي سچائي ورتو... جمال انھي سوچ ۾ ھو تہ سندس زال زليخا کي احساس ٿيو تہ غير ضروري ھوءِ پلنگ تي اچي ستو آھي. شايد مٿي ۾ سور اٿس تہ ھو سندس مٿي کي ھلڪا ھلڪا زور ڏيڻ لڳي. زليخا جا نرم ھٿ سندس روح کي تازو ڪرڻ لڳا. جمال کي ائين محسوس ٿيو تہ زليخا جا ھٿ فريده جي خيال کي آھستي آھستي سندس دماغ مان نچوڙي ڪڍي رھيا آھن ۽ مسڪرائي اُٿي وينو. ٻنھي گڏجي ٻنھرن جي ماني کاڌي، جمال آفيس فون ڪري ٻڌائي ڇڏيو تہ ھوءِ آفيس واپس نہ ايندو.

اشرف جيڪو جمعائي چنڊائي جمال جي گھر سائٽس ڪچھري تي ايندو ھو سو اڄ بہ بمعہ بيگم صفيہ جي اچي لٿو. زليخا تہ اشرف جي منھن نہ لڳندي ھُني، تنھنڪري پنھنجي ڪمري ۾ رھي تہ صفيہ بہ اوڏانھن ھلي ويئي. اھڙي نموني ٻنھي پراڻن يارن کي پنھنجي منھن اڪيلائي ۾ گفتگو ڪرڻ جو موقعو ملي ويو. اشرف جمال کان پڇيو "ڀاڀي فريده جي ڪا خبر."

"بس خبرون نہ پڇ يار." جمال ٿڌو شوڪارو ڀريو "زندگي جو گاڏو ڪيئنءَ پيو ھلي ..... ڇا ٿيندو ... ڇا ٿي رھيو آھي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انسان اُنهي کان بي خبر آهي. بس انسان پنهنجي ضد تي قائم آهي ته سب ڪجهه هُن جي هٿ ۾ آهي، پر هُن جي هٿ ۾ ڪجهه به ڪونهي.' جمال فلسفو پيش ڪيو ته اشرف جي مٿي تان مٿان گذري ويو.

'آئون پاڻي جو پڇي رهيو آهيان... نه... زندگي جي گاڏي جو.' اشرف وري دهرايو ته جمال سمجهيو ته واقعي اشرف کي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي ته جمال وري چيو.

'اڄ آئون سندس گهر ويو هئس... خبر پئي ته فريده پٽس جو گهر ڇڏي ويئي ۽ شبانه ... معنيٰ ... تو واري سيٺ شفيق جي گهر هلي ويئي.

'پر ڇو؟' اشرف وڌيڪ تفصيلات معلوم ڪرڻ لاءِ پڇيو

'بس سائين... تو وارا سيٺ زور آهن... پئسو آهي. هُن کي بادشاهي ٿي گهرجي... تنهنڪري ويئي هلي، منهنجي گهر ۾ بک ڪونه ٿي مُئي... پنهنجو فليٽ.. ڪار ۽ گهر ۾ هر شيءِ موجود... پر مون وٽ بنگلو ڪونهي... در تي نوڪر ڪون آهن. پر اِهي سهوليتون هاڻي مونکي ملڻ واريون آهن... تڏهن به آئون سيٺ ناهيان... آخر ته ملازم آهيان.' جمال پنهنجي دل جي باهه ڪڍي ته اشرف ٻڌي ٿڌو ساهه کنيو.

'ڏسڻ ۾ ته اهڙي ڪونه هئي... اڳي کهڙي محل ۾ رهندي هُئي، پٽس جي گهر کان وڌيڪ ته تو وٽ سکي هئي.' اشرف چيس

'پر منهنجو گهر هُن جي خوابن جي دنيا نه هئي، اڄڪلهه عام آهي غريب گهرائن جون ڇوڪريون به وڏن گهرن ۾ اکيون هڻيون ويٺيون آهن' جمال چيو.

'ڇوڪرن جي اِها حالت آهي... پاڻ سڄا ڦريا پيا آهن... کهڙائي جهڙا منهن... وري خيال اميراڻا... فلاڻي هنڌان شادي ڪونه ڪندس... هي ڪونهي.. هو ڪونهي.' اشرف وري مردن تي حملو ڪيو ته جمال چيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

'سچ تو چوين… هرڪو بهتر کان بهتر جي تلاش ۾ آهي، پر فريده هڪ اهڙي بلبل آهي، جنهن کي نڪاح جي پيٽي ۾ بند ڪيل آهي، ڪٿي ڪيترو به پڄڻ لاءِ اڏامي پر ڏور جي حد کان وڌيڪ نه اڏامي سگهندي ۽ واپس اچي هٿ تي ويهڻو پوندس.' اشرف انهي ڳالهه کي دل لاتي ٻڌو ۽ سمجهيائين ته شايد صلح لاءِ تيار آهي تنهنڪري پڇيس

'چا تون پرچاءُ لاءِ تيار آهين.'

'رستا جدا ٿي ويا… صلح جو رستو فريده خود بند ڪري ڇڏيو.' جمال چيو

'هوءِ ته صلح ڪرڻ تنهنجي در تي آئي هئي.' اشرف ايترو چيو ته جمال سندس منهن ۾ گهوريو، چو ته فريده ئي اشرف جي شادي ڪرائي هئي، تنهنڪري هُن کي فريده سان همدردي هئي، پر جمال فريده کي هينئر ڪهڙي نظر سان ڏسي ٿو تنهن جو اندازو هن کي نه هو… جمال اشرف جي سوال تي غور ڪري جواب ڏنو.

'هن اينن ڪونه چيو ته مونکي ويهار… آئون تو وٽ رهڻ آئي آهيان. هن ته مونکي ٻي شادي جا طعنا ڏنا ۽ رعب ڪرڻ لڳي ته آئون ٻار وٺڻ آئي آهيان، ظاهر آهي مونکي ڪاوڙ اچي ويئي.'

'تو واري ڪاوڙ ته گهر ٽٽايو، هاڻي هل ته وٺي اچونس' اشرف چيو.

'نه نه!… هاڻ ته آئون بلڪل نه وٺي ايندس… شفيق جي در تي هلان ۽ پرائي بغل مان زال کي ڪڍائي وٺي اچان…. نه نه! اشرف بلڪل نه!… هوءِ ڪاري آهي!!…. ڪاري آهي!!!….' جمال جو منهن ڳاڙهو ٿيڻ لڳو… هاڻ آئون هن کي طلاق ڏيني ڇڏيندس.' طلاق جو لفظ ٻڌي اشرف ٿڌو ٿي پيو… ڏنائين ته همراه هوش کان ويو هليو، تنهنڪري موڪلائي…. جوٽس صفيه کي گڏ وٺي هليو ويو ۽ جمال اڪيلو سوچيندو رهجي ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

21

فريده کي متو لڪائڻ لاءِ چت ته ملي ويني، پر شبانه سندس ونس رهانش کي لڪائڻ لڳي ته جيئن سندس والدين کي خبر نه پوي. اِنهي ڪري هُن سندس مڙس ناصر کي سمجهائي ڇڏيو هو ته بس جيئن فريده کي نوڪري ملي ته هوءَ هلي ويندي، آئون سندس صرف ايتري مدد ڪنديس. ناصر اِنهي ڳالهه تي راضي ٿيو. فريده ٻني ڏينهن شهر جي آفيسن ۾ چڪر هنيا، هُن کي اُستاد ٿيڻ جو شوق هو ته جيئن ٻارن کي پڙهائي پنهنجي ڪُٺل ممتا کي سُڪون ڏيئي سگهي. اِنهي ڪري هُن ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر جي دفتر ۾ درخواست داخل ڪرائي، ۽ ٻيا پرائيويٽ اسڪول به گهميا، جتي اُستادن جي ضرورت هُئي پر ٻين تجربو ٿي گهريو، جيڪو هُن وٽ نه هو. بهرحال اڃان هن کي مَس ٻي ڏينهن شبانه وٽ رهندي گذريا ته گهر جي نوڪرن ۾ چميگويون شروع ٿي ويون. شبانه جي گهر جا نوڪر ۽ سندس والدين جي گهر جا نوڪر ڪم ڪار جي سانگي هڪ ٻني جي بنگلن ۾ ايندا ويندا رهندا هئا. هوءَ پنهنجي عادت مطابق پنهنجن مالڪن جون خبرون هڪ ٻني کي ٻڌائيندا هئا، ته اڄ هي ٿيو، فلاڻا مهمان آيا فلاڻا ويا. اڄ صاحب ناراض هو ته اڄ خوش ٿي ڪيس خرچي ڏني.

شفيق جو معمول هو ته صبح جو آفيس شام ڪنهن ڪلب ۾ گذارڻ بعد رات جو دير سان گهر اچڻ... ڪلب ۾ ڪڏهن ڪڏهن فرزانه سان ملاقات به ٿي ويندي هئس، جنهن سان هن جي شادي ٿيڻ جا سندس مائٽ ڪوششون ڪري رهيا هئا، پر شفيق پير نه پئي جهليا. اڄ جيئن رات جو دير سان گهر پهتو ته نوڪر سندس انتظار ۾ ويٺو هو ته صاحب ماني کائي، راندو تي آرامي ٿني ته ذڪر خير ڪري. نوڪر ماني لڳائي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اجان شفيق بہ گرھہ ُني مس هنيا هوندا تہ سندس نوڪر ڪيس ٻڌايو تہ مون ٻڌو آهي تہ هڪ عورت نالي فريده اڄڪلهہ شبانہ جي گهر رهي ٿي۰۰۰فريده۰۰۰!! جي نالي جي هن کي خبر ڪنهن ٻڌائي. هن بي خبر ٿي پڇيو.

"فريده ڪير آهي؟"

"سائين مون کان وڌيڪ توهان سڃاڻو! اُها ساڳئي۰۰۰ نوڪر ادب سان چيو تہ شفيق سمجهي ويو تہ خبر سڀني کي آهي. هي اينئن سمجهندو هو تہ نوڪرن کي اِنهي ڳالهہ جي خبر نہ هوندي، پر گهريلو نوڪر ڪانگ هوندا آهن. شفيق سندس معلومات جو ذريعو۰۰۰ معلوم ڪرڻ لاءِ وري سوال ڪيو.

"توکي ڪيئنن خبر پئي؟"

"سائين۰۰۰ ناصر صاحب جي نوڪر ٻڌايو تہ هوءِ هڪ ڏينهن صبح سويل سوٽ ڪيس کڻي اچي بنگلي تي پهتي. هُن چانهہ بہ پياريس ۽ بعد ۾ اُتي ني رهڻ لڳي آهي." نوڪر سڄو داستان ڪري ٻڌايس.

"گهڻا ڏينهن ٿيندا؟" شفيق وري سوال ڪيو.

"سائين ٽن ڏينهن جي ڳالهہ آهي" نوڪر جواب ڏنس. شفيق هاڻي ماني بہ ڪائيندو ويو ۽ سوچيندو بہ ويو تہ آخر معاملو ڇا آهي، ڇو تہ شبانہ ڪڏهن بہ وري شفيق کي فريده جي معاملات کان واقف نہ ڪندي هُئي. شفيق ماني ڪائي ورتي ۽ کيسي ۾ هٿ هڻي ڪجهہ پئسا ڪڍيا ۽ نوڪر جي ترِي تي رکيا ۽ چيائين۰۰۰ هي پئسا وٺ۰۰۰ تنهنجي خرچي۰۰۰ صبحائي بابا کي صبح جو ٻڌائجان تہ آئون ڪنهن دوست سان ملڻ ويندس، تنهنڪري دفتر دير سان ايندس.

"ٺيڪ آهي صاحب" نوڪر اينئن چئي، ٽيبل تان ٿانو ميڙڻ لڳو تہ آخر ڇو فريده سندس پيڻ وٽ رهڻ لڳي آهي. حالانڪ سندس پيءَ جو گهر۰۰۰ سندس پنهنجو گهر۰۰۰ پوءِ آخر ڇو!! اِنهي جو جواب هوءِ پاڻ معلوم ڪندو ۽ ٻئي ڏينهن تي پروگرام سوچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سمهي رهيو.
ٻني ڏينهن بنان اطلاع جي شبانہ جي بنگلي تي پهتو، خبر چار ورتائين تہ ناصر آفيس هليو ويو آهي، جيڪو هُن ڪهريو هو سڌو ڊرائينگ روم ۾ وڃي ويهي رهيو. نوڪر جڏهن ٽي، ڪي ڏنو تہ يڪدم شبانہ کي اطلاع ڏنو جيڪا ڀائس سان شفيق کي ملڻ لاءِ ڊرائنگ روم ۾ پهچي ويئي. شفيق ڪافي وقت ونس ويٺو رهيو ۽ شبانہ کيس هوائي خبرن ۾ مشغول ڪرڻ لڳي تہ جيئن هن کي فريده جي موجودگي جي خبر نہ پئي، پر شفيق يڪدم سوال ڪيس.
'فريده ڪٿي آهي؟'
'تنهنجو هُن سان ڪهڙو واسطو! شبانہ جواب ڏنس.
'واسطو ڪونهي ... پر معلوم تہ ڪرڻ گهران تہ هو هتي ڇو رهي ٿي؟ شفيق سوال ڪيس تہ شبانہ منجهي پيئي. هُن کي احساس ٿيو تہ هن کي خبر پئجي ويئي آهي، تنهنڪري ٻڌايس تہ،
'هن کي مڙس گهر مان ڪڍي ڇڏيو آهي، ٻار بہ ڦري ورتائين. مائٽن جي در تي وڃي ويئي، پر هُن سان انصاف نہ ٿيو. هاڻي مون وٽ رهي ٿي، نوڪري جي تلاش ۾ آهي پوءِ شايد وڃي هلي.'
شفيق کي فريده جو داستان غم ٻڌي افسوس ٿيو. ڪجهہ وقت سوچيندو رهيو، آخر وري سوال ڪيائين.
'آخر هُن کي مڙس گهر مان ڇو ڪڍيو؟
'شفيق... تو هن ويچاري جي زندگي تباه ڪئي آهي' شبانہ ٺهہ پهہ چيس
'مون!!، شفيق تعجب مان پڇيو.
'ها تون هن جي برباد زندگي جو ذميدار آهين' شبانہ مٿانس تنقيد ڪئي.
'پر ڪهڙي نموني!' شفيق وڌيڪ معلوم ڪرڻ لاءِ پڇيو .
'نہ تون فريده سان ملين ها ۽ نہ هن جو گهر برباد ٿئي ها.' شبانہ جواب ڏنس.

"پر آئون تہ سندس بهتري ۾ آهيان، مونکي تہ صرف اهو معلوم ڪرڻو هو تہ مونکي ٽن سالن لاءِ ٻاهر ڇو موڪليو ويو ۽ فريده جي شادي ايتري يڪدم ٿي... آخر ڇو؟ هن مونکي جواب ڏيئي مطمئن ڪيو، مونکي هاڻي ڪا شڪايت ڪونهي." شفيق پنهنجي صفائي پيش ڪئي تہ شبانہ جي دل تي بار بيهي نہ سگهيو ۽ ڪيس ٻڌايو.

"بيشڪ.. فريده جي شادي سندس والدين طئي ڪئي هئي، پر توکي ٻاهر موڪلڻ ۾ تنهنجي محبت جو دخل هو. تنهنجو ٻاهر وڃڻ جو پروگرام ايترو پڪو نہ هو تہ مون بابا کي چيو تہ تنهنجي شادي فريده سان ڪئي وڃي، پوءِ ڀلي هوءِ ٻاهر وڃي. انهي جملي بابا ۽ امان کي ناراض ڪري وڌو، جيڪڏهن اها ڳالهہ نہ ڪريان ها تہ شايد توتي ايترو زور نہ پوي ها ۽ ڪمپني ڪنهن منئيجر کي ٻاهر موڪلي ها، پر پوءِ بابا يڪدم منهنجي بہ شادي ڪرائي ڇڏي. هو مونکي اِنهي معاملي جو ذميدار سمجهن ٿا ۽ توکي بہ يڪدم ٻاهر موڪلي ڇڏين تہ جيئن ٽن سالن بعد جڏهن تون واپس اچين تہ تنهنجي ذهن مان فريده جو نالو نڪري ويندو ۽ ايتري ۾ فريده جي شادي بہ ٿي ويندي." بابا پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ويو." شبانہ جي ڳالهہ ٻڌي شفيق سوچ ۾ پئجي ويو.

"معنيٰ سازش هئي... پر فريده مونکي اينءَ نہ ٻڌايو." شفيق چيو.

"هن ويچاري کي اِها خبر نہ هُئي تہ اسان جي گهر ۾ هن جي باري ۾ ڇا سوچيو ويو." شبانہ جواب ڏنس.

شبانہ ۽ شفيق پنهنجين ڳالهين ۾ فريده کي موضوع ٺاهيو ويٺا هُئا، ٿوري دير ۾ فريده ڪمري ۾ اُن چاٺائي سان داخل ٿي، جڏهن هُن جي نظر شفيق تي پيئي تہ واپس ٿيڻ لڳي تہ شبانہ ڪيس ڏسي ورتو، هو سمجهي وئي تہ فريده هاڻي شايد شفيق جي سامهون ٿيڻ نٿي گهري تہ شبانہ چيس.

"گهبرائين ڇو ٿي!... هليا اچي ويهہ." شبانہ اِنهي دعوت تي بيهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رهي ۽ سوچڻ لڳي ته ويهڻ کپي يا نه!!... ايتري ۾ شفيق به آواز
ڏنس.
”فريده ... اچ ويهه.“ به دعوتون فريده کي مجبورن ويهڻو پنجي
ويو.
”مون کي تنهنجو داستان ٻڌي افسوس ٿيو.“ شفيق چيس.
”اها منهنجي قسمت ۾ لکيل هو، سو لوڙهي رهي آهيان.“ فريده
مايوسي مان چيو.
”پر انهي ۾ منهنجو ڪو قصور نه هو... جيڪڏهن به دوست
بڻجي نموني ملي هڪ ٻئي جي دل مان شڪ شبهات کي ڳالهاني
ختم ڪري سگهن ته انهي ۾ اعتراض ته نه ٿيڻ گهرجي.“ شفيق
پنهنجي صفائي پيش ڪئي.
”توهان هر معاملي کي سطحي نموني سوچيندا آهيو، انهي جو نتيجو
جا نڪرندو انهي پهلو تي غور ڪونه ڪريو.“ فريده چيس.
”تنهنجي معنيٰ... تون به مونکي قصور وار سمجهين ٿي.“ شفيق
اعتراض ڪندي چيو.
”بلڪل.. اها خبر ڪهڙي هني... نه تو سان ملان ها نه
مون تي هي طوفان اچن ها... شبانه به مون تي زور ڀريو ته آئون
توسان ملان ۽ تنهنجي دل مان شڪ شبهات جيڪي تنهنجي
والدين لاءِ آهن تن جو جواب ڏيني مڻايان ۽ توکي فرزانه سان
شادي ڪرڻ لاءِ آماده ڪريان. فريده جڏهن شبانه کي به پنهنجي
معاملي ۾ شامل ڪيو ته شبانه ٿوري اڪي ٻڌي پر شفيق مسلسل
ڪنڌ هيٺ ڪريو وينو رهيو. فريده جنهن جو گهر اُجڙي ويڻو هو
سا بلڪل وات کي ڪولي بيهي رهي، هُن وٽ ڪنهن لاءِ به لحاظ
نه هو، فريده وري چيو، توهان جو مطلب پورو ٿيو، شفيق جي
شادي فرزانه سان ٿيندي، پر منهنجو ته گهر تباهه ٿي ويو.“ فريده
ذري گهٽ آبديده ٿي پيئي.
”آئون تنهنجي گهر آباد ڪرڻ لاءِ جمال تي زور ڀريندس ته هو
توسان ٺاهه ڪري ۽ سندس دل مان بدگماني ڪڍڻ جي ڪوشش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪندس. آئون صبحاڻي سائس ملندس." شفيق پنهنجيون خدمتون پيش ڪيون ته فريده يڪدم چيس.
"هوءَ تنهنجي ناليءَ کان سڙي ٿو... تون ويندين ته وڏيڪ باهه ٿي ويندو." فريده سمجهايس ته شبانه وچ ۾ ڳالهايو.
"پوءِ آخر انهي جو حل ڇا آهي."
"جيڪڏهن ... هو توکي پنهنجي گهر ۾ رکڻ نٿو گهري.... ته پوءِ بهتر آهي... تون طلاق وٺي! ٻي شادي ڪر!!" شفيق صلاح ڏيندي چيو
ته شبانه چيس "توکي ايتري اجازت ناهي ته فريده کي طلاق جي صلاح ڏين."
"ته پوءِ آخر ڇا ٿي سگهي ٿو، ٻيو ته ڪو حل ناهي." شفيق چيو شبانه اهڙي غلط موضوع کي ختم ڪرڻ ۾ ئي شفيق معاملو وڌائيندو ويو ته شبانه وري پاڻس کي روڪيندي چيو.
"شفيق- ڪنهن شادي شده عورت کي طلاق جو مشورو ڏيڻ غلط آهي، تون انهي موضوع کي ختم ڪر." پر شفيق تي ڪو اثر نه ٿيو، هُن جي ذهن ۾ هڪ خيال آيو تنهن تي غور ڪندي هُن وري چيو.
"پهرين طلاق لاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪبو، جيستائين ڪيس هلندو ٿي سگهي ٿو ته ايتري ۾ جمال ناهه لاءِ تيار ٿي وڃي. ڇو ته مون پنهنجي ننڍي زندگي جي تجربي ۾ ڏٺو آهي ته گهڻن ڪيسن ۾ اڳتي هلي صلح ٿي ويندي آهي... مون کي يقين آهي ته شايد جمال راضي ٿي ويندو." شفيق قانوني مشورو ڏنو ته شبانه سوچ ۾ پنجي ويني. هُن جي خيال ۾ شفيق جو مشورو مناسب هو ڇو ته جيڪو مسئلو راجوڻي طريقي سان حل نه ٿئي ته قانوني چاره جوئي ڪرڻ ضروري آهي. تنهن بعد ناهه جي صورت به نڪري سگهي ٿي. تنهن تي شبانه فريده کان پڇيو.
"ڇا تون طلاق جي دعويٰ دائر ڪرڻ لاءِ تيار آهين؟"
"بلڪل... آئون طلاق وٺندس." فريده اعتماد سان چيو. اِهو ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

م سرچي سمجهي گهران نڪتي هني تہ طلاق بعد ٻارن جو ڪيس داخل ڪندي. تنهن لاءِ شايد سندس مائٽ راضي نہ ٿين ها. ٺيڪ آهي... آئون اڄ ني وڪيل سان صلاح ڪندس ۽ دعويٰ تيار ڪرايان ٿو." شفيق سندس مدد ڪرڻ لاءِ پنهنجي خدمات پيش ڪني.

شبانہ جي بنگلي ۾ ٽيئي ڄڻا پنهنجي گفتگو ۾ محو هئا ، فريده جي لاءِ ڪو رستو ڳولهي رهيا هئا ، اِنهي عرصي ۾ شفيق جي پيءُ ، شبانہ جي مڙس ناصر کي سندس آفيس ۾ پنهنجي گهران فون ڪيو.. تہ هن جيڪي انڪم ٽيڪس رٽرن جا ڪاغذ نوڪي ڏنا هئا ، اُهي تو گهر ڪونہ پهچايا تہ جيئن هو سڌو انڪم ٽيڪس آفيس وڃي. ناصر ٻڌايس تہ اُهي ڪاغذ گهر پيا آهن ، نرمان گهران گهرائي وٺو. انيس الرحمٰن بہ اهو سوچيو تہ شبانہ جو گهر رستي ۾ پوي ٿو ، بهتر اِهو آهي تہ بجاءِ نوڪر کي موڪلي ڪاغذ گهرايان ، پاڻ وڃي ڪاغذ ڪڍي ۽ پوءِ اُتان سڌو انڪم ٽيڪس آفيس هليو وڃي ، اِنهي بهاني شبانہ سان بہ ڪجهہ ڪچهري جو ملي ويندو ، سو ڪار ڪڍائي سڌو شبانہ جي بنگلي تي آيو. جيئن هو ڪمري ۾ داخل ٿيو تہ شفيق کي بہ اُتي ڏٺائين پر هڪ ٻي ڇوڪري کي ڏسي سندس ڌيان اُنهي طرف ڇڪجي ويو.

"هي ڪير آهي؟" انيس الرحمٰن شبانہ کان پڇيو.

"فريده." شبانہ مختصر جواب ڏنس.

"فريده ... هي آهي!... خير تون منهنجا انڪم ٽيڪس جا ڪاغذ پنهنجي ڪمري مان ڪڍي اچ ، شايد توکي موڪلڻ وسري ويا." شبانہ کي انيس الرحمٰن ائين چيو تہ شبانہ ڪمري مان نڪري پنهنجي ڪمري ڏانهن ڪاغذ ڪڍڻ ويئي تہ انيس الرحمٰن صوفہ تي ويهي رهيو ۽ انتظار سان گڏ فريده کان بہ ڪجهہ پڇڻ جي موڊ ۾ هو.

"تون شادي شده آهين؟" انيس الرحمٰن فريده کان سوال ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”جي ها“ فريده مختصر جواب ڏنو ۽ تعجب سان کيس ڏسڻ لڳي ۽ وري ڪنڌ هيٺ ڪري چڏيائين تہ وري انيس الرحمٰن پڇيس.
”هتي شبانہ سان ملڻ آئي آهين.“
”جي ها“ فريده ها ۽ نہ ۾ جواب ڏيني رهي هُني تہ شفيق وچ ۾ ڳالهائي ورتو
”پر هيننر هن ۽ مڙسس ۾ ناچاڪي آهي سو شبانہ وٽ صلاح ڪرڻ آئي آهي.“
”ها- شبانہ جي آخر پراڻي سهيلي آهي، هيو ڪنهن سان صلاح ڪندي.“ انيس الرحمٰن چڻ نوڪ هٿندي چيو تہ فريده ڪنڌ مٿي ڪنيو ۽ انيس الرحمٰن ڏانهن ڏسڻ لڳي. شفيق خاموش ٿي ويو تہ فريده پنهنجي صفائي پيش ڪندي چيو ”آنون ڪوشش ڪري رهي آهيان تہ ملازمت ملي، پوءِ شايد گهر ڇڏي ڪنهن ٻني پاسي هلي وڃان.“
”ها... هڪ طرف کان آزاد ٿي آنين ۽ وري ملازمت ۾ پاڻ کي قيد ٿي ڪرين، جيڪڏهن پاڻ کي آزاد ڏسڻ گهرين تہ آزاد رهہ.“
انيس الحمٰن جي اِنهي نوڪ سندس هانءُ ڪاني چڏيو. اجان فريده پنهنجي پريشانين کي هڪ جاءِ تي گڏجاءِ نہ ڪري سگهي هني تہ هتي بہ طعنا .... ايتري ۾ شبانہ پٽس جا ڪاغذ ڪٺي اچي سندس هٿ ۾ ڏنا ۽ هوءَ اُٿڻ لڳو تہ شبانہ ويهڻ جو چيس ۽ چانهہ جي صلاح ڪيس، پر هو جلدي انڪم ٽيڪس آفيس پهچڻ ۽ سندس وڪيل سان صلاح مشوري جو بهانو ڪري ڪمري مان نڪري ويو. پر سندس اِنهي طريقي سان بنا اطلاع اچڻ ڪري ٽنهي ڄڻن کي ڄڻ نانگ سونگهي ويو. هنن ٽنهي جو هڪ هنڌ هئڻ معنيٰ پٽس جي دل ۾ شڪ پيدا ڪرڻ ڪانسواءِ وڌيڪ ڇا ٿو ڪري سگهي، پر اِنهي کي شفيق محسوس نہ ڪيو، هوءَ آزاد خيالن جو ماڻهو هو، هر ڳالهہ کي سطحي نموني سوچيندو هو. شفيق بہ آخر موڪلايو ۽ فريده کي چيائين تہ توهان صبحاڻي شام جو انتظار ڪندا تہ جيئن وڪيل صاحب توهان ڪان دعويٰ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪاغذن ۾ وڪالت نامي تي دستخط وٺي ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪري. شفيق بنگلي کان نڪري آفيس آيو ته پٽس اڳيني آفيس ۾ موجود هو ۽ انڪم ٽيڪس وڪيل سان رٽرن جي باري ۾ صلاح مشورو ڪري رهيو هو. وڪيل کان آجو ٿي، هن شفيق ڏانهن منهن ڪيو ته وڪيل خود ئي وڃڻ لاءِ اجازت گهري.

'شفيق... تو ۽ پيٽين اڄڪلهه سماجي ڀلائي جو ڪم هٿ ۾ کنيو آهي ڇا؟'

'ڇا مطلب !!' شفيق کان جڻ ڇرڪ نڪري ويو. پٽس جي ذهن ۾ فريده جي باري ۾ شفيق جا تاثرات معلوم ڪرڻ هو ته متان وري ڪا اندر ڪچٽي ته تيار نه ٿي رهي آهي. اهو سوچي انيس الرحمٰن يڪدم پڇيو

'فريده جي شبانه سان ته دوستي آهي، پر تون ته دوستي جا پير نه وڌائي رهيو آهين.'

'اينن ناهي بابا!... هيننر هو تڪليف ۾ آهي ته پيڻ شبانه جو فرض ٿو ٿئي ته هُن جي مدد ڪري.' شفيق پاڻ کي وچان بچائي ويو.

'ٺيڪ آهي... پر تون ته ڪا مدد ڪرڻ جي مُوڊ ۾ ناهين! ڇاڪاڻ ته مون اِنهي ڇوڪري جو نالو اڳي به ٻڌو آهي.' انيس الرحمٰن وڏيڪ ڪوڇناڻي مُوڊ ۾ هو ته متان فريده جي مڙسس سان جهڳڙو ۽ بعد ۾ وري شبانه وٽ رهائش ۾ شفيق جو هٿ نه هجي

'توهان منهنجي باري ۾ غلط رايو رکيو آهي.' شفيق پنهنجي صفائي پيش ڪئي.

'مونکي تو تي شڪ ڪونهي پر پنهنجا قدم مضبوط رکجان، اهڙيون ڇوڪريون توهان جهڙن نوجوانن کي ڦاسائڻ ۾ دير ڪونه ڪنديون آهن.' انيس الرحمٰن سمجهائڻ واري طريقي سان چيو ته شفيق سمجهي ويو ته پٽس کي سڀ ڳالهه جي خبر آهي، تنهنڪري جواب نه ڏيڻي سگهيو ۽ ماٺ ڪري ويهي رهيو ته پٽس هلڻ جي ڪئي، چو ته هُن کي هڪ پارٽي سان بزنس جي سلسلي ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڳالهائيو هو.

ٻئي ڏينهن شفيق وڪيل سان گڏ شبانہ جي بنگلي تي پهتو تہ فريده ۽ شبانہ ٻئي موجود هيون. وڪيل ڪي ڪيس جي نوعيت ڪجھ شفيق اڳيئي سمجهائي ڇڏي هئي، وڌيڪ هُن فريده کان سوال ڪيا ۽ ٺاهہ جا رستا سمجهايا پر فريده پنهنجي ضد تي هئي. تنهنڪري هن ڪي پنهنجي دفتر مان ٺاهي آيل دعويٰ ۾ ڪابہ تبديلي ڪونہ ڪرڻي پئي ۽ فريده بہ متائنس دستخط ڪري ڇڏيا. اهو وقت تمام نازڪ هو، سندس هٿ لڏي رهيا هئا، دماغ ڦرو ٿي رهيو هو پر فيصلو جيڪو هوءَ ڪري چڪي هئي، تنهن تان هٽڻ هُن لاءِ ڳار هئي. سيني جو خيال اهو هو تہ ڪيس بعد جمال زير بار ٿي ويندو ۽ ساڻس ٺاهہ ڪرڻ لاءِ مجبور ٿي پوندو. وڪيل موڪلائي ويو هليو ويو ٽنهي جڻا ۽ داستان شروع ٿي ويا ۽ رات جو ڪلب وڃڻ جي بجاءِ شفيق پنهنجي بنگلي ڏانهن روانو ٿيو.

ڊنر تي پٽس انيس الرحمٰن ۽ سندس ماءُ اسماءِ پنهنجي پٽ کي غيرمعمولي طور سوير گهر ۾ ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا ۽ گڏ ماني کاڌائون تہ انيس الرحمٰن وري شفيق کي سمجهايو تہ جيڪا مون آفيس ۾ توسان ڳالھ ڪئي هئي تنهن کي ذهن ۾ رکجان، متان چڙواڳ ٿي وڃين. ماڻس بہ وچ ۾ دخل اندازي ڪئي پر شفيق ڪيس ٺاري ڇڏيو تہ توهان ڪوبہ غلط رايو نہ رکو. شفيق ڊنر بعد پنهنجي ڪمري ۾ آيو ۽ سوچڻ لڳو تہ ڇا فريده سندس زندگي جو اڻ ٽٽ حصو آهي، جڏهن تہ سندس ذهن ۾ ڪابہ ڳالھ ڪونهي، تڏهن بہ بابا ۽ امان مون تي خوامخواه شڪ ٿ ڪن. ڀلا هنن کي شڪ ڇو نہ رهي، هاڻي شفيق ڪڏهن ڪڏهن شبانہ جي گهر ڪيس جي باري ۾ يا ٻئي ڪنهن موضوع تي ڪچهري ڪرڻ لاءِ فريده وٽ اچڻ وڃڻ لڳو. هُن کي غير ارادي طور فريده سان ڪچهري ۾ مزو ايندو هو، دل کي راحت ايندي هئي، هوءَ پاڻ کي روڪيندي بہ نہ روڪي سگهندو هو...

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بس. . اڄ فريده سان ملاقات نہ ڪبي پر وري پهچي ويندو هو.
فريده جيڪا پهرين ڪجهه هچڪچائيندي هني، آخر اُها بہ فري
نموني ڳالهائڻ لڳي تنهن شفيق جي دل کي وڏيڪ موهي وڌو.
هڪ ڏينهن آخر شبانہ پاڻس کي ٽوڪي وڌو متان وري غلطي
ڪري ويهين ۽ فرزانہ جي بجاءِ فريده سان شادي نہ ڪري
رجهين چو تہ هوءِ طلاق تہ اڳيني وٺي رهي آهي بجاءِ ناهہ جي
ڳالهہ ڳچي ۾ نہ پنجي وڃي تہ شفيق لنوائي ويندو هو.

شفيق کي پنهنجي پراڻي محبت جا ڏينهن ۽ رات ياد
اچڻ لڳا تہ هُن کي سُرور اچڻ لڳو. ڪڏهن بنگلي جي لان ۾
نهلندي هن جي ذهن ۾ اينن ايندو هو تہ جڻ فريده ساڻس گڏ
نهلي رهي آهي ۽ رات جو بيچيني ۽ بي خوابي ۾ اضافو ٿيڻ لڳو.
هو نہ سوچيندي بہ فريده جي باري ۾ سوچڻ لڳو، هن کي پنهنجي
خوشي ڪپي، فرزانہ ۽ فريده جي ڪچهري ۾ پنهنجي مُنهن ويهي
تقابل ڪندو هو. فرزانہ سان ڪچهري اينن ٿيندي هني جڻ وقت
برباد ڪرڻو آهي پر فريده سان ڪچهري مونکي برباد ڪريو ڇڏي
۽ محسوس ئي نٿو ٿئي تہ وقت ڪيئنن گذريو وڃي. ڪڏهن هو
پاڻ کان سوال ڪرڻ لڳندو هو تہ "ڇا آئون وري فريده سان پيار
ڪرڻ لڳو آهيان." انهي جو جواب هُن جو دماغ ڏيڻ کان قاصر
هو، چو تہ هن کي خبر هُني هو ٻن ٻارن جي ماءُ بہ آهي، خير
هيننر ڇڙي آهي پر هُن کي ڪنوارو قرار نٿو ڏيني سگهجي. فريده
جيڪا زماني کان باغي ٿي چڪي هُني، تنهن جي ذهن ۾ بہ ٻي
شادي جو تصور ڊوڙي رهيو هو، هُن وٽ بہ راهون هيون.
جيڪڏهن جمال سان ناهہ ٿي ويو تہ نيڪ آهي ٻي صورت ۾
طلاق!. . . پوءِ ڇا هوءِ اڪيلي رهڻ پسند ڪندي. . . يا ٻي
شادي ڪري. . . جيڪڏهن شادي ڪري تہ ڪنهن سان!!،
جنهن مان هُن جي ذهن کي سُڪون ملي. اُهو سواءِ شفيق جي
ٻيو ٿي ٿي سگهيو پر شبانہ جي اڳيان هوءِ اينن ٿي ڪري
سگهي. هوءِ هن جي محسن آهي ۽ محسن کي ناراض ڪرڻ خدا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪي ناراض ڪرڻ آهي. ڪڏهن ڪڏهن هن کي ذهن ۾ خيال ايندو هو ته شبانه کي چئي ته شفيق کي هتي اچڻ نه ڏيني پر آخر ته هو هن جو پاءُ هو، ڪيئنئن چئي ٿي سگهي. پاڻ کي ڪيئنئن روڪي، انهي مسئلي تي شبانه سان زبان کولي يا نه... اهو هن لاءِ مسئلو هو. وقت گذري رهيو هو، فريده هڪ جڳهه ٽيوشن ڏيڻ به شروع ڪري ڏني ته ڪجهه وقت دل بهلجي وڃي ۽ شفيق سان به ملاقات ٽري وڃي پر هوءَ ته جڻ ٽائيم ساري ايندو هو... اينئن ڪجهه ڏينهن گذري ويا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

22

انيس الرحمٰن صاحب زماني جو ماٺو هو. هن کي پنهنجي پٽ شفيق الرحمٰن جي حرڪات جي خبر هئي، جيڪا هو نوڪر جي معرفت معلوم ڪندو رهندو هو. نوڪر جي به عياشي تي وني هئي، هڪ طرف شفيق کي خبرون ٻڌائي انهي کان خرچيون رصول ڪندو هو ته ٻئي طرف انيس الرحمٰن جي لاءِ جاسوسي ڪري خبرون ٻڌائي جدا خرچي وٺندو هو. هوءَ به ٻئي ٽني ڏينهن شبانه جي بنگلي واري نوڪر سان ڪچهري ڪري خبرون وٺندو رهندو هو، نوڪر جي خبرن انيس الرحمٰن کي گهڻي قدر سنجيده ڪري ڇڏيو. هن سوچيو ته بهتر ٿيندو ته شفيق سان انهي معاملي تي ڳالهائي پر هن کي احساس هو ته جوان اولاد آهي، هرويرو ذري ذري سمجهائڻ تي ناراض ٿي پوندو، ڇو ته گهوڙو جيڪڏهن پنهنجي رفتار سان هلي رهيو آهي ته هُن کي خوامخواه ڇهبڪ هڻڻ سان هُن ۾ ارڙائي ايندي ۽ جوان اولاد جي ارڏائي کان انيس الرحمٰن ڊنو ٿي، وڏيڪ هن کي پٽ به هڪڙو .... هُن جي ذهن ۾ مختلف پلان اچڻ لڳا ته جيئن شفيق کي فريده کان پري ڪري سگهي هڪ پلان اهو ته شفيق کي اعليٰ تعليم لاءِ ولايت موڪلي ڇڏي بيو ته يڪدم فرزانه سان شادي ڪرائڻ لاءِ اميد علي سان ڳالهائي شادي پڪي ڪري. ٽين ته شبانه کي چوي ته فريده کي گهر ۾ رهڻ نه ڏي ۽ هُن کي ٻئي ڪنهن هنڌ رهڻ جي لاءِ چوي. انهن ٽنهي رستن مان ڪهڙو رستو اختيار ڪجي ته جيئن نانگ به مري ۽ لٺ به نه ڀڄي. انهي خيال سان انيس الرحمٰن اڄ شام جو شبانه ۽ سندس مڙس ناصر کي خاص نياپو ڏيئي گهرايو ته ساڻس ٻئي ملاقات ڪن. پٹس جي گهر وڃڻ کان اڳ شبانه سندس پٽ عديل کي فريده جي حوالي ڪيو ته جيئن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن کي پارڪ مان گهمائي اچي ته جيئن هو آزاد ٿي پٽس جي گهر وڃي. فريده ننڍڙي عديل کي ڪٽي ٻارن جي گاڏي ۾ ويهاري پارڪ وٺي ويني، شام جي وقت پارڪ گهڻو ڪري ٻارن سان ڀريل هوندا آهن. مائٽ پنهنجن ٻارن کي سنواري سينگاري هوا خوري لاءِ پارڪ وٺي ايندا آهن. فريده عديل کي پارڪ جي رستن تي گهمائيندي رهي ۽ آخر هڪ بينچ تي ويهي رهي. سندس سامهون ننڍڙا ٻار راند رهي رهيا هئا. هُن کي ائين محسوس ٿيو ته ڄڻ شهزاد ۽ نائله راند ڪري رهيا هجن. ٻار هڪ ٻئي کي پيار سان ڏڪ هڻندي رهيا هئا، فريده جي دل پيار سان ڀرجي آئي. هُن وڏي ٻارن کي چميون ڏيڻ شروع ڪيون ته سندس والدين جيڪي ٿورو پري ويٺا هئا تن هن جي چرپائپ ڏسي مسڪرائي ڏنو. سمجهيائون ته ويچاري شايد پنهنجن ٻارن جي فراق جي ماريل آهي. هُن ٿڌو ساهه کنيو ۽ وري اچي بينچ تي ويهي رهي. هن کي سندس ٻار تمام گهڻو ياد اچي رهيا هئا، هُن کي خيال آيو ته ڪاش... هو ڪا جادوگرياڻي هجي ۽ جادو جي زور تي ٻار هتي حاضر ڪري ۽ جمال انهن کي گهر ۾ نه ڏسي، ڳولهي ڳولهي ڀلي چريو ٿي پوي. هوءَ خيالن جي دنيا ۾ ڏسي رهي هئي ته هو ٻارن سان راند رهي پيئي ۽ جمال چريو ٿي ٻار ڳولهي رهيو آهي. جمال جي ديوانگي کي تصور ۾ ڏسي، هُن پنهنجي منهن کلي ڏنو. ٿوري دير ۾ هن کي پنهنجي چرپائپ جو احساس ٿيو، هن يڪدم پاڻ کي سنڀالي ورتو ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳي ته متان ڪنهن سندس خيالن ۾ گم ۽ پنهنجي منهن کلندي ڏسي ته نه ورتو.

شفيق ڪلب کان اڃان نه موٽيو هو، ڊائننگ روم ۾ ڊنر ڪرڻ بعد انيس الرحمٰن سندس زال اسماءَ، شبانه ۽ ناصر ويٺا هُئا ۽ چانهه جي چسڪين سان گڏ خاص موضوع جنهن لاءِ پٽس گهرايو هو، تنهن تي ڳالهائڻ شروع ڪين.

"مون ٻڌو آهي ته فريده تنهنجي گهر تي رهي." اسماءَ سوال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيو.

'بلڪل صحيح ٻڌو.' شبانہ جواب ڏنس.

'ڪهڙي ڪم سان رهيل آهي.' اسماءَ اڻ ڄاڻ ٿي اصل ڳالهہ پڇڻ خاطر سوال ڪيو تہ شبانہ سڀ ڳالهہ کولي ٻڌائي پر اسماءَ مطمئن نہ ٿي. ايتري ۾ انيس الرحمٰن ڳالهايو.

'ٺيڪ آهي...اسين سڀ هُن جي مدد لاءِ تيار آهيون... ٽائيپنگ، شارٽ هينڊ ڪونہ ڄاڻي، نہ تہ ڪٿي سيڪريٽري لڳرائي ڇڏيان، بلڪل نڪوري آهي، تنهن ڪري سواءِ ماسترياڻي جي ڪجهہ بہ نہ ٿي سگهندي. تنهن لاءِ ڪوشش ڪبي.' تہ شبانہ سندس شڪريو ادا ڪيو، پر انيس الرحمٰن جو مطلب ٻيو هو، تنهنڪري چيائين

'نوڪري ملڻ بعد گهر مان هلي ويندي، اهو شرط آهي.'

'هوءَ خود بہ رهڻ نٿي گهري.' شبانہ چيو تہ ناصر وچ ۾ ڳالهايو.

'شبانہ... عورتن جي حقوق جي علمبردار آهي، هي ڪيس تہ سندس ذاتي تجربو آهي.' اِنهي جملي تي سڀ ٻاتي محفوظ ٿيا تہ انيس الرحمٰن کلندي چيو.

'ٻلي حقوق ادا ٿين... پر گهر جي فرائض تي اثر نہ پوي.' شبانہ کي اِنهي جملي سوچڻ تي مجبور ڪري وڌو تہ مٿان وري مائٽس اسماءَ چيس

'فريده ۽ شفيق جي ماضي جي ٽوڪي خبر آهي، تنهنڪري اسين ٽئا گهرون تہ وري ساڳيو ڪيڏ شروع ٿي وڃي.'

'انهي ڪان توهان مطمئن رهو.' شبانہ پنهنجي جان ڇڏائيندي چيو.

'مطمئن ڪيئنن رهون... هوءَ تہ وڻ جي سُڪل گل وانگر پاڻهي ڇٽي اچي توهان جي جهولي ۾ پيئي آهي. هڪ طرف گهر ڪان دربدر ٻئي طرف ڪورٽ ۾ طلاق جي دعويٰ... اجا انيس الرحمٰن ايترو مس چيو تہ شبانہ سندس جملو وچ ۾ ڪائي وينئي ۽ چيائين

'دعويٰ تہ صرف جمال تي زور پوڻ لاءِ داخل ڪئي ويئي آهي.'

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"بعد ۾ جيڪڏهن حقيقت ۾ طلاق ٿي ويني تہ پوءِ . . . ؟" انيس الرحمٰن پنهنجي سوال جو جواب ترت وٺڻ جي موڊ ۾ هو.
"تہ پوءِ . . . هوءِ عورتن جي هاسٽل ۾ هلي ويندي" شبانہ اطمينان سان چيو.
"جا توکي پڪ آهي!" انيس الرحمٰن وري پڇيس. اجان شبانہ پڻس کي سوال جو جواب نہ ڏيني سگهي هني تہ اسماءِ پنهنجو راڳ وچ ۾ ڇيڙڻ شروع ڪيو.
"ڏس . . . فريده بلڪل شفيق جي لائق ناهي. هوءِ ڪنوارو ۽ هوءِ ڏنگيل، اسين اعليٰ مرتبي جا، هوءِ ادنيٰ مرتبي جي، اسان سيٺ هوءِ نوڪر. . . . شبانہ ڪجهہ سوچ. . . متان معاملو بلڪل خراب نہ ٿي پوي." اجان اسماءِ ڳالهائي ختم نہ ڪيو تہ انيس الحمٰن وچ ۾ ڳالهائيندي چيو.
"متان توهان ٻاءَ پيڻ پاڻ ۾ صلاح ڪري، ڪم لاهي ڇڏيو!"
"جا مطلب!" شبانہ تي جڏهن لڳاتار جملن جا حملا ٿيا تہ هو ذري گهٽ ناراض ٿي پيني تہ متان مائٽس صاف اکرن ۾ چيس.
"متان . . . تون . . پنهنجي سهيلي ۽ شفيق جي شادي نہ ڪرائي ڇڏين!!"
ڳالهہ تمام وڌي رهي هني، شبانہ وٽ ڪو جواب نہ هو، ماحول ۾ ڪشيدگي اچي رهي هني. ناصر ڏٺو تہ متان معاملو خطرناڪ حد تائين وڌي، تنهن کان بهتر آهي تہ موڪلائجي ۽ اُٿي بيهي رهيو تہ سڀني ٻاتين ناصر ڏانهن ڏٺو. اسماءِ زور پريس تہ ويهہ. . . پر ناصر بلڪل ويهڻ جي نہ ڪني. مجبورن هن کي ٻاهر اچي ٻنهي کي الوداع ڪرڻو پيو. وڃڻ مهل وري انيس الرحمٰن زور ڀريو تہ فريده کي گهر نيڪالي ڏني وڃي. ڪار رستي تي ڊوڙي رهي هني، شبانہ تمام رستو خاموشي سان ويٺي رهي. هن جي ذهن ۾ سوال هُنا جيڪي هُن جي مائٽن اُٿاريا هُنا تن جا جواب ڳولهڻ لڳي. "جا هو فريده کي چوي تہ وري واپس ٿي وڃ. . .!!" هن گهر اچي ناصر سان مشورو ڪيو پر ناصر چيو تہ اهو توهان جو پنهنجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ذاتي مسئلو آهي، جهڙي نموني حل ڪريو، آنون خاموش آهيان.

فريده به عديل کي چڪر هنئائي واپس اچي چڪي هُئي، هُن کي خبر نه هئي ته سندس پٺيان ڪهڙا ڪات ڪهاڙا ڪڻ جا سعيا ٿي رهيا آهن.

انيس الرحمٰن ماٺ ڪري ويهڻ وارو نه هو. هُن جيڪي ڪجهه سوچيو هوندو تنهن تي عمل ڪري ڏيکاريو هوندو. هُن کي پنهنجي پاڻ تي تمام گهڻو اعتماد هو. پر هن مسئلي هُن کي پريشان ڪري وڌو هو. واقعي اولاد به مائٽ لاءِ امتحان آهي، مائٽ ته هميشه اولاد جي بهتري سوچيندو آهي پر جيڪڏهن اولاد پنهنجي ڀلائي ۽ مائٽ جي فيصلي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏي ته کيس تمام گهڻو رنج رسندو آهي. ڏاهو ڪانءُ به ٽنگو ڦاسي تينئن انيس الرحمٰن به ڪوڙڪن ۾ ڦاسي پيو هو. شبانه جي فريده سان همدردي، ٻيو شفيق جي پراڻي محبت، ٽيون فريده جو پنهنجي گهر کان فرار ۽ سندس ڏي جي گهر ۾ پناهه، چوٿون فرزانه سان کنهن به حالت ۾ شفيق جي شادي ڪرائڻ... هن وٽ فيصلو ته محفوظ هو... معنيٰ شفيق جي فرزانه سان شادي.... پر ٻهرين ٽن مسئلن کي هي پورتي ڪرڻ بعد پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿي سگهي ٿو، چو ته شفيق جي باري ۾ احمد علي تي اهو راز ظاهر ٿي ڪرڻ گهريائين ته شفيق ڪٿي ٻني هنڌ به ڦاٿل هو. متان شڪ جي بنياد تي احمد علي انڪار ڪري ڇڏي... اِنهي ڪري هُن شبانه تي زور پريو، شفيق سان ڳالهايو ۽ فريده تي ٽوڪ زني ڪئي پر نتيجو ڪجهه به نه نڪري سگهيو، هوءَ پنهنجو فيصلو ڪنهن تي به مڙهي نه سگهيو. هاڻي هن وٽ هڪ ئي رستو هو ته يڪدم شفيق جي شادي .... تنهن لاءِ سيٺ احمد علي سان ڳالهائي شادي لاءِ تاريخ وٺڻ گهرجي. اِهو خيال سوچي هن احمد علي کي فون تي اطلاع ڏنو. ته هو وٽس مهمان آهي. رات جو ٻئي احمد علي جي بنگلي ۾ ڊرائنگ روم ۾ ويهي ڪافي جا گرم گرم ڍڪ پِري رهيا هئا. موسم ۾ هاڻي ٿوري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿوري ٿڌ شروع ٿي ويني هُني، باقاعده سياري اچڻ ۾ اڃان ٻه مهينا باقي هئا. گرم ڪافي سندن جسم کي گرماڻي رهي هئي ۽ خيال سندس دماغ ۾ منجهيل ڏونهي وانگر ٻاهر نڪرڻ لاءِ ڪَسُ ڳولهي رهيا هئا. ڪاروباري گفتگو... ختم نه ٿيڻ وارڻي هئي ۽ انيس الرحمٰن پنهنجي مطلب جي پڇيان هو... آخر هُن ڪاروباري ڳالهين کي وچم ڪٽيندي چيو.

"احمد علي... آئون تو وٽ هڪ خاص مقصد لاءِ آيو آهيان."

"چنو پاڻ ۾ ڪو پردو ته ناهي." احمد علي فراخدلي سان پڇيو.

"منهنجو خيال آهي ته فرزانه ۽ شفيق جي شادي ٿيڻ کپي... آئون تو کان فرزانه جي ٻانهن وٺڻ آيو آهيان." انيس الرحمٰن کلي سڀ ڪجهه ظاهر ظهور چئي ڏنو.

"شادي ٿيندي ۽ بلڪل ٿيندي- آئون پاڻ شفيق کي پسند ڪريان ٿو." احمد علي وراڻي ڏنس ته انيس الرحمٰن يڪدم چيو.

"پوءِ انهي نيڪ ڪم ۾ دير نه ٿيڻ گهرجي."

"صحيح آهي... مون فرزانه کان سندس فيصلو پڇي ڇڏيو آهي، هوءِ به راضي آهي، سندس ڀائر امريڪا ويل آهن سي به راضي آهن. هاڻي دير ته ڪونه ٿيندي، بس سندس ڀائرن جي اچڻ تي بلڪل ڏينهن ٻڌبا، بنان ڀائرن جي ڀيڻ جي شادي ٿهي ڪونه ٿي." احمد علي جو عذر معقول هو، تنهن انيس الرحمٰن کي ٿوري دير لاءِ پريشان ڪري ودو تنهن ڪري چيائين.

"هنن کي گهرائي وٺجي."

"جوان ڇوڪرا آهن، امريڪا جهڙي ملڪ مان يڪدم گهرائبا ته ناراض ٿيندا، باقي اطلاع ڪري ٿا ڇڏيون ته جلدي ورڻ جي ڪن ته جيئن سندن ڀيڻ جي شادي جي تاريخ پڪي ڪجي."

احمد علي جي ٻيهر وراڻي به مناسب هئي، واقعي هاڻي خوامخواه زور پرڻ بيڪار هو، جيڪڏهن هو پنهنجا حالات ٿو ٻڌائي ته شايد احمد علي سنگ ڏيڻ کان به جواب ڏيئي ڇڏي ته ڇوڪرو وتي عشق ڪندو، مونکي ڇوڪريءَ جي زندگي برباد ڪرڻي ناهي.

تنهنڪري "مٺي بہ ماٺ مٺي بہ ماٺ" ۾ انيس الرحمان چپ ڪري
اٿيو ۽ احمد علي ڪيس ٻاهرين دروازي تائين الوداع ڪرڻ آيو.
ڪار ۾ ويهڻ بعد بنگلي تي پهچڻ تائين هو سجي واٽ سوچيندو
رهيو. حالات هُن جي وس ۾ نہ هئا. تنهنڪري هُن پنهنجي
مجبوري کي ماٺ ۾ لڪائي ڇڏيو ۽ معاملو حالات تي ڇڏي ڏنو.

جمال پهرين معلوم ڪري چڪو هو تہ فريده گهر ڇڏي
شبانہ جي گهر هلي ويني آهي. هُن جي اها ڪاوڙ اجان ٺڏي ڪونہ
ٿي هئي تہ مٿان ڪورٽ جي بيلف دعويٰ جا ڪاغذ سندس آفيس
۾ اچي ڪيس پيش ڪيا، جيڪي هن وصول ڪرڻ بعد دعويٰ
پڙهي. هُن جو دماغ چڪرائجي ويو... فريده مونکان طلاق ٿي
گهري... سا بہ ڪورٽ جي ذريعي... معنيٰ ايتري آزاد ٿي ويني
آهي. هن پنهنجي منهن بڪيو ۽ ڪرسي سان ٽيڪ لڳائي سگريٽ
دکائي ڪاوڙ ڪان وڏا وڏا ڪش هڻڻ لڳو. هو سوچڻ لڳو تہ اهو
ڪم ماٺن جي معرفت بہ ٿي سگهي ٿو، پهرين اُها ڪوشش ڪبي
آهي، جيڪڏهن مسئلو حل نہ ٿئي تہ بعد ۾ قانوني چاره جوئي
ڪبي آهي،... چا فريده جو شبانہ جي گهر وڃڻ منهنجي لاءِ
اشارو هو تہ آئون طلاق ڏيڻي ڇڏيان. عبيدالله اجان تائين فريده
جي پاڪدامني پيو ڳائي.... هن آخر سوچي ورتو. آفيس ٽائيم
ختم ڪري، هن دعويٰ جون فوٽو ڪاپيون ڪڍرايون ۽ وڪيل
سان مشورو ڪيو تہ جيئن دعويٰ جو جواب داخل ڪري. جڏهن
هُن دعويٰ ۾ لڳل الزامن تي وڪيل سان گفتگو ڪئي تہ هن کي
وڏيڪ ناراضگي جو غلبو گهيري ويو. بهرحال وڪيل سمجهائيس
تہ ڪاوڙ ڪرڻ بيڪار آهي، ٿڌي دماغ سان ڪيس وڙهبو،
بيڪو فيصلو ٿئي بهرحال سٺو ٿيندو. وڪيل کان موڪلائي جمال
سڌو عبيدالله وٽ آيو، سندس گهر ۾ گهڙي هن دعويٰ واري
ڪاپي عبيدالله جي اڳيان رکي چيو.

"جيڪڏهن توکي طلاق وٺرائي هئي تہ مونسان ڳالهائين ها، ڪورٽ
جو در چو کڙڪايو اٿئي. مونکي فريده جي پاڪدامني جا داستان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پيو ٻڌائين ۽ ٻني طرف پنهنجن هٿن سان شبانہ جي گهر موڪلي ڇڏي اٿني. مونکي تنهنجي انهي سوچ کان نفرت آهي.‘ عبيدالله ٻڌندو رهيو ۽ گڏوگڏ دعويٰ جو تفصيل پڙهندو رهيو ۽ جمال ڳالهائيندو رهيو، جڏهن عبيدالله جي دماغ ۾ پوري ڳالهه ويهي تہ هُن چيو.

’جمال ڪاوڙجڻ جي ڪا ضرورت ناهي، فريده باهوش ڇوڪري آهي. شايد جيڪو ڪم هُن ڪيو آهي، سو آنون نہ ڪريان ها، تنهنڪري هُن شبانہ جو سهارو ورتو آهي. آنون نياڻي جو گهر آباد ڏسڻ ٿو گهران برباد نہ.....‘

’پيو گهر آباد ڪندي، اها تنهنجي مرضي آهي، جمال طعنو ڏيندي سوال ڪيو.

’اها ڇوڪري جي مرضي... منهنجي وس ۾ جيترو هو، مون ڪوشش ڪئي توکي منٿون ڪيم، پر تو منهنجي لڄ نہ رکي، هاڻي حالات وس کان ٻاهر نڪري ويا آهن.‘ عبيدالله تمام ٿڌائي سان چيو تہ جمال ڪاوڙ کان هٿ مهٽڻ لڳو، جنهن مان مايوسي ظاهر هئي. هن کي عبيدالله جي طرفان ڪو همت افزا جواب نہ مليو ۽ انهي ملڻ جو وقت بہ گذري چڪو هو. شڪي مزاج ۽ غصيلي طبيعت هن جو گهر ڦٽائي ڇڏيو هو، هاڻ هن سوچيو تہ آخر معاملي کي ڪنهن هڪ طرف ڪرڻو آهي. اِهو سوچي هو اُٿيو، وڃڻ واري ڪئائين تہ عبيدالله هن کي ڏسندو رهيو ۽ ڪيس ڪونہ روڪيائين. جمال آهستگي سان قدم کڻندو گهر کان ٻاهر نڪري ويو. پنهنجي گهر اچي هن ٻاڻس سومار ڏانهن خط لکيو ۽ سندس خط جي جواب لاءِ انتظار ڪندو رهيو.

ٻني ڏينهن عبيدالله صاحب سوچيو تہ فريده سان ملاقات ڪجي، حالانڪ هن کي فريده جا اکر ياد هئا تہ منهنجي پچا نہ ڪجو، پر مائٽ آخر مائٽ آهي، اولاد جي بربادي ڏسي ٿو سگهي. هو سڌو شبانہ جي بنگلي تي آيو ۽ ٻاهر ويهي هن فريده کي ٻاهر گهرايو، فريده گهڻو زور ڀريس تہ اندر اچي ويهو پر عبيدالله انڪار ڪري ڇڏيو. هُن فريده کان سندس ٽنين روپي بابت

پڇيو، پر فريده صاف ہڏائي ڇڏيو تہ هوءَ طلاق وٺندي... هُن جمال جي بعد وارين ملاقاتن جو ہڌايس تہ شايد هو ٺاهہ جي مُود ۾ آهي... پر فريده چيس... پلي ہہ تي شنوايون پري، منهنجي دل ۾ جيڪا پڙاس آهي، اُها جيستائين نہ نڪرندي، مونکي سڪ ڪونہ ايندو. فريده وڌيڪ گهر جي ڳالهين جي صحت جي باري ۾ پڇيو، عبيدالله کي پنهنجي نياڻي جي زندگي تي ڏک ٿي رهيو هو، ڇو تہ هُن کي ذهني سُڪون ڪٿي... اڪيلائي ڪٿي، هڪ اهڙي سهيلي، جيڪا هن سان ڏک سک ۾ مددگار آهي، تنهن جو گهر ڇڏي ڪونہ هلندي، بهرحال عبيدالله صاحب مايوسي ۾ واپس گهر پهتو، آخر ڇا ٿي ڪري سگهيو.

جمال جو خط جڏهن سومار کي مليو، تہ هو هفتي اندر اچي فليٽ تي وارد ٿيو، هو پنهنجي پڦي جي ڌيءَ ۽ ڀاڄائي زليخا کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. جمال اڃان آفيس مان واپس ڪونہ ٿيو هو. زليخا جي بدليل اسٽائيل تي سومار هُن کي ٽوڪيو تہ زليخا کلي چيس

'چاچا- جهڙو ديس تهڙو ويس. ننڍڙا ٻار شهزاد ۽ نائلہ بہ پنهنجي منهن راند ڪري رهيا هئا، هُن اُنهن کي ڪٿي چميون ڏنيون تہ ٻار روئڻ لڳا، زليخا جلدي ٻار سومار کان ورتا تہ ٻار ماٺ ڪري ويهي رهيا تہ سومار چيس.

'ڀاڄائي- جهڙا ڪر ٻار هجن ني تنهنجا.'

'آهن بہ منهنجا... ڪير ٿو چوي تہ پرايا آهن' زليخا ٺهہ پهہ جواب ڏنس

'هاڻي هنن کي اصلي ماءُ بلڪل وسري ويني ڇا؟' سومار سوال ڪيس.

'مون اصلي ماءُ کان بہ وڌيڪ قرب ڏنو آهي.' زليخا پنهنجي وڏائي ہڌائي.

'خدا ڪري خوش هجن... تو تہ امان.. گهر کي ڏاڍو ٺاهيو ويٺي آهين، پلا ادا جمال ڪڏهن ڪو ناراض

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وغيره.... ٽني ٽو. سومار پڇا ڪيس.
’بلڪل نہ‘ زليخا ٻڌايس.
’معنيٰ... اسان جي پنهنجي ڇوڪري جو گهر آباد آهي.‘ سومار خوش ٿيندي چيو ۽ وري وراڻي پڇيس.
’مڙسهين ڪهڙي ٽائيم تي ايندو.‘
’بس هاڻي اچڻ جي مهل اٿس... توهان تيسين آرام ڪريو.‘
زليخا هڪ ڪمري ڏانهن اشارو ڪري سومار کي چيو تہ سومار اُنهي طرف هليو ويو، هُن ڪمري جي سينگار کي جانچي ڏٺو تہ هُن کي زليخا تي ناز ٿيڻ لڳو. خدا ڪري خوش هجي، اسان سمجهيو تہ ڇوڪري مڙيني سُورن ۾ وجهنداسين پر هتي تہ ڇوڪري مڙس کي اصل جيتي ورتو، واقعي ڇوڪري هوشيار آهي، هُن پنهنجي منهن مسڪرائي ڏنو. شام ڌاري جمال بہ اچي نڪاءُ ڪيو، ڏاڍو پاڪر پائي مليا ۽ ڪچهري رات جي ماني بعد شروع ٿي ويئي. سومار ڏٺو تہ زليخا گهر ۾ بادشاهي پيئي ڪري، مٿان هار بہ هاڻي زليخا کي پنهنجو سمجهن ٿا تہ پوءِ خوامخواه فريده جي لاءِ چو حامي پري. تنهنڪري هُن جمال کي صلاح ڏني تہ طلاق ڏيئي جند ۽ پاڻ کي آزاد ڪر، جمال جڏهن ٿورو زور پري تہ سومار سندس غيرت کي جاڳائي ۽ غيرت اندي ٿيندي آهي... آخر ۾ فيصلو ٿيو تہ فريده کي طلاق ملڻ گهرجي. جمال لاءِ اهو وڏو فيصلو هو، بهرحال هاڻي هو شهرين جي اعليٰ ماحول واري چڪر مان نڪري وري پنهنجي ماڻن جي طرف اچي ويو هو، چو تہ هُن ڏٺو تہ هر ڏکيئي وقت مائٽ ڪم ٿا اچن باقي هتي رڳو خوشي جا ڏند ڏيکاري پنهنجو ڪم ڪڍڻ وارا گهڻا آهن، تنهنڪري ماٺ ڪري ويهي سومار جي فيصلي تي غور ڪرڻ لڳو. فريده سيني لاءِ پريشاني جو باعث هئي... جمال ۽ سومار جو فيصلو تہ فريده کي طلاق ڏجي، زليخا بہ انهي ڳالهہ ۾ خوش تہ فريده کي طلاق ملي تہ هوءَ اڪيلي گهر ۾ بادشاهي ڪري. شبانہ ۽ شفيق بہ فريده جي طلاق لاءِ دعويٰ دائر ڪري چڪا هئا، انيس الرحمٰن ۽ اسماءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

کي خوف هو تہ متان شفيق طلاق بعد فريده سان شادي نہ ڪري رجهي. جيڪڏهن طلاق جي خلاف هو تہ صرف عبيدالله صاحب، پر هن ويچاري جي هن عمر ۾ ڇا ٿي هلي، تنهنڪري خاموش هو.

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

23

آخر اُهو ڏينهن بہ اچي ويو، جنهن ڏينهن ڪورٽ سڳوري ٻنهي کي ڪورٽ ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ گهرايو هو. فريده کي شبانہ ڪار ۾ کڻي اچي ڪورٽ پهتي تہ جمال اڳيئي ڪورٽ جي ٻاهران بيٺو هو. ٻنهي جي هڪ ٻئي تي نظر پيئي تہ سندن بت مان ڄڻ ڪرنٽ لنگهي ويو، فريده جا قدم ڳرا ٿي پيا، هن جي دل ۾ آيو تہ ڊوڙي وڃي جمال جا پير جهلي ۽ ڪائنس معافي وٺي ۽ طلاق نہ وٺي، پر هڪ عزم، هڪ جنگ، هڪ انتقام وري سندس دل ۾ جاڳي پيو ۽ هو تيز هلي ڪورٽ جي در وٽ وڃي بيٺي. عبيدالله صاحب پنهنجي پٽ رحيم سان حالات جو جائزو وٺڻ آيو هو تہ ڪورٽ جي ڪارروائي بعد ڇا معاملو اختيار ٿيندو، متان حالات بدلي وڃن ۽ ٺاهہ جي ڪا گنجائش نڪري اچي. جمال جي جڏهن عبيدالله تي نظر پئي تہ هُن کي تئين خار آيو، هوءَ ائين سمجهندو رهيو تہ هي سڀ ڪم عبيدالله جا ڪيڏ آهن، هو مونکي تنگ ڪرڻ ٿو گهري، تہ جيئن آئون هڪ هارايل دشمن وانگر پنهنجا هٿيار ڇڏي ڏيان، حالانڪ، ائين نہ هو، هوءَ ويچارو ٻنهي جي بهتري ۾ هو، پر حالات کان مجبور هو. فريده کي بہ پنهنجي پيءَ جي ڏکايل صورت ڏسي افسوس ٿي رهيو هو، بهرحال هر هڪ پنهنجي منهن اجنبين وانگر بيٺا رهيا. ڪورٽ جي ٻاهران ڪافي رش هُني، وڪيل پنهنجن مؤڪلن کي قانوني داؤ پيچن وارا بيان سمجهائي رهيا هئا، فريده جي وڪيل بہ هن کي پنهنجو ڏنل سبق ياد ڪرايو. وقت ٿي ويو ۽ ڪوئنار رڙ ڪئي تہ فريده ۽ جمال ڪورٽ ۾ حاضر ٿيڻ، ڪورٽ سڳوري جي عزت ۽ هيبت کان هر هڪ واقف آهي. آهستہ سڀ ڪورٽ ۾ حاضر ٿيا، ڪورٽ جي ڪارروائي شروع ٿي چڪي هئي، عبيدالله،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رحيم، شبانہ ڪورٽ جي ڪارواڻي ٻڌڻ لاءِ بينچن تي وڃي ويٺا. فريده ۽ جمال هڪٻئي جي سامهون ڪٽهڙن ۾ حاضر ٿيا، جج صاحب جي عادلانہ حشمت کان سيني جون نظرون هيٺ هنيون. وڪيلن پنهنجي ڪارواڻي شروع ڪرڻ جي جج صاحب کان اجازت گهري ۽ پهرين فريده جو بيان شروع ٿيو. جمال بيان کي تمام گهري سوچ سان ٻڌي رهيو هو، ۽ سندس دل الزامن جي تيرن سان زخمي ٿي رهي هئي، پر ڪورٽ جي ڪٽهڙي ۾ جرات ڪري ڳالهائڻ ۽ اُنهي جو جواب ڏيڻ صرف وڪيل جي معرفت ڪري سگهيو ٿي، ڇو تہ زبان جي بيان تي قانون جي سچائي جو بنياد آهي، متان بيان ۾ ڪو اهڙو غلط جملو ڳالهائي وڃهي جيڪو سندس شڪست ثابت ٿئي. پر جمال تہ طلاق ڏيڻ آيو هو، هن کي ڇا تہ فريده ڪهڙي نموني هُن جي ڪردار ڪشي ڪري رهي آهي، بهرحال تڏهن بہ ٻڌو آهي. جڏهن فريده پنهنجو بيان ختم ڪيو تہ جمال جو وڪيل بيان تي ڪراس سوال ڪرڻ لاءِ اُٿيو تہ جيئن فريده تي سوالن جي پوڇاڙ ڪري سندس بيان کي ڪوڙو ثابت ڪري، مگر جمال جج صاحب ڏانهن نهاريو ۽ هُن کان اجازت گهريائين تہ هو هڪ ڪاغذ ڪورٽ سڳوري ۾ پيش ڪرڻ گهري ٿو. جج صاحب اجازت ڏني تہ جمال کيسي مان هڪ ڪاغذ ڪڍي جج صاحب جي حوالي ڪيو، جج صاحب ڪاغذ کي پڙهڻ لڳو ۽ ٿڌو ساه ڀري چشمو لاهي ٽيبل تي رکيو تہ سڄي ڪورٽ ۾ خاموشي ڇانئجي ويئي. هرڪو اِهو سوچڻ لڳو تہ آخر ڪاغذ ۾ ڇا آهي، جنهن جي صفائي لِلاءِ سڀ جج صاحب جي منهن ۾ ڏسڻ لڳا تہ جج صاحب چيو،

’ڇا تون واقعي طلاق ڏيڻ گهرين ٿو؟

’جي ها‘ جمال اعتماد سان چيو.

ڪورٽ ۾ ويٺل عبيدالله، رحيم ۽ شبانہ جمال جي انهي جملي جي ادائيگي ۽ فيصلي جو وهم و گمان بہ نہ هو، پريشاني کان هڪٻئي جا چهرا تڪڻ لڳا، فريده کي تہ ڄڻ نانگ سونگهي ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنهڪري جمال خود طلاق ٿو ڏيني تہ ڪورٽ کي ڪهڙو اعتراض ٿي سگهي ٿو. جج صاحب هن کي اجازت ڏني تہ جيڪي هو وڏيڪ چوڻ گهري ٿو چوي تہ جمال وڏي آواز چيو.
آئون جمال اڪبر ولد مٺن خان پنهنجي زال فريده بنت عبيدالله کي شرع محمدي مطابق هن ڪورٽ سڳوري ۾ طلاق ڏيان ٿو.
آئون طلاق ڏيان ٿو.... آئون طلاق ڏيان ٿو.
طلاق!.... طلاق!!.... طلاق!!!....سڄي ڪورٽ طلاق جي آواز سان گونججي ويئي. طلاق جا آواز فريده کي جهنجهوڙي رهيا هئا. هوءَ هڪ بت وانگر بيٺي رهي، سندس اکين مان نير وهڻ لڳا. عبيدالله، رحيم ۽ شبانہ پنهنجي ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيا. ايتري ۾ ڪورٽ سڳوري پنهنجو فيصلو ٻڌايو تہ جيئن جمال پنهنجي زال فريده کي طلاق ڏني ۽ ڪورٽ سندس طلاق کي قانوني طور تسليم ڪري ٿي. ڪورٽ جي ڪاروائي ختم ٿي، وڪيل صاحبان پريشان هئا تہ هڪ شنوائي ۾ فيصلو، اهو شايد هنن لاءِ پهريون تجربو هو. بهرحال شرعي ۽ قانوني ٻئي ضرورتون پوريون ٿي چڪيون هيون. سڀ ڪورٽ کان ٻاهر نڪتا، جمال پنهنجي ڪار ۾ وڃي ويٺو ۽ ويٺو رهيو، هن سگريٽ ڪڍيو ۽ دکائي ڪش وٺڻ لڳو، هن کي ائين محسوس ٿي رهيو هو تہ ڄڻ هن جي ذهن تي ڪو بار هو سو هلڪو ٿي ويو. سامهون ڪار جي شيشي مان هو فريده کي ڏسي رهيو هو، جيڪا شبانہ سان گڏ آهستگي سان قدم وڌائيندي سندن ڪار طرف وڃي رهي هئي تہ ايتري ۾ سامهون سندس نظر پٽس عبيدالله تي پيئي، فريده قدم وڌائي پٽس جي ڇاتي تي مٿو رکي ڇڏيو ۽ اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳي، پٽس شفقت سان سندس مٿي تي هٿ ڦيرائڻ لڳو ۽ چيائين.
"امان فريده.... هاڻ تون مطلق ٿي وئين، خوامخواه پرايا در پئي ڏسين، تنهن کان بهتر آهي، عدت جا ڏينهن هلي مون وٽ رهو، پوءِ جيڪا تنهنجي قسمت هوندي تنين ٿيندو.
"بابا.... مون پنهنجي لاءِ سڀ در بند ڪري ڇڏيا آهن..... آئون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وري ساڳيو در ڪڙڪايا.... نہ ...... نہ .... آئون هاڻي پنهنجو رستو پاڻ اختيار ڪنديس.“ فريده چيس تہ عبيدالله جي اکين ۾ پاڻي اچي ويو ۽ چيائين.
”ماڻهن جا در اولاد لاءِ هميشہ کليل آهن.... جيڪڏهن مڙس جو در بند ٿيو تہ ڇا مائٽ بہ پنهنجي اولاد کي ڌڪا ڏيني گهر کان ڪڍندا.“
”بس بابا!... مونکي معاف ڪريو.“ فريده سندس پيرن تي ڪري پئي تہ عبيدالله جي دل مجبوري کان سوڪڙو کائي ويني، هن کي احساس ٿيو تہ واقعي سندس گهر بہ هن لاءِ آستانو ناهي!.... پنهنجي گهر ۾ بہ هن کي سُڪون ناهي.... پرڇو !!.... هن فريده کي ٻانهن مان جهلي اُٿاريو ۽ چيائين
”امان ٻکي بہ اونداهي مهل پنهنجي آکيري تي ايندا آهن، تنهنجي لاءِ هاڻ زندگي اوندهہ ٿي ويني آهي، تنهنڪري بهتر آهي پنهنجي آکيري ڏانهن هل.“
”ٻکي هاڻي زخمي آهي، سندس پر ڀڃيا پيا آهن، هو ڪيئنن اُڏامي آکيري تائين پهچي، انهي کان اڳ هن کي ڪتا ٻلا کائي ويندا...... مونکي هاڻي اهڙو هنڌ کپي جتي منهنجن پرن ۾ طاقت اچي ۽ آئون ٻيهر اُڏامي سگهان. تنهنڪري مونکي پنهنجي گهر نہ وٺي هل پر مونکي موڪل ڏيني تہ آئون وري ساڻني هنڌ وڃان ۽ اهو تنهنجو موتي ٽورو ٿيندو.“ فريده چيس تہ عبيدالله وٽ ٻي ڪا واه نہ رهي، ڇوتہ هوءِ وٽس رهڻ لاءِ بلڪل راضي نہ هئي، جاهل ماحول جتي عورتن کي سواءِ هڪبني تي الزام تراشي ۽ نڪتہ چيني ڪانسواءِ ڪچهري لاءِ موضوع ناهي ... هن ٿي چاهيو تہ وري وڃي سندن تبصري جو موضوع بڻجي. تنهن کان بهتر آهي تہ پنهنجي گهر کان پري رهجي. عبيدالله هن کي پسيل اکين سان اجازت ڏني ۽ فريده کي شبانہ سهارو ڏيني ڪار ۾ ويهاريو ۽ رواني ٿي ويني. جمال جيڪو اهو منظر ڪار جي شيشي مان ڏسي رهيو هو، تنهن کي حالانڪہ ڳالهين جي خبر ڪونہ پئي، پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن کي فريده جي دل شڪني جو احساس ضرور ٿيو. هُن جو سگريٽ بہ ختم ٿيڻ وارو هو، سگريٽ کي ٻاهر اڇلي ڪار اسٽارٽ ڪري سڌو آفيس آيو.

فريده جي طلاق جي خبر شفيق لاءِ سٺي خبر نہ هُني، هن جي صلاح تي فريده طلاق جي دعويٰ دائر ڪئي هئي، سندس خيال هوتہ حالات رُخ بدلائيندا ۽ جمال سان ناهہ ٿي ويندو، بعد ۾ ڪورٽ مان دعويٰ واپس ورتي ويندي، پر سندس خيالي پلائو ناڪام ويو هُن صرف تصوير جو هڪ رُخ ڏٺو، تصوير جو ٻيو پاسو هُن ڏسڻ گوارا نہ ڪيو، جنهن تي ڪابہ تصوير نہ هوندي آهي ۽ نتيجو طلاق جي صورت ۾ نڪتو. فريده پنهنجي عدت جو مدو چاليهہ ڏينهن رکيو، جيڪي شبانہ جي بنگلي ۾ هڪ ڪمري اندر رهي گذارڻ لڳي، ڏينهن گذرندي ويا، ٻئي طرف انيس الرحمٰن کي جڏهن خبر پئي تہ فريده کي طلاق ٿي ويئي آهي ۽ شبانہ وٽ عدت جا ڏينهن گذاري رهي آهي تہ هو وڌيڪ شڪيو تہ پڪ سان شفيق ۽ شبانہ ڪو مٺ مچائڻ وارا آهن. هن شفيق ۽ شبانہ سان ڳالهايو هو، جنهن هن کي يقين ڏياريو هو تہ معاملو ڪجھ بہ ناهي پر سندس دل کي يقين نہ پئي آيو، هاڻي تہ هُن کي پڪ ٿي ويو تہ شايد شفيق ۽ فريده شادي نہ ڪري وجهن.

هن سيٺ احمدعلي سان ملاقاتن جو سلسلو وڌائي ڇڏيو ۽ ڳالهين ڳالهين ۾ معلومات پيو وٺندو هو تہ سيٺ احمدعلي جا ڇوڪرا ڪڏهن تا امريڪا مان اچن. عدت جا ڏينهن جيئن جيئن ختم ٿيڻ تي اچڻ لڳا تہ هن جي پريشانين ۾ وڌيڪ اضافو ٿيڻ لڳو. اجان عدت پوري ٿيڻ ۾ بہ ڏينهن باقي هُنا تہ فريده کي تعليم کاتي کان انٽرويو ليٽر اچي مليو، جنهن ۾ هن کي حاضري ڏيڻ لازمي هئي. هُن خدا جو شڪر بجا آندو تہ تاريخ سندس عدت کان ٿي ڏينهن بعد ۾ هُني، هوءَ ڏاڍي خوش ٿي تہ هاڻ پڪ سان نوڪري ملندي ۽ پوءِ هوءَ شبانہ جا ٿورا لاهي، سندس گھر مان منتقل ٿي ويندي. اڄ سندس عدت ختم ٿيو، هن مٿي تان

ڪاري پوتي لاءِ سفيد پوتي پهري ، وهنجي ڪپڙا بہ بدلايا ، هلڪو ميڪ اپ بہ ڪيو ۽ گهڻن ڏينهن بعد بزار ويني ۽ دنيا جي رنگينين ۾ پاڻ کي شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪني، رات جو پنهنجي انٽرويو لاءِ تياري بہ شروع ڪري ڏنائين. فريده ٻني ڏينهن ڊسٽرڪٽ ايڊيوڪيشن آفيسر جي دفتر ۾ انٽرويو لاءِ پهچي ويني، جتي سوين ڇوڪريون پنهنجي واري جو انتظار ڪري رهيون هيون. پٽيوالي جڏهن ٻارهون نمبر آواز ڏنو تہ فريده آفيس ۾ ويني. سليڪشن ڪاميٽي هن کان سوال ڪيا ، جن جو جواب هن انهي وقت بنان ڪنهن گهبراهٽ جي ڏنو. انٽرويو ڏيئي جڏهن فريده واپس آئي تہ پنهنجي ڪامياب انٽرويو تي ڏاڍي خوش هني ۽ شبانہ کي باربار سندس جوابن جي صحيح هئڻ جي تصديق ٻڌائي خوش ٿي رهي هني. شبانہ سندس چهري تي گهڻن ڏينهن بعد خوشي جي لهر ڏٺي تہ کيس دلي خوشي ٿي٠ ڇاڪاڻ جيڪو مشن هن هٿ ۾ کنيو هو تنهن کي پايہ تڪميل تي پهچايو.

شفيق گهڻن ڏينهن.بعد اڄ شبانہ جي بنگلي تي آيو. لاڻ ۾ فريده اڪيلي ويني هني ۽ عديل کي راند ڪرائي رهي هني، شبانہ ۽ ناصر خريداري لاءِ بزار ويل هئا٠ هن جي نظر جڏهن فريده تي پيني تہ فريده يڪدم عديل کي کڻي بنگلي ۾ اندر وڃڻ جي ڪني تہ شفيق روڪي ورتس٠ فريده کي غمن ڪمزور ڪري ڇڏيو هو، پر شفيق کي سندس ڪمزوري اسمارٽ جي صورت ۾ ڏسڻ ۾ آني، ٿورو فيشن ۽ ٿورو ميڪ اپ ، تنهن فريده کي جوان ڪري ڇڏيو هو، هوءِ بلڪل سترهن سالن جي ڇوڪري ٿي لڳي٠ شفيق کي سندس اکين تي اعتبار نہ پيني آيو يا شايد محبت جي لڪل چڻنگ وري دکي پيني هن کي فريده جي هر ادا پسند اچڻ لڳي هني٠ فريده لان چيئر تي ويهي رهي ۽ شفيق سندس سامهون وينو ۽ ڪجهہ وقت خاموشي سان کيس ڏسندو رهيو تہ فريده ٿورو شرمسار ٿي پر وري پاڻ کي روڪي وڌائين ۽ خوامخواه چهري تي ڪاوڙ ۽ سنجيدگي جا تاثر پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪني.تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شفيق ڪلي ڏنو. دل ۾ سوچيائين تہ عاشق جي نظر معشوق جي دل جون گهرايون ماپي وٺندي آهي، هي خوامخواه پاڻ کي سنيالي مونکي بيوقوف ٺاهي رهي آهي پر حقيقت ۾ هُن جي دل ۾ شايد منهنجي لاءِ ڪجهہ راه آهي، تنهنڪري گفتگو جو آغاز ڪندي چيائين.

"انٽرويو ڪيئنن ٿيو."

"ٺيڪ ٿيو."

"انشاالله نوڪري ملي ويندي."

"انشاءالله"

"منهنجي سفارش جي ضرورت تہ ڪونهي."

"توهان جي مهرباني." فريده چيس تہ شفيق جي دل ۾ جلترنگ وڄڻ لڳا. فريده جو آواز بہ پيارو ٿي ويو آهي. هُن کي پنهنجي ڪنن تي اعتبار نہ اچي رهيو هو، هن وري چيو.

"پلا مستقبل لاءِ ڇا سوچيو اٿني؟"

"نوڪري ۽ هاسٽل جي زندگي!" فريده مختصر جواب ڏنس

"ڇا تون سڄي زندگي اڪيلائي ۾ گذاريندي!"

"جي ها ... مون سوچي ڇڏيو آهي."

"بيوقوفي آهي، زندگي جو سفر ڏاڍو ڏکيو آهي، اڪيلائي ۾ بسر نہ ڪري سگهندين."

"تہ پوءِ آئون ڇا ڪريان؟"

"شادي...!!!"

شادي جو لفظ هن جي دل ۾ تير وانگر لڳو ۽ هُن دل ۾ درد محسوس ڪيو پر خاموش ويٺي رهي ڪو جواب نہ ڏيئي سگهي تہ شفيق وري چيس.

"آئون توسان شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهيان."

فريده کي ائين محسوس ٿيو تہ هوءَ وري اونداهين جي گهرائي ۾ هلي ويئي آهي. هُن کي شادي ۽ طلاق جو تلخ تجربو هو، تنهنڪري هُن ڪان ڪو جواب نہ پئي ڏئي سگهيو تہ شفيق کي ڇا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شبانہ جون مهربانيون ، انيس الرحمٰن جي ڪاوڙ هن جي چوي ، اکين اڳيان تصوير وانگر ڦرڻ لڳيون. هن جي دماغ ۾ گهنڊ وجڻ لڳا. فريده بلڪل خيالن جي دنيا ۾ غائب ٿي ويني ته شفيق وري چيس.

'تو جواب نہ ڏنو' فريده خيالن جي دنيا مان واپس اچي ويني ۽ چيائين

'توهان فرزانہ سان شادي ڪريو، مون سان شادي مان توهان کي ڪجهہ بہ نہ ملندو، توهان جي گهر جا سڀ فرد ناراض ٿيندا ۽ آئون بہ طلاق وٺان... تنهن کان بهتر آهي تہ توهان منهنجي باري ۾ سوچڻ ڇڏي ڏيو.'

'شادي تون مون سان ڪندين... انهي ۾ آئون ماڻهن کي شريڪ نہ ڪندس.' شفيق چيس

'ماڻهن کي جڏهن خبر پوندي تہ هو تو کان وڌيڪ منهنجا دشمن ٿيندا ۽ آئون ٻيهر پنهنجي زندگي زهر ڪرڻ ڪونہ ٿي گهران'

فريده ٺهہ پهہ جواب ڏنس تہ شفيق مايوس ٿي پيو ۽ پير سان زمين تي آهستگي سان بوٽ جا ڏڪ هڻڻ لڳو. هو فريده کي چتائي ڏسي رهيو هو، يقين نہ پئي آيس تہ فريده اهڙي سنگدلي سان جواب ڏيندي. هن اُٿڻ واري ڪئي پر وري ويهي سوچڻ لڳو ۽ چيائين.

'فريده ... مونکي توسان اڃان بہ محبت آهي... آئون تنهنجي محبت کي وساري نہ سگهيو آهيان. بهتر اهو آهي تہ مونسان شادي ڪر، پاڻ تمام خوش زندگي گذاريندا سين. آئون تنهنجي دل مان غمن کي پيار ڏيئي ٻاهر ڪڍي ڇڏيندس. آئون توکي ايترو پيار ڏيندس جنهن جو توکي تصور بہ نہ هوندو.'

فريده کي شفيق جي انهن جملن جڻ ڌڪ ٿي ڏنو. هُن جي دل بہ محبت کان خالي نہ هئي، پر هُن کي مستقبل جي حالات جو اڳواٽ احساس ٿيڻ لڳو هو، هڪ دفعا چوٽ کائي چڪي هئي، هوءِ هاڻي سماجي معاملن کي بلڪل صحيح سمجهڻ لڳي هئي، تنهنڪري کو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جواب نہ ڏنائين ۽ خاموش ويٺي رهي تہ شفيق اُٿيو ۽ وڃڻ واري ڪيائين. ويندي مهل وري فريده کي چيائين

”آئون صبحاڻي وري ايندس، شايد تون هينئر ڪو فيصلو نہ ڪري سگهين، صبحاڻي مونکي توکان صحيح جواب ملندو... چڱو خداحافظ!“

شفيق تڪڙو تڪڙو اچي ڪار ۾ ويٺو ۽ بنگلي مان نڪري ويو. فريده تي وري اچي خيالن حملو ڪيو، هوءَ شفيق جي ڳالهايل هڪ هڪ لفظ تي غور ڪرڻ لڳي ۽ مستقبل ۾ پيدا ٿيندڙ حالات تي بہ غور ڪرڻ لڳي، سندس زندگي ڇا آهي... ۽ ڪينئن گذرندي تنهن جي پهلوئن تي سوچيندي رهي تہ شبانہ ۽ ناصر بہ شاپنگ ڪري واپس آيا. ننڍڙي عديل ڊوڙي وڃي ماڻس جو استقبال ڪيو، هن يڪدم رانديڪن جو پيڪٽ سندس حوالي ڪيو ۽ سڀ ڳالهيون ڪندا بنگلي اندر داخل ٿيا. فريده پنهنجي ڪمري ۾ آئي تہ هُن کي وري شفيق جا جملا ڏنگڻ لڳا. پهرين هُن سوچيو تہ شبانہ سان مشورو ڪجي، پر وري سوچيائين تہ ڳالهہ ڪرڻ بہ گناہ ٿيندو ڇو تہ شبانہ صرف سندس مددگار آهي، شادي ۾ خوش ڪونہ ٿيندي، تنهنڪري سڀ بار پاڻ پنهنجي دل تي کڻي سوچڻ لڳي. ڇا شفيق کي شادي کان جواب ڏيڻي ڇڏي؟ ڇا آئون زندگي هميشہ لاءِ اڪيلي گذاريندس؟؟... ڇا منهنجو ڪنهن بني انسان سان واسطو نہ رهندو؟؟؟....اهي ڪجهہ سوال هئا جن تي سوچيندي رهي ۽ پنهنجي زندگي جو ڳس ڳولهيندي رهي. رات جو بستري تي پاسا ورائيندي سندس بت ۾ سور پئجي ويو پر ننڊ سندس اکين مان غائب ٿي چڪي هئي. آخر هُن فيصلو ڪري ورتو تہ هو شفيق سان ڪي شرط رکندي. پهريون ڪنهن بہ گهر جي ڀاتي کي خبر نہ پئي تہ شادي ٿي آهي ٻيو هوءَ نوڪري بہ ڪندي رهندي، ٽيون هوءَ جدا ڪنهن فليٽ ۾ رهندي ۽ جيستائين سندس ماڻٽ خود سندن ننهن قبول ڪري وٺڻ نہ ايندا، ايستائين هو سندس پيءُ جي گهر نہ ويندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چوٽون هو فرزانہ سان ٻي شادي ڪڏهن نہ ڪندو، جيڪڏهن هُن اهي شرط قبول ڪيا تہ شادي ڪندي.... نہ تہ بلڪل نہ... آخر شادي هُن جي ضرورت هني، هن جي مامتا تڙپي رهي هني، هن سوچيو تہ وري گهر آباد ٿيندو، ٻار ٿيندا ۽ هوءَ خوش رهندي. هُن جڏهن فيصلو ڪري ورتو تہ نند سندس اکين ڪي گهيري ويني، ٻني ڏينهن شام جو شفيق وري وعدي مطابق حاضر ٿيو تہ هن اڪيلائي ۾ سڀ ڪجهہ هُن ڪي ٻڌايو. شفيق سندس شرط منظور ڪيا تہ فريده شادي ڪرڻ جي حامي ڀري ۽ شفيق جي دل خوشي کان ٽپا ڏيڻ لڳي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

24

شادي ۽ شادي جي تاريخ طيءَ ٿي چڪي هئي، شادي ڪٿي ٿيندي، ڪهڙي نموني ٿيندي، تنهن جي صرف فريده، شفيق ۽ سندس دوستن کي خبر هئي، جيڪي اڳيئي فليٽ تي انتظار ڪري رهيا هئا، جيڪو صرف فريده جي رهائش لاءِ مسواڙ تي ورتو ويو هو. اڄ فريده پاڻ ڪنوار هئي ۽ پاڻ ڄاڃي، هن پنهنجو پاڻ کي سينگاريو ۽ صوفي تي ويهي رهي، سندس اکيون دري پريان پٽ ۾ لڳل گهڙيال ڏانهن کڄي ٿي ويون. هُن کي گهڙي تمام سست رفتار ڏسڻ ۾ اچي رهي هئي، ڏهه ٿيڻ ۾ اڃان ڪافي دير هئي. شبانه ايتري ۾ سندس ڪمري ۾ هلي آئي، جڏهن شبانه ڏٺو ته هن وقت ماٺهو سمهڻ جي ڪن پر انهي جي خلاف فريده سينگار ڪيو آهي معنيٰ ضرور ڪا ڳالهه آهي، سو غير ضروري طور تي وٽس ويهي رهي ته فريده کي پريشاني ٿي پيئي هن وري گهڙيال ڏانهن ڏٺو ته ڏهه ٿي رهيا هئا، هن وڌي دري مان رستي ڏانهن ڏٺو، پر اتي ڪا به ڪار بيٺل نه هئي....هو وري پريشاني کان واپس ٿيڻ لڳي ته شبانه سوال ڪيس

”فريده! اڄ غير ضروري سينگار!!.. ڪنهن لاءِ!!!“

”آئون شادي ڪري رهي آهيان“

”شادي!!!“ شبانه تعجب مان چيو.

”ها شادي.“

”پر ڪنهن سان؟ اڃا شبانه ڳالهايو مس ته رستي تي ڪار اچي بيٺي ۽ هارن ڏنو. فريده يڪدم دري ڏانهن وڌي ۽ يقين ٿي ويس ته شفيق اچي ويو، هو دري کان وري در ڏانهن وڌي ته شبانه وري پڇيس

”فريده... ڇا تون واقعي شادي ڪري رهي آهين؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

’ها. . .!شفيق سان!!‘ فريده سندس ٻنهي سوالن جو جواب ڏيندي ڇڏيو ته شبانه جون وايون بتال ٿي ويون. هن کي اها اميد نه هئي ته فريده وري هٺ هڻندي سندس پاڻ کي قابو ڪري ونندي. هائي هو پٽس کي کهڙو منهن ڏيکاريندي، تنهنڪري هن فريده کي طعنو هڻندي چيو.

’جنهن ٿانو ۾ کاڌئي انهي ۾ ڇيد ڪيئي. شرم ڪونه ٿو اچيئي.‘

’شرم ڇا جو. . .مون تنهنجي حق تي ته ڌاڙو ڪونه هنيو آهي، شفيق سان شادي ڪري رهي آهيان، سا به منهنجي مرضي نه بلڪ سندس مرضي آهي.‘ فريده يڪدم جواب ڏنس . شبانه کي فريده جي بيباڪي تي تعجب ٿيو. هُن وري چيس.

’توکي خبر ناهي. . . اسان شفيق جي شادي فرزانه سان ڪرائي رهيا آهيون.

’اهو سوال شفيق کان پڇ. . . مونکان نه. . . . توکي ياد آهي. . . مون تنهنجي چوڻ تي ڇا ڪونه ڪيو، جيئن چوندي هئين، تيئن آئون شفيق کي چوندي هئس. . . شايد تو ڪنهن سان به ڦٽائڻ ڪونه ٿي گهريو، بلڪ پنهنجي گهر جون خوشيون ڏسڻ ٿي گهريون ۽ تو مونکي استعمال ڪيو. . . منهنجو گهر ڦٽو. . . سو تنهنجي چوڻ تي. . . فريده بلڪل ڦاٽي پيئي. هُن شبانه کي جڏهن بلڪل سڌا تير هڻڻ شروع ڪيا ته شبانه کان رڙ نڪري ويئي.

’فريده پنهنجي زبان کي لغام ڏي.‘

’ها. . . . مونکي چوڻ ڏي، فريده جذباتي ٿي پيئي. ياد آهي. . . تنهنجي چوڻ تي مون شفيق کي چيو هو ته آئون سندس آخر وقت تائين انتظار ڪنديس، شايد اڄ منهنجو انتظار ختم ٿيو. آئون وڃي رهي آهيان. . . چيو چايو معاف ڪجان. . . خدا حافظ!!!‘

فريده تڪڙي ڪمري مان نڪري ويئي ۽ شبانه کيس ڏسندي رهجي ويئي، تڪڙ ۾ فريده کان سندس سوٽ ڪيس به ڪٿڻ وسري ويو. شبانه اِنهي غير متوقع ۽ اوچتي واقعي کان پريشان ٿي پيئي، هُن يڪدم پٽس کي فون ڪري سڀ واردات ٻڌائي،

جنهن هُن کي ڪافي ٻرو ڀلو چيو، واقعي تون منهنجي گهر ڀاتين جي ذميدار آهين، شبانہ گهڻي سمجهايس پر پٽس هڪ بہ نہ ٻڌي ۽ ڪاوڙ مان فون بند ڪري ڇڏيو تہ شبانہ جي ٻٽ مان سيءَ نڪري ويو. هاڻ هو ڪري بہ ڇا ٿي سگهي، جڏهن جي هن کي خبر ڪونہ هئي، تہ جينن مائٽن کي خبر ڪري ٻهرحال مايوسي ڪان ٻاهر اچي ويهي رهي. لان کي چنبيلي جي خوشبوءِ معطر ڪري ڇڏيو هو، پر هن جي مزاج ۾ هينئر غصو هو، تنهنڪري چنبيلي جي خوشبوءِ بہ هن کي بدبوءِ ٿي لڳي رهي هئي. پشيماني ڪان هڪ جڳهہ وينو نہ پئي ٿيس، هوءِ اُٿي ۽ واپس ڪمري ۾ هلي وئي ۽ ناصر کي سڀ ڪجهہ ٻڌائڻ لڳي تہ شايد هو ڪا هُن جي مدد ڪري سگهي، پر مڙسس هُن کي سندس مغرب پرست خيالن جي اِها ڀهرين سزا قرار ڏيني سمهي رهيو.

فريده جينن ڪار ۾ ويٺي تہ شفيق رڳو ايڪسيليٽر دٻايو ۽ ڪار هوا سان ڳالهيون ڪرڻ لڳي، ڪار بنگلن جي علائقي مان نڪري ويڪري ۽ وڏي رستي تي ڊوڙي رهي هئي. ڪار جي رفتار غير معمولي طور تي تيز هئي، رستي جي ٻيئل هڪ ٽريفڪ سارجنٽ هن کي سيٽي هنئي، پر شفيق ڪٿي رڪڻ وارو هو، هُن تئين رفتار تيز ڪئي تہ ٽريفڪ سب انسپيڪٽر سرڪاري موٽر سائيڪل تي سوار ٿي سندس پٺيان لڳو، پوليس سائرن جي آواز تي رستي تي ڊوڙندڙ ڪارن رستي جي پاسن ڏانهن ٿينديون ويون ۽ سارجنٽ تيز رفتاري سان شفيق جي ڪار جو تعاقب ڪرڻ لڳو. سائرن مسلسل وڄي رهيو هو، شفيق ڪار جي مرر مان ڏٺو تہ سب انسپيڪٽر ڪافي پري هو، هو خوش ٿيو تہ شايد هو سندس رينج مان نڪري ويندو پر اها سندس خوشفهمي هئي. ڪار سندس ڪنٽرول مان نڪري ويئي هن گهڻيئي ڪوشش ڪئي پر بجاءِ رستي جي ڪار فٽ پاٿ تي چڙهي ويئي. هن يڪدم بريڪ هنيو، وڏي آواز سان چرڙاهٽ جو آواز تہ فٽ پاٿ تي اينڊز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ويندڙن جو ڏيان يڪدم هن طرف اُٿي پيو، ڪار زور سان هڪ بجلي جي ٿنڀي سان ٽڪرائي، وڏو ٺڪاءُ ٿيو ۽ ڪار ڇڪنا چور ٿي ويئي. ٽريفڪ سب انسپيڪٽر سائرن جا آواز ڏيندو اچي سندس مٿان بيٺو، هُن ڪي نوجوانن جي بي راه روي تي افسوس ٿيو ۽ ٿوري دير ۾ پوليس سائرن جي بجاءِ ايمبولينس جا سائرن وڄڻ لڳا. ايمبولينس ٻن زخمين کي کڻي اسپتال پهتي، ڊاڪٽر زخمين کي ڏٺو، هڪ زخمي کي ته هُن بلڪل مرده قرار ڏيني ڇڏيو ۽ ٻئي کي آپريشن ٿيٽر موڪليو ويو، جيڪو زندگي ۽ موت جي ڪشمڪش ۾ هو، بعد آپريشن جي زخمي کي ملم پٽي ڪري وارڊ ۾ داخل ڪيو ويو. ڊاڪٽر وري مرده زخمي وٽ آيو، ڪير آهي! ڪٿي جو آهي!! سندس ايڊريس ڇا آهي!!!.... ڪنهن کي خبر ڪونه هئي. ڊاڪٽر هڪ وارڊ بواءِ کي حڪم ڏنو ته زخمي مرده جي کيسن جي تلاشي ورتي وڃي. وارڊ بواءِ تلاشي ورتي ۽ هڪ ڪارڊ ڊاڪٽر ڏانهن وڌايو، جنهن تي آفيس ۽ رهائش جو فون نمبر لکيل هو. زخمي جو نالو وڏن اکرن ۾ لکيل هو... شفيق الرحمٰن.

ڊاڪٽر انساني همدردي طور پنهنجي آفيس ۾ اچي شفيق جي گهر فون ڪيو، سندس والد جنهن کي پهرين شبانه فون ڪري سندس پياءُ جي شادي جو اگهيني ٻڌائي چڪي هئي سر فون جي پاسي ۾ ئي پيل ڪرسي تي ويٺو هو ته فون جي گهنٽي وڳي. انيس الرحمٰن يڪدم رسيور کنيو.

"هيلو."

"توهان جو هڪ رشتيدار ايڪسيڊنٽ ٿي اسپتال پهتو آهي، توهان يڪدم اسپتال اچو." ڊاڪٽر ٻڌايس.

"سندس نالي جي ڪا خبر!"

"شفيق الرحمٰن!!"

انيس الرحمٰن جي هٿ مان رسيور ڪري پيو، سندس ڪاوڙ يڪدم ڏک ۾ تبديل ٿي ويئي، هن رڙ ڪئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

'اسماءَ ... اسماءَ...
'ڇا آهي! ڇو رڙيون ڪري رهيو آهين.'
'شفيق جو ايڪسيڊنٽ ٿي پيو آهي.'
خدا خير ڪري... جلدي هلو... ٻئي جلدي ڪار ۾ ويٺا ۽ اسپتال روانا ٿي ويا. اسپتال ۾ هو ڇرين وانگر اندر آيا... شفيق ڪٿي آهي!؟... شفيق ڪٿي آهي!!... سندس رڙين تي لاش جي پاسي ۾ بيٺل وارڊ بواءِ اشارو ڪيو ته 'هي'. انيس الرحمٰن ۽ اسماءِ يڪدم سندس منهن تان ڪپڙو لاٿو... هُن جي دل ڦاٽي پيئي... هُن جو دماغ چڪرائجي ويو، اسماءِ هانءَ ڦاڙ رڙيون ڪرڻ لڳي.
هاءِ شفيق پٽ... هي تو ڇا ڪيو... اڙي تون ته شادي ڪرڻ پئي وئين... تو پنهنجي ڳاڙهي ڪنوار ڪيڏانهن ڪئي.... هاءِ ... پر تون پاڻ ڪنوار جي ڪپڙن وانگر رت سان ڳاڙهو آهين... هاءِ پٽ ... هاءِ ابا... هاءِ هاءِ...
اسماءِ پنهنجي هوش مان نڪري ويئي.
'پٽ... آئون تنهنجي شادي ۾ ناراض ڪونه هئس... پر مونکي شريڪ ته ڪرين ها.' انيس الرحمٰن پنهنجي دل جي ڀڙاس ڪڍندي رڙيون ڪندي چيو ۽ رومال سان اکين مان ڳوڙها اگهندو رهيو، رڙين تي ڊاڪٽر پنهنجي ڪمري مان نڪري آيو ۽ ڪيس هٿ ۾ هڪ پرچو ڏيندي چيو
'جيڪو خدا کي منظور....بهرحال هي گيٽ پاس وٺو ۽ لاش ڪڻائي وڃو.
باقي...شايد توهان جي...ننهن زخمي حالت ۾ وارڊ ۾ داخل آهي، اڃان بيهوش آهي، جڏهن هوش اچيس ته توهان ملي سگهو ٿا.
'انهي بي ايمان کي موت ڪونه آيو... منهنجو سڪيلڌو پٽ ماري ڏنائين... بڇڙي...' اسماءَ رنندي نفرت سان چيو.
'ٺيڪ آهي ڊاڪٽر صاحب... آئون ايمبولينس جو انتظام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪرائي پنهنجي گهوٽ کي گهر ڪٺائي ٿو وڃان.. باقي ٻني زخمي ۾ منهنجو ڪجهه ٻه نه وڃي. انيس الرحمٰن انين چئي اسپتال کان ٻاهر ايمبولينس وٺڻ لاءِ نڪتو ته ڊاڪٽر تعجب سان ڪيس ڏسندو رهيو، هن کي ڪهڙي خبر ته فريده سندس ننهن ناهي..... ٽيڻ واري هني پر شفيق کي اڳي اجل جي فرشتي موت جي ننڊ سهاري ڇڏيو. زندگي جا رنگ به عجيب آهن، خوشي يڪدم غم ۾ بدلجي ويني، شفيق وفات ڪري ويو ۽ فريده بيهوشي جي حالت ۾ اسپتال ۾ داخل هني. ٻئي طرف سندس والدين جيڪي شادي کان بلڪل ناراض هنا تن جي ڪاوڙ غم ۾ تبديل ٿي ويني ۽ افسوس ڪرڻ لڳا ته جيڪڏهن هو پنهنجي هٿن سان شادي ڪرائين ها ته شايد هي واقعو پيش نه اچي ها.... پر اڪين ڏئي مڪ ڪير ٿو ڪڙڪائي. اسماءَ جو اسٽينڊرڊ يڪدم آسمان تان زمين تي ڪري پيو. انيس الرحمٰن جيڪو ملڪيت جي واڌ ۽ ڪاروبار جي ترقي لاءِ سيٺ احمدعلي جي ڌي فرزانه سان سندس شادي ڪرائڻ وارو هو، تنهن جي ته دنيا تاريڪ ٿي ويني، هن جو هاڻي ڪير وارث هو، هاڻي هو ڪنهن لاءِ ملڪيت ميڙيندو.

ا انيس الرحمٰن لاش ڪٺائي بنگلي تي پهتو، شبانه کي به خبر ڏني ويني ته هو

رڙيون ڪندي آئي ۽ اچڻ شرط پنهنجي پاءُ جي لاش سان چهٽي ويني. هُن کي پنهنجو ضمير ڪائي رهيو هو، هو پاڻ کي مجرم سمجهي رهي هني. جيڪڏهن هو فريده کي چٽ نه ڏيني هات شايد اِهو واقعو نه ٿئي ها ۽ سندس پاءُ کانئس اِهڙي نموني جدا نه ٿئي ها..... پر شايد هميشه ماضي تي ويندو آهي... مستقبل تي نظر رکي حال جي تعمير ڪري ها ته سندس ڪاميابي هني، پر هن مستقبل تي نظر نه رکي، هاڻ هنن وٽ ڪجهه به ته نه هو... هو لٽيل هُنا ، گهر جو چراغ گل ٿي چڪو هو، خوشيون هاڻ واپس هِن گهر جو ڪڏهن به رُخ نه ڪنديون.

فريده کي ٻئي ڏينهن باقاعده هوش آيو. هُن جو سڄو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بت سُور ڪري رهيو هو. پاسي ڪان بسترن تي مريض عورتن جي اٽينڊنٽ عورتن سندس سار ۾ خدمت ڪرڻ لڳيون. هنن کي افسوس هو ته ويچاري هن حال ۾ آهي پر ڪير به سندس پڇڻ نه آيو آهي، ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ هُن کي خبر پئي ته شفيق ايڪسيڊنٽ ۾ موت جو شڪار ٿي ويو، هن کي پنهنجي قسمت تي روئڻ آيو، مس مس هن سهارو ڳولهيو هو ته خدا يڪدم هُن کان سهارو به ڦري ورتو. هُن جي دل زماني مان بيزار ٿي پيئي، هن سوچيو منهنجي زندگي ڇا آهي هميشه ڏکن ۾ ... ڇو مونکي موت نه آيو.... پوءِ شفيق ته پنهنجي ڀرپور زندگي گذاري ها..... ڪاش .....ڪاش .... هُن جون اکيون اسپتال جي ڇت ڏانهن کڄي ويون، جيڪا سندس آهه کي آسمان تائين پهچائڻ ۾ رڪاوٽ هئي. هن جي قسمت ۾ بيوه به لکيل ڪونه هو ته متان ڪير پڇي ته ڇني سگهي .... بيوه آهيان .... مڙس گذاري ويو.... ته ماڻهو ڪجهه ڪونه چوندا بلڪ بيوه سمجهي خيال ڪندا پر هوته طلاقيل هئي، جنهن جي باري ۾ هرڪو اگر ڪٿندو ته ضرور ڪجهه عيب هوندس، تڏهن ته مڙس طلاق ڏنس هُن جي دل مان آواز اُٿيو..... شفيق تون مونسان شادي ڪرين ها..... پوءِ ڀلي منهن موڙي وڃين ها ته مونکي توسان ڪا به شڪايت نه ٿئي ها، پر آئون ته ٻنان پٽي جي جينري سڄي زندگي لاءِ ستي ٿيو پئي سڙندس. شبانه سندس اسپتال ۾ داخل واري وقت ڪڏهن به هُن وٽ نه آئي، حالانڪ هُن کي پٽس ٻڌائي چڪو هو پر هاڻ ته هوءِ فريده کي پنهنجي پاءُ جو قاتل سمجهي رهي هئي، وڃڻ مهل صاف زبان ۾ هُن جيڪي اکر شبانه سان ڳالهايا هُنا سي به شبانه جي دل تي داغ هُنا، متان پاڻس جو موت تنهن سندس دل ۾ فريده لاءِ نفرت پيدا ڪري ودي. هميشه ڏکن سکن ۾ ڪيس ڪم اچڻ واري هاڻ سندس دشمن هئي، سوچو سندس خيريت وٺڻ اچي. فريده اسپتال ۾ سورنهن ڏينهن داخل رهي جيڪي سندس سورن جا ڏينهن هئا، هوءِ هاڻ بلڪل اڪيلي هئي، سڀ در هُن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لاءِ بند ٿيندي ويا، آخر هوءَ ڪيڏانهن وڃي. اڄ اسپتال ۾ سندس آخري ڏينهن هو، نرس صبح جو ڏهين بجي ڏاري، ڊاڪٽرن جي رائونڊ بعد سندس هٿ ۾ پرچو ڏنو ته ڊاڪٽر چيو آهي ته تون ٺيڪ آهين باقي هاڻي گهر وڃي آرام ڪر..... ٻن ڏينهن جي دوا اسپتال مان ملندي باقي هفتي ۾ هڪ دفعو او-پي- ڊي ۾ ڏيکاري وڃجان. هُن سوچيو نرس بلڪل ٺيڪ چوي ٿي، پر هو ڪهڙي گهر وڃي آرام ڪري، آرام ته هن لاءِ حرام ٿي چڪو هو. فريده آهستگي سان بستر تان لٿي. سندس ٻانهن تي اڃان پٽيون ٻڌل هنيون، هن سُور کان ٿورو رڙ ڪئي ته نرس چيس "ڪمال آهي .... هيترا ڏينهن ٿيا آهن .... نه ڪير آيو نه ويو... آخر تنهنجو ڪو پيءُ، ماءُ، ڀاءُ، ڀيڻ.... يا مڙس وغيره آهي يا نه ..... تون ڪنهن سان ويندين."

" آئون ڪيڏانهن وينديس، انهي جي مونکي به خبر ڪونهي سسٽر!.. تون مونکي رشتا ٻڌائي رهي آهين، منهنجي لاءِ سڀ رشتا ختم ٿي ويا." فريده ڏاڍي ڏک کان اِهي جملا چئي سگهي ته نرس ٻڌي ماٺ ڪري هلي ويئي. فريده وارڊ ۾ پيل الماري ۾ لڳل آرسي ۾ پاڻ کي ڏٺو ته سندس شڪل چڙيل هئي، زخمن جي ٽانڪن جي ڪري سندس چهري جي زيبائش بلڪل ختم ٿي چڪي هئي، اُنهن ڳاڙهن ڳلن ۾ ڪارا داغ پئجي چڪا هئا، سامهون هيٺين جاڙي ۾ چار ڏند ڀڄي پيا هئا، اکين مان چمڪ ختم ٿي ويئي هئي. هُن ٻنهي هٿن سان پنهنجو منهن لڪايو ۽ آرسي کان پري ٿي بيهي رهي، مريضن جي اٽينڊنٽ عورتن هن کي سهارو ڏيئي اسپتال کان ٻاهر آندو ۽ هڪ عورت هٿ وڌائي سندس هٿ ۾ ڪجهه پئسا ڏنا. ڇا آئون ايتريقدر رحم جي قابل آهيان جو ماڻهو منهنجي پئسن سان به مدد ڪري رهيا آهن!.. هُن کي پهرين خيال آيو ته پئسن کي اُڇلي ڏي پر ورِي سوچيائين ته پئسا هن وٽ ڪونهن، آخر ته ٽيڪسي ڪرڻي پوندي، پئسا ڪم اچي ويندا ۽ هٿ ۾ وڌيڪ سوگها ڪيائين. فريده وارڊ مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نڪري آني ۽ اسپتال جي ٻاهر پيل بينچ تي ويٺي رهي، هُن سوچيو تہ ڇا هُن کي واپس ماڻهن وٽ وڃڻ گهرجي! هوءَ شڪستہ دل آهي زماني جي ماريل آهي، زخمي آهي، ستايل آهي، ماڻهو ضرور سندس حالت تي رحم ڪندا ۽ گهر جي هڪ ڪنڊ ۾ تہ ضرور رهڻ ڏيندا... پر سندس سامان تہ اڃان شبانہ جي گهر آهي. پهرين اُهو ڪٺجي سو ٽيڪسي ڪري سڌو شبانہ جي بنگلي تي آئي، مَري مَري ٽيڪسي مان لٿي، هُن بنگلي جو در ڪولڻ جي ڪوشش ڪئي پر در بند هو، هُن گهنٽي جي بٽڻ تي زور ڏنو ۽ انتظار ڪرڻ لڳي، ٿوري دير ۾ در ڪليو تہ شبانہ جي نوڪر سندس اڳيان سوٽ ڪيس رکيو ۽ وڌيڪ هڪ لفافو سندس هٿ ۾ ڏنو. در يڪدم بند ڪري نوڪر اندر ويو هليو ۽ اندران ڪنڍي بند ٿيڻ جا آواز هُن جي ڪن تي پيا تہ هن کي يقين ٿي ويو تہ شبانہ جو در بہ اڄ کان هن لاءِ بند ٿي ويو. فريده سوٽ ڪيس کنيو ۽ وري ٽيڪسي ۾ اَچي ويٺي ۽ آهستگي سان لفافو کولي پڙهڻ لڳي تہ سندس اکين ۾ لڙڪ اچي ويا. هي سندس نوڪري جو آرڊر هو. سرڪار هُن کي ڪراچي کان پنجاه ميل پري هڪ ڳوٺ ۾ ماسترياڻي مقرر ڪيو هو. فريده جي دل شبانہ جي عظمت کي سلام ڪيو ۽ پسيل اکين سان شبانہ جي بنگلي تي نظر وڌائين ۽ چيائين "شبانہ تون واقعي عظيم آهين، آئون تنهنجا ٿورا ڪڏهن ڪونہ لاهي سگهندس."

هاڻ هن پنهنجو فيصلو تبديل ڪري ڇڏيو، بجاءِ پٽس جي گهر وڃڻ جي فريده يڪدم ٽيڪسي ڊرائيور کي چيو "بس اسٽينڊ تي هل." ٽيڪسي بس اسٽينڊ ڏانهن ڊوڙڻ لڳي ۽ فريده بس ۾ ويهي پنهنجي نئين جڳهہ تي پهچڻ لاءِ سفر ڪرڻ لڳي. هُن جو هن دنيا ۾ ڪير هو، سڀ هُنا.... پر سيني سان هوءَ ناتا ٽوڙي چڪي هُئي، تنهن ۾ ڪجهہ هن جون غلطيون بہ هنيون تہ ڪجهہ سندس غلط خودي... جنهن هن کي خوامخواه برباد ڪري ڇڏيو. زمانو ورهين کان ائين هلي رهيو آهي، هي ظلم

ستم... ڪي اڄڪلهه جي پيداوار ناهن، اڳي ظلم ڪان انسان روئيون ڪندو هو اڄ ظلم ڪان انسانيت روئي رهي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

25

فريده کي بس واري هڪ اسٽاپ تي لاٿو، جيڪو وريام ڳوٺ جي نالي سان مشهور هو. هن هر طرف نظر ڊوڙائي پر ڳوٺ جو ڪو نالو وَ نشان ڪونہ هو، هر طرف سرسبز ٻنيون هنيون، جن جي وچان ڪئنال وهي رهيو هو. رستي تي پل ٻڌل هُئي ۽ ڪئنال جي ٻنهي طرفن کان وڏا قد آور ٻڙ، نم ۽ سريل جا وڻ هئا. ٻڙ جا وڻ تمام پوڙها هئا، هوا جو ڪو سخت جهوٽو لنگهيو ٿي تہ وڻ جي ڏارن مان چرڙاهٽ نڪريو ٿي ويني، سندن ڏار ڪئنال جي مٿان تائين چانو ڪريو بيٺا هئا. نم جا وڻ رعب سان پنهنجيون نموريون ڪينال جي ڪناري تي چاڙهي رهيا هئا. سريل جي نرم ٽڙ جي پورن ۾ چتون پنهنجي مستي ۾ ڇهڪي رهيا هئا ۽ سريل جي گلن جي مٺي خوشبوءِ ماحول کي معطر ڪري رهي هئي. ڪينال جي پاڻي کي هوا لڳي ٿڌي ٿي ڪپن ڏانهن پکڙي ٿي ويني. اهڙو پر فضا منظر ڏسي فريده جي اکين کي آرام اچڻ لڳو ۽ دل کي سڪون مليو، هُن قدم وڌايا ۽ هڪ وڻ جي پاسي ۾ ويهي رهي چاڪاڻ تہ منجهس هلڻ جي پهچ نہ هئي. ڀرارڙي جا هاري ناري ۽ ڪمدار ڪرڙا پنهنجن ڪمن ڪارين سان اچي وڃي رهيا هئا، پر هن طرف ڪنهن خاص ڌيان نہ ڏنو، ڇو تہ اها جڳهہ شهر وارن لاءِ پڪنڪ اسپاٽ هو. شهر کان ائين ماڻهو پنهنجن عورتن ۽ ٻارن سميت ڪينال جي ڪناري تي پڪنڪ ملهائڻ ايندا رهندا هئا. ڳوٺ وارا ڪيترن تي ڌيان ڏين، اها ڳالهہ هنن جي نظر ۾ هاڻ ڪا اهميت ڪونہ ٿي رکي تہ هي ڪير آهي، نہ تہ ڳوٺاڻا نئين ماڻهو کان جيستائين پوريون خبرون نہ وٺن تہ هنن کي سک نہ اچي. انهي ڪري فريده هنن جي نظر ۾ عام عورت هئي، جيڪا شايد پڪنڪ تي آئي

هجي ۾ مرد حضرات ڪنهن طرف نڪري ويا هجن. اِهو هتي معمول هو. وچين جو وقت ٿيڻ لڳو ته ڳوناٺا پنهنجن ڳوٺن ڏانهن ورڻ لڳا. مينهن، ڍڳين ۽ ٻڪرين جا ڌڻ ڪاهيو ڌراڙ پنهنجن واڙن ڏانهن وڃي رهيا هُئا، پکي پنهنجن آکيرن ڏانهن وري رهيا هئا، پر فريده کهڙي گهر وڃي، هوءَ ويٺي رهي، ڪجهه وقت آرام ڪرڻ بعد هن جي بت ۾ ڪجهه شامت آني.

وڪيو پنهنجي زال ۽ چنن ٻارن سان ٻني تان واپس گهر پنهنجي ڏڳي گاڏي تي وڃي رهيو هو. وڪيو به انهي ڳوٺ ۾ رهندڙ هو جتي فريده جي نوڪري جو آرڊر ٿيو هو ۽ پاڻ وريام زميندار جو هاري هو. ڳوٺ به زميندار جي نالي پٺيان ڳوٺ وريام سڏبو هو، وڪي جي زال جي جڏهن فريده تي نظر پيئي ته هُن مڙسس کان پڇيو، شهر وارا هيستائين ته واپس هليا وڃن، پر هي ڪير مائي اڪيلي ويٺي آهي! خبر پڇونس؟!.. وڪيي غور سان فريدهِ ڪي ڏٺو ۽ ڏڳي گاڏي روڪي ڇڏي، سندس زال کي چيائين... تون پڇي اچينس. هوءَ ڏڳي گاڏي مان لهي فريده جي ويجهو آئي ۽ پڇيائين ته هن ٻڌايو ته هوءَ شهر کان هتي ماسترياڻي ٿي آئي آهي، مونکي ڳوٺ وريام وڃڻو آهي، ٿڪل هنس ڪجهه آرام ڪيم هاڻي پڇا ڪريان ها پر توهان پاڻ پڇيو ته ٻڌايو ته اهو ڳوٺ ڪٿي آهي؟ وڪيي جي زال واپس اچي مڙس سان صلاح ڪئي ته هُن اجازت ڏني ته گاڏي ۾ اچي ويهه، ڳوٺ وٺيو ٿا هلونس ۽ زميندار جي گهر پهچائي ڇڏينداسين. هُن مڙس جي حامي ڀرڻ تي فريده کي سڏ ڪيو ۽ هوءَ ڏڳي گاڏي ۾ سوار ٿي ڳوٺ وريام ڏانهن روانى ٿي.

شام گهري ٿيندي ويئي، ڏڳن جو جوڙو همت ڀريو هو مٿان وري مالڪ سندس مٿي تي سنگن ۾ گهنگهرن جي ڇير ٻاراني ڇڏي هني. ڏڳا ڊوڙي رهيا هئا، سندن ڇير جي ڇم ڇم سڄي ماحول ۾ جلترنگ وڄائي رهي هني، فريده جي دل به گهنگهرن جي ڇم ڇم تي جاڳي پيئي ۽ هُن کي قرار اچڻ لڳو، جڻ

تہ اها چمر چمر ڏڳن جي مٽي تي بدل گهنگهرن مان نہ... پر فريده جي دل مان اُٿي رهي آهي. چمر چمر... چمر، چمر چمر... چمر... چو تہ هُن کي منزل ملي ويئي. ڏهي گاڏي زميندار وريامر جي حويلي اڳيان اچي بيٺي ۽ وکيي جي زال کان فريده موکلائي حويلي ۾ اندر هلي آئي، رئيس وريامر جي زال پاڳيري جي هُن تي نظر پيئي تہ تعجب ٿيس تہ هي ڏارين مائي سندس حويلي ۾ ڪيئنن آئي ۽ چو آئي آهي. بهرحال حال احوال ورتائين ۽ رئيس وريامر سان ملايس جيڪو ٻاهر اوطاق ۾ ڪچهري لاءِ وڃڻ جي تياري ڪري رهيو هو. وريامر کي جڏهن خبر پيئي تہ سندس ڳوٺ ۾ ماستر جي بجاءِ ماسترياڻي مقرر ٿي آهي تہ هُن سوچيو تہ ماستر پڇو وڃن، هي عورت ذات ڪٿي تي هتي رهي سگهي، ڪجهه ڏينهن رهندي پوءِ بدلي ڪرائي هلي ويندي، پر ملاقات لازمي هئي، هُن ڪچهري تي وڃڻ جو پروگرام ڪينسل ڪري ڇڏيو ۽ فريده کان پوريون خبرون ورتائين. هن کي احساس ٿيو تہ هي هتي رهڻ آئي آهي ۽ ٻارن کي پڙهائيندي، باقي سندس عزت ۽ رهڻ جو يقين ڏياريو وچي تہ رئيس سندس مٿي تي هٿ رکيو ۽ چيائين ’نياڻي... تون بہ سمجهہ تہ منهنجي ڌي آهين، مونکي ٽي ڌيون اگر آهن معنيٰ هاڻي آنون چئن ڌين جو وارث آهيان، نياڻي ست قرآن ٿيندي آهي، تون ڪو فڪر نہ ڪر.‘ منهنجي گهر ۾ رهجان، منهنجيون ڇوڪريون پيٿيون اٿئي، انهن سان گڏ رهجان.‘ ايتري وڏي عزت فريده ايترو سوچيو بہ ڪونہ هو، ٿوري دير ۾ وريامر جون ٽيئي ڌيئون بہ اچي ويون، هن سندس ٽنئين پيڻ جو تعارف ڪرايو، سيئني پهرين عجب ۾ پنجي ويون ۽ نيٺ فريده کي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي ويون. وريامر جي وڏي ڌيءَ چوڏهن سالن جي ٻي ٻارهن جي ٽي نون سالن جي ۽ بہ ڇوڪرا هرهڪ ڇهن ۽ ٽن سالن جا هئا. وريامر خوش هو تہ سيئني ٻارن لاءِ ماسترياڻي ملي ويئي، ڳوٺ جا ڇوڪرا ۽ نياڻيون بہ هاڻ اسڪول وينديون ۽ ڳوٺ ۾ تعليم عامر ٿيندي. هوءَ پاڻ تہ ايترو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پڙهيل ڪونہ هو پر تعليم جو قدر هنس ، جڏهن هوءِ شهر ۾ چڱين دعوتن ۾ ويندو هو تہ اُتي پڙهيلن کي ڏسي هُن کي تعليم نہ هئڻ جي احساس ڪمتري ٿيندي هئي ، پر پنسو هو جنهن ڪري سندس عيب لڪيو پيو هو. تنهنڪري هُن تمام گهڻي ڪوشش ڪري اسڪول منظور ڪرايو. اسڪول جي عمارت ڪي نهي ٿي سال ٿي ويا هئا پر نہ هو فرنيچر نہ استاد صرف اسڪول جا بہ ڪمرا ڪن ڪديو بيٺا هئا. گهڻن هارين نارين تہ رئيس کي صلاح ڏني تہ اسڪول کي پاندبو ڪري ڇڏيون ، ٻهہ ۽ پاڻ رکڻ جي سهولييت ٿي پوندي ، پر ورياءِ انهي جي خلاف هو. ڪنئين اُستاد آيا پر هفتي اندر پڄي ويا ۽ ڳوٺ تعليم ڪان روشناس نہ ٿي سگهيو. فريده هن ڳوٺ لاءِ روشني جي صورت ۾ آئي هئي. ورياءِ جي وڏين ڇوڪرين کي هُن گهر ۾ تعليم ڏيڻ شروع ڪئي ، پاڻ ننڍي ڇوڪري بختاور سان گڏ هڪ ڪمري ۾ رهڻ لڳي ۽ ننڍن ڇوڪرن جي تعليم جو بہ ڳوٺ ۾ سُک ٿي پيو. فريده کي ٽنهي پيٽيون مٿي تي ڪنيون پني هليون ، سڄي رات ڪچهري ٿي آخر بيو ڏينهن بہ ٿيو. ورياءِ ، فريده کي اسڪول جي ننڍي عمارت ڏيکاري ، جنهن ۾ نہ فرنيچر نہ ٽيبل نہ ڪرسي تہ هُن کي پشيماني ٿي پر ورياءِ چيس فڪر نہ ڪر ، پنهنجي ٻني ۾ وڻ جام آهن ، بہ ٽي ڪيرائي وجهنداسين ، وادو گهرايا ٿو ، فرنيچر ٺهڻ شروع ٿي ويندو. ڪاغذ قلم ۽ رجسٽر وغيره شهر مان گهرائي ٿا وٺون ، بس ٻارن جي مائٽن کي بہ اڄ رات ڪچهري ۾ چئي ڇڏيندس تہ ٻار اسڪول موڪلين. ورياءِ جي ايتري قدر همدردي ڏسي ، هُن جي دل ۾ سندس لاءِ وڏيڪ احترام ٿي پيو. هن سوچيو تہ ڪاش ...اهڙا ماڻهو هيا بہ هن ڌرتي تي هجن تہ ڪوبہ اڻ پڙهيل نہ رهي. ڪجهہ ڏينهن بعد سڀ ڪجهہ تيار ٿي ويو ۽ اسڪول ۾ فريده باقاعده پڙهائڻ شروع ڪيو.

سچ ، صبح جو اُيري ٿو تہ چرند ، پرند ، درند ۽ انسان هرڪو پنهنجي پيٽ قوت ڪاڻ ڪشالا ڪڍڻ نڪريو پني ۽ وري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شام ٿني ته واپس پنهنجن آستانن ڏانهن ورن ۽ سج لهيو رات ٿني ته آرام ڪن، ڏينهن جي ٽڪ پڄن وري ٻني صبح جو ساڳيو ڏنڌو... اينن خبر ناهي ڪيترا ڏينهن رات هن دنيا تي نمودار ٿيندا رهيا ۽ وقت گذرندو ٿو پيو وڃي. ڪنهن کي ڪو احساس ڪونهي ته زندگي گهٽجي رهي آهي پر هن دنيا جي ڄمار گهٽٿي ڪونهي، دنيا ڪيتري پوڙهي آهي، تنهن جو ڪو انت ڪونهي. هن جي مٿان ڪنين گرميون سرديون اچن... جبل ڦاٽن، زلزلا اچن، ٻوڏون ۽ طوفان ڪنين جانون ضايع ڪريو ڇڏين، شهر برباد ٿيو وڃن پر هن دنيا کي ڪا پرواهه ڪونهي.... اُهو ساڳيو سج اُڀري پيو... اُها ساڳي رات ٿني پئي... هر شي فنا آهي. جيڪو هن دنيا تي پيدا ٿيو آهي تنهن کي هڪ ڏينهن مرڻو آهي، ائين وقت گذرندو رهيو، فريده کي هن اسڪول ۾ پڙهائيندي ويهه سال ڪن ٿي ويا هنا، ويهن سالن ۾ دنيا تبديل ٿي چڪي هئي، ٻار جوان ٿي ويا، جوان پوڙها ٿي ويا ۽ پوڙها هن دنيا مان رحلت فرمائي ويا. اُهي ڇوڪريون جيڪي پاڙن ۾ گهٽين ۾ راندون ڪڏنديون هُيون سي مائرون ٿي ويون ۽ ڇوڪرا پيءُ ٿي ويا. اِهو سلسلو جاري آهي ۽ رهندو. وريام جون وڏيون ٻه ڇوڪريون پرڻجي ويون باقي بختاور جيڪا فريده جيَ لاڏلي هئي تنهن جي به شادي جون تياريون ٿيڻ واريون هيون. سندس ٻه ڇوڪرا جوان ٿي ويا ۽ وڌيڪ تعليم لاءِ ڪراچي پهچي ويا. ٻئي طرف فريده جي مائٽن مان سندس والد ۽ والده دنيا مان برقعو مٽائي ويا، باقي ڀاڻس رحيم جيڪو هميشه ڪاوڙيو پيو هلندو هو، تنهن جي ڪاوڙ پيري ڪدي ڇڏي هئي، سندس اولاد جوان ٿي ويو هو. شفيق الرحمٰن ۽ شبانه جو والد انيس الرحمٰن ۽ والده اسماءَ به پنهنجي پٽ جو غم برداشت نه ڪري هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا. سندس بنگلي ۾ هڪ ڪمپني پنهنجو دفتر قائم ڪيو ۽ شبانه مسواڙ وصول ڪندي هئي. شبانه کي عديل ڪانپوءِ به ٻار ٻيا به ٿيا ۽ ٽن ٻارن جي ماءَ ٿي ويني هئي. عديل جوان هو ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجي ڀيءُ ناصر سان گڏ ڪمپني جي ڪاروبار ۾ شريڪ هو.

جمال اڪبر جا وار اڇا ٿي ويا هئا ۽ سندس ڏند ڀڃي پيا، تنهن جي جڳهه تي نقلي ٻَٽيهه هٽندو هو، سندس اکين تي رڏي نمبر جو چشمو چڙهيل هو، پر هو پنهنجي ڄمار سان گڏ ترقي ڪندو ويو. هينئر هو انڪلائن انٽرپرائز جو جنرل مئنيجر هو. ڏاڍا ٺٺ هئس، ڪار بمع ڊرائيور ۽ شهر جي هڪ فيشن ايبل علائقي ۾ بنگلو خريد ڪيو هئائين جتي فيملي سان گڏ رهائش اختيار ڪيائين. سندس فليٽ ڳوٺ وارن جي لاءِ مهمان خانو ڪري ڇڏيائين، جتي سندس ڳوٺ جا ماڻهو اچي عارضي رهائش ڪم ڪار سانگي ڪندا هئا، پر وڪيائين ڪونه، هُن کي احساس هو ته اولاد کي ڪم ايندو. زليخا کي جمال مان ٻه پٽ ٿيا، سجاد اڪبر ۽ ساجد اڪبر، هوءَ ٽنهي ٻارن جي ماءُ هئي. شهزاد اڪبر، نائله اڪبر ته اڳيئي گڏ هُئا، هنن ڪڏهن به اولاد تي ظاهر نه ڪرڻ ڏنو ته توهان پاڻ ۾ پنيتا ڀاءُ ڀيڻ آهيو، ڳوٺان به ڪير جيڪڏهن ايندو هو ته هنن کي تنبيهه ڪئي ويندي هئي ته متان ڪنهن ڇوڪري تي اِهو ظاهر ڪن ته توهان جي والد ٻه شاديون ڪيون ۽ توهان ٻن مائرن جي اولاد آهيو. جمال جي سختي ڪم آئي، هينئر سڀ جوان هُئا پر سڀ پاڻ ڪير ڪندڙ هُئا ۽ زليخا کي سڀ پنهنجي سڳي ماءُ سمجهندا هئا. شهزاد اڪبر تعليم ختم ڪرڻ بعد هڪ بينڪ ۾ مينيجر لڳي ويو. پٽس سندس شادي ڪرائي پنهنجي اصلوڪي فليٽ ۾ منتقل ڪري ڇڏيو، جيڪو بعد ۾ مهمان خاني مان آزاد ڪرايو ويو. نائله اڪبر يونيورسٽي ۾ عديل جي ڪلاس فيلو هئي ۽ پاڻ ۾ محبت جي رشتي ۾ ڳنڍجي ويا هئا. عديل جي ماءُ شبانه کي خبر هئي ته نائله سندس سهيلي فريده جي ڌيءُ آهي، جڏهن شادي جون ڳالهيون هليون ته سندس شادي ڪرائڻ ۾ ڪنهن به ڏر کي اعتراض ڪونه هو، ڇو ته جمال جي حيثيت به مٿي هئي. شهر جي هڪ بهترين ۽ مرتبي واري ڪمپني جو جنرل مئنيجر هو.

تنهن ڪري هنن يڪدم منگڻو ڪري ڇڏيو هو باقي شادي جي تاريخ طئي ٿيڻي هئي. نائلہ تعليم مڪمل ڪرڻ بعد گهر ويٺي رهي چو تہ پٽس جمال نوڪري ۾ تہ ترقي ڪئي پر ذهني طور تي ترقي نہ ڪئي هئائين. هوءَ عورتن جي نوڪري جي بلڪل خلاف هو پر پڙهيل لکيل نوجوان اولاد کي سروس کان روڪڻ بہ مسئلو آهي، تنهنڪري نائلہ نوڪري تہ ڪونہ ڪئي پر جزوقتي طور تي هڪ اخبار ۾ فيچر لکندي هئي. فيشن تي، سماجي مسئلن تي جيڪي اخبار جي هفتي وار رنگين اشاعت ۾ ڇپيا هئا. ساجد اڪبر اجان ايم- بي- اي جي آخري سال ۾ هو ۽ سجاد اڪبر کي تعليم سان گڏ اسڪوائش جو شوق... بس سڄو ڏينهن ريڪٽ هٿ ۾ ۽ بنگلي ۾ پنهنجي ڪمري ۾ بہ اسڪوائش جي پريڪٽس ڪندو رهندو هو. هُن کي ملڪ جو نامور رانديگر ٿيڻ جو شوق هو.

فريده بہ هاڻي پنهنجي پيري کي لڪائڻ لاءِ ڪيس ڪندي هئي، سندس ڏاڏون پڄي پيون هيون، تنهنڪري ڳلن ۾ کڏا پنجي ويا هئس. ڳوٺ ۾ نوڪري ڪندي ويهہ سال ڪن گذري ويا هئس. خرچ هن جو ڪونہ هو، رهندي، کائيندي پيئندي رئيس وريام جي گهر هُئي، باقي سندس پگهار بچت هئي، ڀراڙي ۾ ڪو خرچ ڪونہ هو، پئسا ڪيڏانهن ڪري، تنهنڪري ڳوٺ ۾ ڪا شادي ٿئي تہ ڪنوار لاءِ ڪپڙا ۽ تحفا تہ فريده جي طرفان هوندا ئي هئا، ڇو نہ ڏيئي اُهي ڇوڪريون سندس شاگرديائيون تہ هيون. انهي فراخدلي جي ڪري هن جي ڳوٺ ۾ تمام گهڻي عزت هئي، ڳوٺ وارا هن کي مسيحا سمجهندا هئا. بس هر ڪنهن جي زبان تي آپا فريده... آپا فريده جي لولي هئي، پر هن مسيحا جي دل اندر ڪان ڇور ڇور هئي. هوءَ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجن ٻارن جي باري ۾ سوچيندي هئي تہ شهزاد هينئر جوان هوندو... ڏاڙهي مڇون ڪوڙيندو هوندو... گهر ۾ ڳوڙ پيو پوندس... ٽوال ڪٽي آهي... ماني ٽڏي ٿي ويني آهي... ڪير سندس اها ڪاوڙ برداشت ڪندو هوندو،

خبر ناهي سندس شادي تي آهي يا نہ!... منهنجي ننهن خبر ناهي ڪهڙي هوندي! نانلہ بہ هاڻ جوان هوندي... خبر ناهي سندس شادي ٿي ويني يا نہ!... منهنجو ناني ڪهڙو هوندو!... ڪاش آئون پنهنجن ٻچن جون شاديون پنهنجن هٿن سان ڪرايان ها. نانلہ لاءِ سنگ اچن ها، آئون اُنهن تي اعتراض ڪريان ها... وري شهزاد لاءِ ڪنوار ڳولهيان ها! ... بس اِهي ارمان هن جي دل مان اُدما ڏيني نڪرندا هئا ۽ هوءَ ٿڌو ساهہ کڻي ويهي رهندي هئي. پيٽ ڄاولن سان پيار تہ ختم ٿئي ٿو ٿي سگهي، ڪڏهن هوءَ محسوس ڪندي هئي تہ شهزاد ۽ نانلہ جون شاديون ٿي ويون آهن ۽ هوءَ پوٽن ڏهٽن واري ٿي ويئي آهي، ٻار ڪيس ڦري آيا آهن... ڪو چوي پيو ڏاڏي... ڏاڏي... ڪو چوي پيو ناني... ناني... ڇا آئون ڏاڏي يا ناني ٿي ويني آهيان... ڇا آئون ڪنهن جي سس ٿي ويني آهيان. اِهي رشتا جيڪي وڏي ڄمار جا تحفا آهن... تن لاءِ هوءَ سڪي رهي هئي، ڪير بہ هن کي ڏاڏي يا ناني چوڻ وارو نہ هو. هي سڀني لاءِ آپا فريده هئي... آپا... آپا...آپا.... !!!

پنهنجي مامتا جي سِڪ پوري ڪرڻ لاءِ هن وريام جي ننڍي ڌي بختاور کي پنهنجي ڌيءَ ۽ وڏي پٽ دلاور کي پنهنجو پٽ ڪري سڏيو هو. واقعي هن جي دل کي هنن کي پيار ڪري راحت ايندي هئي پر اصل ۽ نقل ۾ فرق آهي. هي صرف آٿت هئي، نظر جو دوکو هو، دل کي فريب ڏيڻ هو، پر وقتي سڪون لاءِ فريده وٽ ٻيو ڪو چارو نہ هو. بختاور جي شادي جا ڏينهن بہ ٻڌجي ويا هئا، هُن جي ڌيءَ جي شادي ٿي رهي هئي. آئون هُن کي تحفن سان پري ڇڏيندس ڏيج سان آڏي ڇڏينديس. گهڻي وقت بعد هوءَ حقيقي خوشي ۾ سرشار هئي ۽ ڏينهن رات بختاور جي شادي لاءِ ڪم ڪندي رهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

26

انسان کي ڪٿي بہ سُڪون ڪونہ ٿو ملي، ڳوٺاڻا ٻھراڙي ۾ آرام ۽ خاموش ماحول کان تنگ ٿي شھرن جا ھنگاما ڏسڻ اُچن ٿہ شھري وري گوڙ گھمسان جي زندگي کان بيزار ٿي پرسڪون ماحول جي تلاش ۾ پڪنڪ ملھائڻ لاءِ ٻھراڙين ڏانھن نڪريو پون. اخباري ملازمن جي زندگي جدوجھد جي زندگي آھي. صبح کان وٺي شام تائين خبرن جي تلاش ۽ بعد ۾ ڇپائي جي اڻٿڪ محنت، ايتريقدر جو موڪلن واري ڏينھن ۾ بہ عوام تائين تازيون خبرون پھچائين. ايتري محنت بعد جيڪڏھن ھو پڪنڪ لاءِ پروگرام ٺاھين ٿہ ڪيترا نہ خوش ٿين ٿا. نائلہ جنھن اخبار ۾ فيچر لکندي ھئي، اُنھي جي ملازمن ڪئنال تي پڪنڪ ملھائڻ جو پروگرام ٺاھيو، نائلہ کي بہ پنھنجين رپورٽر سھيلين صلاح ھنئي تہ بھتر آھي تہ ساڻن گڏ پڪنڪ تي ھلي، متان اخبار لاءِ ڪو بھتر فيچر تيار ڪري وٺي، ٻئي ڏينھن قافلو بس ۾ سوار ٿي ڪئنال ڏانھن روانو ٿيو، ساڻن گڏ نائلہ بہ پڪنڪ لاءِ رواني ٿي. ڪئنال کي اڄي کان وڏيڪ ترقي ڏياري ويني ھني، جو تہ مستقل ماڻھو پڪنڪ لاءِ اچي رھيا ھنا، تنھنڪري اريگيشن کاتي وارن ڪئنال جي ڪنارن تي تمام گھڻو ترقياتي ڪم ڪرائي، نھايت ئي سٺو پڪنڪ اسپاٽ ڪري ڇڏيو اختياري وارن ڪئنال جي ڪپن جي لڳ ننڍا ننڍا پارڪ ٺھرائي ڇڏيا ھنا، وڻن جي ڇانو تہ اڳيني گھٽي ھني سو پارڪن ۾ ٻنپھرن جي وقت وڏيڪ ٿڌ جو احساس ٿيندو ھو. ماڻھو بس ڇھر مٿان اڪيون پوري ستا پيا ھوندا ھنا، جڻ مراقبہ ۾ ھجن. موڪل جو ڏينھن ھئڻ ڪري ڪئنال تي تمام گھڻي رش ھني، پڪنڪ قافلي کي پڙاءُ لاءِ مناسب اسپاٽ نہ ملي رھيو ھو. اسپاٽ جي ڳولھا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لاءِ بس ڪئنال جي ڪپ تي اندر ٻنين ڏانهن هلڻ لڳي، رستي کان ڪجھ مفاصلي تي وڻن جو جهڳٽو يڪي ميدان تي چانڊ ڪريو بيٺو هو. قافلي کي اهو ٽڪر پڙاءُ لاءِ مناسب لڳو ۽ اُتي ديرو ڄمايو، ڪي شوقين مرد حضرات ڪئنال ۾ وهنجڻ لڳا ته ڪي صرف پاڻي ۾ پير وجهيو فٽ پاٿن جي گرمي ڪڍي رهيا هئا. عورتون وري ڪئنال سان لڳ پري تائين پنڌ ڪنديون ۽ فصلن تي بحث ڪندي وتيون ۽ اُنهي ساڻ گڏ ٿڌي هوا جي جهوٽن کي محسوس ڪري تروتازه ٿي رهيون هيون. لنچ جو ٽائيم ٿي ويو ته دسترخوان وڇائجي ويا ۽ سڀني مختلف طعامن ۽ مشروبات جا مزا وٺڻ لڳا. پڪنڪ جو وقت خوشي جو وقت هوندو آهي، شوقين پڪنڪ ڏينهن کي پنهنجي زندگي ۾ شامل نه ڪندا آهن بلڪ قدرت طرفان پنهنجي زندگي جو هڪ ڏينهن اضافي سمجهندا آهن.

اڄ بختاور جي شادي هئي، ٽنهنڪري ٻنين ۾ ماڻهو ڪونه ٿي ڏسڻ ۾ آيا. تقريبن سڀ ڳوٺاڻا وريام جي ڳوٺ پهچي چڪا هئا. ڄڃ جو انتظار ٿي رهيو هو، تيسين ڄڃ جو وڏو قافلو جنهن ۾ ويهه پنجويهه ڪارون ۽ ڇٽن بسن سان پريل جاجين سان ڪئنال جي ڪپ تان لنگهيو، هنن کي ڳوٺ وريام وڃڻو هو. پڪنڪ اسپاٽ وٽ ڄڃ رڪي ۽ بس جي ڇتن تي چڙهيل منگڻهار لهي ڄڃ جي اڳيان ٿيا. ناچو بس مان لهي نچڻ جي تياري ڪرڻ لڳا، ايتري ۾ ڪار ۾ ويٺل هڪ فرد منگڻهارن کي حڪم ڏنو ته... همراه شروع ٿيو... ته بس دهلن جي ڌماڌم پنجي ويني، شرنائين جا زوڪا هئا ۽ ناچن جا گهنگرن جي تال تي ڦيرا... ڇم ڇم... ڇم ڇم... ڇم ڇم... ڇم .... اهو منظر ڳوٺن جي شادين ۾ عام آهي پر پڪنڪ تي نائله سان گڏ آيل ٽولي لاءِ نئون مزو ٿي پيو ۽ هن طريقي جي ناچ ۽ دهلن جي ڌماڌم مان لطف اندوز ٿيڻ لڳيون. وريام جو ڳوٺ ٻه ٽي چار فرلانگ ڪن هو، دهلن ۽ شرنائين جي آواز تي ڳوٺ جا ٻار ڄڃ ڏانهن ڊوڙيا ته جيئن ڄڃ جو ڳوٺ پهچڻ تائين جو مزو وٺون. ٻار جيئن گهڻا گڏ ٿيا ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪار مان هڪ همراه لهي ريجي جي ڳوٺڙي ڪڏي ۽ پنسا اڇلڻ لڳو ته ٻار پنسن چوندڻ ۾ لڳي ويا، ته جيئن سندن شادي ۾ شيءِ وٺڻ لاءِ خرچي ٿي پئي. ناچن ۽ شرنائين وارن ذري پري گهوٽ تان لامارا پئي ڏنا ۽ ماڻهن مهمانن نوٽن جي گهور شروع ڪري ڏني. عجيب تماشو هو ۽ جڃ آهستي آهستي ورپام جي ڳوٺ ڏانهن وڌي رهي هئي.

نائله جنهن هيترو وقت اهو نظارو پيئي ڏٺو ته هُن جي ذهن ۾ خيال آيو ته واه جو فيچر تيار ٿيندو، ڳوٺن ۾ شادي ۽ جڃ جو اچڻ، سندن استقبال جو طريقو، وڏيڪ گهر ۾ شادي جي رسمن جي ادائيگي... ڇو نه ڳوٺ وڃجي. هُن پنهنجين سهيلين کي چيو ته ساڻس گڏ هلن پر سڀني چيو "پراڻي دهلن تي احمق نچي" توکي شوق آهي ته پاڻ پنڌ پنو. نائله پهرين ته سوچيو ته نه وڃجي پر هي ته حقيقي منظر آهي، تمام سهڻو فيچر ٺهي سگهي ٿو. تنهنڪري ڪيمره ڪلهي تي هنئي جڃ جي پويان ورپام ڳوٺ ڏانهن رواني ٿي. جڃ اڃان مس حويلي تائين پهتي هوندي ته نائله به حويلي جي در تائين پهچي ويئي. عورتون ورپام جي حويلي ۾ داخل ٿيڻ لڳيون. نائله به انهن ۾ اينن ملي ويئي جو احساس نه پيئي ٿيو ته جڃ ۾ شامل ناهي. مردن جي پاسي دهلارين جي ڌمادم هئي ۽ ناچو نچي رهيا هئا، نائله ڪجهه فوٽا ڪڍيا ته مردن جي چئني ۾ ڪجهه مردن کي تعجب ٿيو پر ڪنهن کي اعتراض ڪونه ٿيو. نائله بعد ۾ حويلي ۾ داخل ٿي ۽ عورتن ۾ ملي جلي ويئي. هن کي ته ريتن جي ادائيگي ڏسڻي هئي ۽ هنن جا اصلي فوٽا وٺڻا هئا، پر جڃ ٿڪل هئي، سڀ پنهنجي آرام لاءِ پکڙجي ويا. ريتون رسمون ته رات جو ادا ٿينديون، هن وقت ته ڪجهه به نه ٿي سگهندو، اهو سوچي واپس ورڻ واري ڪيائين ته هڪ آواز سندس ڪنن تي ٽڪرايو.

"ڇوڪري... او ڇوڪري... هيڏانهن اچ"

نائله آواز تي پويان نهاريو ته واقعي هڪ عورت هُن کي سڏي رهي

نائلہ سندس قريب وينئي ۽ پڇيائين
هنئي،
'توهان سڏيو.'
'جي ها'
'فرمايو.'
'ريهه' نائله ساڻس گڏ وينئي رهي.
'تون ڪهڙي ڳوٺ مان آئي آهين؟'
'آئون ڪراچي شهر مان آئي آهيان، منهنجو نالو نائله آهي، اسان هتي ڪئنال تي پڪنڪ ملهائڻ آيا هناسين ته جج ڏٺم... آئون اخبارن ۾ لکندي آهيان... سوچيم ته حويلي اچي فيچر لاءِ مواد گڏ ڪريان.' نائله پنهنجو تعارف به ڪرائي ڇڏيوءِ مقصد به ٻڌائي ڇڏيو. 'نائله' اهڙو نالو هو جنهن فريده کي پريشان ڪري وڌو، ڇو ته نائله هُن جي ڌيءَ جو به نالو هو هن جي وات مان نڪتو.
'تنهنجو نالو نائله ۽ تون ڪراچي ۾ رهندي آهين... منهنجو نالو فريده آهي، آئون هن ڳوٺ ۾ ماسترياڻي آهيان.' فريده پنهنجو تعارف ڪرايس.
'ڇا توهان منهنجي ڪجهه مدد ڪنديون.' نائله فريده کي چيو.
'ڪهڙي مدد!'
'شادي جي ريتن رسمن جي باري ۾ معلومات ۽ ڪجهه فوٽا ڪڍڻ جي اجازت...'
'ٺيڪ آهي آئون تنهنجي مدد ڪنديس، رسومات رات جو ادا ٿينديون تون رهي پئو.' فريده چيس ته نائله کلي چيس.
'مهرباني... تنهن جي معنيٰ هيننر مونکي ڪجهه به نه ملندو، مونکي واپس وڃڻ گهرجي.' اينن چئي نائله اٿڻ جي ڪئي ته فريده روڪيس ۽ چيائين
'نااميد نه ٿي... ڪيمره مونکي ڏي... آئون فوٽا وٺنديس ۽ پوءِ صبحاڻي ڪيمره ڪٺي وڃجان'
'وري ڳوٺ ڪير ايندو، آئون روز ته پڪنڪ ملهائڻ هتي ڪونه ايندي'

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

'تہ پوءِ آئون تو کي پهچائي ڇڏينديس'
نائلہ هن عورت جي فراخدلي کان ڪافي متاثر ٿي،
درحقيقت ۾ فريده کي صرف نائلہ نالي جي ڪري هن سان پيار ٿي
پيو هو. نائلہ سوچ ۾ پنجي ويني تہ ڇو نہ هن عورت کان سڀ
ڪجهہ رسمن جي باري ۾ پڇي وٺجي، اهڙي نموني مضمون تيار ٿي
ويندو باقي فوٽا تنهن جي باري ۾ سندس تعاون وٺڻ جي ڪوشش
ڪجي. هن يڪدم فريده کي چيو.
'توهان ڪجهہ وقت مونکي اڪيلائي ۾ ڏينديون.'
'بلڪل... تون اسان وٽ مهمان ٿي آئي آهين... بلڪ تنهنجي
خدمت چاڪري ڪرڻي آهي، اچ... منهنجي ڪمري تي هلون'
فريده هن کي وٺي پنهنجي ڪمري ۾ آئي، جتي بختاور ڪنوار ٿيو
ويٺي هئي. هُن بختاور سان ملايس ۽ بين سندس سهيلين سان بہ
ملاقات ڪرايس، بعد ۾ هڪ جدا ڪمري ۾ وٺي اچي ويهاريس.
نائلہ يڪدم قلم ڪاغذ ڪڍيو ۽ انٽرويو وٺڻ شروع ڪيو، فريده
سوالن جا جواب ڏيندي ويني ۽ نائلہ لکندي ويني. ريتون،
رسمون، ڏيج پوت، سڳا بندي جا طريقا وغيره. انٽرويو ڏاڍو
سٺو ٿيو، نائلہ خوش هئي تہ تمام سهڻو فيچر مڪمل ٿي ويو. نائلہ
پنهنجي ڪم ختم ڪرڻ بعد موڪلائڻ جي ڪئي تہ فريده روڪي
ڇڏيس. هن جي ذهن ۾ 'نائلہ ۽ ڪراچي' کٽڪي رهي هئي،
تنهن ڪري چيس... تو تہ مونکان انٽرويو ورتو پر پنهنجو انٽرويو
ڪونہ ڏنو تہ نائلہ کلي پيئي ۽ چيائين 'منهنجي انٽرويو مان ڪهڙو
فيچر تيار ٿيندو.... بهرحال توهان بہ پڇو، تہ فريده پڇيس.
'تنهنجو مڪمل نالو؟'
'نائلہ اڪبر.'
'پيءُ جو نالو؟'
'جمال اڪبر.' اِنهي نالي تي فريده کي يقين ٿي ويو تہ شايد هي
منهنجي ڏيءَ آهي... خبر ناهي قدرت منهنجي ڪيئن ملاقات
ڪرائي جو نياڻي منهنجي در تي لنگهي آئي. هُن جي دل مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماءُ جي محبت جا اُڌما اُٿڻ لڳا، هُن کي خيال آيو تہ چئني ڏي تہ نائلہ... تون منهنجي ڌيءَ آهين، پر وري دل پڪي ڪري پڇيائينس
”تنهنجا ڀيا... ڀاءُ ڀيڻ ڪيترا آهن؟
ٽي ڀاءُ آهن... شهزاد اڪبر، ساجد اڪبر، سجاد اڪبر ۽ آئون سندن اڪيلي ڀيڻ نائلہ اڪبر.“
وڌيڪ پڇڻ لاءِ ڇا بچيو هو، فريده کي يقين ٿي ويو تہ نائلہ سندس ڌي آهي ۽ شهزاد اڪبر منهنجو پٽ آهي، باقي سندس ڀيا بہ ڀاءُ شايد ٻي زال مان اٿس تنهنڪري وراڻي پڇيائين.
”تنهنجي ماءُ جو نالو ڇا آهي.“
”زليخا!“ فريده کي دل ۾ ڌڪ لڳو، هُن سوچيو جمال تون ڪيترو نہ ظالم آهين... تو منهنجي ڌي کي پنهنجي ماءُ جو بہ نالو ڪونہ ٻڌايو... هوءَ فريده کي پنهنجي ماءُ نہ .... پر زليخا کي پنهنجي ماءُ سمجهي ٿي. هن جا خيال پکڙجي ويا. هن پهرين سوچيو هو تہ شايد هن کي پنهنجي بدنصيب ماءُ جي خبر هجي ۽ جيڪڏهن آئون کيس ٻڌائيندس تہ آئون تنهنجي ماءُ فريده آهيان تہ ڏاڍي خوش ٿيندي. پر هاڻي شايد هي مونکي پنهنجي ماءُ تسليم نہ ڪري، ڇو تہ هوءَ زليخا کي پنهنجي ماءَ تسليم ڪري ٿي، تنهنڪري زهر جو ڍڪ پيءَ ويئي. سندس چهري تي خوشي ۽ غم جا مليل جليل تاثرات هئا، سندس اکين ۾ لڙڪ اچي ويا پر ضبط ڪري اکين ۾ لڪائي ڇڏيائين ۽ پڇيائين.
”توهان جي ڀائرن مان ڪنهن جي شادي ٿي آهي؟“
”وڏي ڀاءُ شهزاد اڪبر جي شادي ٿي آهي.“
”تنهنجي؟“
”منگڻو ٿيو آهي... شادي جا ڏينهن عنقريب ٻڌجي ويندا.“ اهي جملا ادا ڪندي نائلہ شرمائجي ويئي تہ فريده مسڪرائي ڏنو. نائلہ کي هاڻي احساس ٿيو تہ هي ڪهڙي قسم جو انٽرويو ٿي رهيو آهي، جيڪو صرف ذاتيات تائين محدود آهي. بهرحال هن سوچيو تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڳوٺ جي ماحول جي عورت آهي، تنهنڪري هن کي وڌيڪ ڪچهري ڪرڻ ڪونہ ٿي اچي، بس ذاتي سوال ني هنن جي ڪچهري جو مرڪز آهن. تنهنڪري چپ چاپ جواب ڏيندي رهي. ڪافي ٽائيم ٿي ويو هو، نائلہ گهڙي تي نظر وڌي تہ شام جا پنج ٿي رهيا هئا. هن يڪدم پنهنجو سامان، ڪاغذ، قلم ۽ ڪيمره ڪنٽي موڪلائڻ لڳي تہ فريده چيس.

"ڪيمره مونکي ڏيئي وڃ، آئون تنهنجي لاءِ فوٽا وٺندس ۽ توکي ڏياري موڪليندس." نائلہ سوچ ۾ پئجي ويئي تہ آخر هي عورت مونسان ايترو قرب ڇو رکي رهي آهي... تي سگهي ٿو سندس ستارو هن جي ستاري تي غالب پئجي ويو هجي. تنهنڪري هن غير ارادي طور ڪيمره فريده ڏانهن وڌائي تہ فريده ڪيمره کي جهلي پڇيو تہ....

"وري ڪيمره ۽ فوٽا ڪٿي پهچايان."

"انصاف اپارٽمينٽس... اُتي منهنجو وڏو ڀاءُ پنهنجي زال سان گڏ رهندو آهي، هن يڪدم پرس مان پنهنجي ڀاءُ جو وزيٽنگ ڪارڊ ڪڍيو ۽ هن جي هٿ تي رکيائين. فريده ڪارڊ ڏسندي رهي، اُهو ساڳيو فليٽ نمبر جنهن در تان هوءَ ڌڪا کائي نڪتي هئي. هُن جي اکين ۾ پاڻي تري آيو ۽ چيائين.

"انشاءَالله... ايندڙ موڪل واري ڏينهن آئون پاڻ پهچي ويندس، تون پاڻ موجود رهجان."

"بلڪل... آئون اُهو سڄو ڏينهن ڀاڀي سان گڏ گذاريندس، توهان ڪهڙي بہ ٽائيم تي اچجو." نائلہ جڻ ڪيس دعوت ڏيني چڏي، حالانڪ هن ڪوشش ورتي هئي تہ جيئن هيءَ مونکي پنهنجي فليٽ تي گهرائي، پر وري فريده کي خيال ٿيو تہ جمال جي باري ۾ پڇجي، سو پڇيائين.

"فليٽ تي ٻيو ڪير رهندو آهي.؟"

"فليٽ خالي پيو هو، ڀاءُ شهزاد شادي ڪانپوءِ منتقل ٿي ويو آهي. آئون والدين سان گڏ سوسائٽي ۾ رهندي آهيان، صرف تنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪري ايندس جيڪڏهن پڪ ڏيارين.' نائلہ چيس.
'بلڪل پڪ سان ايندس.'
'آئون تنهنجو انتظار ڪنديس... هاڻي مونکي اجازت ڏيو...
خدا حافظ...'

نائلہ ڪمري مان نڪري، حويلي کان ٻاهر هلي آئي، در تي پڪنڪ تي گڏ آيل ڪجھ حضرات ڪيس وٺڻ آيا هئا، چو تہ دير ٿي ويئي هئي ۽ نائلہ ڪافي وقت وٺي ڇڏيو هو، تنهنڪري هو پاڻ وٺڻ آيا هئا تہ جيئن يڪدم ڪراچي هلڻ جي تياري ڪجي. سامان سڀ پيڪ ڪري بس ۾ وجهي ڇڏيو هئائون، ٻيا سڀ مرد ۽ عورتون بس ۾ سوار ٿي چڪيون هيون، صرف نائلہ جي انتظار ۾ بس بيٺي رهي. نائلہ بہ اچي بس ۾ ويٺي تہ سندس سهيليون ڪيس ٽوڪڻ لڳيون، پر نائلہ هن عورت فريده جي باري ۾ سوچڻ لڳي تنهنڪري سندس سهيلين جي ٽوڪ هُن تي اثر ڪونہ ڪيو، هو بلڪل خاموش ويٺي رهي. بس رستي تي ڊوڙي رهي هئي ۽ نائلہ پنهنجي عجيب و غريب انٽرويو جي باري ۾ سوچيندي رهي. هن باقاعده پروگرام ٺاهي ڇڏيو تہ آئنده ضرور سائٽس فليٽ تي ملندي.

فريده کان جڏهن نائلہ موڪلايو تہ جڻ سندس دل سيني مان نڪري سندس نڙي ۾ ڦاسي پيئي، نائلہ سندس دل تہ هئي جيڪا واپس وڃي رهي هئي. هُن کي سخت افسوس ٿيو تہ هو سندس ماءُ ٿي ڪري بہ کيس ڏيءَ نہ چئي سگهي.
هوءَ سڌي پنهنجي ڪمري ۾ آئي جتي بختاور کي سندس سهيليون گهيري ويٺيون هيون. ڪجھ وقت لاءِ هُن کي خيال آيو تہ نائلہ ويٺي آهي، پر اهو سندس نظر جو فريب هو، آهستہ آهستہ سندس اکين تان پردو لهي ويو، هو بختاور جي بلڪل ويجهو آئي ۽ فرط جذبات کان پنهنجا چپ بختاور جي نراڙ تي رکي ڇڏيا ۽ پاڪر پائي چمي ڏنائينس تہ سندس دل ڇلڪي پيئي هن روئي ڏنو تہ ٻين ڇوڪرين اينئن سمجهيو تہ آپا فريده کي بختاور جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جدائي جو ڏک آهي پر هو ته بيو ڏک به گڏ کڻي آني هني... نائلہ جي جدائي جو... فريده يڪدم وري ساڳيئي ڪمري ۾ آني، جنهن ۾ هُن نائلہ سان ملاقات ڪني هني. نائلہ جي تصوير هن جي اکين اڳيان ڦرڻ لڳي ۽ سندس ماضي هُن کي بيهر ياد اچڻ لڳو. ويهن سالن جي فراق هُن جي دل تان سڀ درد ڌوئي ڇڏيا هنا، پر هن ملاقات سندس وجود کي لوڏي ڇڏيو هو. هوءَ شهزاد ۽ نائلہ کي ياد ڪرڻ لڳي، جڏهن هو ٻار هنا... روئندا هنا، آنون هنن کي ڪنندي هنس... پوءِ جمال جو شڪ ۽ طلاق... هُن کي پنهنجي قسمت تي تعجب ٿيڻ لڳو ته مون ڪڏهن اهو سوچيو به ڪون- هو ته شهر جي پليل ڇوڪري هني هن ڳوٺ ۾ اچي رهنديس. واقعي لکيني جا ليک آهن. هو پنهنجن خيالن ۾ گم هني، هُن کي احساس نہ هو ته وقت گذري رهيو آهي جڇ سندس در تي وينل آهي ۽ بختاور جي شادي ٿي رهي آهي. ايتري ۾ بختاور جي ماءُ پاڳيري اچي سڏ ڪيس ته آپا فريده... هلي ريتن رسمن ۾ مهمان عورتن کي منهن ڏيني ته فريده جهٽڪي سان هوشيار ٿي. نائلہ جي ڏنل ڪيمره کي هن چميو ۽ دل جي سڪ لاتي. هوءَ راڄ ۾ آني ۽ رسومات شروع ٿيون ته فريده فوٽون ڪڍڻ شروع ڪيا. ڳوٺائيون عورتون ڏاڍيون خوش ٿيون، فريده فوٽون ڪڍي رهي هني، پر هي فوٽا هوءَ پنهنجي مرضي سان نہ پر نائلہ کي خوش ڪرڻ لاءِ ۽ ساڻس بيهر ملاقات ڪرڻ جي بهاني ملڻ لاءِ ڪري رهي آهي.

سڄي رات هنگامون هو، فجر جو نڪاح ٿيو، گهوٽ سرگس چڙهيو، بختاور لائنون لڏيون ۽ پنهنجي اباڻي گهر کي ڇڏي پرائي ديسويني هلي. هڪ بختاور ته هني، جيڪا نندي نينگري هني ته هو ساڻس اچي گڏ رهي هني، هوءَ جوان ٿي تڏهن به گڏ رهي، آخر شادي ٿي ويس ۽ فريده وري ڪمري ۾ اڪيلي رهجي ويئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

27

فريده زبان تہ ڪني، پر نائلہ جي گھر وڃڻ معنيٰ پنهنجي پرائي گھر وڃڻو هو. جتان هُن کي ڌڪا ڏيئي ڪڍيو ويو هو. نائلہ سان مختصر ملاقات هن کي بيچين ڪري وڌو هو، متان پنهنجو پرائو گھر ڏسي هوءَ چري نہ ٿي پوي. هن کي پنهنجي جنت سان اڄان بہ پيار هو. هن کي شهزاد اڪبر ڏسڻ جي آس هئي، سندس زال سان ملڻ جو شوق هو ۽ نائلہ جهڙي پياري ڌيءَ سان ڪچهري ڪرڻ جي تمنا هئي. فريده، سندس نياڻي دلاور کي هڪ ڏينهن اڳي ٻڌائي ڇڏيو هو تہ هوءَ ڪراچي ويندي تنهنڪري ٻنپهرن ڌاري ڪار ڪاهي اچي. فريده هن کان اڳ ڪڏهن بہ شهر وڃڻ جو ايترو شوق ڪونہ ڏيکاريو هو، جيڪڏهن شهر ۾ آفيس جي ڪم ڪار لاءِ ويندي هئي تہ صبح جو بس ۾ ويندي ۽ شام جو بس ۾ واپس.. پر هينئر دلاور خاص طور تي ڪار ۾ فريده کي ويهاري انصاف اپارٽمينٽ ۾ ڇڏڻ لاءِ روانو ٿيو.

نائلہ بہ پروگرام مطابق انصاف اپارٽمينٽ تي پهتي، جتي سندس پاءُ جو گھر هو، صبح کان وٺي هوءَ سندس پاپي سان گھر جي ڪم ۾ مدد ڪرائيندي رهي ۽ اُنهي سان گڏ فريده جو انتظار.. ڇو تہ فريده هن لاءِ فوٽا آڻيندي، جنهن تي هيءَ فيچر لکندي تہ جينئن تصويرن سان گڏ فيچر ۾ وڌيڪ جان پيدا ٿئي. لنچ جو ٽائيم بہ گذري ويو پر فريده نہ پهتي تہ نائلہ کي مايوسي ٿي پر فريده کي تہ ڪنهن بہ حالت ۾ پهچڻو هو. فريده گس ٻڌائيندي ويني ۽ دلاور ڪار هلائيندو رهيو، انصاف اپارٽمينٽ اچي ويو تہ دلاور سوچيو تہ فريده ڪڏهن بہ ذڪر ڪونہ ڪيو تہ انصاف اپارٽمينٽس ۾ سندس مائٽ رهندا آهن، پر اڄ سندس ملڻ جو شوق ڇو پيدا ٿي پيو آهي، خير سندس مرضي اهو سوچي هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خاموش رهيو. فريده ڪار مان لهي، فليٽن تي طائرانہ نظر وڌي، فليٽن جو رنگ اُڏامي ويو هو پر مضبوطي اڃان برقرار هني. هن کي پنهنجي فليٽ معنيٰ پراڻي گهر کي ڏسڻ جي خواهش تيز ٿي ويني. دلاور کي اجازت ڏنائين تہ پلي ڪنهن دوست کان ٿي اچي ۽ واپسي ۾ شام ڌاري کيس ڪٺڻ اچي. هُن پنهنجا قدم فليٽ جي چاڙهي ڏانهن وڌائڻ شروع ڪيا پر چاڙهي جي سامهون اچي سندس قدم خودبخود رڪجي ويا، هُن چاڙهي کي مٿي آخري ڏاڪي تائين ڏٺو جيڪا گهڻو وقت استعمال ۾ اچي گسي ويني هني، جڳهہ جڳهہ پلستر اکڙي ويو هو ۽ ننڍڙا ننڍڙا کڏا پنجي ويا هنا. جنهن چاڙهي تي ڪڏهن هو ڏينهن ۾ ڏهہ دفعا لهندي چڙهندي هني، تنهن تي هينئر چڙهڻ مهل سندس پير ڳرا ٿي پيا، دل تيز تيز ڌڙڪڻ لڳي، هوءَ هڪ هڪ زيني تي پير رکندي مٿي چڙهندي ويني ۽ سندس فليٽ جي سامهون اچي بيني، در بند هو. هن ڌڪيل هٿن سان گهنٽي جي بٽن کي دٻايو تہ ٿوري دير ۾ در کليو، نائلہ سندس استقبال لاءِ موجود هني، هن کي ڏاڍي خوشي ٿي. نائلہ اندر اچڻ جو چيس تہ هوءَ فليٽ اندر داخل ٿي، هن سوچيو تہ قسمت جو چڪر آهي، ڪڏهن هي گهر منهنجي جنت هو، اڄ آئون هتي مهمان وانگر آهيان. فليٽ اندر گهڙڻ سان هن سڄي فليٽ کي هڪ نظر مان ڪڍيو ۽ ٿڌو ساهہ کنيائين. نائلہ کيس ڊرائينگ روم ۾ وهاريو، هو ڪمري جي هر هڪ شيءِ کي غور سان ڏسڻ لڳي، فليٽ جو تازو رنگ ٿيو هو، تنهنڪري چمڪي رهيو هو، فرنيچر بہ نئون هو، مطلب تہ هر شيءِ نئين هني، رهواسي بہ نوان هنا جيڪڏهن پراڻي شيءِ فليٽ ۾ ڪا موجود هني تہ اها سندس شخصيت هني. فريده ٿيلهي مان ڪيمره ڪڍي ۽ نائلہ کي ڏنائين تہ نائلہ يڪدم پڇيس

"خالي آني يا فوٽا بہ اٿس."

"فوٽا بلڪل آهن" فريده چيس تہ نائلہ ڏاڍي خوش ٿي ۽ چيائين

"اسان توهان جو لنچ جي ٽائيم کان انتظار ڪري رهيا آهيون،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

توهان لاءِ ماني رکي آهي، اچو تہ پهرين ماني کايون.“ نائلہ دعوت طعام ڏنس پر فريده راضي نہ ٿي ۽ چيائين.

”آئون ماني کائي گهران نڪتي آهيان، بس چانهہ پيار تہ سفر جي ٿڪ لهي“ نائلہ اچان پاڻ اُٿي ڪچن ڏانهن وڃڻ جي ڪني تہ پاپس بہ ڪمري ۾ داخل ٿي تہ نائلہ يڪدم سندس تعارف ڪرايو ۽ ويهي رهي.

”هي منهنجي پاپي آهي.“

”ماشاءَالله . . . شهزاد جي گهر واري.“

”ها“

”امان . . . نالو ڇا اٿني؟“ فريده پڇيس.

”ثمرين.“

فريده پنهنجي ننهن جي نقش نگار کي ڏسندي رهي، سندس ننهن هُن کي پسند آئي، هن پنهنجو پرس کوليو ۽ ڪجهہ پئسا ڪڍيا، ثمرين کي چيائين تہ پنهنجو هٿ ڏي، سندس هٿ جهلي تنهن ۾ هُن پئسا جهلايا ۽ زور سان سندس مٺ بند ڪندي چيائين

”ناراض نہ ٿجان . . . هي منهنجي طرفان منهن ڏيکارڻي اٿني، اسان وٽ رسم آهي تہ نئين ڪنوار جي منهن ڏيکارڻي جو موڙو ڏيندا آهيون.“

ثمرين کي پهرين تہ عجب لڳو تہ خوامخواه هڪ ڌارينءَ عورت کان رسم جي بهاني پئسا قبول ڪرڻ سٺو تہ ناهي، پر نائلہ يڪدم سمجهي ويئي تہ پاپس دل پيئي هڻتي تنهن يڪدم چيس.

”پاپي رکي ڇڏ . . . ادا ناراض ڪونہ ٿيندو. آئون کيس سمجهائي ڇڏينديس ۽ هن مهمان ٿي تہ مونکي سؤ فيصد اعتماد آهي.“

بهرحال نائلہ جي يقين ڏهاني تي هن پئسا تہ رکيا پر سندس دل ڌڙڪي رهي هني تہ متان شهزاد کي خبر پئي تہ هو چوي . . . خوامخواه پراين عورتن کان موڙا وصول ڪندي وتين، جن سان نہ اسان جو تعلق نہ سڃاڻپ. اهو سوچيندي هو چانهہ ٺاهڻ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ارادي سان ڪمري کان ٻاهر نڪرڻ لڳي تہ فريده يڪدم چيس.
"امان مڙسهين ڪنهن مهل ايندو؟"
"بس اچڻ وارو هوندو... آئون توهان لاءِ چانهہ ٺاهيان، شايد شهزاد بہ اچي وڃي پوءِ گڏجي چانهہ پينداسين." ثمرين اينئن چئي ڪچن ڏانهن هلي ويئي تہ فريده ۽ نائلہ وري اڪيلا ٿي پيا... فريده جي دل ۾ فليٽ کي مڪمل طور تي ڏسڻ جي تمنا جاڳي پيئي. هن نائلہ کي چيو.
"جيسين تائين چانهہ ٺهي، تيسين مونکي پنهنجي ڀاءُ جو فليٽ ڏيکار."
"اچو تہ ڏيکاريانو." نائلہ اٿندي دعوت ڏنس ۽ ٻئي ڊرائنگ روم مان نڪري هڪ ڪمري کان ٻئي ڪمري ۽ ڪچن ۾ آيا ۽ واپس اچي ساڳئي جڳهہ تي ويٺي. هن کي ثمرين جي سگهڙاپ تي ناز ٿيڻ لڳو، هر ڪا شي سليقي سان رکيل ۽ سينگاريل هئي، هن کي خيال ٿيو تہ ڪڏهن هن گهر ۾ هوءَ پاڻ ڪنوار ٿي آئي هئي ۽ هينئر سندس نئهن ڪنوار ٿي آئي آهي، هي گهر ٻيهر آباد ٿيو آهي "خدا شل گهر کي آباد رکي" هن جي دل مان دُعا نڪتي.
شهزاد اڪبر بہ ايتري ۾ اچي ويو، فليٽ ۾ اچڻ شرط سڌو پنهنجي ڪمري ۾ ويو هليو تہ ثمرين ڪيس نئين مهمان جي باري ۾ سڀ ڪجهہ ٻڌائڻ لڳي تہ هن جي دل ۾ هن سان ملڻ جو اشتياق پيدا ٿيو. ڪپڙا بدلائي شهزاد ڊرائينگ روم ۾ آيو ۽ سلام ورايائين "السلام عليڪم."
سلام جو جواب ڏيئي فريده شهزاد کي تڪڻ لڳي تہ نائلہ ٻڌايس تہ "هي منهنجو ڀاءُ شهزاد آهي." تہ هوءَ کيس ڏسندي رهي، شهزاد جنهن کي هوءَ ننڍڙو ڇڏي ويئي هئي سو جوان سندس اڳيان بيٺو هو. جڏهن نائلہ ڏٺو تہ فريده ڀاڻس تان بلڪل نظر نہ پيئي هٽائي تہ مذاق طور چيائين.
"آپا.... منهنجي ڀاءُ کي نظر نہ هڻجو." تہ سڀ کلڻ لڳا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ثمرين بہ چانھ ڪٽي ڪمري ۾ آئي. سيني چانھ پيئڻ لڳا پر فريده وراڻي وراڻي پنھنجي پٽ کي ڏسندي رهي. هي ڪھڙو عذاب آهي، آنون پنھنجن ۾ ويني آهيان پر مهمان آهيان، آنون ڪنھن کي بہ پٽ يا ڏيءُ ٿي چئي سگھان. ٿوري دير لاءِ هن جي دل ۾ خيال آيو تہ ٻڌائي ڇڏي تہ آنون توهان جي ماءُ آهيان پر وري هو ماٺ ڪري ويهي رهي ۽ پنھنجو سُور دل ۾ پئي ونئي. هن جي دل بيقرار ٿي پيئي ۽ ڪانئس وڌيڪ وينو نہ پئي ٿيو، اُن تڻ سندس دل ۾ مانڊل مچائي ڏنو هو. ڇا ڪري... ڇا نہ ڪري، ڇا چوي ۽ ڇا نہ چوي، هوءَ پريشان ٿي پيئي ۽ سوچيائين تہ بهتر آهي هاڻ موڪل وٺجي. هُن پنھنجا سامان سوريا ۽ اُٿي بيٺي.

"مونکي هاڻ موڪل ڏيو." تہ سڀ اُٿي بيٺا، سڀ وائڙا ٿي پيا تہ هي جھٽڪي سان ڇو اُٿي، ڇا ڪا ڳالھ ڪيس ناگوار گذري. فريده قدم وڌائي ڪمري مان نڪرڻ لڳي تہ ڪيس ٻاهر در تائين نائلہ ڇڏڻ آئي... .خدا حافظ... فريده آهستگي سان چيو ۽ ڏاڪڻيون لهڻ لڳي... خدا حافظ... نائلہ چيو .

شام جو جمال اڪبر جڏهن پنھنجي بنگلي تي پھتو تہ نائلہ جي خبر پيس تہ پاڻس جي گھر صبح کان وئي ويل آهي. هونئن تہ هر موڪل واري ڏينھن شهزاد پنھنجي زال سان گڏ پنھنجي پيءُ جي بنگلي تي ساڻس ملڻ ايندو هو، ڪڏهن ڪڏهن جمال بہ ساڻس ملڻ فليٽ تي ويندو هو، سو انهي ڪري سوچيائين تہ نائلہ اڳي اُتي ويل آهي، پاڻ بہ وڃي چڪر هڻئي اچي ۽ واپسي ۾ نائلہ کي ساڻ ڪري واپس ايندو. جمال تيار ٿي بنگلي کان ٻاهر آيو ۽ ڊرائيور ڪار ڪڍي، جمال سڌو انصاف اپارٽمينٽ آيو. اڃان فريده ڏاڪڻين تان لهي رهي هئي، جمال ڏاڪڻيون چڙهڻ لڳو تہ ڏاڪڻين جي ور تي ٻنهي جي سامهون ٿي پيا. ٻنهي هڪ ٻئي کي ڏٺو. جواني ۾ بہ ٻنهي هڪ ٻئي کي ڏٺو هو پر وري پيري ۾ جڏهن هنن هڪٻئي کي هيڏي ساري فراق بعد ڏٺو تہ سندس اکين تي يقين نہ پئي آيو. جمال يڪدم چشمون لاهي سندس

شيشا صاف ڪيا ۽ وري نڪ تي ٽڪاڻي ڪيس غور سان ڏسڻ لڳو... ها واقعي فريده آهي!!... هن کي پنهنجي ماضي واري فريده ياد اچي ويئي، ڪيتري نه بدلجي ويئي آهي، هو پنهنجي منهن دل ني دل ۾ سوچڻ لڳو. فريده به جمال کي ڏسي تعجب ۾ پئجي ويئي پر قسمت کي هيڏي فراق بعد وري شايد هڪٻئي جو چهرو ڏيکارڻو هو. هو ٻئي هڪٻئي لاءِ اجنبي نه هئا پر هاڻ هنن ۾ ڪو رشتو نه هو، ٻئي هڪٻئي لاءِ سڃاڻپ هوندي به اڻ سڃاڻ هئا. ٿورو وقت ٻئي هڪ ٻئي کي ڏسندا رهيا، جڏهن جمال کي يقين ٿي ويو ته اها فريده آهي ته جمال چيو.

"فريده!"... مگر فريده خاموش ٻيٺي رهي، سندس پير پٿر ٿي پيا هُئا، سندس دماغ سوچ کان عاري ٿي ويو هو. هو تازو پنهنجن ٻارن سان ملاقات ڪري وري هئي، هُن سوچيو هو ته شايد اهڙيون ملاقاتون ڪندي رهندي پر هاڻ شايد جمال اهي ملاقاتون ختم ڪرائي ڇڏي ۽ پابندي وجهي ڇڏي.... ته هو ڇا ٿي ڪري سگهي... ڪجهه به نه.... سواءِ اِنهي جي ته وري اولاد سان ملڻ بعد ٻيهر فراق جو ڦٽ پاڻ سان کڻي سڄي زندگي اُنهي جي مرهم پٽي ڪندي رهان پوءِ يا فراق جو ڦٽ چٽي وجي ۽ مونکي ياد نه اچي ته آئون ڪا وري پنهنجي اولاد سان ملي هئس يا فراق جو ڦٽ ڦري ڪينسر ٿي پوي ۽ مونکي ماري وجهي. جمال کي جڏهن فريده کان ڪو جواب نه مليو ته هن وري مخاطب ٿيندي چيس

"فريده ... ڪهڙا حال اٿيئي ۽ ڪٿي آهين."

"پنهنجي ڏيءَ نائله کان سڀ ڪجهه پڇي سگهو ٿا" مونکان پڇڻ جي ڪا ضرورت ناهي." فريده تمام رکو جواب ڏنو ته جمال کي احساس ٿيو ته شايد هو اڃان پنهنجي دل ۾ منهنجي لاءِ ڏک رکي ٿي ۽ هن مونکي معاف نه ڪيو آهي، پر نائله کان پڇڻ واري مسئلي هن کي سوچڻ تي مجبور ڪيو ته متان فريده سڀني کي ٻڌايو ته ڪونهي ته هوءَ سندس ماءُ آهي، تنهنڪري يڪدم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پڇيس.
”ڇا تو شهزاد ۽ نائله کي ٻڌائي ڇڏيو ته تون هنن جي ماءُ آهين؟؟.“
”نه!!!.... جيڪڏهن ٻڌائينديس تڏهن به هو مونکي ماءُ تسليم نه ڪندا، تو هنن جي دل ۽ دماغ تان منهنجو نالو ميساري ڇڏيو آهي.“ فريده التجا جي انداز ۾ شڪايت ڪئي ته جمال چيس.
”اينئن ڪرڻو هو.... سندس پرورش لاءِ لازمي هو ته توکي وساري زليخا کي پنهنجي ماءُ مڃن ته جيئن سندس شخصيت ٻن مائرن ۾ ورهانجي نه وڃي... ٻي صورت ۾ سندس زندگي برباد ٿي وڃي ها.“
”مونکي انهي جو احساس آهي، تڏهن مون هنن تي ظاهر نه ڪيو ته آئون سندن ماءُ آهيان ۽ نه ڪڏهن هنن تي ظاهر ڪندس.“
فريده يڪدم پنهنجي مستقبل جي ملاقاتن کي يقيني بنائڻ لاءِ پاڻ کي صاف ڪيو ته جمال چيس.
”مونکي توهان مان اها اميد هئي، پر هاڻ هوءِ جوان آهن مناسب وقت تي هنن کي تنهنجي باري ۾ ٻڌائڻ ۾ ڪو عار ڪونهي.“
”نه ! نه! بلڪل نه!!“ فريده کي شڪ پيو متان جمال پاڻ کي اڇو اُجرو ڪري پيش ڪري ۽ سندس باري ۾ غلط ڳالهه ٻڌائي... پوءِ شايد سندس اولاد کي هن جي باري ۾ بدگماني پيدا ٿي پوي.
”تنهنجي مرضي.“ جمال بال سندس ڪورٽ ۾ اڇليو ته فريده کو فيصلو ٻڌائي پر هو خاموش ويٺي رهي، وري خاموشي جو خلا سندن وچ ۾ حائل ٿي ويو، ٿوري دير ۾ فريده آهستگي سان پنهنجو قدم هيٺ زيني تي رکيو ته جمال ڪيس ڏٺو ته هائي شايد وڃڻ واري آهي. هن سوچيو ته هائي هيءَ ڪيڏانهن؟... ۽ ڪنهن وٽ ويندي؟؟... انهي سوالن جو جواب ته هن کي نائله کان پڇڻو هو، چو ته فريده پهرين ڪيس چئي ڇڏيو هو ته نائله کي سڀ خبر آهي. تنهنڪري جمال ٻن زينن تائين هلندي مهل هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪي ڪجهہ بہ نہ چيو، جڏهن ٽنين زيني تي فريده قدم رکيو تہ جمال پنيان چيس.

"فريده.... تنهنجو مونتي هڪ قرض آهي" فريده جا قدم بيهي رهيا ۽ خاموش پنيري بيني رهي، جمال جڏهن ڏٺو تہ هوءِ ڪجهہ ٻڌڻ جي مرضي ۾ آهي تہ چيائين

"مون شهزاد جي شادي ڪرائي، مونکي خيال ٿيو تہ توکي دعوت ڏيان، ڇو تہ آخر سندس ماءُ تہ تون آهين، پر مونکي تنهنجي پتي جي ڪا خبر ڪونہ هئي. هاڻ نائلہ جي شادي بہ عنقريب ٿيڻ واري آهي، آئون سندس شادي ۾ شرڪت جي دعوت تو ڏانهن موڪليندس، جيڪڏهن پير پري ايندين تہ مهرباني." جمال جو ايڏو رحمدلانہ فيصلو... فريده کي پنهنجن ڪنن تي اعتبار ڪونہ اچي رهيو هو. هن يڪدم مڙي جمال جي چهري کي غور سان ڏٺو تہ متان سندس چهري تي عياري جا نشان تہ ناهن پر جمال مسڪرائي ڏنو تہ فريده ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو ۽ جواب نہ ڏيئي سگهي ۽ بيني رهي تہ جمال وري پڇيس

"ڇا تون نہ ايندين... مونکي جواب ڏي."

آئون ضرور ايندس." فريده اينئن چئي چاڙهي تان تيز تيز هيٺ لهڻ لڳي ۽ جمال کيس ويندي ڏسندو رهيو. آخري ڏاڪي تائين... جيستائين فريده سندس نظرن کان گم نہ ٿي ويئي. جمال ٿڌو ساه کنيو ۽ فليٽ تي وڃڻ لاءِ قدم کڻڻ لڳو.

فريده جڏهن هيٺ لٿي تہ دلاور کيس وٺي وڃڻ لاءِ اڳيئي موجود هو. فريده ڪار جو دروازو کوليو ۽ سيٽ تي خاموشي سان ويهي رهي. هُن جون نظرون سامهون شيشي کان آرپار... خبر ناهي ڪنهن کي ڳولهي رهيون هيون، سندس بت ۾ ڪا جنبش نہ هئي. دلاور ٿوري دير لاءِ هن کي ڏسندو رهيو تہ آپا حڪم ڪري تہ هليا هلون پر فريده جي طرفان بلڪل خاموشي هئي، هُن جي دل چاهيو پئي تہ ڪاش.... آئون هتي پنهنجي اولاد سان گڏ رهي پئي هجان، پنهنجي گهر ۾... پر شايد فراق جون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪڙيون ڦڪيون هُن جي نصيب ۾ لکيل هيون، سي قدم قدم تي ڪانٽيون ٿيون پيون. هو انهي سوچ ۾ هئي تہ دلاور پڇيس.

”آپا... هلون“ تہ فريده ڪان ڇرڪ نڪري ويو، هو خوابن جي دنيا مان واپس اچي ويئي ۽ چيائين

”ها ڳوٺ هل.“

دلاور يڪدم ڪار اسٽارٽ ڪئي ۽ ڪار انصاف اپارٽمينٽ کان ٻاهر نڪري هلي ويئي.

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

28

نائلہ ۽ عديل جي محبت ٻن خاندانن جي نفرت کي محبت ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. جمال جنهن کي شبانہ جي نالي کان چڙ هئي، سندس.گهر لنگهي آئي ۽ عديل لاءِ نائلہ جو سنگ گهريو تہ هُن کي پهرين ڏاڍي ڪاوڙ آئي پر جڏهن هُن نائلہ کان سندس پسند جي باري ۾ پڇيو تہ ٺڏو ٿي پيو ۽ سنگ ڏيڻ جي هاڪار ڪيائين. بعد ۾ منگڻو پيو ۽ پاڻ ۾ مائٽي ۾ سيڻ ٿي وڃڻ ڪري وري هڪٻني جي گهرن ۾ اچڻ وڃڻ شروع ٿي ويو هو. شبانہ بہ ڪڏهن وجهہ وٺي جمال کي پنهنجي ماضي جي ڪيل فيصلي تي ٽوڪيندي هئي. هوءَ اڃان بہ فريده جي وڪالت ڪندي هئي. جنهن کي جمال خاموشي سان ٻڌي مسڪرائي ٽاري ڇڏيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن جمال جي دل ۾ خيال بہ پيدا ٿيندو هو تہ ڇا هن غلط فيصلو ڪيو، پر هُن جو ضمير مطمئن هو، ڇو تہ هُن جو نظريو هو تہ مشين ۽ زال هميشہ نئين هُجي، پراڻي ۽ استعمال شده مشين جي ڪا گارنٽي ناهي ۽ ٻني سان پيار ڪندڙ عورت ڪڏهن بہ دوکو ڏيني سگهي ٿي. هوءَ شبانہ کي جديد خيالات جي عورت سمجهندو هو، جنهن تي مغربيت حاوي هئي تنهنڪري هُن جي نظر ۾ اِها ڪا ڳالهہ ڪونہ هئي پر جمال تہ بلڪل قدامت ذهنيت جو مالڪ هو، تنهن لاءِ اهو وڏو داغ هو تہ ڪا عورت شادي کان اڳ محبت هڪ سان ڪري ۽ شادي ٻني سان.. اِهائي ڳالهہ هئي جو هُن نائلہ جي شِادي عديل سان ڪرڻ جي حامي ڀري، ڇو تہ هُن جو خيال هو تہ جنهن سان محبت، اُنهي سان شادي..... هوءَ پنهنجي منهن ڪڏهن سوچيندو هو تہ شايد هُن سان دوکو ٿيو، ڇو تہ شادي کان اڳ فريده تہ شفيق جي دام محبت ۾ قائل هئي، پر جمال اِنهي خوشفهمي ۾ هو تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فريده جي خاموش نظر هِن جي لاءِ محبت جو پيغام آهي. نتيجتن جمال تي فريده جي محبت جو راز ٻن ٻارن جي پيدائش بعد کليو ۽ وڏيڪ سندس غير ضروري ملاقات ڏسي هو برداشت نہ ڪري سگهيو، حالات ڪجهہ اِهڙا ٿي ويا هُنا هو هُن کي مجبورن فريده کي طلاق ڏيڻي پئي.... بهرحال تڏهن بہ فريده سندس ٻن اولادن جي ماءُ تہ هُئي ..... سو جيئن نائلہ جي شادي جا ڏينهن ٻڌا تہ جمال بہ زبان تي قائم رهندي فريده کي شادي ۾ شرڪت جي دعوت ڏني، جنهن جي ايڊريس نائلہ کيس ٻڌائي چڪي هئي.

فريده کي جڏهن دعوت پهتي تہ ڏاڍي خوش ٿي، هن بي دلي سان ڪجهہ تياري تہ اڳئي ڪئي هئي. هن کي يقين نہ هو تہ جمال کيس دعوت موڪليندو پر جڏهن حقيقي دعوت مليس تہ هُن تياريون زور شور سان شروع ڪري ڇڏيون. فريده جيڪا ڳوٺ جي ڪنوار نيائين کي ڪجهہ نہ ڪجهہ ڏيج ۾ ڏيندي رهندي هئي، تنهن جي پنهنجي ڌيءَ جي شادي ٿي رهي هئي، هن پنهنجي زندگي جي ڪُل ڪمايل موڙي مان نائلہ جي ڏيج لاءِ سامان خريد ڪرڻ لاءِ ڪراچي جو رُخ ڪيو. هن پنهنجي پسند جا ڪپڙا، زيور ۽ تحفا ورتا ۽ انتظار ڪرڻ لڳي اُنهي تاريخ جو، جنهن تي هن کي جمال جي بنگلي تي پهچڻو هو. ڪڏهن سوچيائين تہ اڳي پهچي وڃان ۽ شادي جي تيارين ۾ شامل ٿي وڃان، پر سماج جي ناهيل قاعدن سندس پيرن ۾ بيڙيون وجهي ڇڏيون هُيون. هوءَ ڪيتري نہ خوش ٿئي ها جيڪڏهن هوءَ پاڻ شادي جي تيارين ۾ شامل هجي ها ۽ سهيليون، سنگتياڻيون ۽ پاڙيسرياڻيون هن کي مبارڪون ڏين ها پر اِهي مبارڪون هينئر زليخا وصول ڪندي هوندي... ها زليخا تہ نائلہ جي ماءُ آهي. آئون تہ صرف مهمان هوندس. اها بہ جمال جي مهرباني جو کيس دعوت ڏني جو پنهنجي ڌيءَ کي ڪنوار جي صورت ۾ ڏسندي، جي دعوت نہ ڏيئي ها تہ آئون سندس ڇا بگاڙي ٿي سگهيس .... ڪجهہ بہ نہ ..... ڪجهہ بہ نہ ...... اها ڳالهہ سوچيندي هو

ٿوري مايوس بہ هئي پر نائلہ جي شادي ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ پرعزم هئي.

اڄ نائلہ جي شادي هئي، جمال جو بنگلو مائٽن مٽن ۽ دوستن يارن ۽ اُنهن جي زالن، ٻارن سان ڀريل هو. هر طرف روشني هئي، سڄو بنگلو بلب، ٽيوب لائٽن ۽ جهرمر ڪندڙ ننڍن مرچن ۽ بتين سان چمڪي رهيو هو. بنگلي کان ٻاهر آتش بازي جو اهتمام هو، ٻارن جو گوڙ، عورتن جو هنگامون ۽ مردن جي ڊوڙ پئي پيئي. جمال بنگلي جي درتي مهمانن جو استقبال ڪري رهيو هو. جڄ اڃان ڪونہ آهي هئي تہ فريده جي ڪار اچي بنگلي اڳيان بيٺي، فريده ڪار مان سامان لهرايو ۽ جمال کي تڪڻ لڳي تہ جيئن هو سامان اندر کڻي وڃڻ جي اجازت ڏيئي. جمال سندس نظرن مان سندس مطلب سمجهي ويو، هن نوڪرن کي حڪم ڏنو ۽ فريده ڏيج جي سامان سان گڏ بنگلي ۾ داخل ٿي. هوءِ جمال جي پاسي مان اينئن لنگهي وئي جڻ ڪيس سڃاڻي نہ ڪونہ ٿي. جمال بہ ماٺ ڪريو بيٺو رهيو، هونئن تہ هر مهمانن سان ملي رهيو هو ۽ ڳالهائي رهيو هو پر فريده کي ڳالهائڻ لاءِ هن جي زبان نہ اُٿلي. هن اِهو سوچيو بہ ڪونہ هو تہ فريده اِهڙي اهتمام سان ايندي ۽ ڪيس ڏيکاري ڇڏيندي تہ آخر تہ هوءِ نائلہ جي ماءُ آهي. جمال پاڻ کي ايڏي ساري بار کان زمين ۾ گهڙندو محسوس ڪيو ۽ خاموش تماشائي ٿي فريده کي ڏسندو رهيو. فريده بنگلي اندر وئي ۽ سڌو اُنهي ڪمري ۾ آئي جتي نائلہ ڪنوار بڻيو وئي هُئي. هن وڏي سندس پيشاني تي چمي ڏني تہ هن جي دل کي قرار اچي ويو، نائلہ ٻانهن مان جهلي پنهنجي پاسي کان ويهاري ڇڏيس. زليخا بہ فريده کي ڏٺو، پهرين تہ سندس نظر ڪيس نہ سڃاتو پر جڏهن نائلہ جي قريب اچي غور سان فريده کي ڏٺائين تہ سڃاڻي وئي، ها واقعي فريده آهي. هن ڪيڪار ڏنس تہ فريده پنهنجي آندل ڏيج کي سندس حوالي ڪيو تہ جيئن نائلہ جي ڏيج ۾ هُن جي طرفان ڳڻائي. نائلہ بہ هيترو ڏيج ڏسي پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منهن سوچ ۾ پنجي ويني آخر ٻن ملاقاتن ۾ ايترو قرب ٿي پيس جو سندس لاءِ ايترو ڏيج آندو اٿس، هن کي فريده جي محبت تي ناز ٿيڻ لڳو. فريده جي ڀاءُ رحيم جي زال نسيم به ڪاڄ ۾ موجود هني، هُن جي نظر جڏهن فريده تي پيني ته ڀاڪر پائي اچي مليس، مانگر مچ وارا لڙڪ ڳاڙڻ لڳي ته خوامخواه اسانکي وچوڙو ڏيني وئين، مٿان وري طعنو هنيائين ته ماءُ ۽ پيءَ جي مرڻ وقت سندن منهن به ڪونه ڏسي سگهئين ته فريده جي دل پيسجي ويني. ماءُ پيءَ جو هٽ ته آخر هڪ ڏينهن مٽي ڪان ڪجهو آهي پر فريده اُنهن جو آخري ديدار به نه ڪري سگهي هني، تنهن جو ارمان هُن جي دل ۾ هو، بس پنهنجو سُور پاڻ سان ڪنيو پيني هلي. هتي جڏهن ڀاڄايس مهٽو ڏنو ته اکين ۾ لڙڪ اچي ويس، ٻني جٺيون ڀاڪر پائي رنيون، سڀ ڪاڄ واريون عورتون هي ٽنهن مسئلو ڏسي منجهي پيون ته آخر ڇا ڳالهه آهي، فريده جي روئڻ ڪري سندس دل جو بار هلڪو ٿي ويو ۽ جڏهن ڏنائين ته شادي ۾ شريڪ آهي، انين روئڻ ڌوئڻ سنو نه آهي ته يڪدم پاڻ کي سنڀالي ورتائين ۽ وري اچي نائله جي پاسي ۾ ويني ته نائله پڇيس

'ماميءَ سان ڪا اڳي ملاقات آهي ڇا؟... ته فريده جواب ڏنس...

'ها'... پاڻ ۾ ٻنڌي هوندي گڏ راند ڪنديون هيوسين، اڄ ورهين ڪانپوءِ مليون آهيون بس دل پرچي آئي. فريده جي جواب تي نائله مطمئن ٿي ويني. هُن کي ڪهڙي خبر ته فريده سندس ماميءَ جي نٺان آهي پر هن کي تعجب ٿي رهيو هو ته گهر جو هر ڀاتي فريده کي سڃاڻي ٿو. امان زليخا به سڃاتس، ماميءَ به سڃاتس، پٽس جمال دعوت ڏيني گهرايو اٿس... ضرور ڪا ڳالهه آهي، جيڪا هيترو وقت هن کان لڪائي پيئي وئي. هينئر ته هوءِ ڪنوار ٿيو ويني هني تنهنڪري ڪيڏانهن اُٿي معلومات وٺي ٿي سگهي ۽ پنهنجي منهن سوچيندي رهي پر هن جي دل ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جستجو پيدا ٿي پيئي تہ انهي راز کي ضرور کولهي هڻ کپو. اهو سوچي هو خاموش ويٺي رهي.

فريده جي ٻاپي عورتن جي ڪاڄ ڪان ٻاهر وڃي سندس مڙس رحيم کي ڳالهہ ٻڌائي تہ تنهنجي ڀيڻ فريده آئي آهي تہ هو پنهنجي وچڙيل ڀيڻ سان ملڻ لاءِ آتو ٿي پيو ۽ سڌو اندر هليو آيو ۽ فريده جي سامهون اچي ويٺو تہ فريده اُٿي ويٺي. ڪجهہ وقت هو ڀيڻ جو غمگين چهرو ڏسندو رهيو ۽ بيقرار ٿي وڏي ڀاڪر پائي رُنو، فريده جي دل جو بند ٽٽي ويو وري روئڻ ۾ پنجي وئي. رحيم سندس مٿي تي هٿ رکيو ۽ ڏک ڪيائين تہ ڀيڻ اسان کي ڇڏي نہ وڃين ها، بس آئون تنهنجو ڏوهاري آهيان...تون شايد منهنجي ڪاوڙ کان تنگ ٿي گهر ڇڏيو، انهي لاءِ آئون معافي ٿو گهران...مونکي معاف ڪر...فريده سندس معافي لاءِ ٻڌل هٿ پنهنجي هٿن ۾ جهليا ۽ معاف ڪيائين. ڀائس رحيم وري شادي جهڙي نازڪ موقعي جو خيال ڪندي ٻاهر نڪري ويو پر وڃڻ مهل چيائينس هاڻي اسان کي ڇڏي نہ وڃجان...بس مونسان گڏ گهر هلجان. نائلہ وري پريشان ٿي پئي، هن اڳيان راز بلڪل کلي چڪو هو، مامس رحيم تہ فريده کي پنهنجي ڀيڻ سڏي رهيو هو...هاڻي هو سندس ماسي آهي يا.. ماءُ...ماسي آهي يا ماءُ... انهن ٻن ڳالهين مان ڪا هڪڙي ڳالهہ سچي آهي...هوءَ سوچيندي رهي تہ ڄڃ اچڻ جو وقت ٿي ويو. پري کان بينڊ باجن جو آواز اچڻ لڳو تہ زالون، ٻار ٻچا ۽ مرد سڀ برات کي استقبال ڇوڻ لاءِ بنگلي کان ٻاهر ڊوڙيا...پر فريده نائلہ جي پاسي کان نہ هٽي تہ نائلہ کائنس سوال ڪيو "آپا...آئون توهان کان هڪ سوال پڇڻ ٿي گهران."

"ڪهڙو!"

"ڇا ماما رحيم توهان جو ڀاءُ آهي؟"

"ها."

"پوءِ ڇا توهين اسان جي ماسي ٿيو."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"ها" فريده انهي ۾ بهتري سمجهي تہ نائلہ کي ايترو ٻڌائڻ ڪافي آهي پر نائلہ مطمئن نہ ٿي تہ وري سوال ڪيائين.

"پوءِ ماما رحيم ڪڏهن توهان جو ذڪر ڪونہ ڪيو." فريده چا ٻڌائي تہ آئون تنهنجي ماسي نہ پر حقيقي ماءُ آهيان، پر حالات اهڙا هئا جو نائلہ کي سڀ ڪجهہ ٻڌائڻ هينئر نيڪ نہ هو، تنهنڪري جواب ڏنائين "پري جي ماٽي آهي، بس تون مونکي پنهنجي ماسي سمجهہ" ايتري ۾ برات ۾ آيل عورتون بنگلي ۾ داخل ٿي چڪيون هيون تہ نائلہ خاموشي اختيار ڪئي. گهوٽ بنگلي کان ٻاهر لڳل شامياني ۾ وڃي ويٺو تہ جيئن نڪاح جون تياريون شروع ٿين. ناصر پنهنجي پٽ گهوٽ عديل کي وچ ۾ پيل بادشاهي ڪرسي تي وهاريو، دوست احباب گلن جا هار سندس ڳچي ۾ وجهڻ لڳا ۽ مبارڪون ڏيڻ لڳا. عديل جي ماءُ شبانہ اندر ڪنوار وٽ ويئي تہ سندس پاسي ۾ ويٺل فريده کي ڏسي، هن کي اصل ڇهڻي ويئي، ٻنهي جي اکين ۾ خوشي جا لڙڪ هئا، شبانہ چيس تہ شڪايتن جا مون وٽ انبار آهن پر هينئر وقت ناهي، توسان پوءِ ڳالهيون ٿينديون. بهرحال شبانہ کي فريده مبارڪون ڏنيون تہ شبانہ چيس تہ مبارڪون توکي هجن...ڇو تہ ڪنوار نائلہ تنهنجي ڌي آهي ۽ عديل گهوٽ تنهنجو نياپل آهي، مونکي انين ٿو محسوس ٿئي تو پنهنجو نائي اڳني پاڻ چونڊي ڇڏيو هو. فريده جي دل کي آٿت آئي ۽ سندس دل وڏي ٿي پئي، شبانہ کيس ٻانهن مان جهلي ٻاهر وٺي آئي تہ جيئن سندس پٽ کي ڏيکاري جيڪو جواني ماٽي چڪو هو ۽ نائلہ کي ڪنوار ڪريو پاڻ سان گڏ وٺي وڃي رهيو هو. فريده ٻاهر شامياني ۾ دوستن سان گڏ ويٺل عديل کي پري کان ڏٺو، هن کي پنهنجو نائي ڏاڍو پسند آيو، هن جي دل مان شڪراني کان دُعا نڪتي..."يارب... منهنجي ڌي جو گهر آباد رکجان" جيڪي مون سُور سٺا آهن اُنهن جي پاداش ۾ منهنجي نياڻي کي خوش رکجان." بعد ۾ ٻئي سهيليون اندر بنگلي ۾ داخل ٿيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿوري دير ۾ ثمرين سنڌس ننهن ٻه اچي ڪيڪاريس بعد ۾ نڪاح جي وڪيلن سان گڏ شهزاد ٻه اندر آيو ته اُنهي ٻه هن کي ڪيڪاريو. ڪير آهي... جيڪو هن کي ڪونه ٿو سڃاڻي.... سڀني هن کي عزت ڏني ته فريده جي دل خوشي ۽ غم جي مليل جليل جذبات کان پُرجي آئي، هُن جي اکين ۾ لڙڪ اچي ويا، هن سوچيو ته هي گهر ته منهنجو آهي... سڀ ته منهنجا آهن... هي پٽ، هي ڌيءَ، هي نائي، هي تنهنجي سهيلي، هي پاڄاني، هي ڀاءُ... ڪير آهي جو منهنجو ناهي... هي گهر منهنجو آهي... ڪير آهي جو مونکي هن گهر مان ڪڍندو... ڪير آهي!... ڪير آهي!!... ٻني طرف زليخا ڪاڄ ۾ آيل عورتن کي ڏيج ڏيکاري رهي هني ۽ وڏي سڏ ٻڌائي رهي هني ته هي ڏيج نائله جي آپا فريده ڏنو آهي... فريده جي ڪنن تي آواز پيو... ڇا مان نائله جي آپا آهيان!... ماءُ نه آهيان!!... ڇا هي زليخا جو گهر آهي؟... منهنجو ناهي!!!، فريده جي ذهن ۾ ترڪا لڳڻ لڳا ۽ اندر مان آواز آيس... نائله جي ماءُ زليخا آهي...... هي گهر تنهنجو ناهي، هي گهر زليخا جو آهي... جيڪڏهن تو گهر ۾ ديرو ڄمايو ته زليخا توکي ٻاهر اُڇلي ڦٽي ڪندي، جيئن مکڻ مان مک ڪڍي اڇلبي آهي ۽ جمال توکي اينئن ڌڪا ڏيني گهر مان ڪڍندو جيئن تون اڄ کان ويهه سال اڳي ڌڪا کائي نڪتي هئين. فريده جي ذهن ۾ مانڌاڻ متل هو... جيئن زليخا چئي رهي هني ته هي ڏيج نائله جي آپا فريده ڏنو آهي ته هن کي آپا جو اکر زليخا جي واتان چوندي تير وانگر هِن جي دل تي لڳي رهيو هو... آپا!... آپا!!... آپا!!!... هن ٻني هٿ پنهنجن ڪنن تي رکيا ۽ سنڌس اکيون ڦاٽي پيون ...... هُن جي دل چاهيو ته ڪيڪون ڪري هِن گهر مان نڪري وڃي ۽ سدي پنهنجي ڪُوٺ هلي وڃي ۽ سڪون سان رهي. پر هن کي ته هتي خاص گهرايو ويو هو.... مهمان جي حيثيت سان .... انهي کان وڌيڪ هُن جي حيثيت نه هني. مهمان جي لحاظ کان توکي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عزت ملي رهي آهي، تنهنڪري خاموشي سان زماني جو رنگ ڏسندي رهه، هن جي ذهن ڪيس جواب ڏنو تہ مان تي ويني ۽ چرين وانگر اڪيون پٽيو پني رسم رواج ڏنانيـن ڪجهہ وقت ڪانپوءِ هن کي ساهہ پيو ۽ پاڻ پنهنجي منهن ڪلي ڏنائين تہ ماڻهو چا چوندا تہ "آئي ٽاندو ڪڻڻ تي پيني بورچياڻي."

شادي جون رسومات ختم تي چڪيون هيون، نڪاح ٿيو، مهمان ماني ڪاڌي ۽ ڏيج ڏنو هاڻي آخري رسم ڪنوار کي پنهنجن مائٽن جو گهر ڇڏي ٻني گهر وڃڻ لاءِ تياري.... سڀ ٻاتي اندر گڏ ٿيا ۽ نائلہ کي شبانہ سهارو ڏيني پاڻ سان گڏ ورتو تہ جيئن ڪيس پنهنجي گهر وٺي وڃي. شيءِ پراڻي تي چڪي هني، مانٽ صرف روئي سگهيا ٿي، ٻاهر عديل سندس ڪنوار نائلہ لاءِ انتظار ڪري رهيو هو تہ سڀ ٻاتي نائلہ کي وٺي ٻاهر نڪتا. عديل وڌي نائلہ کي سهارو ڏنو، جيڪا ڪنوار جي صورت ۾ هرويرو پاڻ کي ڳرو محسوس ڪري رهي هني. ٻوڇٽين جا پلاند ٻڌا ويا ۽ موڪلائي ٿيڻ لڳي.

بنگلي جي وڏي در وٽ اچي سڀ بيهي رهيا، نائلہ پهرين زليخا کي پيرين پيني موڪلايو ۽ بعد ۾ جمال کان.... تہ جمال ڪيس جهلي فريده جي ويجهو آندو ۽ نائلہ کي چيائين تہ هن کان بہ موڪلائي!.. پٽس جي حڪم تي هن فريده کي پيرن تي هٿ لاتو. فريده جي اکين ۾ لڙڪ اچي ويا ۽ وري اکين ۾ جذب ٿي ويا، هن سندس مٿي تي شفقت کان هٿ رکيو ۽ دعا ڏني تہ شال پنهنجي ورسان خوش هجين. ماحول خوشي جي بدران غمگين ٿي ويو هو، سڄي ماحول تي خاموشي هئي، زليخا کي نائلہ جي جدائي کان اکين ۾ لڙڪ هئا پر فريده جي اکين ۾ لڙڪ خشڪ ٿي ويا هئا، زليخا سڏڪا ڀري رهي هني، پر فريده جي دل پٿر ٿي چڪي هئي، هو پهڻ بڻيو بيني رهي. آخر ۾ جمال پنهنجي ڌي کي پنهنجن هٿن سان سينگاريل ڪار ۾ وهاريو ۽ برات رواني ٿي ويني. نائلہ پنهنجي دل ۾ اهو معمو ڪٿي هلي ويني تہ فريده سندس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جا ٿني! پٺس چو چيو تہ فريده کان پيرين پيني موڪلاڻي!!. مهمان بہ وڃڻ لڳا ، بنگلو جنهن ۾ هنگامون هو سو سڄو خالي ٿي ويو، باقي صرف گهر جا ڀاتي وڃي رهيا جيڪي سڀ در تي بيٺا هُئا. شهزاد ۽ ثمرين، زليخا ۽ جمال، سجاد اڪبر، رحيم ۽ سندس زال نسيم باقي اڪيلي فريده ... جمال سيني ڀاتين کي واري واري ڏنو ۽ سوچيندو رهيو نيٺ هوءَ شهزاد ڏانهن مخاطب ٿيو ۽ چيائين

"شهزاد ! هي جيڪا عورت بيٺي آهي سا تنهنجي ماءُ آهي!!!." اهو هڪ اهڙو جملو هو جنهن شهزاد کي لوڏي ڇڏيو، هن سوچيو هڪ مهمان عورت يڪدم سندس ماءُ ٿي ويني، جنهن کي شايد هن اڳي ڪڏهن نہ ڏٺو سواءِ هڪ ملاقات جي .... هن جي ذهن پٺس جي اِنهن اکرن کي تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيائين "منهنجي ماءُ زليخا آهي... ، هي وري منهنجي ماءُ ڪيئنءَ ٿي؟؟!!." اِنهي جملي جڻ فريده جي دل ۾ خنجر هڻي ڪڍيو، سندس پٽ سندس اڳيان چئي رهيو آهي تہ هي منهنجي ماءُ نہ آهي. هُن جو ڏک کان گلو پرجي آيو، هن سندس پاسي کان بيٺل پنهنجي ڀاءُ رحيم ڏانهن ڏٺو تہ هن هٿ وڌائي ڀيرانڙي ڏنس. فريده اوچنگار ڏيني روئي ڏنو، ڀاٽس سندس مٿي تي هٿ رکيو تہ فريده چيس

"ادا.. مونکي پنهنجي گهر وٺي هل.... آئون ٿڪي پيني آهيان."

رحيم پنهنجي ڀيڻ کي سهارو ڏيني ڪار ۾ ويهارو، سندس زال ۽ ٻار يڪدم ڪار ۾ ويهي رهيا ۽ رحيم پنهنجي ڀيڻ فريده کي پنهنجي گهر ڏانهن وٺي راهي ٿيو. جمال، زليخا، شهزاد ۽ ٻيا گهر جا ڀاتي ويندڙ ڪار جي پوين ڳاڙهين بتين جي روشني کي آخر تائين ڏسندا رهيا، جيستائين روشني ختم نہ ٿي. دلاور انتظار ڪري آخر مايوس ٿي خالي ڪار ڪاهي ڳوٺ وريام روانو ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مصنف:- عنايت حسين رند

ناول نگار جو تعارف

عنايت حسين رند اصل ماتلي ضلع بدين جا رهندڙ آهن. پاڻ پرائمري ۽ ميٽرڪ جي تعليم انهي ٿاڻون ۾ ورتائون. گريجويشن بعد لائبرري سائنس ۾ ڊپلوما ۽ ايم- اي (زراعتي معاشيات) ڪرڻ بعد ڪجهه وقت صوباڻي ملازمت ۾ رهيا. ۱۹۸۲ ۾ مقابلي جي امتحان ۾ ڪامياب ٿيڻ بعد وفاقي ملازمت ۾ شامل ٿيا. هينئر اڪائونٽس گروپ جي هڪ ذميدار عهدي تي ڪم ڪري رهيا آهن. علم و ادب جو ٿورو گهڻو شوق رکندا هئا، نيٺ هڪ ناول لکي نروار ٿيا آهن. ناول پڙهڻ وٽان آهي اميد ته پڙهندڙ پسند ڪندا.

علي بابا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، جو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

سورهه سنڌي ادب جي واٽس ايپ گروپ جي لنڪ:

https://chat.whatsapp.com/Ccc0pAnEJWk79h92OCt6Nu